




سهڻل جا سينگار

# سهڻل جا سينگار

(لوڪ ادب شاعري)

سموهيندڙ ۽ سنواريندڙ:

**”عاجز“ رحمت الله لاشاري**

**گل حسن ”گل“ ملڪ**

**تنظيم فڪر و نظر سنڌ**

2014ع

## ڪتاب جا سيئي حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


| | |
|---|---|
| ڪتاب جو نالو | سھڻل جا سينگار |
| موضوع | لوڪ ادب شاعري |
| سموھيندڙ/ سنواريندڙ | عاجز رحمت الله لاشاري/ گل حسن ”گل“ ملڪ |
| ڇاپو پھريون | 2014ع |
| تعداد | 1000 |
| ڪمپوزنگ | عبدالعظيم، ياسر لطيف، علي مراد |
| لي آئوٽ | جام سپڙ رونجھو |
| ٽائيٽل ڊزائين | توفيق احمد سولنگي، امام علي ڀلائي |
| ڇپائيندڙ | تنظيم فڪر و نظر سنڌ |
| | (سنڌ اسلامڪ سينٽر ميناره روڊ، سکر) |
| ٻانھن ٻيلي | سنڌ سگھڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات) |
| قيمت | |

| | |
|---|---|
| Book | Suhnal Ja Seengaar |
| Subject | Folk Lore Poetry |
| Editors | Aajiz Rehmatullah Lashari, Gul Hasan “Gul” Malik |
| Edition | First 2014 |
| Quantity | 1000 |
| Composing | Abdul Azim, Yasir Latif, Ali Murad |
| Layout | Jam Sapar Roonjho |
| Title Design | Toufiq Ahmad Solangi, Imam Ali Bhalai |
| Publisher | Tanzeem Fikr wa Nazar Sindh |
| | Sindh Islamic Centre, Menara Road, Sukkur |
| Co-ordinator | Sindh Sughar Sangat Lok Adab Tanzeem (SALAT) |






سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو ڪتاب نمبر **ڇھاسي (86)** سنڌ جي لوڪ ادب سان واسطو رکندڙ اھم صنف سگھڙن جي سينگار جي بيتن تي مشتمل **سھڻل جا سينگار** اوھان اڳيان پيش آھي. ھن ڪتاب جي سھيڙ **”عاجز“ رحمت الله لاشاري ۽ گل حسن ”گل“ ملڪ** جن ڪئي آھي. ھي ڪتاب **تنظيم فڪر و نظر سنڌ** پاران **سنڌ سگھڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات)** جي سھڪار سان ڇاپيو ويو آھي.

ٿورائتا آھيون محترم علي حسن ملاح جا جنھن ھن ڪتاب جي سافٽ ڪاپي آنلائين ڪتاب گھر ۾ اپلوڊ ڪئي. اوھان سڀني دوستن، پائرن، سڄڻن، بزرگن ۽ ساٿارن وندن جي قيمتي مشورن، راين، صلاحن ۽ رھنمائي جو منتظر.


**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
salamatsindh@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**

# انتساب

علمي، ادبي، اسلامي، انساني

جدوجهد ۽ جفاڪشي ڪندڙ

اعليٰ ڪردار

## مرحوم پروفيسر اسد الله ڀٽو

جي نانءُ

جنهن هن جاڪوڙ جو بنياد رکيو





# سٽاءُ


| | |
|---|---|
| پبلشرن پاران | پروفيسر محمد علي راڄپر |
| | خواجا جليل احمد |
| حرفِ اول | علامہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ |
| مهاڳ | عاجز رحمت الله لاشاري |
| مقدمو | عاجز رحمت الله لاشاري |
| پيش لفظ | ڊاڪٽر ڪمال جامڙو |
| پنهنجي پاران | گل حسن "گل" ملڪ |
| سگهڙ ڪانفرنس 2014ع | اقبال "عادل" مهر |

**سدا حيات سگهڙن جي سينگار شاعري**

لطيفي سينگار

جلال ڪتي سينگار شاعري جو سرواڻ

علي شير جاگيراڻي

هدايت علي فقير رڏ

عبدالرحمان مهيسر

ٻيڙو فقير ڪنيار

الهہ بخش مگڻ

محمد مريد جت

محمد ملوڪ عباسي

موٽڻ جوٽيجو

عبدالله جت

محمد چٿل جت
عبدالقادر بروهي
محمد سيفل پٽي
بهار علي ”بهار“ برڙو
لعل فقير ڪورار
محمد فقير ڪورار
محمد عظيم ڪلهوڙو
قائم الدين سهتو
ديدار علي سيال
غلام حسين باجاري
محمد امين سنياسي

**حال حيات سگهڙن جي سينگار شاعري**

**ڪشمور ضلعي جا سگهڙ**

عبدالقادر اوڳاهي
پنهل پياسي برڙو
ڪريم بخش ملڪ
مير حسن ملڪ
صادق علي ملڪ
ارصلاح باجڪاٽي
محبت علي لاشاري
ارصلاح باجڪاٽي

**گهوٽڪي ضلعي جا سگهڙ**

خادم علي ميراٽي
علي حسن منگي





علي نواز پتافي
ڪريم بخش مگٹھار
جمال الدين پتافي

**سکر ضلعي جا سگهڙ**

غلام محمد منگي
رميش ”روشن“ مينگهواڙ

**جيڪب آباد ضلعي جا سگهڙ**

گل حسن ”گل“ ملڪ
پجل خان برڙو
محمد نواز ”اداسي“ برڙو
اقبال ”عادل“ مهر
الهوڏايو برڙو
قائم الدين مهر
غلام مصطفيٰ ”مشتاق“ برڙو
قلندر بخش ڪيهر
حبيب الله برڙو
عبدالقادر ڪيهر
الله بخش سامت
شمس الدين ”شمس“ برڙو
ڪوڙل بمبل
محمد اسماعيل ڪيهر
ارشاد احمد ڪورار
علي اڪبر ڪورار
اعجاز احمد ڪلهوڙو

وزير احمد چاچڙ
نواب علي مهر

### شڪارپور ضلعي جا سگهڙ

وريام فقير شيخ
محمد قاسم ڪلوڙ
علي گوهر مهر
پناڻ فقير مهر
عبدالستار مير بحر
حاجي اربيلو منگي
عبدالستار ٽانوري
محمد سومر سومرو
هدايت الله ميمڻ
منظور احمد مهر

### قمبر شهدادڪوٽ ضلعي جا سگهڙ

محمد لقمان ڪوڪر
غلام ڪبير لولائي
ارشاد علي "عرضائي"
گل محمد چنجڻي
رحيم بخش ڏهوٽ
مولا بخش شيدي

### دادو ضلعي جا سگهڙ

امداد علي ٻبر
محبوب علي ڏيپر





### لاڙڪاڻي ضلعي جا سگهڙ

ممتاز علي عباسي
محمد منل جهتيال
غلام شبير عباسي
محمد صالح عباسي
روشن علي ڪوري
بخشل گاڏهي
غلام رسول مگريو
علي گوهر خاصخيلي
غلام علي گاڏهي
الطاف حسين زهراڻي
نثار احمد شيخ
حبدار علي ماڇي
ممتاز علي سوهو
رياض حسين سنديلو
بدر الدين ڪيهر
غلام اڪبر گاڏهي
محمد عالم مهر
ربنواز پريو
شهاب الدين بوزدار
نثار علي جويو
غلام قادر پٽو
ڏاڏو ڏتل ابڙو

**خيرپور ميرس ضلعي جا سگهڙ**

حسين بخش رڏ
صوفي حيدر بخش شر
لالڏنو ”لالڻ“ شر
فقير اعجاز علي شر
جيئند لنجواڻي

**نوشهروفيروز ضلعي جا سگهڙ**

در محمد ”ڪمال“ سولنگي
عبداللطيف سولنگي
رحمت الله عباسي

**بينظير آباد (نوابشاهه) ضلعي جا سگهڙ**

محمد جعفر لاکو
حاجي سومر پيان
علي اصغر لاکو

**مٽياري ضلعي جا سگهڙ**

ممتاز امين سنياسي
نظير احمد ميمڻ
محمد ابراهيم ميمڻ

**حيدرآباد ضلعي جا سگهڙ**

علي اڪبر چانڊيو
علي بخش سومرو





احمد علي ”اترادي“ چانڊيو
شاهنواز ”شهزور“

**عمرڪوٽ ضلعي جا سگهڙ**

تاج محمد هاليپوٽو

**ٿرپارڪر ضلعي جا سگهڙ**

محمد قاسم راهمون

**سانگهڙ ضلعي جا سگهڙ**

ارباب علي ڪيريو

**ڄامشورو ضلعي جا سگهڙ**

عاجز رحمت الله لاشاري
سائين بخش لاکو
رحيم بخش قريشي
الهڏنو بروهي
محمد جمن پيٽي
محمد ايوب جوٽيجو

**ڪراچي ضلعي جا سگهڙ**

رحمانڏنو مهيسر
محمد اسماعيل ڪيهر
جمشيد زهيراڻي
حاجي علي نواز وڳڻ
گل محمد غازي

**صوبہ بلوچستان جا سگهڙ**

محمد اسماعيل لاشاري

الهڏنو هانيي

محمد ايوب لاشاري

ساڻي ۽ سونهان جن مان ڄاڻ ورتي وئي





پبلشرن پاران

# هڪ نظر

ماضيءَ تي نظر ڊوڙائجي ٿي تہ ملڪ جي ورهاڱي تائين، سنڌي توڙي انگريزي ٻولي جي ماهرن جو سنڌ جي ”لوڪ ادب“ ڏانهن توجهہ گهٽ رهيو آهي. ان مان بہ ڳالهيون سامهون اچن ٿيون، هڪ اها تہ اهي اديب يا تہ سنڌ جي سگهڙن جي مجلسن کان وانجهيل رهيا، ٻي اها تہ انهن ڏاهن ڏات ڌڻين جي صدري خزانن جو ڪما حقه قدر ڪونہ ڪيائون، جنهن ڪري اهي قيمتي ذخيرا قلمبند نہ ٿي سگهيا ۽ آهستي آهستي انهن سگهڙن پويان اهي تاريخ، تمدن، ثقافت توڙي تهذيب سان ڀرپور ڳٽن ڀريا گفتا بہ دفن ٿي، ڀُري يا جهري ويا. جنهن ۾ خاص طور ”سينگار شاعري“ جو اڻ مُلهہ خزانو بہ ٻئي ذخيري سان گڏ ضايع ٿي ويو جنهن سبب انهن اڳوڻن اعليٰ پايئہ جي وڏي انگ وارن ڏات ڌڻي استاد سگهڙ شاعرن جي نالن جو بہ ڪو نشان باقي نہ رهيو.

وري بہ جس آهي علمي ڄاڻ جي ٻي ڪنار بحر سائين ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کي، جنهن آمريڪا کان تعليم پرائي واپس ورڻ سان ئي، انهن ناساز گار حالتن، ذوق جي ڪمي ۽ پڙهيلن جي ڪوتاهي کي دور ڪندي سنہ 1944ع کان لوڪ ادب جي تحقيق ۽ تلاش ۾ لڳي ويو، جنهن ان اعليٰ ۽ ناياب گفتن جي کوجنا ۾ سنڌ جي سگهڙن جي مشهور ماڳن ۽ دڪانن جي ڪندرن تي وڃي ڏوڙ ڏوين وانگر رک ۽ مٽيءَ جا ڍير واٽريا جنهن مان سون کان بہ سرس ۽ قيمتي لفظن جا موتي ميڙي کي ٿوري انگ ۾ اڳوڻن استاد سگهڙن جو فن سالم توڙي ناقص حالت ۾ هٿ ڪري انهن جي ڪجهہ شخصي ڄاڻ بہ سهيڙي ”سينگار شاعريءَ“ ۾ شايع ڪيو جيڪو ڪتاب سنڌي ادبي بورڊ پاران شروع ڪيل

لوڪ ادب سلسلي جو يارهون ڪتاب هو ۽ 1986ع ۾ ڇپيو.

ان ڪتاب ۾ ڊاڪٽر صاحب يارهين صديءَ جي شهنشاهہ سگهڙ جلال ڪٽي سميت سندس همعصر انن سگهڙن جو تحقيقي فن، تعارف سميت ڏنو آهي ۽ ان دور کان پوءِ ٻارهين صدي هجري (18 صدي عيسوي) جي پوئين اڌ ۽ تيرهين صدي هجري جي پهرين پنجويهن سالن واري دؤر جا سورنهن سيبتا سگهڙ، اتر طرف ڳڙهي ياسين، شڪارپور ۽ ُملڪ، روهڙي، ميرپور ماٿيلي، اوٻاوڙي ۽ ناري طرف جا (9) نَوَ نيارا ڏات ڏٽي، وچولي ۽ لاڙ طرف جا پنج پارڪو، لس ٻيلي جا ست سڄاڻ سگهڙ، ساڪري ملير جا (9) نَوَ ناميارا وينجهار، ڪوهستان ۽ ڪاڇي جا ٽي سگهڙ ڪنا ڪرڻ بعد ورهاڱي ڪان پوءِ وارن (1955ع ڪان 1986ع) ڏات ڏٽين ۾ وري لاڙ جا ست وڏا سگهڙ، خيرپور ۽ اتر طرف جا (11) يارنهن، لاڙڪاڻي طرف جا (29) اڻٽيهہ سگهڙ شامل ڪيا جيڪي مجموعي طور (124) هڪ سؤ چوويهہ پارڪو سگهڙ هيا جن ڪي ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ”سينگار شاعري“ جي زينت بڻايو.

هن وقت جيڪو ڊاڪٽر صاحب جو ڇڏيل لوڪ ادب آهي ان هينئر تائين ڊٻون ڊانگا، ڪڏون ۽ ڪوٻا سيراب ڪري ڇڏيا آهن ۽ سندس سانديل ثقافتي ورثي مان صدين تائين لوڪ ڪي رنگ لڳندو رهندو.

ياد رهي تہ ”سنڌ جو سينگار“ جي نالي سان 1950ع واري ڍاڪي ۾ بہ سگهڙن جي سينگار شاعري جو ڏيڍ سؤ صفحن تي هڪ ڪتاب ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي سهيڙ هيٺ شايع ٿيو هو جنهن ۾ هڪ گمنام نالي سميت ستن سگهڙن جي سينگار شاعري شايع ڪئي وئي هئي، جنهن ڪي ڊاڪٽر بلوچ صاحب وري ٻيهر تفصيل سان پنهنجي ڪتاب ۾ شايع ڪرايو. اهڙي طرح بعد ۾ جن سگهڙن پنهنجا ڪتاب ڇپرايا تن پنهنجن ڪتابن ۾ ”سينگار شاعري“ جو ذخيرو شامل ڪيو آهي.





ان سڄي صورتحال ڪي ڏسندي اسان پنهنجي ”تنظيم فڪرو نظر سنڌ“ پاران هميشہ جيان هن پيري بہ تنظيم جي مرڪزي دفتر سنڌ اسلامڪ سينٽر ميناره روڊ سکر ۾ ”قومي سيرت النبي صہ ڪانفرنس“ جي موقعي تي ”سگهڙ ڪانفرنس“ جو پڻ بندوبست ڪرايو جنهن ۾ سگهڙن ڪي سڏائڻ توڙي ڪچهريءَ جو رنگ رچائڻ ۾ سڀني عهديدارن توڙي ميمبرن پنهنجو پاڻ ملهائي ڏيکاريو.

هن ڪچهريءَ جي خصوصيت تمام اعليٰ ۽ منفرد هئي جيڪا پهريون پيرو ان انداز سان ڪامياب رهي تہ هن ڪچهريءَ ڪي ڀلاري مهيني ربيع الاول ۽ ٻنهي جهانن جي سردار جي ولادت با سعادت جي نسبت جي ڪري عام روايتي ڪچهريءَ جي ڀيٽ ۾ صرف سهڻي جي سينگار ۽ صفت وثنا تائين پابند بڻايو ويو جنهن ڏات جا جوهر ڏيکاريندڙن بہ مختلف ٻولين ۾ واهہ جو ملهائي ڏيکاريو ۽ اسان سوچيو تہ ان شاندار فن ڪي نہ رڳو سڪٽي وهواه تائين محدود رکجي پر ان جو ڪتاب ڇپرائي ايندڙ نسلن تائين ان فن ڪي پڄائجي تہ جيئن هن محبت جي مناس ڪي اهي بہ چکي سگهن ۽ سرڪار دو عالم جي ثنا جو فيض ڏيهہ توڙي پرڏيهہ تائين بہ پکيڙي سگهجي، ان اٽل ارادي ۽ تنظيم جي سڀني همسفر ساٿين جي نيڪ نيتي واري فيصلي تحت سگهڙن جي ”سينگار شاعري“ سهيڙڻ توڙي ترتيب ڏيڻ جا جملي حقوق، سنڌ توڙي بلوچستان ۾ جاڪوڙيندڙ سگهڙن جي تنظيم سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم ”سلات“ جي سرواڻ، نوجوان اديب ۽ عالم عاجز رحمت الله لاشاري حوالي ڪيا ويا جنهن پنهنجي رات جي اوجاڳن ۽ ڏينهن جي جفا ڪشي سان هن ٿوري وقت ۾ ڪتاب ڪي سهيڙي اوهان ۽ اسان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ دل ۽ دماغ جي عرق ريزي ڪان ڪم ورتو آهي ۽ سڀ بار پنهنجن ئي ڪلهن تي ڪڻي پاڻ ملهايو آهي.

ڏنو وڃي ته 1986ع کان هن وقت 2014ع تائين 28 سالن ۾ جيڪو ”سينگار شاعري“ جو فن سنڌ اندر وڌيڪ لسري آيو آهي ان کي هڪ جنس (صنف) طور شايع ڪرائڻ ۾ ڪوبه ادارو اڳتي نه آيو آهي ۽ اسان ان ڪميءَ کي محسوس ڪندي هي ڪتاب ڇپرائي اهل علمن آڏو ڪنڌ ڪڻڻ جي ڪوشش ڪئي آهي، ڇو ته لوڪ ادب ڏينهون ڏينهن وڌندو ۽ ويجهندو رهي ٿو، جيڪڏهن ان جي ارتقائي عمل جي همت افزائي ڪبي ته ان ۾ اجان به واڌارو ايندو ۽ ٻين قومن جي ڀيٽ ۾ اسان جو قومي ادب وڌيڪ ڪاميابي جون حدون ڪراس ڪندو ۽ اها ئي سوچ ۽ فڪر اسان جي تنظيم جي باني مرحوم پروفيسر اسد الله ڀٽو جو هو، جنهن پنهنجي زندگيءَ ۾ به ان اشاعتي ڪم کي جاري رکندي اسلامي ادب جا شاهڪار ڪتاب عوام آڏو آندا.

اسان به سندس مشن کي ان ساڳي ئي جوش جذبي ۽ همت سان اڳتي وڌائڻ جي ڪوشش ڪري رهيا آهيون. جيڪڏهن سيني ساٿين جا جذبا جوان ۽ ارادا پختا رهندا ته هن قسم جي ڪتابن جو اشاعتي سلسلو جاري رهندو.

آخر ۾ هن جاکوڙ ۽ جدوجهد جي بنيادي ڪردارن نواب علي مهر ميمبر CEC ۽ استاد گل حسن ”گل“ ملڪ ميمبر شاخ مبارڪپور کي پڻ خراج تحسين پيش ڪريون ٿا جن جي اهم محنتن هن ڪتاب کي تاريخي ۽ تحقيقي رنگ ڏنو.

اوهان جا ٿورائتا

| | |
|---|---|
| **پروفيسر محمد علي راڄپر** | **خواجا جليل احمد** |
| صدر | جنرل سيڪريٽري |
| تنظيم فڪر و نظر سنڌ | تنظيم فڪر و نظر سنڌ |





حرف اول

# سينگار جو پس منظر

بقلم:

**علامه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ**

مغلن جي دؤر ۾ هندوستان کي هڪ پايدار نظام حڪومت نصيب ٿيو. اڪبر جي دؤر حڪومت ۾ هندن ۽ مسلمانن جي وچ ۾ قريب تر تمدني لاڳاپو قائم ٿيو. ملڪ جو اقتصادي نظام سڌريو. علم ۽ فضل، حڪمت ۽ هنر جي قدرداني ٿي. حسن جي تلاش ۽ تعريف هڪ محبوب ترين مشغلو بڻجي ويو. جيئن مصوري، موسيقي ۽ عمارت سازي حسن جي تلاش جا مظهر بڻيا، تيئن شاعري، به محبوب جي حسن کي پنهنجوخاص عنوان بنايو. هندي بوليءَ ۾ جيتوڻيڪ اڃان ”ڀڳتي شاعري“ جو دؤر هو، مگر هاڻي ان سان گڏ نئين حسن نواز عشقيه شاعري، ”سينگار رس“ جي دلچسپ نالي سان نعرو هڻي نروار ٿي. مغليه دؤر کان اڳ جي هندي شاعرن پڻ پنهنجي ڪلام ۾ ڪاهي به ڪاهي محبوب جي حسن ۽ سينگار جي مضمونن کي نهايت موثر نموني ۾ نباهيو هو، مگر اڪبر بادشاهه جي دؤر حڪومت کان ”سينگار رس“ يا عشقيه شاعري، هندي شاعرن جي ذوق ۽ تخيل جو خاص عنوان بڻي، ۽ ”ڀڳتي شاعريءَ“ جي بجاءِ عام توڙي خاص جو ان ڏانهن زيادهه توجهه ٿيو.

عشق ۽ محبت جو عنوان ۽ محبوب جي حسن ۽ سينگار جو بيان، ٻئي هن نئين شاعريءَ لاءِ نهايت ئي مواقف زمين ۽ ميدان بڻيا، جن ۾ حسن نواز شاعرن دل کولي پنهنجا ڪوئنتل ڪڏايا. ڪرپا رام پهريائين ان ڏس ۾ قدم وڌايو، مگر مڙني جو مهندارءِ هن ميدان جو شهسوار مهاڪوي بهاري لال هو. هو سنبت 1660 (1603ع) ۾ گوبند

پور ضلعي گواليار ۾ ڄائو، ۽ سنبت 1720 (1663ع) ۾ گذاري ويو. جيپور جي راجا جئسنگ کيس جيپور ۾ گهرائي پنهنجي درٻار جي خاص شاعرن جي صف ۾ جڳهه ڏني، ۽ جڏهن بهاري لال پنهنجي مشهور شاعرانہ شاهڪار“ست سئي” کي پورو ڪيو، تہ راجا جئسنگ کيس ست سؤ اشرفيون انعام طور ڏنيون. بهاري لال جو عاشقانہ ڪلام هندي شاعريءَ ۾ ُلم مڃيو ويو آهي، ۽ ”سينگار رس“ ۾ سندس درجو مڙني شاعرن ۾ مٿاهون تسليم ڪيو ويو آهي.

اڪبر جي عهد جا ٻيا شاعر جن عشقيه شاعريءَ ۾ شهرت حاصل ڪئي، سي هي هئا: 1) نواب عبدالرحيم خان خانان جنهن پنهنجي شاعريءَ جي ٻين تصنيفن سان گڏ ”سينگار سورٺا“ نالي پڻ ڪتاب لکيو، 2) فيضي، 3) گنگ، 4) تان سين، 5) سيناپتي، 6) مبارڪ جنهن جا ڪي دوها بهاري لال جي دوهن سان مناسبت رکن ٿا، 7) بلڀدر مشر جنهن جي تصنيفن مان هڪ ”سينگار گوبرڌن“ آهي. انهن کان سواءِ سنہ 1631ع ۾ سندر نالي هڪ شخص کي“ڪوي راءِ“ جو خطاب ڏنو ويو، ۽ هن شاعريءَ جي فن تي ”سندر سنگار“ نالي ڪتاب لکيو جنهن جو ترجمو برج ڀاشا ۾ ٿيو. عالم، سنبت 1730 ڌاري، ”سنگار رس“ (عشقيہ شاعري) جو نالي وارو شاعر ٿيو. هو پهريائين برهمڻ هو پر پوءِ هڪ رنگريزڻ جي، عشق ۾ مسلمان ٿيو، ”عالم ڪيلي“ نالي سندس ڪتاب مشهور ٿيو. 1784- 1800 سنبت ڌاري ”ديوڪي نندن“ نالي مشهور شاعر ٿيو جنهن جو ڪتاب ”سرنگار شرتر“ نهايت مقبول پيو. سنبت 1796 وڪرميءَ ڌاري، اعظم خان نالي شاعر مشهور ٿيو، جنهن جو ڪتاب ”سنگار درپن“ مقبول پيو. سيد عبدالجليل بلگراميءَ جي پاٽيجي سيد غلام نبي بلگرامي جيڪو ”رس لين“ جي لقب سان مشهور ٿيو، تنهن سن 1701ع ۾ ”انگ درپن“ ۽ سن 1730ع ۾ ”رس پر ٻوڌ“ نالي ڪتاب تصنيف ڪيا.





## رس جي حقيقت

”رس“ سنسڪرت زبان جو هڪ جامع لفظ آهي جنهن جي لفظي معنیٰ آهي ”انتهائي لطف، لذت، خوشي يا مسرت“. اصطلاحي معنیٰ موجب ”رس“ سنسڪرت ۾ جماليات (Aesthetics) جي دائري ۾ هڪ خاص فلسفي جي حيثيت رکي ٿو، جنهن جو تعلق خاص طرح شاعريءَ ۽ ناٽڪ جي اسباب، اثرات ۽ علامات سان آهي. ”سنسڪرت ادب جي تاريخ“ جي مصنف ”بيرائيڊيل ڪِيٿ“ ان کي ”قلبي واردات ۾ ڪيفيات جي نظريہ“ سان تعبير ڪيو آهي. محقق پنڊت حبيب الرحمان صاحب ”رس“ کي ”فلسفاءِ انبساط“ قرار ڏنو آهي. جئن تہ هن صاحب مستند سنسڪرت ماخذن جي تصديق سان رس تي ”رس“ يعني ”فلسفاءِ انبساط“ جي نالي سان هڪ مستقل ڪتاب لکيو آهي. انهيءَ ڪري اسان رس جي معنیٰ ۽ ماهيت کي واضع ڪرڻ لاءِ هيٺ سندس تحقيقي نتيجا پيش ڪريون ٿا.

1) مثلاً: بهار جي موسم آهي، جهڙ بادل ڇانيل آهي ۽ هڪ حسينہ نهايت ئي مٺي آواز سان ڳائي ٿي. ٻڌندڙ جيڪو هن نظاري ۾ محو آهي، تنهن جي دل ۾ محبت پيدا ٿئي ٿي. مڙيئي ظاهري اسباب سندس محبت کي ويتر ڀڙڪائين ٿا. ان جذبي جي اثر هيٺ کيس لڙڪ لڙي پون ٿا پريشاني پيدا ٿئي ٿي. ان بعد سندس اها نفسياتي ڪيفيت اميد، مايوسي، جنون ۽ شڪستہ دليءَ ۾ تبديل ٿئي ٿي. هاڻي هن منظر ۾ محبت“جذ بہ مستقل“ آهن، بهار، بادل، حسينہ ۽ راڳ ان جذبي جا ”محرڪات“ آهن اشڪباري ۽ سراسيمگي (واردات قلبيہ کي ظاهر ڪرڻ واريون ڪيفيات) ان جذبي جا ”اثرات“ آهن، ۽ اميد، مايوسي، جنون ۽ شڪستہ دلي ”منقلبات“ يعني عارضي جذبات آهن. ناٽڪ ۽ شاعريءَ ۾، محرڪات، اثرات ۽ منقلبات جي منظر (Scene) پيدا ڪرڻ سان جذبہء مستقل ۾ هڪ غير

محدود لذت، وجداني لطافت ۽ پاڪيزه روشني پيدا ٿئي ٿي، ۽ ان وقت انهيءَ جذبہ مستقل کي "رس" چئجي ٿو. اهڙيءَ طرح نو 9 مستقل جذبات، پنهنجي ارتقائي منزلن مان گذري علي الترتيب (1) عشق (2) کل (هنسي) (3) رحم (4) غضب (5) بهادري (6) دهشت (7) نفرت (8) حيرت ۽ (9) سڪون جا "رس" بنجن ٿا، جن کي سنسڪرت ۾ (1) شرنگار رس (2) هاس رس (3) ڪرڻ رس (4) رود رس (5) وير رس (6) ڀيانڪ رس (7) ويڀتس رس (8) اوڀت رس ۽ (9) شانت رس چيو وڃي ٿو. مطلب تہ 9 مستقل جذبن جي سببان "رس" جا بہ 9 قسم بنيا.

مگر هن فن جي استادن "رس" جي جا حقيقت سمجهائي آهي ان مان، ۽ پڻ تجربي مان، معلوم ٿئي ٿو تہ رس واري لذت هر حال ۾ ساڳي آهي: يعني تہ نون رسن مان ڪنهن بہ هڪ جي لذت ساڳي اهڙي آهي جهڙي باقي ٻين انن ۾ آهي. پنڊت وشوناٿ "ساهتيہ درپن" ۾، معتبر عالمن جي سند سان هي نظريو پيش ڪيو آهي تہ "تجربو ٻڌائي ٿو تہ هر هڪ "رس" جو اصلي جوهر "تحير" آهي، ۽ انهيءَ ڪري هر جاءِ "حيرت" جو ئي رس هئڻ گهرجي."

1. ويد جي قولن يعني "شرتين" ۾ آتما (خدا) کي رس چيو ويو آهي جيئن تہ "تيتريہ اپنشد" ۾. عقلي دليلن موجب پڻ اهو نظريو صحيح آهي، ڇاڪاڻ تہ "رس" ۾ بہ انتهائي مسرت (آنند) آهي ۽ پڻ خدا ۾. انهيءَ ڪري "شرتيءَ" ۾ خدا کي "رس" چوڻ بلڪل صحيح آهي. ساهتي شاستر (فن شاعري) جي ڪتابن "ڪاوي پرڪاش"، "رس گنگا ڌر"، "ساهتيہ درپن" وغيره مان پڻ هن نظريي جي تائيد ٿئي ٿي، ڇاڪاڻ تہ انهن مڙني ۾ "رس" ۾ انتهائي مسرت جو هجڻ تسليم ڪيو ويو آهي. پڻ "برهم سوتر" (ويدانت فلسفي جي پهرئين باب جو ٻارهون





سوتر)، جيڪو "شرتين" تي ٻڌل آهي، ان جو مطلب بہ اهو آهي تہ خدا ۾ انتهائي مسرت آهي، ڇاڪاڻ تہ ويدن ۾ خدا لاءِ "مسرت" جو لفظ ڪثرت سان استعمال ڪيو ويو آهي. "رس" جي هن تشريح مطابق سنسڪرت جو هيءُ مقولو بلڪل درست آهي تہ "مطالب شاعريءَ ۾، محويت ذريعي خدائي مسرت جي لطف اندوزي "رس" آهي. جڏهن (محبت، بهادري وغيره جا) عملي واقعات شاعري يا ڊراما ۾، مصنوعي محرڪات، اثرات ۽ منقلبات ذريعي، ڏسندڙ (يا پڙهندڙ ۽ ٻڌندڙ) جي آڏو پيش ڪجن ٿا، تہ اهي سندس وحدت نما احساس کي جا ڳائي هڪ قسم جو عالم محويت ۽ تحير پيدا ڪن ٿا. ان محويت جي عالم ۾ شاعرانہ لٽريچر پڙهندڙن ۽ ڊرامہ جي ڏسندڙن جو وجدان جنهن "مسرت رباني" مان لطف اندوز ٿئي ٿو اهو ئي "رس" آهي.

"رس" جي معنيٰ ۽ ماهيت بابت مٿيان تي نظر يا اصولي حيثيت رکن ٿا. پهرئين ۾، سنسڪرت جي جمالياتي فڪر جي دائري ۾ "فن شاعري" جي ماتحت "رس" جي علمي نظريي جي تشريح ٿيل آهي، ۽ "رس" جو لفظ استعمال ٿئي ٿو. حقيقت ۾ "رس" جو پيدا ٿيڻ، "رس" جي لذت جو پيدا ٿيڻ آهي، انهيءَ ڪري مجازا ؔچئي سگهجي ٿو تہ "رس پيدا ٿيو" سنڌيءَ ۾ چوندا تہ "رس لڳو". سنڌيءَ ۾ اهو اصطلاح "راڳ جي رس" لاءِ استعمال ٿئي ٿو. چوندا تہ "فلاڻي ڳايو ۽ واهہ جو رس لڳو" يا چوندا تہ "فلاڻي (ڳائيندڙ) جو رس لڳو" ساڳيءَ طرح ڪنهن بہ محفل جي ميناج ۽ سرور کان متاثر ٿي ان کي مجازاً "رس ڀري محفل" يا "رس ڀري رهاڻ" چوندا. "رس رهاڻيون" ۽ "رس راوڻا" ساڳي معنيٰ ۾ سنڌي جا عام مروج اصطلاح آهن. انهن اصطلاحن مان ظاهر آهي تہ سنڌيءَ ۾، لفظ "رس" جي اصل معنيٰ ۽ ماهيت وارو تخيل موجود آهي. ٻئي نظريي

۾ ”رس“ جي سمجهاڻي نفسياتي نقطہ نظر کان (Psychological Interpretation) ڏني وئي آهي، جنهن جو مقصد آهي تہ جيتوڻيڪ مختلف جذبات (Emotions) جي بناءِ تي ”رس“ کي جدا جدا نالن سان سڏيو ويو آهي، مگر حقيقت ۾“رس“ اهو لطف ۽ لذت وارو اصولي احساس (Sentiment) آهي، جيڪو هر جذبي جي اثر ۽ ڪيفيت جو ماحصل آهي. (3) ٽئين نظريي جو تعلق ”رس“ جي حقيقي معنىٰ سان آهي، جنهن کي ويدانت توڙي اسلامي تصوف جي روشنيءَ ۾ ”ذات الاهي“ سان تعبير ڪيو ويو آهي، ڇو تہ ”ذات الاهي“ ئي لامحدود مسرت ۽ وجداني تجليءَ جو واحد سر چشمو آهي. ” اللهُ نورُالسمٰوٰتِ والارض“ ۽ ” اللهُ جميلٌ ويحبُ الجمال.“

## سينگار رس

مٿين وضاحت مان معلوم ٿيو تہ انسان جا ) مستقل جذبات، جن جي بناءِ تي آسانيءَ خاطر“رس“ جا بہ 9 قسم تجويز ڪيا ويا آهن، انهن مان هڪ ”شرنگاررس“ آهي. ”شرنگار رس“ هڪ نفسياتي ڪيفيت آهي، جنهن جي ارتقائي درجي کي عشق ۽ محبت سان تعبير ڪري سگهجي ٿو. اصل سنسڪرت نظريي موجب ”شرنگ“ محبت جي ديوتا ”ڪامديو“ جيُ لِرڻ کي چئجي ٿو. هن جيُ لِرڻ سبب ۽ اعلىٰ ترين هيرو (Hero) جي رس کي عشق جو رس چئجي ٿو.

هندي شاعري مان مثال: هنديءَ جو استاد شاعر ملڪ محمد جائسي (وفات1049ھ/ 1639ع)، پنهنجي مشهور نظم ”پدماوت“ ۾، سلطان علاؤالدين جي آڏو پدماوت راڻيءَ جو حسن جو بيان، راگهو پنڊت جي زبان هن طرح ڪري ٿو تہ،

دير گهہ چار، چار لگهہ سوئي
سبهر چار، ڇهون کهيني سوئي.

(سندس بدن ۾ چار شيون ڊگهيون، چار ڇوٽيون، چار





ٿلهيون (نرم) ۽ چار سنهيون آهن)

پرتهم ڪيس دير گهہ سر مونهين،
اور ديرگهہ اونگرين سونهين،
ديرگهہ نين، تيکهہ تيتهہ ديکها،
ديرگهہ گبون ڪنٺهہ تر ريکها

(يعني تہ: ڇئن ڊگهين شين ۾ پهريان سر جا وار، ٻيون آڱريون، ٽيون اکيون، چوٿين ڳچي ۽ ان جي هيٺان خط)

پنهہ لگهہ دسن هونهہ جن هيرا
او لگهہ ڪچ او ننگ جن ڀهيرا
لگهہ للاٽ دويج پر گاسو
اونا نهہ لگهہ چندن باسو

(چوٿين شين ۾، هڪ سندس هيرن جهڙا ڏند، ٻيو نارنگيءَ جهڙا پستان، ٽيون پهرينءَ جي چنڊ جهڙي پيشاني ۽ چوٿون چندن بوءِ دن.)

ناسڪ کهين کهرک کي دهارا،
کهين لنڪ جن ڪيهر بارا،
کهين پيٺ جانو نہ آنتا،
کهين ادهر بدرم رنگ راتا.

(باريڪ شين ۾، هڪ تلوار جي ڌار مثل سندس نڪ، ٻيو چيتي کي شهہ ڏيندڙ چيلهہ، ٽيون لڪل پيٺ جنهن ۾ جڻ آندائي ڪين آهن، چوٿان چپ جي مرجان مثل آهن.)

سوبهر ڪپول ديکهہ سوبها
سبهر تنب ديکهہ من لوبها
سبهر ڪلائين ات بني، سبهر جنگهہ گج پال
سوره سنگار برن کي ڪرنهہ ديوتا مال

(پريل ۽ نرم شين ۾، پهريائين سندس پريل ڳل، ٻيو پريل

بندڻ، ٽيون پريل ڪرايون، ۽ چوٿون پريل رانون: بدن جي سورهن سينگارن جي ديوتا به تعريف ۾ پوڄا ڪن ٿا.)

متئين مثال مان ظاهر آهي ته شاعر”پدماوت“ جي سورهن سهڻن عضون ۽ اندامن جي تعريف ڪئي آهي ۽ انهن کي سورهن سينگار سڏيو آهي. هت ”سورهن سينگار“ جي اصطلاح جو استعمال ”بدماوت“ جي فطري حسن سان تعلق رکي ٿو، چو ته سندس ”ظاهري هار سينگار“ سان شاعر جي وصف بيانيءَ جو ڪو به واسطو ڪونهي.

هاڻي اديبن ۽ لغت نويسن جي متين تحقيق، توڙي خود هنديءَ جي استاد شاعر ملڪ محمد جائسي جي شعر مان پدماوت راڻيءَ سونهن جي تعريف وارو مثال، ثابت ڪن ٿا ته هندي شاعريءَ ۾ ”سورهن سينگارن“ جي قسمن بابت ڪو متفقه طور فيصلو ڏنل نه آهي ته اهي فلاڻا فلاڻا آهن. محض سورهن جي عدد بابت ئي اتفاق آهي. ٻيو ته آيا ”سورهن سينگارن“ جو تعلق محض ”جسماني حسن“ سان آهي، يا فقط عورت جي ظاهري ۽ مصنوعي ”هار سينگارن“ سان آهي، ان بابت به ڪو متفقه نظريو موجود ناهي. بلڪ ائين معلوم ٿئي ٿو ته انهيءَ باري ۾ به مختلف نظريا آهن. (1) پهرئين نظريي جو اندازو: ”شرنگار رس“ جي محرڪ اساسي يعني ”هيروئن“ جي فطري حسن کي جي 28 وڌيڪ اسباب چمڪائين ٿا، تن مان ۽ خود ”پدماوت“ جي حسن جي تعريف بابت ڏنل اناويهن اسبابن ۾ جسماني حسن توڙي ظاهري هار سينگار شامل آهن. ”پدماوت“ واري بيان جو تعلق پڻ فطري حسن سان آهي، ان مان هيءُ نتيجو ڪڍي سگهجي ٿو ته ”سنگار رس“ شاعري جي اصلي سرچشمي توڙي ان جي هڪ استاد شاعر جي تخيل موجب ”سورهن سينگارن“ ۾ فطري حسن توڙي ظاهري هار سينگار جون وصفون اچي وڃن ٿيون. (2) ٻئي نظريي جو مدار





اديبن ۽ لغت نويسن جي ڪيل تحقيق تي آهي، ۽ ان تحقيق جو مدار غالباً هندي شاعريءَ جي پوئين تڪلف ۽ تصنع واري دؤر تي آهي، جڏهن عام شاعرن ”سورهن سينگار“ جي بيانن کي محض عورت جي ظاهري هارن سينگارن تائين محدود ڪري ڇڏيو.

هندي عشقيه شاعري جي شروعات واري تاريخ دؤر جي واقفيت، ۽ ”سينگار رس“ نالي جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ ”رس“، ”سينگار“ ۽ ”سورهن سينگار“ جي ايتري اصولي وضاحت بعد، اسان هن ڳالھ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪنداسون، ته هندي عشقيه شاعريءَ جي هن مخصوص تخيل ۽ ان جي مختلف مضمونن ۽ عنوانن جو سنڌ ۾ ڪيئن ۽ ڪيتري قدر چرچو پيدا ٿيو، ۽ انهن ۾ هندي ۽ سنڌي تخيل جي آميزش ڪهڙي صورت اختيار ڪئي.

### ”سورهن سينگار“ شاعري جو سنڌ تائين پهچڻ

سنڌ ۾ جوڳ واري شاعريءَ جو تخيل ۽ هٺ يوگي فقيرن جا نظريا ان طبقي جي سيلاني جوڳين فقيرن جي ذريعي پهتا، ”ڀڳتي شاعري“ وارا نظريا صوفي تارڪن ۽ درويشن جي ذريعي رائج ٿيا، ۽ هندي ”سنگار رس“ يا عشقيه شاعريءَ جا عنوان ۽ اشعار سگهڙن ذريعي پهتلسان جي خيال ۾ حسن ۽ عشق جا اهي مضمون غالباً اول اول راجستان جي سگهڙن پٽن ۽ چارڻن لي جي راجائن، سردارن ۽ عوام جي وندر ۽ وروندھ خاطر ياد ڪيا ۽ اهڙيءَ طرح سنڌ جي سرحدي ۽ پاڙيسري رياستن، بيڪانير، جوڌپور ۽ جيسلمير ۾ انهن جو چرچو پيدا ٿيو. ان بعد ”سنگار رس“ شاعريءَ جا اهي دلچسپ عنوان ۽ اشعار سنڌ جي سگهڙ پٽن ۽ چارڻن، منچلن مڱڻهارن ۽ ٻين سڄاڳ سگهڙن سنڌ ۾ رائج ڪيا. مغلن جي دؤر حڪومت ۾ ”سنگار رس“ شاعري عروج کي پهتي ۽ پائنجي ٿو ته انهيءَ دؤر جي آخر ڏاري مغل سلطنت جي ٻين صوبن ۾ به ان جو عام چرچو ٿي ويو.

سنڌ ۾ ڪلهوڙن جي (ميان نورمحمد) دؤر ۾ ان جو نئون ۽ نرالو سنڌي تخيل پنهنجي عروج تي نظر اچي ٿو. ڪلهوڙن جي دؤر حڪومت ۾ سنڌ ۽ ان جي مذڪور پاڙيسري رياستن، يعني بيڪانير، جوڌپور ۽ جيسلمير جي درميان نسبتا گهاٽا سياسي ۽ تمدني تعلقات پيدا ٿيا ۽ انهيءَ ڪري غالبا سنڌ ۽ انهن رياستن جي سگهڙن جون باهمي محفلون متيون، ذهن ڪليا، ۽ نه فقط هن نئين شاعرانه فن ترقي ڪئي پر ان ۾ نوان نوان نقطا پيدا ٿيا انهن ڏينهن دوران لس ٻيلي ۽ لاڙ طرف به ”سينگار“ شاعريءَ جو چرچو هو، ۽ انهن اراضين مان پوءِ جلد ئي فن ”سينگار“ جا وڏا استاد شاعر پيدا ٿيا. بهرحال ميان نورمحمد ڪلهوڙي واري دؤر ۾ ”سينگار“ شاعري اهڙي ته اوج کي پهتي جو وڏا درويش صوفي شاعر ان کان متاثر ٿيا.

اسان جي خيال ۾ پهريائين پهريائين هندي ”سنگار رس“ شاعريءَ جا عنوان ۽ اشعار سنڌ جي ٿرپارڪر واري حصي ۾ رائج ٿيا، ڇاڪاڻ ته اهو پاڳو، جيسلمير، جوڌپور رياستن جي علائقن سان مليل هو ۽ انهيءَ پاڳي جي ڀٽن، چارڻن ۽ سگهڙن جو راجستان جي سگهڙن سان زياده گهاٽو تعلق هو. ٻيو ته انهي پاڳي جا سگهڙ جي سنڌي ٻوليءَ جي ”ٽري- ڍاٽڪي“ محاوري سان آشنا هئا تن لاءِ هندي اشعار سمجهڻ نسبتاٽ آسان هئا. انهن سگهڙن جي پنهنجي طبعي شگفتگي خواه سندن مجلسن جي مخصوص رنگ رهاڻ سبب، اهي اشعار جي حسن ۽ مجاز متعلق هئا سي انهن خاص طور ازبر ڪيا. انهي لحاظ سان پدمڻيءَ جي وصفن ۽ ”سورهن سينگارن“ جهڙن رنگين عنوانن سان سندن خاص دلچسپي رهي ۽ انهن بابت جوڙيل افسانن ۽ بيتن کي پنهنجي سگهڙپائيءَ جي محفلن ۽ مجلسن ذريعي عام رائج ڪيائون.

اهو ئي سبب آهي جو اهي عنوان اڄ ڏينهن تائين سنڌ جي سگهڙن جي مارڪن جا خاص موضوع آهن. ٻيو ته انهن عنوان بابت جي اشعار ملن ٿا تن کي جي گهريءَ نگاه سان ڏسجي ٿو ته انهن ۾





سنڌي ۽ سنڌيءَ جي ”ٽري- ڍاٽڪي“ محاورن جا الفاظ ۽ اصطلاح ملن ٿا، جن مان اسان جي مٿئين نظريہ جي تائيد ٿئي ٿي ته غالبا انهن شعرن جي روايت سنڌي ٻوليءَ جي ”ٽري- ڍاٽڪي“ محاوري ذريعي ئي سنڌ ۾ عام رائج ٿي: يعني ته اول اول سنڌ ۾ اهي عنوان ۽ اشعار ٿرپارڪر جي ڀٽن، چارڻن ۽ مڱڻهارن جي زباني عام رائج ٿيا.[1]

[1] نوٽ: مٿيون مضمون سنڌي سينگار شاعري تان ورتل آهي.

# سُھاڳ

**الله توآهر...**

اج اهو لکندي انتهائي خوشي ٿي رهي آهي تہ هڪ پيرو وري ڏات ڏٽين جي ڏاهپ سان پريل ”سينگار شاعري“ کي نئين سر جياري عوام آڏو آندو ويو آهي ۽ اهو اهم ڪارنامون سر انجام ڏيڻ ۾ اسلامي ادب جي آبياري ڪندڙ ”تنظيم فڪر و نظر سنڌ“ اڳيري ٿي آهي. هن تنظيم جا هونءَ تہ عملي، ادبي ۽ ديني لحاظ کان عالمي توڙي مُلڪي ۽ صوبائي سطح جون ڪانفرنسون، سيمينار ۽ مذاڪرا ٿيا آهن، جن ۾ ديني اسڪالرن سميت جديد ادب جا عالمر، اديب، ڏاها ۽ ڏات ڏٽي سگهڙ شريڪ ٿيندا رهيا آهن. انهن مجموعي پروگرامن جي سٽاءَ کان پوءِ تازو تنظيم جي مرڪزي دفتر اسلامڪ سينٽر مينار روڊ سکر ۾ پلاري مهيني ربيع الاول شريف جي مبارڪ ڏهاڙن ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جن جي شخصيت سان منسوب ”قومي سيرت النبي ﷺ ڪانفرنس“ جي موقعي تي هڪ شاندار“سگهڙ ڪانفرنس“ پڻ ڪو ٿائي وئي جنهن ۾ سنڌ توڙي بلوچستان کان کهي آيل ڏاهن ڏات ڏٽين ”لوڪ ادب“ جي اهم خوبصورت صنف“سينگار شاعري“ پيش ڪئي.

سگهڙائپ جي رنگ ۾ پاڻ سڳورن ﷺ جي هستيءَ جي ”وضحیٰ“ واري چهري ۽ ”والليل“ جي زلفن جو ذڪر هڪ انوکي ۽ نرالي شاعري آهي، جنهن انداز سان ڏات ڏٽي سگهڙن پاران لفظن جو خوبصورت ورجاءُ ۽ پيٽا جو نمونو آهي، ان قسم جي شاعري دنيا جي ڪنهن بہ خطي ۾ ناهي.





ڏنو وڃي تہ وقت جي وهڪري نج سنڌي ٻوليءَ جي چيرڦاڙ شروع ڪري ڇڏي آهي، جنهن سبب اسان کان اسانجي برجستي ٻوليءَ جا اصلي لفظ منسوخ ۽ متروڪ ٿيندا پيا وڃن، جنهن کي ڏسي هاڻُ ڇڄي رهيو آهي.

اهو بہ ڪو وقت هو جو اسانجا ڪُڙمي ڪاسبي نار ۽ هُولا هلائي ڏاندن جا هر ڪاهي، پوڪ پوکيندا هئا ۽ نسري نروار ٿيڻ تي ڪانياٽيءَ جا پيهي مٿان ويهي نڪاو ڪڍي جهار هڪليندا هئا پر جڏهن کان مشيني دؤر اچي سهڙيو آهي تڏهن کان اباٽي ڪرت ۾ ڪتب ايندڙ هزارين نج لفظ وڇوڙي جي ورلاپ ۾ اچي موڪلائيندا پيا وڃن، جنهن سبب اسان جي عوامي ٻولي غير مُرج گفتن جي ور چڙهي رهي آهي ۽ قديم ڪارائتا ُڙ اکر جملن مان نڪرندا پيا وڃن.

پر ڌيهي ٻولين جي والار سبب اسانجيُ لمرندڙ عُروج مند ٻوليءَ کي نپوڙي، گهوگهاٽيو پيو وڃي پر اسيمبلين ۾ پهتل اسان جا ميمبر صاحبان سٽپي گره جي لالچ سبب ڀڙڪ بہ ٻاهر نٽا ڪڍن، اسان وٽان قديم رسم ۽ رواج وارا پراٽا سئوڻ ساٿ بہ ڳجهارت جو روپ ڌاريندا پيا وڃن، اسيمبلي ميمبرن سميت، اڄ جي استادن توڙي جديد ادب جي جاڪوڙيندڙ اديبن جي نوجوان اولاد سامهون جڏهن پراٽي تهذيب يا ثقافت جي ڪا ڳالهہ ڇڙي ٿي تہ اهو ان جي اصلي حقيقت کان واقف نہ هجڻ ڪري ان جي ذري ذري بابت پڇاڻو ڪري ٿو. جيئن ڪنهن بنا سُر جي ڏنل ڳجهارت کي ڳولڻ لاءِ سيبتا سگهڙ ان ڳجهارت جا بند ۽ پاوا ڳوليندا آهن تيئن هي نوجوان بہ فلحال ان ڪشمڪش ۾ گم ٿي ٿو وڃي. نئين نسل جا نوجوان ويچارا تہ انهن اسڪولن ۽ ڪاليجن اندر پڙهيا ۽ ڪڙهيا آهن جن ۾ تہ سنڌي ٻوليءَ جو اير نہ پير، نالي ڪاڻ بہ ٿي انڌا مندا، اجايا سجايا ڪتابڙا پڙهي آئي بلا سمجهي ڪم ٽپايو، اصل ٻولي سکڻ جا اهي طريقا، لفظ معنائونُ لچار ۽ اٽانگا اکر تہ سمجهيائي

کو نہ پوءِ مادري ٻولي ڇڏي ٻي ٻوليءَ جا پڙهندڙ تہ اهو بہ نہ سمجهندا تہ ”رَبُ“ ۽ ”ڇبُ“ ۾ ڪهڙو فرق آهي.

ان ڳالهہ کي کولڻ ضروري ٿو سمجهان تہ اسان وٽ ڳجهارت جو روپ ڌاري ويل سنڌ جي ثقافت توڙي تهذيب سان لاڳاپيل سنڌ جو لباس، اوڍڪيون اوساريون، ڇپرا، لانديون، مهہ مڏ جهوپڙا، پيها، ڪنواڻي، ساندارا، نار، هُلو، ٽِپو، ڪارو، مارنگ، گُنديون، ليڙو، وڄڻو، گُگهيون، مٽ، ماٽوڙا، دلا، گهڙا، دليون، گَڏون، ڪرمنڊل، ڇئونري، وٽا، وٽيون، ڪٽورا، ڪٽوريون، ٽاسريون، ٿالهہ، ٿالهيون، ڊاڪون، پاٽ، پاٽڙو، تس، جمني، جمن، ٽقٽي، ڏوئي، چمٽو، ٻُرڻ ڪڙاهي، روهي، مَبري، پائڪي، اُڪري، مَهري، ويلڻ، ڇڄ، ڇڪي، پنڊي، چوٽائي، پاٽي، ٽويو، ڪاسو، ساهمي، ڪٽون، ڪٽولا، پيڙها، صندليون، ٻُجڪي، داٻڙو، ڏونگري، صندوق، رليون، رلڪا، پٽرٽيون، ڪٽيون، ٽپٽيون، ڊٻڙي، قُلڪا، تنجڻ، مَهن رڪي، مانڏاٽي، منڊيٽو، چاڏي، دَکي، چلم، حقو، چٽ، نهڪڻ، ڳنار، ٻُڇڪار، ونگار، بيگر، گهاٽا، چيچڙا، دانگي، ٿوٻي، ڪندي، ٻُنيو، سميت هزارين لفظ آهن جن ۾ ٻوليءَ جي حُسنا ڪي سمايل آهي تن تي بہ مَٽ چڙهندي پئي وڃي ۽ اهي خوبصورت لفظ بہ موڪلائيندا پيا وڃن.

جديد علمي دنيا جي ٻُتڻ ۾ قاتل ڪجهہ ترقي پسند اديبن، پاران سگهڙن کي دهقاني ۽ اڻ ڄاڻ سڏي لوڪ ادب تي ڳنوارن، ٻڪرارن ۽ ريڍارن جي ادب جي ٿُهمت مڙهي، مورڳو ”لوڪ ادب“ کي ئي ادب تسليم نہ ڪرڻ جا هو با هلائي رهيا آهن. پنهنجي مَنهن ٺُٽڪا ڪرڻ وارن کي سگهڙن جي لکيل ”سينگار بيت“ جي معنيٰ بہ سمجهہ ۾ ڪا نہ ايندي آهي، حالانڪ سگهڙائپ جا گفتا ڪي سؤلا ناهن، لوڪ ادب جي هڪ هڪ صنف لاءِ سگهڙن پاران خون پسينو هڪ ڪري ادبي زمين کي رت مان ريج ڏيٺو پوي ٿو تہ جيئن اسانجو قومي ادب سدائين سڪيو ۽ ستابو رهي.





دين کان دوري رکندڙ ان سوچ ۽ فڪر جي حامين پاڻ سدائين پرڏيهہ کان آيل غزل ۽ قطعہ جي قيد ۾ رهي ڪري نثر کي بہ آزاد نظم سڏيو آهي، ڪين اها خبر بہ ناهي تہ شعرٿيندو ئي سالم آهي جنهن ۾ قافيہ ۽ رديف جي پابندي لازمي آهي، ساڳئي وقت ڪجهہ جديد ادب جي ماهر سڏائيندڙن، سگهڙن کي ان ڪري بہ شاعر تسليم ناهي ڪيو تہ انهن وٽ بحر ۽ وزن ناهي، پر مان انهن کي ٻڌائڻ گهران ٿو تہ پٽ ڌڻيءَ جي بيتن ۾ اوهان جو ٻڌايل فاعل مفعول وارو قانون تہ ڪونهي! پوءِ ان کي بہ شاعرن جي صف مان خارج ڪريو. ڇو تہ اهو آهي ئي پنهنجي رنگ جو شاعر، سندس تعلق نسبي طرح سان الله جي آخري رسول ڪريمﷺ جي ذات سان آهي.

مان ائينءَ چوندس تہ سچل هجي يا سامي، دلپت هجي يا روحل، ڇاڇاپڊ، ڇاڇون ماترائون، جذبي کي ڪير روڪي؟ اندر جو آواز نڪرندو ۽ وڌندو ويو جيڪڏهن پاڻ کي بحر وزن جي قيد ۾ قابو ڪن ها تہ ايترو اثر شايد نہ هجي ها.

لوڪ ادب جي لاتين سان واڳيل ذات ڌڻي سگهڙن جي لاڪيٽي ۽ من مُهٽي ٻوليءَ ۾ سليس ۽ سادا، مٺا ۽ ملوڪ گُهتا هوندا آهن، هنن جا نماڻا سُخن بہ عقلمديءَ سان پريل ٿين ٿا. سپورنج سگهڙن جي فني ڏُام بہ اعليٰ درجي جي آهي، ڳجهارت جي ڳهيرن آڏو ڳجهارت جهل ئي ڪانہ ڏئي، آئي ۽ وئي. ڏور کي ڏورڻ ڇا جو؟ آيو ۽ ويو، ڪامل ذهن ۽ يگانہ خيال جي ماهرن وٽ پهاڪا بہ تمام پُختا هوندا آهن. جن کي ٻوليءَ جو مغز چيو وڃي ٿو، جي ڪٽي سوچجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جو علم حقيقت ۾ آهي ئي انهن وٽ، جن پنهنجن سينن ۾ ٻوليءَ کي تڏهن کان سانڍيو آهي جڏهن کان اڃان تائين سنڌي ٻولي ڪاغذ ۽ قلم جي وچ تي هئي، ٻوليءَ جي صورتخطي بہ نہ هئي تڏهن بہ هي سگهڙ هئا جن جا نقل نظير بادشاهن جي درٻارن ۾ تمام وڏي خوش اصلوبيءَ

سان پيش ڪبا هئا جن ۾ فهم ۽ فضيلت جي جوت جو ڪندي هئي. پوءِ اهڙن مهمير مردن جي سينگارن سان سجايل هي شاهڪار ڪتاب ڪنهن محققانہ معيار کان گهٽ ناهي.

ڏنو وڃي تہ ماضيءَ ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران لوڪ ادب اسڪيم ۾ چاليهہ جلد، زيب ڪتاب گهر، سنڌي ساهت گهر، مهراڻ اڪيڊمي، سنڌي ٻوليءَ جو با اختيار ادارو، اڪادمي ادبيات يا سنڌالاجي جهڙا ادارا نالي ماتر بہ چار ڪتاب شايع ڪرائي، نقلن ۽ ترجمن، انتخاب ۽ اقتباس جي محدود ڪتابن کي لوڪ ادب جي جامع تاريخ سمجهي بي نياز ٿي ويهي رهيا تہ اسان وڏا ڪارناما سرانجام ڏنا آهن.

جاٽايل ادارن سميت سيني لاڳاپيل ادارن کي سمجهڻ کپي تہ لوڪ ادب مرتب ڪرڻ جي اها بنيادي ڪڙي هئي. اصل ترقي تہ هاڻ ٿي آهي جو سگهڙن بابت اڻ پڙهيل واري ڇاپ هٽي چڪي آهي ۽ لکيا پڙهيا عالم توڙي استاد سگهڙ هن ڪڙيءَ ۾ داخل ٿيا آهن. جيڪي ٻولي ۽ ادب جي واڌاري لاءِ منظم تنظيمون ناهي ميدان تي لٿل آهن ۽ اوطاقن جي صحنن کان شروع ڪيل جدوجهد کي ادبي ادارن توڙي علمي مرڪزن جي ايوانن تائين پهچايو آهي، ڪميونيڪيشن جي جديد سهولت جو فائدو وٺندي سال، مهيني يا هفتن جي ڪچهرين کي ڪال ڪانفرنس ذريعي هر روز نئون رنگ رچائي ٻوليءَ ۾ جديد دؤر جا رنگ پرين ٿا، هڪ خبر لاءِ صحافين پنيان ڊوڙون پائيندڙن اڄ پاڻ صحافتي ايوانن ۾ جاءِ والاري آهي ۽ پنهنجي جاڳرتا جون پاڻ اخبارون شايع پيا ڪن. نہ رڳو ايترو پر سرڪاري ادارن توڙي وس وارن ڏي نماڻيون نگاهون ڪٽي نهارڻ بدران پنهنجي مدد پاڻ جي جذبي تحت ڪتاب پڻ ڇپرائي رهيا آهن.

حڪومت سنڌ يا ثقافت کاتو ڪنهن موقعي تي سنڌ فيسٽيول يا سگهڙ ڪانفرنس منعقد ڪرائيندو آهي پر هي ذات ڏٽي





تہ هاٽي "لوڪ ادب ميلا" "صوفي سگهڙ ڪانفرنسون" "روحاني سگهڙ ڪانفرنسون" صوبائي سطح جا "بين الصوبائي سگهڙ ڪنوينشن" توڙي گڏاري ويل استاد سگهڙن جون ورسيون پڻ پنهنجي پيرن تي بيهي ملهائي رهيا آهن. جن پروگرامن ۾ ڪنهن اعلىٰ ڪاموري يا وزير، مشير جي صلاحڪار جي شرڪت نہ هجڻ سبب وقتي ڪوريج يا پذيرائي نہ بہ ملي پر تاريخي حيثيت ضرور هوندي آهي جنهن کي ٻوليءَ جا قدردان وقت اچڻ تي سونهري اکرن ۾ ضرور لکندا.

سنڌ سرڪار جي اڻ ميي خزاني، ثقافت کاتي جي بي پايان بجيٽ ۽ لوڪ ادب جي جاکوڙ لاءِ قائم ڪيل گورنمينٽ جي گرانٽ تي هلندڙ ادارن جي ذميواري باوجود "تنظيم فڪر و نظر سنڌ" پاران هن ڪتاب جي اشاعت پنهنجي ڪارڪردگيءَ ۾ هڪ بهترين باب قائم ڪرڻ سان گڏ هي سواليا نشان بہ ڇڏيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي محافظ ۽ لوڪ ادب جي وارث ذات ڏٽي سگهڙن جي وارثي ۽ فني اشاعت جو ذميوار آخر ڪير آهي؟....

"تنظيم فڪر و نظر سنڌ" اسلامي ادب جي آبياري ۾ هي نبي ڪريمﷺ جن جي تعريف سان پرپور"سينگارشاعري" جو لافاني ڪتاب ڇپرائي ڪوڙ سارن ڏاهن ذات ڏٽين ۽ سائينءَ جي ثناگرن جون دلي دعائون ماٽيون آهن، جن ۾ خاص ڪري هن ڪتاب ڇپجڻ جو ذريعو بنجندڙ "سگهڙ ڪانفرنس" جي انچارج استاد نواب علي مهر ۽ سندس ساٿي ٻانهن وارو ڪردار نڀائيندڙ پلوڙ سگهڙ ۽ "سلات" جو سچو ساٿي استاد گل حسن "گل" ملڪ بہ ڪيرون لهڻن جو هن محنت جو سهرو سندن ئي سرن تي سجايل رهندو.

آخر ۾ مان "تنظيم فڪر و نظر سنڌ" جي صدر جناب پروفيسر محمد علي راڄپر، جنرل سيڪريٽري خواجا جليل احمد، پروفيسر لياقت علي پٽو، پروفيسر اصغر مجاهد مهر، ڊاڪٽر صفي الله "غزالي" پٽو، سميت سموري سٽ کي مبارڪ ڏيان ٿو

جن هن ڪاوش ۾ اڳيرائي ڪري تاريخي رڪارڊ قائم ڪيو آهي. امید تہ ذات ڏٽين جي آئينده بہ عزت افزائي ڪندا رهندا.

تاريخ: 23 مارچ 2014ع
(سلات جي سالگرهہ
واري ڏهاڙي)

**”عاجز“ رحمت الله لاشاري**
باني/ مرڪزي صدر
سند سگهڙ سنگت لوڪ ادب تنظيم (سلات)
(سند بلوچستان)





# مقدمو

سنڌي سينگار شاعريءَ جي مقدمي ۾ لفظن جي مالها ناهڻ ۾ پهريون ڀيرو اکرن جيءَ کيڙ دوران عاجزانا عقل کي استعمال ڪندي هندستان جي هڪ مايہ ناز محقق ۽ اعلىٰ پايئہ اديب ڊاڪٽر نارائڻ پارتي جي ”سنڌي لوڪ رنگ“ ۾ لکيل ستن سان ان ڳالھ کي کوليان ٿو تہ، ڪو وقت هو جو سنڌي پڙهندڙ سنڌي بوليءَ جي لفظ ”لوڪ“ کان جهٽڪ اڻ واقف هئا. ۽ اهو پورو پتو بہ ڪو نہ هو تہ هي لاڏا، لوليون، اوراڻا، ڪافيون، مولود، مداحون، ڏور، ڳجهارتون، هنر، پهاڪا، پروليون، گروچيلا، سهرا، پنجڪا ۽ سينگار توڙي نڙ بيت ۽ بادشاهن جون ڪهاڻيون بہ ڪي لوڪ ادب آهن.

اڄ کان پنجاھ يا سٺ سال جي وٿيءَ کي سنپاليندي تجربو ٿيو تہ ”لوڪ“ جو لفظ سنڌي پڙهندڙن کي سامهون آيو ۽ آهستہ آهستہ مرحليوار ڪتابن جي زينت بڻبو ويو ۽ خاص طور اهو سڀ ڪجھ ورهاڱي کان پوءِ ئي ٿيو آهي.[1]

ڏنو وڃي تہ سنڌ جي هر ادب شناس پنهنجي بوليءَ جي عوامي يا قومي ادب لاءِ جاکوڙيو آهي ۽ لوڪ ادب جي سهيڙ ۾ ڪنهن نہ ڪنهن طرح سان نالو ڳٺايو آهي پر انهن سيني ۾ زياده ”لوڪ ادب“ جي کوج ڪرڻ ۽ ڳوڙهن ۾ وڃي ڪچهريون ڪوئائي، لوڪ ادب جا جدا جدا روپ سهيڙڻ سان گڏ ان جو تنقيدي اڀياس ڪرڻ جي حوالي سان جن عالمن باقائده شروعات ڪئي تن ۾ محسن سنڌ علامہ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جا نالا سونهري اکرن ۾ درج ٿيل آهن. جن

[1] سنڌي لوڪ رنگ: ڊاڪٽر جيٺو لالواڻي

جاکوڙين ڏونگر ڏوري، رڻ پٽ روڙي، ڪمرڪڇي سنڌ جو چپو چپو ڳهمي، سنڌي لوڪ ادب جا املهه ماڻڪ گڏ ڪيا آهن ۽ انهن جو چوٿون حصو ڇپائي ظاهر به ڪيو آهي، جنهن وسيع پيماني تي تحقيقي ڪم ڪري پاڻ ملهائڻ ۾ هنن هزار پيرا ڪيرون لهڻيون.

اصل مقصد تي اچڻ ڪان پهرين هڪ نظر سنڌ جي لوڪ رنگ ڪي ڀهڪائيندڙ ۽ ٻچائيندڙ ذريعي اوطاق ۾ ٿيندڙ ”ڪچهريءَ“ تي وجهنداسين ۽ سنڌ جي سماجڪ پسمنظر ڪي ڳوليندا‌سين ته تاريخ جي ان سونهري باب جي سونهن توڙي سوڀيا ڪي سارينديي نيڻ اشڪبار تي رهيا آهن.

اجان جڏهن سنڌ اندر ڪڙمڪي ڪم لاءِ مشينون ايجاد نه ٿيون هيون ۽ نه ئي وري سئنيما ڪلچر جو عروج يا ڪيبل توڙي ڊش اينٽينا پهتي هئي، بس خلائي رفتار ذريعي ريڊيو ئي ملڪي صورتحال جي واءُ سواءُ جو ذريعو هو، تڏهن اجاتائين انٽرنيٽ ۽ موبائل فون جو آزار نه هو ته ان وقت ڳوٺن ۾ رهندڙ عالم لوڪن لاءِ ”ڪچهري“ وندر ۽ جاڻ جو مکيه وسيلو هو. سنجهو پلاٽي هرڪو ڪڙمي، ڪاسبي، ڪم ڪار ڪان واندو ٿي، رات جي مانيءَ جو اونو لاهي اچي ڪنهن اوطاق ۾ ڪنا ٿيندا هئا، جنهن ۾ هڪڙا هوندا هئا ٻڌائڻ جا ملوڪ ته ٻيا وري سُڻڻ جا سالڪ، وچ ۾ رکيل چلم يا حقو به ڇڪيندا ۽ ڪچهريءَ ۾ پنهنجي پنهنجي نموني جي سوکڙي به ٻڌائيندا جيئن جيئن ڪچهري پئي مچندي هئي تيئن تيئن ٻيا باغ بهار ٿيندا هئا، من ۽ تن ڪي ملوڪ گفتن ۽ سهڻن سُخنن توڙي سچن ٻولن سان ٻيا تازو ۽ توانو ڪندا هئا ۽ ايترا ته محو تي ويندا هئا جو سڄي ڏينهن جي ٿڪاوٽ جو احساس به ڪين نه هوندو هو، ان ڪچهريءَ ۾ ٻئي ادبي ماحول سان گڏ ڪل پوڳ ۽ راڳ رنگ به ٿيندو هو، ان ڪچهريءَ ۾ وڏا چاهي ننڍا، ٻار چاهي ٻيا، عالم توڙي اڻ پڙهيل بلڪل سيئي هڪ ئي سليقي سان با





ادب رهندا هئا، ڪچهريءَ ۾ پنهنجائپ ۽ پائپيءَ وارو ماحول هوندو هو، غير دستوري طور ڪجهه به ٻڌائي سگهبو هو، ڪچهريءَ ۾ هنر، فن جي اظهار جي عام اجازت هوندي هئي، ڪچهريءَ جي فضا ۾ ماحول ايترو ته وڻندڙ هوندو هو جو گهڻن ڏينهن تائين ان جي ياد تازي هوندي هئي شريڪ سُريلا ۽ سيبتا سگهڙ پنهنجن لوڪ ادب جي لاتين ذريعي پنهنجو لوڪ ثقافتي ورثو قائم ۽ دائم رکندا پئي آيا.

اها به هڪ حقيقت آهي ته جيڪو علم ۽ ادب، ڳوناڻن، هارين، نارين، پورهيتن جي سيني ۾ سانديل ۽ سمايل آهي، اهو اسانکي ڪنهن به شهريءَ ۾ اصل ڪو نه ٿو ملي.

ٻهراڙين ۾ رهي ڪري لوڪ ادب جا بي مثال ۽ بيشمار خزانا سينن ۾ سانديندڙن جي سجاڻپ سگهڙ طور ٿيندي آهي، معنيٰ، سنو، سهڻو يا سليقي مند جنهن جي ذات ۾ ڏاهپ جا گوهر نرالا ۽ نوان هجن، جنهن جي اکرن جو اچار نج ۽ لفظن جو گهاڙيتو وزندار توڙي خوش اصلوبيءَ وارو هجي نون نقطن جي پلٽار جي باني کي سگهڙ سڏبو آهي.

سگهڙ لفظ کي مختلف معنائن ۾ بيان ڪيو ويو آهي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي موجب سگهڙ سنسڪرت جي شوگهٽ مان ورتل آهي. شو+ گهٽ گهڙيندڙ- سيبتو. ٻئي معنيٰ آهي، سؤگهڙ، معنيٰ سوين قسمن جي گهڙت ڪرڻ وارو، سگهڙائپ جي فن کي پرکڻ مان پتو پوي ٿو ته واقعي به ان وٽ سوين گهڙون (جوڙون+تخليقون) آهن. لوڪ ادب جي رنگ ۾ سگهڙن سنڌي ٻولي ڪان سواءِ ڪيترين ٻولين ۾ شاعري ڪرڻ، ڳجهارتن جي ڪيترن ئي قسمن ۾ پروليون يا نه ڳٺا، (گروچيلو) چوڻ، هنر جا لاتعداد گهاڙيتا ٺاهڻ، بيت بنا نقطي، هڪ لفظ تي واسع الشفتين (چپ چپ سان نه ملي) وغيره جهڙا ڪوڙ سارا عنوان لوڪ ادب

شاعري ۾ لکن ٿا جيڪي، ”سؤگهڙ“ جو دليل آهن.

عوامي راءِ موجب سُگهڙ کي ”سو ئي گهڙ“ ڪرڻ وارو به چيو ويو آهي، سوئي = چونڊي، گهڙ = ٺاهڻ، جنهن جي معنىٰ چونڊي ٺاهيندڙ ٿئي ٿو، ته سگهڙن جون ڳجهارتون هجن يا ڏور جا بيت ان ۾ ڳجهارتن جا بند يا پاوا، توڙي ڏور بيتن ۾ ٻُجهن، لڪيل لفظن جا انبار به ڏات ڏٽين پاران هڪ هڪ لفظ ڪري چونڊيا ويندا آهن، ساڳيءَ ريت سينگار شاعريءَ تي ”ڏهس“ وارن بيتن ۾ پڻ سوئڻ ڪان ڪم ورتو ويندو آهي.

سگهڙن لوڪن ۾ نئين جوت جاڳائي انهن جي زندگيءَ ۾ ڪار وهنوار جي سفر کي ڪنهن حد تائين سئولو ڪري ڇڏيو آهي. سگهڙن سنڌ جو اهم، اڻ ميو خزانو محفوظ ڪري پاڻ وٽ رکيو آهي. ان قيمتي خزاني کي هنن نه صرف سانديو، سنڀاليو آهي پر وڌايو به پڻ آهي ۽ هميشه ان ۾ نت نوان خيال جوڙيندا رهيا آهن، ائين ڪٿي چئجي ته سگهڙ شاعريءَ جي ابتدائي يا پهرين منزل آهي. لوڪ ادب جي باغ جي آبياري ڪندڙ، باغبان سگهڙ آهن. هن نوڙت ۽ نياز، سڪ ۽ محبت، فن ۽ فڪر جا ڏٽي آهن جيڪي ٻوليءَ جي هنرمنديءَ جا ماهر سڏيا وڃن ٿا ۽ اهي لفظ اچارڻ ۾ ڪو به وڏاءُ ناهي ته جيستائين اسانجا سگهڙ حيات آهن، تيستائين سنڌي لوڪ ادب کي ڪو به لوڏو لهر نه آهي.

افسوس سان چوڻو ٿو پئي ته ”سلات“ جي ڏهن سالن جي جدوجهد دوران ڪيل مشاهدن موجب مون ڏٺو ۽ ٻڌو ته پاڻ کي اعلىٰ اڪابر سمجهندڙ ڪجهه نام نهاد اديبن، سگهڙن بابت رايا ڏنا ته سگهڙ شاعر ناهي ۽ سندس ڏات کي ادب نٿو چئي سگهجي. ان ڪشمڪش ۾ منهنجي کوج جاري هوندي هئي ته آخر ان جو مستند جواب نظر آيو.

سگهڙائپ کي شاعريءَ کان جدا فن سڏيندڙن بابت سنڌ جو





نامور محقق عبدالوحيد جتوئي پنهنجي 1998ع دوران تصنيف ڪيل ڪتاب، ”سنڌي شاعري فن ڪان فڪر تائين“، جي صفحي نمبر 188 تي لکي ٿو ته:

اسان وٽ هڪ معاملو تمام گهڻي وقت ڪان بحث هيٺ رهيو آهي ته ”سگهڙائپ شاعري ناهي“ ۽ ”سگهڙائپ شاعري آهي“ ڪنهن دوست چيو ته سگهڙ پائي فن آهي، جڏهن ته شاعري ڏات آهي. پر آئون ان دوست کي ٻڌائيندوهلان ته ڏات جي پيٽ ۾ ڏانءُ يا فن ڏکيو هوندو آهي. ڏات ڏٽي تي”آمد“ ٿيندي آ. جڏهن ته ڏانو ۾ ”آوردن“ ڪم ايندي آ. يعني هڪڙي ماڻهوءَ کي ڪا نهيل نڪيل شيءِ تي ملي، ۽ ٻيو وري ساڳي شيءِ پاڻ ٿو پيدا ڪري. اسان اهو چڱي طرح سمجهون ٿا ته ڏات ڏٽيءَ جي نسبت ۾ ڏانءُ ڏٽي (فنڪار) جو ڪم، ڪجهه گهٽ درجي جو هوندو آهي پر ان جو اهو مقصد ته ناهي، ته فنڪار جو ڪم ان زمري ۾ شامل نٿو ڪري سگهي. هرگز نه! ڇو جو سگهڙ پائي جيڪڏهن نظم (شاعري) ناهي ته مشڪل سان نثر به ته ناهي نه!جيئن ته اسان هاڻي چڱيءَ طرح ڄاڻون ٿا ته سگهڙپائي ۾ منظوم خصوصيتون تمام گهڻيون هونديون آهن، جن ۾ قافياگيري يا ٽُڪ بندي، رواني، لفظن جي نزاڪت انهن جي منظمي، شاعرانه سٽاءُ ۽ ٻيهڪ وغيره ۽ ها رهي ڳالهه لفظي يا نظمي غنائيءَ جي جيڪڏهن سگهڙائپ، غنائيه ڳائجندڙ شاعري جي رنگين خوبين ڪان وانجهيل آهي ته اها بياني شاعري جي هر خوبي سان وري سر شار ضرور آهي. ڇو جو اسان پنهنجي سگهڙ کي ڪڏهن ڪربلائي واقعي جو منظر چٽيندي ڏسندا آهيون، ته ڪڏهن پنهنجي محبوب جي واکاڻ ڪندي ٻُڌيندا آهيون، ڪڏهن هوش محمد شيدي سان جنگ ۾ همراهه ڏسندا آهيون ته ڪڏهن وري ڪيس سسئي سان گڏ ڪوهياري ڳائيندي ٻڌندا آهيون. چوڻ جو مقصد اهو ته سگهڙپائي به بياني شاعري جي دائري

۾ اچي وڃي ٿي. ۽ دوستن کي اهو ٻڌائڻ ضروري ٿو سمجهان تہ سگهڙ بياني شاعري جو روان درياهہ هوندو آهي. جيڪو هڪ ئي وقت ڪئي قصا، عشقيہ داستان ۽ الميہ آهون بيان ڪري ٿي ٿو سگهي. اهو ئي سبب آهي، جو اسانجي روايتي ڪچهرين ۾ جيڪو لطف ۽ رونق سگهڙ پيدا ڪندو آهي، اتي اسان جو شاعر خاموشيءَ ڪان ڪم وٺندو آهي. جنهن جي ڪري ئي سگهڙ کي ڪچهريءَ جو ڪوڏيو ۽ محفل جو مور چيو ويندو آهي. هونءَ بہ هڪ ئي وقت سوين منظوم واقعا ياد پڙهڻ انهيءَ ڳالهہ جي چٽي نشاندهي ڪن ٿا تہ سگهڙ شاعر بہ آهي ۽ سندس ڪم وري شاعرانہ گڻن سان پرپور آهي. جيڪو ٻڌندڙ کي محظوظ ڪري ٿو ۽ متس اثر انگيز ٿئي ٿو. اسان وري جيڪڏهن ادب جي حوالي سان ڳالهہ ڪريون تہ سگهڙ اتي بہ مناسب لڳندو ۽ پنهنجي ڪم جي حوالي سان سورهن آنا نهڪندو. ڇاڪاڻ تہ ادب بہ ٻن نمونن جو ٿيندو آهي. پوءِ اهو دنيا جي ڪهڙي بہ ٻولي ۽ قوم جو ادب هجي پر ان جا ٻہ نمونا ٿيندا آهن.

1) پڙهيل لکيل طبقي سان منسلڪ ادب، جنهن کي معياري ادب ٿا چئون.
2) گهٽ پڙهيل يا وري صفا اڻ پڙهيل طبقي سان وابستہ، جنهن کي لوڪ ادب يا ماڻهن جو ادب چئبو آهي.

ڪهڙا ماڻهو؟ جيڪي ڪنهن بہ زبان جي آدم شماري جو گهڻو حصو والاريندا هجن. ڏسڻو اهو آهي تہ ڪنهن بہ ملڪ جي آدمشماري جو گهڻو حصو ڪٿي هوندو آهي؟ ظاهر آهي ان جي ٻهراڙين ۾، ۽ ٻهراڙين ۾ وري اڻ پڙهيلن جو انگ ڪجهہ سرس هوندو آهي. جنهن ڪري اتان جو ماڻهو/ رهاڪو خاص نہ، پر عام ماڻهوئي چوڻ ۾ ايندو آهي. اهڙي طرح جڏهن ڪنهن بہ ملڪ جي ڪا بہ صنف، پوءِ پلي ادبي هجي، سياسي هجي، معاشي هجي يا





معاشرتي هجي، جنهن کي ساڳي ملڪ جي ٻهراڙين ۾ بيحد پسند ڪيو وڃي تہ اها صنف عوامي صنف طور ڄاتي ويندي آهي. پوءِ ضروري ناهي تہ اها صنف، (شاعر، اديب، فنڪار ۽ سرمائيدار وغيره) پيدائشي يا رهائشي طور ٻهراڙيءَ سان ئي واسطو رکندڙ هجي اها ڪٿان جي بہ ٿي سگهي ٿي.ساڳي ڳالهہ اسان جي سگهڙ جي بہ ٿي وئي، جنهن جو واسطو ٻهراڙيءَ سان هوندو آهي. ۽ هوندو بہ صفا اڻ پڙهيل يا گهٽ تعليم وارو آهي. پر هن ۾ لوڪ ادب جون لاتعداد ۽ لامحدود خوبيون موجود هونديون آهن. جنهن جي ڪري ڪيس لوڪ ادب جي پاسبان ۽ لوڪ ادب جي مصنف طور ڄاتو ويندو آهي، يا ٻين لفظن ۾ ڪيس (لوڪ ادب جو) اڻ ڇپيل ۽ ڳالهائيندڙ ڪتاب چيو ويندو آهي. مطلب تہ جهڙي طرح معياري ادب ۾ شاعر جو مقام هوندو آهي. اهڙي طرح لوڪ ادب ۾ سگهڙ جو بہ مقام آهي.[1]

نوجوان اديب عبدالوحيد جتوئي صاحب جي تفصيلي ۽ تحقيقي معلومات ڏيڻ کان پوءِ هڪ نظر لوڪ ادب جي فن تي بہ وجهون ٿا تہ ان جي شاعري جو ڏانءُ ۽ ڏاهپ جو گهاڙيٽو ڪيئن ۽ ڪهڙي طرح آهي.

لوڪ ادب کي سمجهڻ لاءِ ضلعي لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوڪري پرسان عبدالصمد چنہ جي ڳوٺ جي رهواسي نوجوان ۽ تعليم يافتا سگهڙ راحب علي چني جو لکيل نج لوڪ ادب تي ٻڌل "ڏاندن جا قسم، انهن جا سجاوتي سينگار" ۽ ڏاند ڳاڏيءَ سميت ڍڳن ذريعي استعمال ٿيندڙ ڪچري، (سانهر) وغيره جو هي بيت ڏجي ٿو جنهن مان ٻوليءَ جي حسناڪي ۽ لوڪ ادب شاعري جو نجپڻو ظاهر ٿئي ٿو.

[1] سنڌي شاعري فن کان فڪر تائين: عبدالوحيد جتوئي

## "ڏاندن جا قسم، انهن جا سجاوٽي سينگار"

جوڙي جوڙ جهان جي، آصاحب رب سڪندر
رمز وارا هن راڻي جوڙيا، مالڪ سڀ منظر
انسانن مٿان آڳي وڏا، رنگ لاتا رهبر
دوستو ڪيان تو دل سان، هي گفتو ٻڌو گوهر
تہ ڏاندن جون جنسون ڏاهپ سان، ڪيان ذوقئون تو ظاهر
جهرا، ڪارا، ٻگا، پولا، عام ڏارين اڪابر
نهرا، ناسي، ڳاڙها، پوما، اعلىٰ سي انتر
ڪڪڙا، ڪتا، ساوا، تيلا ٻيو پورا وٽن بهتر
سنگر، چونئرا، واڇين ونائين ڪندا ساهہ ثمر
ٻولائن ڪي ڀهڪن ڏسي، ڏاريندڙ دلبر
تاسرا، تجلا، ڪجلا ڪافي، وڏ جذبا تن جوهر
ڏاندن ڪي ڏني ڏاڍي آهي، طاقت هي تونگر
ٻٽارا ڪم تا بي حد اچن، پائو سي پلر
ڳاڏيءَ جڏهن گوبر، ڄٽن، ڪرڙا ڪٽن ڪر
ڏاند ڳاڏي برابر تن جي، ناهي قيمتي ڪاريگر
ڳن وڏائينس ڪرڙي، سرڙي، جهريون جان جگر
ڪچريون، تاڙيون، قيمتي تنهن ۾، وڌس ارا اڪابر
ٻيو طاق تنهن ۾ طاقت وارا، اٿس زور زبر
ٽيريون، ڪڪريون، ڪرهو ڪيڏو، وڌو اٿس وينجهر
جهاليون، سرائي، لار لاڪيٽي، هنيانءُ ٺار هر هر
وهاٽي، منجو، پيرا پياري، وڌس مان پرئي ماستر
ٽانيو، ونگ ۽ ڪليون، ڪوڪا وڌ ڪوڏن منجهہ ڪٿر
ڪلا، ٻٽ ۽ چٽ سهٽا سر رڪيس لال لهر
ڊڪڻ منهنجي روح جا راٽا، جن هيرا ناهيا هر
ڪچريون ناهيئون قيمت ور ۽ سون جهڙا سانهر





پاجاري واهه پرينءَ ناهي پر وڏ ڏورڻن ڪي ڏر
هاٽي ٻڌو هي خبر اي قربائتئو ڪونتر
تہ شوقين ٺاهن شوق مان، تا عجب ناڙو انور
ڳهہ ڏاندن ڪي ڳانيون سريون، اتم ٺهن اڪثر
نٿ، رسو ۽ پنجوڙيون پياريون، زور پلا زيور
جهلون ڏاندن ڪي جام ٺهن، ٻيو جيءُ ٺاري جهالر
گوبرن جو گويون رکن، سالڪ سمجهہ ور
پري پري ڪان پيارا اچن، ميڙي جا ماهر
جوڙو ڪٽي جڏهن جنهن جو، ٺهڪيو ڪن ٺهڪر
ڪي جهمريون هڻن تا جانبڙا، ٻڌي دهلن جا دڌڪر
ڪي فائر ڪن فقير چئي، مان پريا معتبر
"چنا" سب ڪو چين تو پائين، گنج ڏسي گوبر
چا لکي ۽ چا تون لکندين، شوق منجهان شاعر
راڻي توکي "راحب" ڏني، ڏات اٿئي ڏاتر
پاڪ ڏٽي پرور، اٿئي اڏيو "عبدالصمد" ۾

ساڳي طرح مٿئين بيت ۾ جهڙي طرح لوڪ ادب جو نچپٽو نظر اچي ٿو اهڙي طرح وڌيڪ سمجهائڻ خاطر راقم الحروف (عاجزلاشاري) جو لکيل "ڪُڙميءَ جي ڪِرت" سان لاڳاپيل استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ جا نج لفظ هن بيت ذريعي لکجن ٿا.

### ڪُڙميءَ جي ڪِرت

سدائين هجن سرها، سانگي منهنجا سنگهار
هاري سيئي هنرائتا، ويڙهيچا وينجهار
"الڪاسِب حبِيبُ الله" آچيو نبي ننگدار
ڪي ريج ڪن ڪئنالن جو، ڪي نر وهائن نار

آڏيءَ، اسر، صبح، سانجهي، ھُولي تي هوشيار
ٻيجاري واري ٻنيءَ ۾، لوٻي کن لڄادار
هر هلائن حرفت سان، تا چاهه رکي چوڏار
وڏا پتر وٿوهڙ سان، سي پورين ٿا تہ پتار
سڌي نہ ٿئي سموري، تہ پوءِ کيڻ جي کنس ڪار
ڪوڏر ڪٽي ڪوٺائي ڪن، سي ڪلها هٽي ڪنڌار
ٻاهرئين پاسي ٻنا ٻڌن، هي ڏاها ڪٽي ڏاندار
ڪهاڙي سان ڪپي اچن، ڊنگهرن وارا ڏار
ٻيانو ڪٽي ٻاهران ڏين، ڪي لوڙهو وري ڏار
کهيڙي سان ڪوٽي ڪڍي، گاهه کن گلزار
ڪنهن چاتو ڪيو چر ۾، ڪنهن رونبي جي ڪئي ونگار
فصل پوءِ فرحت سان، نسري ٿئي نروار
اونهارو، سيارو، سرءُ، يا هجي مند بهار
ڪٽي ڪانياٽي پيهي مٿان، هڪلن ويهي جهار
پوءِ تہ ڏاها ڏاتي سان، تا لٽي کن لابار
ولِ ڪٽي وريام ڪن، ٻين کان وڏي ٻار
ڳاهي ڳاهه ڳوناٽا، تا راهه وڏي کن تيار
تورڻ لاءِ تڪڙو ويهي، ڪانٽي تي ڪمدار
ڪٽي ڪٽا ڪڍيءَ جا، هاري تي هوشيار
”عاجز“ ادا اهي اٿئي، ڪڙمي جا ڪردار
صاحب رب ستار، لطف ڪيس ”لاشاري“ چئي

ان لوڪ ادب جي خالق سگهڙن کي هن ادب جو پاسبان يا تصنيف ڪندڙ سان گڏ ”بياني شاعريءَ جو روان درياهہ“ سڏيندڙ نوجوان محقق عبدالوحيد جتوئي آخر ان ڳالهہ کي بہ کولي ٿو تہ هي سڀاجها سگهڙ پنهنجي علائقائي زبان جا ترجمان آهن ۽ سندن





پڙهٽي بہ انهن عام ۽ سادن لفظن ۾ هوندي آهي تہ هاٽي ان ٻوليءَ، جنهن کي اسان سنڌي ٻولي سڏيون ٿا، ان جي حقيقت کي سمجهڻ لاءِ اديبن جا رايا معلوم ڪريون.

سنڌي ٽائيمس پبليڪيشن، الهاس نگر (ڀارت) پاران شايع ڪيل ڊاڪٽر پرسو جيسارام گدواڻي جي ترتيب ڏنل ڪتاب ”سنڌي لوڪ ورثو“ جي مهاڳ ۾ ڀارت جو نامور ليکڪ ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي ڪتاب جي صفحہ نمبر 44 تي لکي ٿو تہ:

سنڌي ٻوليءَ جا اٽڪل ڇهہ لهجا ليکيا تا وڃن. جيڪا سنڌي ٻولي، اسان سنڌي درسي ڪتابن ۾ پڙهون ٿا يا لکون ٿا، اها ئي فقط سنڌي ٻولي ناهي پر سنڌ جي جدا جدا حصن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا الڳ الڳ لهجا آهن.

سنڌي زبان (ٻولي) جي لهجن (محاورن) ۾ سرو، وچولو، لاڙي، ٿري، ڪوهستاني ۽ ڪڇي نمايان آهن.

وري انهن مان هر هڪ ٻن يا ٻن کان وڌيڪ ننڍن لهجن يا محاورن ۾ ورهايل آهي. جاگرافيائي حالتن سبب ائين ٿئي ٿو، ان کان سواءِ مختلف هنر مندن ۽ ڪمين ڪا سڀين جي اچارن ۾ گهٽو فرق ٿئي ٿو. هر هنر مند پنهنجي پنهنجي پيشي جي مناسبت سان ڪي انوکا لفظ ڪم آڻي ٿو، اهڙو فرق واڍن، ڪنڀارن، لوهارن ۽ موچين جي ٻولين ۾ نظر ايندو.

ان جو مطلب ٿيو تہ سنڌ ۾ جاگرافيائي حالتن مطابق ڇهہ محاورا يا لهجا تہ آهن ئي پر انهن محاورن، لهجن ۾ بہ جدا جدا پاڙن يا برادرين وٽ پنهنجا پنهنجا لفظ آهن. جئين اتر سنڌ ۾ سنڌي زبان جو لهجو ڳالهائڻ ۾ اچي ٿو ان کي سرو يا سرولي (سر معنیٰ مٿو يا مٿاهون حصو) لهجو ٿو سڏيو وڃي ۽ سنڌ جي وچ واري حصي ۾ ڳالهائڻ ۾ ايندڙ لهجو وچولو. ان نموني سنڌ جي هيٺئين حصي يعني لاڙ ۾ لاڙي، ٿر واري حصي ۾ ٿري، ڪڇ سان

لڳندڙ حدن جي رهندڙن ۾ ڪڇي ۽ ڪوهستان جي پاسي وارن حصن ۾ ڪوهستاني لهجا ڳالهايا ٿا وڃن، پر انهن سڀني محاورن يا لهجن کي گڏي سڏجي ٿو ”سنڌي ٻولي“ يا ”سنڌي زبان“.[1]

ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي جي ٻڌايل معلومات کان پوءِ وري ساڳي ڳالهه کي ڪٽجي ته ”لوڪ ادب“ سنڌ اندر سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي سرجيو وڃي ٿو، جنهن کي ٻي طرح عام شاعري به ڪو ٺجي ٿو.

سنڌ جي لوڪ ادب جي صنف تي تحقيق ڪندڙ سڄڻن، لوڪ ادب جي صنفن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ تي به معلوماتي چنڊ ڇاڻ ڪئي آهي. هن سلسلي ۾ علامه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي تحقيق هيٺ آندل ڪتاب ”ٻيلاين جا ٻول“ ۾ لکي ٿو ته:

عام شاعري لغت جي اڻ ڪٿ کاڻ آهي. عام جو شاعر سر زمين سنڌ جي هر خطي ۾ ماحول جو نيپاج آهي. هُو عام فهم زبان ۽ ان جي اصطلاحن کان علاوه پنهنجي ترَ ۽ ڀوءِ جي خاص لفظن ۽ محاورن جو به ماهر آهي، جن کي هُو پنهنجي شعر ۾ فطري طور، ان جي اصلي ۽ تحقيق خواهه اصطلاحي معنيٰ ۾ استعمال ڪري ٿو. اهڙيءَ طرح هر ماحول ۽ هر پاڳي جي شاعر پنهنجي ٻوليءَ کي شعر جي ماٽيءَ ۾ وِلوڙيو آهي ۽ ڪيترن ئي نون ۽ انوکن لفظن کي مکڻ جي ڦُٽين مثل پنهنجي ڪُني مِني جهڻ گڏي پارکن آڏو پيش ڪيو آهي. جيڪڏهن مُلڪ جي هر ونهيين وِلوڙيندڙ شاعر وٽان، انهيءَ مهي ۽ جهڻ جي وِرڇ ونجي ته هوند لفظن ۽ لُغت جي گيهه مکڻ جا ڍڳ لڳي وڃن، ۽ اسان جي سنڌي زبان سائي، سرهي ۽ سٺيي ٿي پوي.

**ڊاڪٽر صاحب اڳتي فرمائي ٿو ته:**

عام جا شاعر اصلي ۽ نج سنڌي ٻوليءَ جا ابا آهن. هنن جي

[1] سنڌي لوڪ ورثو: ڊاڪٽر پرسو گدواڻي



سهڻل جا سينگار

اِرد گِرد روز مره جي گفتگو ۾ لفظن جا وڏُٽڪ ۽ اصطلاحن جي فطري گهڙ پيچ لڳي پئي آهي، نوان نوان محاورا ۽ الفاظ برجسته زبانن مان نڪري، عام ڪچهرين ۾ پچي پُختا ٿي، پيا رواج ۾ اچن. ٻوليءَ جو اصلي لفظن جو قديم ذخيرو به جن ٻهراڙين ۾، جن کي شهري هوا اجا گندو نه ڪيو آهي، محفوظ ۽ سلامت آهي ۽ وڏڙن جي صدري دفتر ۾ سمايل آهي ۽ پُشت ٻپُشت موروثي طور هلندو اچي. هر ڪنهن فن ۽ ڌنڌي جي اطوران اوزارن، محاورن ۽ معنائن جا نج سنڌي نالا، اصلي سنڌي ڪاريگرن وٽ محفوظ ۽ مُروج آهن. لوهارن، واڍن، ڪورين، ڪنڀارن ۽ ملاحن وٽ انهن فني نالن جون فهرستون موجود آهن.

مطلب ته سنڌ جي لوڪ ادب ۾ اهڙو ته لطف ۽ سوز سمايل هوندو آهي، ۽ اهڙو ته رس ۽ لئي پريل هوندي آهي جو ٻڌڻ واري جي دل ۽ دماغ تاثر جي انتهائي گهراين ۾ گم ٿيو وڃن، ۽ هو پاڻ کي انهيءَ گهڙيءَ اهڙي ماحول ۾ تصور ڪرڻ لڳندو آهي، جتي فطرت پنهنجي حقيقي ۽ لافاني لباس ۾ ڳائيندي نچندي، ٽِپندي ۽ مسڪرائيندي نظر ايندي آهي.[1]

مٿي بيان ڪيل ڪچهريءَ جي اهميت، افاديت سميت سگهڙ جي فني مقام سگهڙ لفظ جي تشريح بعد سگهڙن جي زباني روايتن توڙي فن شاعريءَ ۾ عوامي ٻوليءَ جو استعمال هجڻ ڪري سنڌي ٻوليءَ جي محاورن جو به ذڪر ٿيو ۽ گڏ وڳڏ سگهڙن جي ٻوليءَ ۾ رواني مناس، نج پڻو، عوامي رنگ ۽ رونق جي اهميت بابت ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ کان آگاهي حاصل ڪرڻ بعد سندس اجا به قيمتي ۽ ڪارائتا گفتا پڙهنداسين پر ڊاڪٽر بلوچ سان گڏ ڪجهه ٻين اديبن سينگار شاعري جي

[1] (حوالو: سنڌي لوڪ ادب: ترتيب ڊاڪٽر ٻلديو ٻختراءِ مٽلاڻي. يونيورسٽي آف بمبئي) سال 1998ع

حوالي سان چا بيان ڪيو آهي مختصر ۽ جامع طور سندن ڏاهپ ڪي قلمبند ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي اٿم سا هن ريت آهي:

سينگار لفظ جي وضاحت ۾ عالمن جا مختلف رايا آيل آهن جنهن ۾ ٻڌايو ويو آهي تہ "سينگار" يا "سنگار" پراڪرت ٻوليءَ جو لفظ آهي ۽ ان ڪي سنسڪرت ۾ شرنگار لکيو ويو آهي، شرنگ = پيار جو وڌڻ + ر = وجڻ. يعني اها سجاوٽ جنهن جي ڪرڻ سان من ۾ پيار وڌي ٿو شوپيا سجاوٽ، سونهن، ناهہ نوهہ وغيره. ڪتاب "سنڌ جو سينگار" ۾ ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو هڪ ٻئي علمي ماهر پياري لال جي لکيل ڪتاب "شر نگار شاستر" جو حوالو ڏيندي ٻڌائي ٿو تہ "اسان جي ديس ۾ استرين (عورتن) جا سورنهن سينگار، پراچين زماني کان هلندا پيا اچن".

"سينگار جا بيت، سنڌ جي سگهڙ شاعرن چيا آهن، سي دراصل هندي بيتن جو تتبع آهن. سنڌي شاعرن، هندي دوهن کان متاثر ٿي، پنهنجي ماحول ۽ فضا موجب، محبوب جي سينگارن کي خوب ڳايو آهي. جيتوڻيڪ تشبيهون گهڻو ڪري ساڳيون قائم رکيون اٿن، ساڳيءَ ريت سندن بيتن ۾ ماحول جو اثر نمايان آهي. محبوب جي وڻندڙ وصفن کي پنهنجي روز مره جي عام شين سان تشبيهہ ڏيئي، پنهنجي ٻلند خياليءَ ۽ ذهني ذوق جو خاڪو پيش ڪيو اٿن.[1]

مطلب تہ سنڌي شاعرن بہ هندي شاعرن واري روش اختيار ڪئي. هندي دوهن مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو تہ محبوب جا سورنهن سينگار آهن. انهن سورنهن سينگارن کي وري ٻن نمونن ۾ تقسيم ڪيو اٿن.

(الف): فطري سينگار
(ب): مصنوعي سينگار

(الف): فطري سينگار ۾، شاعر، محبوب جي فطري وصفن

[1] سنڌ جو سينگار: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو





کي، پنهنجي ماحول جي شين سان پيٽي، محبوب جو رتبو وڌائي ٿو. انهن سينگار جي بيتن ۾، اهي ساڳيا واسينگ وار، ساڳيا ڳل، ساڳيا پرون، ساڳيون بادامي ۽ بيڪاني اکيون، ساڳي روشن پيشاني، آمونڪ، لعل لب، سرُوقد، چابڪ چيلهہ جي ڪبڪ رفتاري، ٻانهن جي لوڏ، رنگت ۽ خوش پوشاڪيءَ جو ذڪر سمايل رهي ٿو. جن فطري سينگارن کي سنڌ جي ڪيترن ئي سدا ملوڪ سگهڙن خوب ڳايو آهي.

فطري سينگار ۾ ڳاڻيٽو سڄاڻ سگهڙن "سورنهن سينگار" ڄاڻايا آهن. جن سان حُسن جون تشبيهون لڳايون اٿن. هندي سگهڙن جا اهڙا دوها، عام جام ان وقت اندر مُروج رهيا آهن جيڪي اڳتي هلي سنڌ ۾ رڙهي آيا. اهڙن دوهن ۾ فطرت جون چار چار سُهڻيون شيون ورتيون ويون آهن، جن سان حُسن جون تشبيهون لڳايون اٿن.

جيئن هي هنديءَ جو دوهو آهي تہ:

چار چلونت، چار ُڏنت، چار ُقول، قل چار،
اي سولهن ئي سينگار، آ پرن هين اٺ چار.

شاعر محبوب جي حُسن جون جملي سورهن وصفون بيان ڪيون آهن.

جيئن چار چلونت: معنیٰ هلندڙ جانور.
چار ُڏنت: معنیٰ ُڏامندڙ پکي وغيره.
چار قـول: مـــعنیٰ گـــلزاري ُگل.
قل چار: معنیٰ باغاتي ميوا.

۽ بعد ۾ وري محبوب کي وڏيڪ ڀهڪائڻ يا سندس حُسن کي دوبالا ڪرڻ لاءِ (آيرن) زيورن جو ذڪر ڪري ٿو، جيڪي سندس خيال موجب اٺ + چار يعني ٻارنهن آهن.

فطري سينگارن ۾ سنڌ جي سگهڙن جيڪي تشبيهون يا

استعارا ڪتب آندا آهن انهن مان نموني طور هيٺين سمجهاڻي ڏجي ٿي.

هرڻ جهڙيون اکيون
شينهن جهڙي پتلي ۽ لڪدار چيله
گهوڙي جهڙو شانائتو ۽ ڳنڀير ناز توڙي نخرو
هاٿيءَ جهڙي ڌيمي، ڌيمي (هوريان، هوريان) لوڏ.
(مٿيان چارئي هلندڙ جانور بيان ٿيا)
طوطي جهڙو، ڪنيو ۽ ڀوپڙو نڪ.
ڪوئل جهڙو، منوڳالهائڻ.
مور جيان، سنهي ۽ ڊگهي ڳچي.
چنبيليءَ جي گل تي، پيرا ڏيندڙ پؤنر جيان، وٽندڙ ڪارا پرون.
(هن ۾ چار اڏامندڙ پکي ڪم آيل آهن)
گلاب جهڙا، ڳل ۽ چپ،
سوسن جي گل جهڙا، ڪارا وار، گويا سنهيون ليڪون،
ڪيسر جي گل جهڙو، نرم، نازڪ ۽ سهڻو بدن،
ڪنول جي گل جهڙو، سدا بهار ۽ ٽهڪندڙ وارو چهرو
(هن ۾ چار گل بيان ڪيا ويا)
ڪيلي جهڙا، نرم هٿ، ڏاڙهونءَ جي ڪڻ جهڙا، جڙدار، ڳاڙهسرا، خوبصورت ڏند، سوپاريءَ جيان، ننڍڙي ٺوڙي ناريل جهڙا، چولي جي ڍڪ ۾ ڍڪيل پيارا پستان.
(هن ۾ ميوا بيان ڪيل آهن)

مٿئين نموني طور ڏنل مثالي تشبيهن مان اها ڳالهه به واضح ٿي ته اهي سيئي وصفون فطري آهن جن کي محبوب جا سورهن سينگار ڪونجي ٿو.

## (ب) مصنوعي (سجاوٽي) سينگار

هن جو مطلب آهي ته هترادو سينگار ڪرڻ، جيڪو حسن





جي اڻ کلي عيب کي به ڍڪي ۽ سون تي سهاڳي جو ڪم پڻ ڏئي. ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، جي- ٽي- پلئٽس جي حوالي سان هيٺيان سينگار ڄاڻايا آهن.

(1) ڏندڻ
(2) چورڻ (ڏند کي صاف ڪرڻ ۽ چلڪائڻ لاءِ پائوڊر) جيئن اڄ ڪلهه ڊنٽونڪ پاؤڊر يا ٽوٿ پيسٽ استعمال ٿئي ٿي.
(3) اُبٽڻ (سرنهن ۽ ترن جي تيل ۾ ڪيسو ڦل وجهي، تيل سرهو ڪري، ڪٽڪ يا جون جي اٽي سان ملائي، بدن کي هڻڻ لاءِ، ته جيئن ميل يا گندگي لهي وڃي) ان جي جاءِ تي اڄ ڪلهه ڪيميڪل مان تيار ڪيل بيوٽي ڪريمون استعمال ٿين ٿيون جيڪي پسارڪي وکرن جي ڀيٽ ۾ نقصان ڪار آهن.
(4) سندور (سينڌ پرڻ لاءِ)
(5) ڪيسر (پرن جي وچ ۾ تلڪ ڪيڻ لاءِ)
(6) سرمون يا ڪجل اکين ۾ پائڻ لاءِ
(7) بِندِي ( ٽڪڙو يا آلي، نرڙتي لٽڪي)
(8) سرهو تيل (وارن لاءِ)
(9) ڦڻي (ڪنگي) (ڪنگو) وارن ڇڏائڻ يا سينڌ ڪيڻ لاءِ
(10) آرگجا، ڪيسر، چندن ۽ ڪافور جو ڀورو يا ڪٿو، منهن ۽ ٻانهن کي لائڻ لاءِ
(11) پان – زبان جي ڳاڙهاڻ لاءِ
(12) مسي، (ڏندن کي سهڻي ڪرڻ لاءِ ۽ عيب دور ڪرڻ لاءِ
(13) نير (ڳلي) نيرو رنگ ڪاڏيءَ ۾ تر ٻڌائڻ لاءِ
(14) ميندي
(15) گل جي ڪندي (وارن جي چوٽيءَ ۾ ٻڌڻ لاءِ)
(16) آ لتا، ڳاڙهو رنگ يا لاک جو رنگ، پيرن کي ڳاڙهو ڪرڻ لاءِ

هڪ ٻئي راوي رام گلام ڪوش انهن مٿين سينگارن کي، هينيئن ريت وڌيڪ کولي لکيو آهي.

(1) بدن جو ميل لاهڻ
(2) ڏندڻ ڏيڻ
(3) صاف ڪپڙا پهرڻ
(4) ڪجل لڳائڻ
(5) لاک جي رنگ سان هٿ پير ڳاڙها ڪرڻ
(6) وار سنوارڻ
(7) سينڌ ۾ سندور پرڻ
(8) پرن جي وچ ۾ تلڪ ڪڍڻ
(9) ڪاڏيءَ ۾ تر بنائڻ
(10) ميندي لڳائڻ
(11) خوشبو لڳائڻ
(12) پان چباڙڻ
(13) گلن جو هار (وارن جي چوٽيءَ لاءِ)
(14) ڏندن کي ڳاڙهسرو ڪرڻ
(15) لبن کي لال ڪرڻ لاءِ سُرخي وغيره
(16) زيور پائڻ (ڳچيءَ جو هار)ُ قلي، والا، جهالا، نٿ، نسبيون وغيره

مٿي بيان ڪيل دوهي ۾ اٺ چار وارو پد: سوء اٺ چار يعني ٻارهن، اشارو آهي، محبوب جي ٻارهن ُڳڻ (لڇڻن، خوبين) ڏانهن جنهن بابت مختلف محققن هڪ جهڙي راءِ رکي آهي تہ:

(1) پيرن جون پٽيون (پايل)
(2) چيلهڪي
(3) چوڙيون
(4) منديون





(5) ڪنگڻ
(6) ٻازو بند
(7) هار
(8) ڪنمال
(9) بينسر بولو
(10) ڳن (ڪن جو زيور) والا، واليون وغيره
(11) ٽڪڙو (پرون جي وچ ۾)
(12) چوٽي ڦل[1]

مٿي بيان ڪيل ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو جي راءِ کان پوءِ "سنڌي سينگار شاعري" ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب فرمائي ٿو تہ:

"شر نگار رس" جي بنيادي اپاريندڙ (عورت) جي سهڻي ۽ سينگاريل تصوير جي ذهن نشين ڪرائڻ لاءِ نڪتہ دانن هينيان اناويهہ زيور، جوان عورت جي حُسن کي چمڪائڻ لاءِ ڪارگر قرار ڏنا آهن:

(1) ڪيف شوق
(2) وجد محبت
(3) جوش محبت
(4) رنگ ۽ روپ يعني جسماني حُسن
(5) رعناعي
(6) جمال
(7) محبوبيت
(8) پختہ ڪاري
(9) نرمائي
(10) ثابت قدمي

[1] سنڌ جو سينگار: ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

(11) مما ثلت يعني تہ اندام، لباس، زيورات ۽ محبت پرين ڳالھين ذريعي محبوب سان مشابھت پيدا ڪرڻ.
(12) ادا
(13) سينگار، يعني فطري حُسن کي چمڪائڻ خاطر تورو ظاھري سينگار ڪرڻ: مثلاً شفاف پاڻيءَ سان غسل ۽ بدن جي صفائي، پان سان لب ڳاڙھا ڪرڻ ۽ نرم، نازڪ ۽ صاف ڪپڙا پائڻ.
(14) غرور حُسن
(15) رنگين ڪرشما يعني تہ انتھائي مرغوب شيءِ جي حاصل ٿيڻ واري خوشي سبب ذرا مُرڪ، ذرا گريہ خشڪ، ذرا ڪل، ذرا خوف، ذرا ڪاوڙ ۽ ذرا انوکيءَ ٽَڪ جو اظھار ڪرڻ
(16) محويت جي ادا
(17) جھجھڪ
(18) گھبراھٽ
(19) نزاڪت
(20) ناز
(21) شر ميلائي
(22) ونجھل
(23) جاٽي اڻ جاٽائي
(24) آس
(25) اشتياق
(26) ٺھڪ
(27) چرڪڻ
(28) چلولائي

ظاھر آھي تہ ھن اصلي ۽ اصولي نظريي موجب، جوانيءَ ۾ حُسن جا متيان چمڪائيندڙ اسباب زيادہ تر محبوب جي جذبات ۽ احساسات ناز و ادا جي نفسيات، مخصوص رد عمل ۽ حرڪات،





حسن اطوار ۽ عادات سان تعلق رکن ٿا. محبوب جو جسماني ۽ ظاھري سينگار انھن اناويھ ذريعن مان فقط ٻہ ذريعا آھن.

”سينگار رس“ جي استاد شاعرن، پنھنجي شعرن ۾ مجموعي طور انھن سيني حسين ادائن ۽ دلفريبين کي بيان ڪيو، مگر سندن خاص توجھ ٻن مخصوص خوبين يعني ”حُسن جسماني“ ۽ ”ظاھري سينگار“ ڏانھن ئي مائل رھيو.

محبوب جي جسماني حُسن جو موضوع بذات خود ڪافي ڪشادو ھو: قدقامت، شڪل شبيھ، چھري جي رونق، رفتار ۽ گفتار جي مختلف نمونن ۾ ڪيترائي مضمون مخفي ھئا، اکين جي اشارن ۾ زلفن جي پيچن ۾ ڪيترائي بيان بيتاب ھئا. ان کان سواءِ ڏندن، چپن، نڪ، پيشاني، آ ڱرين، ۽ ٻين اندامن ۾ تشبيھات جا دفتر سمايل ھئا. مطلب تہ شاعرن لاءِ محض محبوب جي فطري حُسن جي تعريف جو مضمون ڪافي وسيع ھو. ان سان گڏ محبوب جي ظاھري ھارسينگار جي شامل موضوع ويتر ھن ميدان کي ڪشادو ڪيو. فطري حُسن جي گونا گون رعنائين جي تہ انتھا ئي ڪا نہ ھئي، مگر ظاھري ھارسينگار جي قسمن کي شمار ڪرڻ نسبتاً آسان ھو، انھيءَ ڪري ھن فن جي ماھرن عورت جا جملي”سورنھن سينگار“ قرار ڏنا. ان بعد ”سورنھن سينگار“ بذات خود ھن فن جو ھڪ خاص مضمون بنجي ويو.[1]

لوڪ ادب جو ماھر ۽ محقق ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنھنجي ڪتاب ”وينجھار“ ۾ لکي ٿو تہ ”سينگار شاعري“ ذريعي سنڌ جا سگھڙ پنھنجي محبوب جي عادت ۽ اطوار، رفتار ۽ گفتار کي ڪن خاص ۽ موزون لفظن ۾ لڪائي پيش ڪندا آھن، جن جي ڪُلڻ سان جانب جي جلوي جي جوت ٻکندي آھي. سينگار جي بيتن

[1] سنڌي سينگار شاعري: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

۾ تشبيهون ۽ استعارا هوندا آهن. ۽ لفظي پوچ ۽ نفاست بہ قابل تعريف هوندي آهي، پو ان کي کي پنجتن پاڪ ڏانهن منسوب ڪن تہ ڪي دنيوي محبوب ڏانهن.

ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي "سنڌي ادب جو تاريخي جائزو" ۾ لکي ٿو تہ سينگار جي بيتن ۾ محبوب جي سونهن ۽ سينگار جي سارھ هوندي آهي. هنديءَ ۾ هن صنف کي"شر نگار رس" چيو ويندو آهي. جئين تہ سنڌيءَ ۾ بہ هندي شاعريءَ جي معرفت هي صنف رائج ٿي، انهيءَ ڪري سنڌي زبان جي سينگار جي بيتن ۾ بہ هندي شاعريءَ جون تشبيهون آنديون ويون آهن.

مشهور مؤلف الله بخش نظاماڻي پنهنجي ڪتاب "سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ" ۾ لکي ٿو تہ سينگار جي بيتن جي سهڻائي جو دارو مدار، سهڻين تشبيهن ۽ استعارن تي آهي، جن جي لفظي سٽاءَ ۽ پوچ قابل تعريف آهي ۽ انهن مان محبوب جي سونهن جو تجلو پيو نظر ايندو. سينگار جي بيتن ۾ در اصل مداح ۽ تعريف سمايل آهي، اهي بيت يا ڏوهيڙا هندي "دوهن" جي تتبعي تي آهن، جي گهڻي وقت کان هندي سگهڙن کان رڙهي سنڌ ۾ آيا ۽ سينگار جو فن مُروج ٿيو.

مشهور ليکڪا پروفيسر ڊاڪٽر فهميده حسين پنهنجي لکيل ڪتاب "شاھ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ" ۾ مٿي بيان ڪيل ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي ۽ مشهور مؤلف الله بخش نظاماڻي جي ڏنل راين جي بر عڪس هن طرح بيان ڪري ٿي تہ:

لوڪ ادب جي سلسلي ۾ جنهن صنف ۾ عورت جو ڪردارئي ان جو خاص موضوع رهيو آهي ۽ ان ڪانسواءِ ان صنف جو تصور بہ ڪري نٿو سگهجي سا آهي "سينگاربيت" جي صنف.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي تحقيق موجب اها صنف





اصل هنديءَ مان آيل آهي. هو انهن بيتن کي "هندي بيتن جو تتبع سنڌي تو ۽ لکي ٿو تہ "اسان جي سنڌي شاعرن هندي عشقيہ شاعريءَ کان متاثر ٿي پنهنجي واٽ ورتي. هندي ٻوليءَ ۾ هن صنف کي سينگار رس (اصل هندي شرنگار رس) چئجي ٿو".

ڊاڪٽر سنديلي مرحوم سان معذرت ڪندي آءٌ ان خيال جي آهيان تہ سينگار جا بيت اصل سنڌي صنف آهي، جا پوءِ هندي جي ٻين علائقن ۾ پهتي ۽ هنديءَ ۾ رائج ٿي. هندي ٻولي ۽ ادب سنڌي ٻولي ۽ ادب کان گهڻو پوءِ جو آهي. ان ڪري قدامت جي ڪري نقل ۽ تتبع هنديءَ وارن ڪيو هوندو ۽ نہ سنڌيءَ وارن! اها عشقيہ قسم جي شاعري ٿئي ٿي. سنڌي ۾ موجود سينگار بيتن ۾ ان ڪري ساڳيو ماحول ملي ٿو. لفظ تشبيهون، استعارا گهڻي قدر ساڳيا استعمال ڪيل آهن. هنديءَ ۾ وڃي اتان جي روايت موجب ان ۾ گهڻي تبديلي آندي وئي هوندي جيڪا پوءِ جي دورن ۾ وري سنڌيءَ ۾ ڦري آئي پر ان جو مزاج بدلجي ويو.

هن قسم جي شاعريءَ ۾ عورت جي جسماني ساخت، سندس بدني بناوت، عضون جي ننڍ وڏائي، رنگ روپ، هلڻي، مطلب تہ هر ڪنهن ڳالھ سان واسطو پوي ٿو. هيءَ هنديءَ ۾ تہ ذهني عياشيءَ لاءِ چيل معلوم ٿئي ٿو. ان ڪري هن ۾ عام سنڌي شاعريءَ جو مزاج تہ اصل ڪونہ لڀندو جنهن ۾ عورت کي جنس جي علامت طور ڪڏهن بہ پيش نہ ڪيو ويو آهي. عورت جي سونهن سوڀيا ۽ سينگار کي پنهنجا ماڻ ۽ ماپا ڏئي معيار مقرر ڪيا ويا آهن. جيڪا عورت انهن تي پوري آئي سا ئُي ڪشش يا جنسي علامت طور مڪمل عورت سمجهبي. هيٺ ڪجھ مثال ڏجن ٿا جن مان ظاهر ٿئي ٿو تہ اصل صنف سنڌي هوندي بہ عورت جو اهو تصور پوءِ جو ۽ ٻاهريون آهي نہ ڪي سنڌي، لڳي ائين ٿو تہ ان قسم جا شعر مختلف بياضن ۾ اچڻ جي ڪري سنڌي شاعرن

جي نالي ٻڌيا ويا آهن نہ تہ اهي اصل ٻين شاعرن جا آهن.

هنس چلن، ڪدليھ جنگھہ، ڪٹ ڪيھر، جم ڪهين،
مُــک سِهر، ڪنجرنين ڪـــچ شري قل، ڪنننہ وين.

هلڻ هنجھ جھڙو، ڄنگهون ڪيوڙي جهڙيون، لسيون ۽ سڌيون، چيلھ شينهن جهڙي سنهڙي، چهرو چنڊ جهڙو، اکيون خنجر جهڙيون، ڇاتي ناريل جهڙي اپريل ۽ اٿيل ۽ گلو ڪوئل جهڙو.

تقريباً اهو ئي مضمون سنڌ ۾ شاعر هن ريت پيش ڪيو آهي،

هنج هلڻي، ڪر ڪيلا، ڪٹ ڪيهر آليهر ڍار،
چند مُک، خنجر نيڻ، سُچ انار، ڪوئل گفتار،
قــد ســروان، سُــوڏو، نڪ آمــي جي ڦار،
اهي هن اطوار جانب جا تہ ”جـــــمال“ چئي.

هلڻي هنج جهڙي، هٿ ڪيلي جي ڦريءَ جهڙا، ڪمر شينهن جهڙي ۽ اليهر نانگ جيان ڊگها ڪارا وار، منهن چنڊ جهڙو، اکيون خنجر جهڙيون، ڇاتي ڏاڙهونءَ وانگر، لات ڪوئل جهڙي، قد سرو ڪان سڌو، نڪ انب جي ڦار.

”هنديءَ ۾ شرنگار رس جو اشتقاق ڪبو تہ: شرنگ معنیٰ ڪام ديو (عشق جو ديوتا) جو اڀرڻ ۽ معنیٰ وڃڻ. معنیٰ جنهن جي ڪرڻ سان من ۾ پيار وڌي ٿو“.

محبوب جي هن خاص قسم جي قدرتي سونهن يا سينگار کي ساراهڻ کانسواءِ ظاهري هارسينگار ۽ ناھ نوھ جي لاءِ بہ هن قسم جي شاعري ۾ معيار مقرر ڪري ڏنا ويا آهن. جن کي ”سورنهن سينگار“ چيو وڃي ٿو.

هڪڙي سونهن جيڪا قدرتي آهي ان جا معيار بہ سورنهن آهن تہ وري ظاهري سينگار جا بہ سورنهن طريقا آهن.[1]

نموني طور سمجهاڻيءَ خاطر گوريءَ جو سينگار بيت ڏجي ٿو:

[1] شاهہ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ





حُسن عجائب رنگ رچائي، گوريءَ ڪيا گلزار گهٽا
جهومر، ٽِڪو، چوٽيُقل ۽، سڀين ڪيا سينگار گهٽا
چوٽيون، بڪل، بهتر پائي ونـگ ڪيائين وار گهٽا
والا، واليون، جهالر، جهومڪ، ھُو بہ پاتئين ڏار گهٽا
بئينسر، بولو، نٿ ۽ ويندي، ڦليءَ ڪيا ڦٽڪار گهٽا
ڳل ڳچيءَ ڪنمال ۽ دهري، چمڪيا چندن هار گهٽا
بازو بندن، ٻانــهوٽتن، ٿيا چوڙين جا چمڪار گهٽا
چاندي چلڙو، سون جي منڊي، هيري ڪاڏا هزار گهٽا
پير ڪــڙيون، پازيب پيارا، چيرين جا چمڪارگهٽا
اهڙي طرح ٿيا ”عاجز“ عاشق، سونهن مٿان سردار گهٽا
پر جي منهنجو پرين پسن ۽ پوءِ تہ ڪن ويچار گهٽا
چون ائين سڀ چــاھ منجهان، هت جلوا هن جنسار گهٽا
خالق خــوبيون، خوب رکايون، پيغمبر ۾ پيار گهٽا
”لاشاري“ لــڄادار جي آهن، چهري ۾ چــمڪار گهٽا
ناز پريئي جي نيڻن ڪيا، هت شهنشاھ شڪار گهٽا
تاب تجلا، ظاهر ڪـــيا هئا، پٽيءَ جي پيزار گهـــٽا
گورين ٻڌا گفـــتي ۾، هئا حبيب جي هـــٻڪار گهٽا
ڦٽي ڪيئون هٿيار گهـــٽا، جانب جي تہ جمال اڳيان

منهنجي عاجزانا عقل موجب سنڌي سينگار شاعري جو تمام گهٽو ويجهڙائي سان جائزو ونجي ٿو تہ ان ۾ حضرت جلال ڪنٽيؒ ۽ حضرت شاھ عبداللطيف ڀٽائيؒ سميت پوئين دؤر جي سگهڙن جي سوچ لذت پرستي ۽ ذهني عياشيءَ واري ناهي جنهن جو ثبوت 20 صديءَ جي سمورن سگهڙن جي سينگار شاعري آهي، انهن سگهڙن جيڪڏهن ڪي”گوريءَ جا سينگار“ چيا بہ آهن تہ فقط هڪ فني تشخص کي برقرار رکڻ لاءِ تہ ڪين ان مصنوعي سينگارن

کان متان کو اڻ جاڻ سڏي، پر انهن ذات ڏٽين عورت جي وصفي تو ڙي سجاوتي سينگار جو گهاڙ يتو گهڙي کيس اڳتي حقيقي محبوب جي پيٽ ۾ اهڙو ته مهنو ڏنو اٽن جو عرش کان کٽي فرش تي آندو اتن اسان جي آقا سرورڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ اڳيان اهڙيون لکين بانوريون جان فدا ڪرڻ واريون هيون پوءِ انهن جي حسن ۽ آب و تاب ڪڏهن پاڻ ڪريمن کي ته ڪو نه موهيو.

قرآن پاڪ جي سوره يوسف به ان ڳالھ جي گواھ آهي ته حضرت يوسف عليہ السلام لاءِ بيبي زليخا مست ۽ فدا هئي، توڙي جو هوءَ مصر جي عزيز جي راڻي هئي تنهن جي باوجود به حضرت يوسف عليہ السلام جي پاڪ دامنيءَ جي الله پاڪ هڪ معصوم ٻار کان گواهي ڏياري.

ياد رهي ته مرد ۽ عورت وارو فطري ڪشش وارو جواز موجوده دؤر جي عوامي شاعرن وٽ ضرور آهي، پر سگهڙن جي سينگار جو محور ۽ مرڪز پياري پيغمبر ﷺ جي ذات آهي جيڪو هن ڪتاب جي سمورن گوريءَ جي سينگارن مان چڱيءَ ريت محسوس ڪري سگهجي ٿو.

سنڌ جي اسلام پسند ذات ڏٽي سگهڙن وٽ اڄ به اهو تصور آهي ته هر امڙ، ڀيڻ، نياڻي جي عزت ۽ عصمت کي بچائڻ هڪ عزت دار معاشري جي هر فرد جو ڪم آهي ته پوءِ چو ويهي ان جي عضون، اندامن کي نانگو يا نر وارڪجي، بار بار ويهي کيس فطري سونهن تان پردا هٽائجن.

اڄ جي بي حيائي ۽ عرياني واري دؤر ۾ فيشني ڳائڻن پنهنجي گائڪي ۾ بازاري شاعري ڳائي، مردن جي سماج ۾ عورت کي محض رانديڪي واري دل وندرائيندڙ هڪ وٿ طور پيش ڪيو آهي، پر سگهڙن وٽ ان جي لڄ، لوئي، پردو ۽ پوتي آهي جا کيس نقابن ۾ نهارڻ ۽ اڪيلو گهارڻ کان پري رهڻ جا سبق سيکاري ٿي.





هيءَ ته هئي اڄ جي سگهڙن جي سوچ ۽ فڪر جو جائزو پر عشق جو ميدان وري اڃان به نرالو آهي، تاريخي عشقيا داستانن تي نظر پوي ٿي ته جذبات ۽ احساسات جي خيالات کان، مرد جي پيٽ ۾ ڪڏهن ڪڏهن عورت ئي بيبي زليخا وانگر حقيقي عاشق نظر اچي ٿي ۽ محبت جي ميدان ۾ عاشقيءَ جو لقب هميشه عورت کي ئي ملندو آيو آهي، سسئي هجي يا سهڻي، مومل هجي يا ليلان اهڙين عاشقاڻه پرواز جي پنڌ تي ڀهتل ناريون، تمدني، معاشرتي ۽ نفسياتي لڪ لنگهي هليون. اهو ئي سبب هيو جو دنيا جو عظيم صوفي شاعر حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائيؒ پنهنجي عاشقانا جذبات کي عورتاڻي انداز سان بيان ڪيو آهي ۽ ان نظريہ جي يقيني نمائش ٿئي ٿي ته جڻ نفسياتي طور عورت ئي محبت جي علمبردار هجي. لطيف سائين لکي ٿو ته:

سياري سيءَ (سِهھ) رات ۾، جا گهڙي وسندي مينهن،
هلو ته پڇون سهڻي، جا ڪر جاٽي نينهن،
جنهن کي راتو ڏينهن، ميهار ئي من ۾.

(شاھ جو رسالو: سُر ڪلياڻ آڏواڻي، داستان ٽيون، بيت- 11 سُر سهڻي)

سنڌ جي اڪثر "ڪافي" لکندڙ شاعرن پڻ پنهنجي عشق جي احساسن ۽ جذبن کي "مؤنث" ڪري پيش ڪيو آهي.

ڏنو وڃي ته سنڌ جي سگهڙن وٽ وري عام عاشقن جي پيٽ ۾ محبت جو معيار تمام گهڻو بلند آهي، چو ته محبت جو مرڪز سيني جو ساڳيو آهي جنهن کي هي لاثاني ۽ لافاني سمجهن ٿا ۽ هر لحاظ کان هو پنهنجي محبوب مان بهتر ۽ ڀلائي جا اميدوار آهن، ذات ڏٽين جي اها يقيني اميد آهي ته اسانجو محبوب ڪڏهن بيوفائي نه ڪندو.

لطيف سائينءَ جي چواڻي ته:

منهنجي مداين جي، ڪل پريان پيئي،

ڪڍهن ڪوسا نه ٿيا، ڏوراپو ڏيئي،
ساجن سيئي، ڏکيم ڏول ڏلائيون.

لوڪ ادب جي تاريخ ۽ تحقيق جو ڏاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سنڌي ۽ هندي شاعريءَ جو لاڳاپو، جي عنوان سان 1955ع جي مهراڻ رسالي ۾ لڳاتار ٽن قسطن واري مقالي ۾ لکي ٿو ته:

هنن عاشقن جي مذهب موجب محبت ۾ حجت روائي ڪانهي:

”حجت هوت پنهوءَ سان مون ڪميڻيءَ ڪيهي!، (شاهه)
”منهنجي ڇا مجال جو رکان حرف حبيب تي. (راڃن شاهه)
”حمل“ حب جنهيندي تنهن نال حج ڪيهي جو پالڻ پرت ضرور پئي“

پر جي ڪٿي محبوب رنج ٿئي به ڪٿي، ته سچي عاشق کي خوشيءَ سان سهڻ گهرجي! جيڪڏهن محبوب پاڻ ناتو ٽوڙي ڇڏي ته عاشق پاڻ رکيو اچي.

ساڳئي ئي جاٽايل مقالي ۾ ڏاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب سنڌي جي موجوده سگهڙن جي سينگار شاعريءَ ۾ تصوف جو اثر ۽ حقيقي محبوب جو تخيل بيان ڪندي لکي ٿو ته: جهڙيءَ طرح سڄي هندوستان لاءِ سنڌ اسلام جو پهريون دروازو بڻي، اهڙيءَ طرح اڳتي هلي سنڌ جي سرزمين تصوف جو پڻ مکيه مرڪز بڻي، سڀ کان اول ”سهروردي“ طريقو سنڌ مان ئي هندستان طرف پکڙيو، ۽ ان بعد ”قادري“ توڙي ”نقشبندي“ طريقي جا وڏا درويش ۽ روحاني بزرگ سنڌ ۾ پيدا ٿيا جن ملڪ کي پنهنجي فيض سان مالا مال ڪيو، سنڌ جي انهن خدا شناس بزرگن پنهنجي علمي توڙي عملي تبليغ ذريعي هتي جي رهاڪن کي توحيد ۽ حق پرستيءَ جو سبق ڏيئي سندن دلين کي هڪ مولىٰ، ڏانهن متوجهه ڪيو، تان جو هر ننڍو توڙي وڏو سڏي يا اڻ سڏيءَ طرح توحيد جو مطلب بنجي ويو ۽ هر هڪ کي الاهي عشق جي گهٽي ورچ نصيب ٿي. انهيءَ فيض جوئي اثر هو جو سنڌ ۾ ”شاعري“ شروع کان ئي





محض انهيءَ الاهي عشق ۽ محبت جي تبليغ جو هڪ ذريعو بڻي، ۽ شاعري ۽ ”درويشي“ ٻئي لازم ملزوم جز بڻجي ويا، جيڪڏهن ڪو شاعر هو ته ساڳئي وقت ”درويش“ به هو ۽ هر صوفي درويش، تصوف جي اصولي نظريي موجب، ”مجاز“ کي حقيقت جي پُل تسليم ڪري، انسان جي محبت واري فطري جذبي کي بالآخر هڪ مولىٰ ڏانهن متوجهه ڪرڻ جي ڪوشش ۾ مشغول هو.

جڏهن سنڌ ۾ شاعريءَ جي شروعات ٿي تڏهن اهو اعتماد عام ٿي چڪو هو ته حقيقي محبوب اهو خالق آهي جنهن انسان کي حسين بڻائي خلقيو، ۽ انسانن ۾ انسان ڪامل ۽ مولىٰ جو سهڻو ۾ سهڻو محبوب نبي ﷺ آهي جنهن جو نور ۽ جمال جي ورچ ڪائنات جي هر شيءِ کي مليو. سنڌ جي سليم الطبع شاعرن نبي ﷺ جي معياري حُسن واري عقيدي ۽ تخيل کان متاثر ٿي، سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ مجازي حُسن جي تعريف جو رخ به انهيءَ حقيقي ۽ معياري حُسن ڏانهن موڙيو. هندي ”سينگار رس“ شاعري محض مجازي دائري ۾ محدود هئي، مگر سنڌي سينگار شاعري مجازي منزل طئي ڪري حقيقت ڏانهن مائل ٿي“سنڌي سينگار“ جي اڪثر شاعرن بطور آخري مقصد جي، نبي ﷺ کي پنهنجو حقيقي محبوب ڪري ڄاتو، ۽ نبي ﷺ جي سونهن کي ئي معياري حسن ڪري مڃيائون، انهيءَ نظريي ۽ خيال جي زير اثر“فن سينگار“ کي عام طور ”نبي ﷺ جو سينگار“ ڪري تسليم ڪيو ويو اڄ تائين سنڌ جي سگهڙن وٽ ”سينگار“ جي تعريف ”نبي ﷺ جو سينگار“ آهي، يعني اهي بيت جن ۾ نبي ﷺ جي معياري حسن کي مجازي رنگ ۾ ڳائجي.

سنڌي سينگار شاعريءَ جي هنر مند شاعرن ۽ سڄاڳ سگهڙن جو اهو نظريو مجموعي طور صحيح آهي. ڪن شاعرن جا بيت بيشڪ خالص مجازي رنگ ۾ چيل آهن، مگر سنڌي سينگار

شاعريءَ جي هر نامور شاعر مجازي حسن جي تعريف جو رخ بالا آخر انهيءَ حقيقي محبوب ڏانهن موڙيو آهي. محبوب جي بي مثال ۽ لاثاني حسن وارو نظريو، جنهن کي مٿي بيان ڪيو ويو آهي، سو حقيقي محبوب جي حسن جي تخيل جي پيداوار آهي. سنڌي سينگار شاعريءَ جو پهريون بلند شاعر جلال ڪٽي، نبيﷺ تي عاشق هو، انهيءَ ڪري هن پنهنجي هر بيت ۾ اهڃاڻ ڏنو آهي ته سندس محبوب جو حسن مڙني کان مٿاهون آهي. ڀٽائي صاحب به انهيءَ حقيقي محبوب جي حسن کي واکاڻيندي چوي ٿو ته"سپريان جي سونهن جو نڪو قد نه مد" غور ڪبو ته مجموعي طور سان سينگار جي اڪثر بيتن ۾ مجازي حسن جي تعريف جي ماتحت انهيءَ نظريي جا اهڃاڻ نظر ايندا.[1]

ڏهس جي صنف سگهڙائپ جي فن جو انوکو ڏانءُ آهي جنهن بابت سنڌ جي عالمن پڻ مختلف رايا ڏنا آهن.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو پنهنجي لکيل ڪتاب ڏهس نامي ۾ لکي ٿو ته:

"لوڪ ادب" جون جيڪي به صنفو آهن، تن ۾ "ڏهس" کي وڏي اهميت آهي، "ڏهس" ميل آهي: ڏه + س، جو "ڏه" سنسڪرت جي "دشن" مان نڪتل آهي ۽ "س" نسبتي علامت آهي: يعني ڏهن واري (صنف). اصطلاحا: اها صنف، جنهن ۾ هڪ اسم جا، مختلف ٻولين مان ڏه هم معنىٰ الفاظ آندل هجن ۽ اهو پڻ ضروري آهي ته ان اسم جا، مختلف زبانن مان، ڏه نالا هجن، جن سان محبوب جي ڪنهن نه ڪنهن خوبي يا "وصف" کي ڀيٽي سگهجي مثلا: محبوب جي خاص خوبي يا وصف، سندس وارن، پرون، اکين، ڳلن، چپن، ڏندن، ڳچي، چيلهه وغيره ۾ سمايل رهي ٿي، جنهن ڪري

[1] مهراڻ: 1955ع





انهن وصفن لاءِ شاعرن تشبيهي لفظ ڳوليا آهن. انهيءَ ڪري شاعرن، نانگ، رات، پؤنر، ڪڪر، هرڻ، چنڊ، سج، ڪنوڻ، سوڻ وغيره اسمن لاءِ ٻين ٻولين مان، هم معنىٰ الفاظ ڳولي، ڏهس جي ڏاهپ ڏيکاري. جيڪڏهن بيت ۾، مختلف ٻولين جا هم معنىٰ الفاظ آندل آهن، پر انهن لفظن جو، محبوب جي ڪنهن به وصف يا خوبي يعني انگن ۽ عضون سان ڪو تشبيهي واسطو نه آهي ته اهو بيت "ڏهس" ۾ داخل نه آهي.

"ڏهس" لوڪ ادب جي چند ۽ چونڊ جنس آهي.صاف ۽ سوئيل جنس آهي. اها پيچيده ۽ مضبوط مشين آهي، جا مدت کان مختلف زبانن جي ادبي زمين کي کيڙي ۽ کوٽيندي رهي ٿي، جنهن ڪري ڪيترائي انوکا الفاظ، ميدان عمل تي اچي، سنڌي لغت جي وسعت ۾ اضافو آڻيندا رهن ٿا، "ڏهس" جا الفاظ، هونءَ جي ٽڙيل پکڙيل ۽ ويڳاڻي حالت ۾ هجن، پر "ڏهس" ۾ اچڻ ڪري، ٻويءَ جي داڻن وانگر دل ۾ جلوا وجهي رهيا آهن. "سينگار" جي بيتن کي جيڪا سونهن ۽ سوڀيا ملي آهي، سا به "ڏهس" جي ڪري! جيڪڏهن "سينگار" مان "ڏهس" جا الفاظ ڪڍي ڇڏجن ته سينگار جيڪر ٻسو ئي ٻسو رهجي وڃي، ڇاڪاڻ ته "سينگار" جي بيتن ۾ جيڪي پياريون تشبيهون اچن ٿيون تن جو مدار ئي "ڏهس" جي لفظن تي آهي.

"ڏهس" جو سلو، پهريائين سرزمين سنڌ ۾ ڪنهن هنيون ۽ ڪهڙي هنڌ لڳو، سو قطعي طور تي فيصلو ڪرڻ مشڪل آهي. البته سگهڙن جي سينا به سينا روايات جي مدِعي نظر ڪجھ چئي سگهبو. سگهڙ جلال ٻُٽي ٻڌايو ته "نندڙي لاڪون ٻڌندا ايندا آهيون ته ڏهس جي حق ۾، جلال ڪٽي، مڙني کان مٿاهون آهي." ان مان ثابت ٿيو ته جلال ڪٽي جا همعصر شاعر، هن نج سنڌي سگهڙپائي جي عظيم فن کان پوريءَ پر واقف هئا، ليڪن سيني جي سالاريءَ جو سهرو وري به جلال ڪٽي جي ئي سر تي سونهين

تو. جلال ڪتي "ڏهس" ٻڌا هوندا ۽ ٻين شاعرن ۽ سگهڙن ٻڌا هوندا، جن ڪان متاثر ٿي، هنن به اها ئي واٽ ورتي هوندي، اها نوڪ جهوڪ، خيالن جي ڏي وٺ ۽ هڪ ٻئي ڪان ڪڙ ڪٽڻ ۽ ميل مارڻ لاءِ، شاعرن ڪافي "ڏهس"چيو هوندو. پر جيئن ته "ڏهس" محدود آهي محبوب جي خوبين ۽ وصفن جي تشبيهي لفظن تائين، تنهن ڪري ساڳئي "ڏهس" لاءِ مختلف قسم جا "ڏهس" ڏنائون. اهو ئي واحد سبب آهي، جو هڪ "ڏهس" لاءِ ڪيترين ئي مختلف پڙهڻيون موجود آهن.

"ڏهس" جي گهري مطالعي مان معلوم ٿيندو ته آيل لفظ: عربي، فارسي، سنڌي، سرائيڪي، پراڪرت، سنسڪرت، بلوچڪي، بروهڪي، ڍاٽڪي، لاسي، ٿري ۽ سنڌ جي چوڌاري وٺ جي محاورن تائين محدود آهن.[1]

ان سلسلي ۾ ساڳي راءِ کي قائم رکندي، نوجوان محقق محترم ڊاڪٽر ڪمال جامڙو پنهنجي ترتيب ڏنل ڪتاب "ڪچهريءَ جا مور" جي مهاڳ ۾ هينئنءَ ريت تشريح ڪئي آهي.

## ڏهس/ ويهس/ ٽيهس/ چاليهس

"ڏهس" لوڪ ادب ۾ اهڙي بيت يا ڏوهڙي کي چئجي ٿو، جنهن ۾ ڪنهن به هڪ شئي جا ڏهه نالا ڏنا وڃن. ان وسيلي سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جي ذخيري ۽ سگهڙن جي ڄاڻ جي پروڙ پئجي سگهي ٿي.

گهڻو ڪري اڻ پڙهيل سگهڙن جي ڄاڻ جي پروڙ پئجي سگهي ٿي. گهڻو ڪري اڻپڙهيل سگهڙ، جيڪڏهن ڪين ڪنهن هڪ شئي جا سنڌيءَ ۾ ڏهه نالا نه ملندا ته ٻين ٻولين جهڙوڪ: عربيءَ، فارسيءَ، هنديءَ، بلوچيءَ، پنجابيءَ ۽ سنسڪرت وغيره مان هٿ ڪري پورت ڪري وٺندا آهن يا وري ساڳيءَ جنس /شئي جا

[1] ڏهس نامون: ع-س





مختلف قسم بيان ڪندا آهن. الهه بخش نظاماڻيءَ جي راءِ ۾ ڏهس جا بيت سينگار وانگي اصل هندي دوهن بيتن جو تتبع آهن. سنڌي شاعرن هندي دوهن کان متاثر پنهنجي فضا ۽ ماحول موجب اهي بيت ۽ ڏوهيڙا چيا ۽ ڳايا آهن.

ڏهس ۾ محبوب جي سارا‌هه ۽ مختلف جانورن ۽ پکين جي نالن کان سواءِ سائينءَ جي قدرت، نبي ڪريمﷺ ۽ ٻين نبين، امامن، ولين ۽ بزرگن جو شان به بيان ڪيو ويندو آهي. "ڏهس" کي "ڏهس سينگار" به سڏن. ان لحاظ سان اهو سينگار جو هڪ قسم آهي.

اها صنف آهي ته تمام گهڻي آڳاٽي پر ان کي ارڙهينءَ صديءَ ۾ تمام گهڻي هٿي ملي، جنهن جو سبب اهو آهي ته ان وقت سنڌ جي تعليمي نصاب ۾ سنڌيءَ سان گڏ مختلف ٻولين جهڙوڪ: عربيءَ ۽ فارسيءَ جا لفظ به پڙهايا ويندا هئا. ٻارن کي درسگاهن ۾ ٻوايو (ٻه وايو = ٻن معنائن وارو) ۽ سِوايو (ٽوايو = ٽن معنائن وارو) پڙهائيندا هئا. اهڙيءَ ريت ٻار سنڌيءَ ڪانسواءِ وڌا ٿي ير پاسي ۾ ڳالهائجندڙ ٻوليون به ڄاڻي وٺندا هئا.

هونءَ به اسلام جي ڪري عربيءَ ۽ حڪمرانن جي ڪري فارسيءَ سنڌ تي راڄ ڪيو آهي، تنهنڪري عام ماڻهو به انهن ٻولين جا لفظ سولائيءَ سان ڪتب آڻيندو هو/آهي. هن وقت به سنڌي ٻار سنڌيءَ سان گڏ عربي، اردو ۽ انگريزي ٻولي پڙهي ٿو ۽ انهن ٻولين جو اثر قبولي ٿو. اهو اثر سڄي زندگي برقرار رهي ٿو.

اسان جا سگهڙ هاڻي ڏهس کان اڳتي نڪري ويهس، ٽيهس ۽ چاليهس تائين وڃي پهتا آهن، جنهن تي ڪين جڻ هجي. هن ڪتاب ۾ اهڙا مثال پيش ڪيا ويا آهن.

هيٺ ڏهس ۽ ٻتو ڏهس نموني خاطر پيش ڪجي ٿو.

### ”ڏهس“

ڳلا لخ گوهر غازيءَ جا، وار ويتر ونگ وجهن
فٽ فــياض فــضيلت ور جـــا ڏسي مار مرن
ڪاڪل، ڪيس، ڪاريهر ڪي، تفنگ تير هڻن
پڙ پـــندا پاڳ پرئي جا، ڏسي پيرا پونگ ڏين
زلــف زياده ذهـــب ڪان، ربـــاني رنگ ٺهن
اڳ اڳرا اپســـرا گيســـو، شـــهر تلنگ وٺن
جي مار سياه ڪلي ميم مراقبي، ڏسي پٽ پون
جن ڪي لڳا امنگ عجيبن ڪندا بيان ”بحرالدين“ چئي
- بحرالدين شنباڻي

### ٻتو ڏهس

پپ، پڳ، پائون، پايا، پد، پاڪ پرينءَ جا پير
ريٽا، رتول، رتڙا، ارتا، مجٺ، پنيا پلي پير
قاز، فيٿ، چـــرن، چمان، لـــهن من مونجهارا مير
ڪڪا، ڪڪور، ڪنهبا، جيئن ڳاڙها ٻيرين ٻير،
تيئن نازڪ- نتاڪ- ناز پرئي جا سهٽا جن جا سير
سي ”گل ملڪ“ مور متير، جن جي آهي ڪير عرش ڪي
- گل حسن ”گل“ ملڪ[1]

”سنڌي سينگار شاعري“ ۾ مشهور محقق علامه ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ڏهس بابت تمام گهڻو تفصيل تحقيق سان

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو





سمجهايو آهي سندس ڏنل راءِ جيئن جو تيئن لکجي ٿي:

”سنگار رس“ لاءِ استعمال ٿيل هندي ٻوليءَ جي لغت محض سنسڪرت ۽ هندي محاورن تائين محدود هئي. سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن پنهنجي ”سنڌي سينگار“ فن لاءِ هڪ طرف پنهنجا انوکا سنڌي الفاظ اختيار ڪيا، ٻئي طرف ”سنگار رس“ شاعريءَ ۾ عام استعمال ٿيل سنسڪرت ۽ هندي اسمن کي پنهنجو ڪيو، ۽ ٽئين طرف وري عربي، فارسي، ۽ بلوچي وغيره ٻولين مان انوکن اسمن جو هڪ وڏو سرمايو هٿ ڪيو. اهڙيءَ طرح ”سنڌي سينگار“ شاعريءَ کي انوکي ۽ ڳوڙهي اسلوب بيان ۾ ادا ڪرڻ لاءِ پنهنجي لغت ۾ هڪ وڏي وسعت پيدا ڪيائون، بلڪ ائين چئجي ته خاص ”سنڌي سينگار“ فن لاءِ جڻ هيءَ نئين لغت تيار ڪيائون، جنهن ۾ سنڌي، سنسڪرت، عربي، فارسي، بلوچي، براهوئي، سرائڪي، ٿري ۽ ڍاٽڪي ٻولين جي انوکن اسمن جو سرمايو شامل هو. مختلف ٻولين جي مطلوب اسمن جي واقفيت ۽ ڄاڻ ڪي سنڌ جي سگهڙن هڪ خاص ”سگهڙپائي جو فن“ قرار ڏنو، جنهن کي ”ڏهسنامو“ ڪري سڏيائون.

سنڌ جي موجوده سڄاڻ سگهڙن جي متفقه نظريي موجب ”ڏهسنامو“سنڌي سگهڙپائي جو آ ڳاٽو فن آهي، جنهن جو مطلب آهي: لفظن جي اها ڄاڻ ۽ بيان جو اهو نمونو جنهن ۾ ”ڏهه ٻوليون ۽ ڏهه معنائون هجن“. سندن متواتر روايت موجب ”ڪتي ڏهسنامي جي فن جا پهريان ڄاڻو ۽ ماهر هئا. سنڌ جي هن سيني-به-سيني هلندڙ روايت مان ظاهر آهي ته ڏهسنامي جي فن جي شهرت جلال جي ڏينهن کان ٿي، سنڌي سينگار شاعريءَ جو فن به ان وقت اوج تي پهتو، انهيءَ ڪري سمجهجي ٿو ته ڏهسنامي جو فن، جنهن جي ذريعي مختلف ٻولين جي انوکن اسمن جي ڄاڻ پيدا ٿي، سنڌي سينگار شاعريءَ جي عروج لاءِ بنيادي ڏاڪو هو.

غالباً سنڌ جي سگهڙن ”ڏهسنامي“ جو نالو ان وقت فارسي

تعليم جي اصطلاحن کان متاثر ٿي اختيار ڪيو. فارسي سکڻ لاءِ ”دوورايو“، ”ته وايو“ ۽ ” آمدنامو“ مشهور اصطلاحي نالا هئا. سنڌ جي سگهڙن جو معياري نظريو هو گهٽي ۾ گهٽ ٻولين جا انوکا الفاظ سکڻ، انهيءَ ڪري ”ٻن“ يا ”ٽن“ جي بدلي ”ڏهن“ جو عدد نظر ۾ رکيائون، ۽ ” آمدنامي“ جي لحاظ سان پنهنجو نئون اصطلاح ”ڏهسنامو“ ايجاد ڪيائون.

سگهڙن جي ذريعي ”ڏهسنامي“ جا جيڪي مثال اسان تائين پهتا آهن، انهن مان معلوم ٿئي ٿو ته ”ڏهسنامي“جي ڄاڻ خصوصاً ”سنڌي سينگار“ شاعريءَ جي خدمت واسطي پيدا ٿي. سنڌ جي سگهڙن خاص طرح انهن اسمن جا هم معنىٰ الفاظ ٻين ٻولين مان ڳولي هٿ ڪيا، جن جو تعلق محبوب جي سهڻن عضون ۽ اندامن سان يا انهن جي مشابهات سان هو. مثلاً محبوب جا وار، اکيون، ڏند، چپ، نڪ، چيلهه ۽ پير خاص طرح تعريف جي لائق هوندا آهن، انهيءَ ڪري انهن اسمن جا هم معنىٰ الفاظ ٻين ٻولين مان هٿ ڪيائون.

تشبيهات جي دنيا ۾ محبوب جي حسن، چهري جي رونق ۽ بدن جي صفائيءَ جي ڀيٽ سج، چنڊ، ڪنوڻ، سون وغيره سان ٿي سگهي ٿي، وارن جي ڀيٽ ڪاري رات ۽ ڪارن نانگن سان ٿي سگهي ٿي، اکين جي ڀيٽ هرڻ جي اکين سان ٿي سگهي ٿي، ڏندن جي ڀيٽ موتين سان ٿي سگهي ٿي، لبن جي لالائي جي ڀيٽ ”مينهن وساڙي“ جيت ۽ لعلن وغيره سان ٿي سگهي ٿي، سندس سهڻي هلڻي جي ڀيٽ هاٿي، هنجهه ۽ مور وغيره سان ٿي سگهي ٿي، سندس سنهي چيلهه جي ڀيٽ شينهن جي سنهي چيلهه سان ٿي سگهي ٿي. انهيءَ لحاظ سان سج، چنڊ، ڪنوڻ، سون، مينهن وساڙي جيت، رات، نانگ، موتي، هرڻ، هاٿي، هنج، مور ۽ شينهن جي اسمن جا هم معنىٰ الفاظ مختلف ٻولين مان ڳولي هٿ ڪيائون. انهيءَ لاءِ ته انهن انوکن لفظن جي مؤثر ۽ موزون استعمال سان سنڌي سينگار شاعريءَ جي اسلوب بيان





۾ اها ساڳي انوکائي ۽ ڳوڙهائي پيدا ڪري سگهن، جا ڪين هنديءَ جهڙي ڏاري ٻوليءَ ۾ نظر ٿي آئي.

اسان هت ”ڏهسنامي“ جا ڪي مثال قلمبند ڪريون ٿا، انهيءَ لاءِ ته لغت جو هي مخصوص فن، جنهن تي سنڌي سينگار شاعريءَ جي اسلوب بيان جو دارومدار آهي، ان جي ماهيت قدري معلوم ٿئي. ”ڏهسنامي“ جي ڄاڻ ۽ رهاڻ جا عملي مثال اسان جا سگهڙ سيني به سيني سانديندا پئي آيا آهن.

آڳاٽي ۾ آڳاٽا سگهڙ جن جي ذريعي هي مثال اسان تائين پهتا آهن، سي هي آهن:

1) لس ٻيلي جي سڄاڻ سگهڙ ۽ شاعر نم فقير مڱڻهار(1700/1750-1893/96) جي روايت، جا سندس عزيز صالح محمد کان معلوم ٿي.
2) لس ٻيلي ۽ ڪراچي طرف جا گذريل صديءَ جي نصف جا سگهڙ جن جي زباني ڪي چند: مثال آخوند عبدالرحيم ”وفا“ سنه 1273ھ ۾ سندس هڪ هٿ لکيل قلمي ڪتاب ۾ ڏنا آهن.
3) حمل فقير لغاري جنهن پنهنجي عرصه حيات (1225 - 1296ع) ۾ ڏهسنامي جا مثال مختلف سگهڙن وٽان ٻڌا، جن ڪي هن پنهنجي شعر جي قلمي بياض جي ڇئن پنجن صفحن ۾ تفصيل سان قلمبند ڪيو آهي.غالباً اوائلي روايتن ۾ هر هڪ اسم جي هم معنىٰ لفظن ڪي هڪ منظوم مصرع ۾ پويو ويو، انهيءَ لاءِ ته اهي نالا آسانيءَ سان ياد ڪري سگهجن - البته زماني جي گذرڻ سبب ڪن اسمن جون منظوم مصراعون سلامت نه رهيون آهن.

هينيان مثال عضون جي هم نام نالن جا آهن:

وار = ڳُڀ، رڏان، ڪيس، ڪچ، تونگ، چڪر، وار
شعر، موءِ، قت، زلف، ساجن سِر سينگار.

( ترني، چمڪت، اوپسر، وتاقر، ڌِمر، چاها، ڪشڏا، تِچين، بيجڙي، لائيٽننگ، گروڪِ، چيهي)[1]

ج) هرڻ، جنهن جي اکين سان محبوب جي اکين کي مشابهت ڏيئي سگهجي ٿي:

لاگو، آهو، کردبدن، هرن، ڪرنگهان، چيل،
جهوڪا، مِرگهه، غزال، لڪ، آسها، اسهول، نِيل.

( چيهل، هِنِ، هِرڻ، لڪا، ارگَنڌ، کردندڻ، نهل، نيل، خزم، آسڪ، ايڻ، چيڻ، مرگهانيڻ، ٿانگر، ڪرنگهه، ڊيئر، ڊو، فان، هارٽ، رو، روبڪ)[2]

د) طوطو، جنهنجي ڪنڊي ڇهنب سان محبوب جي ڪنڊي نڪ کي تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي:

ڪِيل، لتگ، تيمر، بدر، سوندلہ.

( مٺو، طوطو، ڪڪيلو، ڪونتر، چتو، ن، لبيغا، پيپهر، پئرٽ، پال)[3]

ه) موتي جن سان سهڻن ڏندن کي ڀيٽي سگهجي ٿو:

تنگن، پدماوت، مرواريد، دوڙ
تاهل، سُندر، دُر، موتي، احمر.

(تنگو ، هٿت، گوهر، مڪتا، الماس، جوهر، رتن، موڪتڪ، نگين، لولو، پرل، خوار)[4]

و) هاٿي، جنهن جي سهڻي رفتار سان محبوب جي سهڻي

---

[1] سرجيندڙن پاران واڌارو
[2] سرجيندڙن پاران واڌارو
[3] سرجيندڙن پاران واڌارو
[4] سرجيندڙن پاران واڌارو





هلڻي ۽ لوڏ کي ڀيٽ ڏيئي سگهجي ٿي:

ڪنجل، ڪنجن، هنوت، هاٿي، گج، سنڪر، غيدان
هستي، چنچل، هرنو، فيل، گير گت گيان.

(ڪنچر، پيل، ڦِ رَنڊ ڪيٽان، وسو، وارڻ، مڪنو، گونٿو، پربت، ميندل، ماتنگ، نيل، ايليفنٽ، دانا، لحن، گج لو، هستِن، ڪنجر، ناگ)[1]

ز) شينهن، جنهن جي سنهي چيله سان محبوب جي باريڪ ڪمر کي تشبيهه ڏيئي سگهجي ٿي:

سنگ، ڪنير، ڪارڏو، قيصر، ليث، هزار
لمد، چيتا، شير، شينهن، لينتر نانءُ نروار.

(چتره، ببر، ڪيهر، چيتو، ڪنڊيل، لاين، ٽائيگر، ليو، لپرڊ، ڪنٽِيرَو، هو، سِنگهه، خليغا، ڪينٽل، سارڏو، ضرار، پنچنڪ، پنچان، هريڪ، مرگپ، پينتهر)[2]

هن وقت اٽڪل اڍائي سون ورهين کان پوءِ بہ ڏهسنامي جي لغت جي انهن مثالن ۽ مصراعن جو باقي رهڻ ثابت ڪري ٿو تہ جلال ۽ سندس ساٿين جي وقت ۾ هن فن جو ڪافي چر چو هوندو- لغت جي هن ذوق ۽ ڄاڻ ذريعي سنڌ جي سڄاڻ سگهڙن ۽ شاعرن اهي انوکا الفاظ چڻ پنهنجا ڪري ڇڏيا، ۽ انهن جي موزون ۽ مؤثر استعمال سان پنهنجي سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ اها ڳوڙهائي پيدا ڪيائون جو ان جي ڀيٽ ۾ سندن اهل وطن واسطي ”سنگار رس“ جي هندي ٻوليءَ واري انوکائي هيچ بنجي وئي، ۽ هو هندي ”سينگار رس“ جي بدران، هاڻي ڪلي طور ”سنڌي سينگار“ ڏانهن متوجهه ٿيا.

هن ڪاميابيءَ جو سهرو يقيني طور حضرت جلال جي سر تي سونهي، جنهن پهريون دفعو ”فن سينگار“ کي نهايت مؤثر ۽

---

[1] سرجيندڙن پاران واڌارو
[2] سرجيندڙن پاران واڌارو

ڳوڙهي اسلوب بيان ۾ بهترين نموني سان نباهيو، جنهن ڪري انوکو ۽ ڳوڙهو اسلوب بيان سنڌي سينگار شاعريءَ جي هڪ خاص خصوصيت بنجي ويو. اها حقيقت اڳتي آنڌل بيتن مان پوريءَ طرح واضح ٿيندي، مگر اسلوب بيان جي ڳوڙهائيءَ کي هت ابتدائي طور سمجهڻ لاءِ، جلال جو هڪ بيت مثال طور ڏجي ٿو:

تمهر روپ ترنگ، آهن ڪنول ڪيس قريب جا
سهه ڳچي، قد سرو سنئون، ڪئونتر نيف نِسنگ
قوڳر قوڳ پرِيانه جا، مزگان ڪيس خدنگ
لڪ ليثي، ڍهو ڪپور، پرِوان پؤنر پونگ
تهن سسايا سارنگ، جلوي ساڻ "جلال" چئي.

ظاهر آهي ته لغت جي وسيع ڄاڻ کان سواءِ هن بيت جي ڳوڙهائيءَ کي سمجهڻ مشڪل آهي. قابل هنر مند شاعر محبوب جي حسن جي تعريف ڪندي چوي ٿو ته:

1) ڪاري اونداهي رات (تمهر) مثل، محض محبوب جا ڪارا ڊگها وار (ترنگ) ڪنول گل جهڙا نرم وار (ڪيس) آهن.
2) سندس سهڻي ڳچي ڪونج (سهه) جهڙي، قد سنئون سرو جهڙو، ۽ نڪ (نيف = ع انف) طوطي (ڪئونتر) جي چنهب مثل نر وار ڪنيو آهي.
3) پرينءَ جا ڳل (قوڳر) مينهن وساوڙي جيت (قوڳ) جهڙا ڳاڙها لال، ۽ سندس پنبڻين (مزگان) جا وار (ڪيس) تيرن (خدنگ) مثل آهن.
4) سندس ڪمر (لڪ) شينهن (ليث) جي چيلهه جهڙي سنهي، ڏند (ڏهر) اڇا ڪافور (ڪپور) جهڙا، ۽ پرون اهڙا ڪارا آهن جهڙا پونئر ۽ نانگ.
5) بقول جلال، (هن سيني صفتن سهڻي سجڻ) سندس حسن جي جلوه ساڻ سانوڻ (سارنگ) جي سهسين رنگ سونهن کي به جهڪو ڪري ڇڏيو آهي!

جلال جي هن بيت ۾ عربي، فارسي، سنسڪرت، هندي ۽ سنڌي زبانن جي لغت سمايل آهي، ۽ غالباً سندس ئي هن سِٽاءِ ذريعي سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ انوکن لفظن جو استعمال هڪ





مجيل معيار بنجي ويو. نه فقط ايترو مگر هن انوکي اسلوب بيان کان همعصر صوفي شاعر پڻ متاثر/ٿيا. پٽائي صاحب، جو جلال ۽ سندس ساٿين جو همعصر هو، ۽ جنهن پنهنجي ذاتي فکر ۽ طبع زاد بيان جي علاوه، ضرورت آهر هر گل مان واس وٺي پنهنجي فکر کي عالمگير ۽ بيان کي جامع البيان بنايو، تنهن پڻ پنهنجي همعصر شاعرن جي هن نئين شاعرانه فن ۽ انوکي اسلوب بيان کي قدري پنهنجي زباني ڳايو ۽ چمڪايو.

مثلاً ڪوهياري جا هينيان ٻه بيت جن ۾ عمداً انوکن عربي لفظن کي استعمال ڪيو اٿس، سي هن معاصرانه سينگار شاعريءَ جي ڳوڙهي اسلوب بيان جو عڪس ڏيکارين ٿا:

1) "ليل" نه جاڳئين لِڪ سين، ڪلي "نوم" ڪياءِ
"قمر" ٿي پهچ قريب کي، "اجلس" تو نه جڳاءِ
مني! مهمانن سين ويهي رات وهاءِ
جيلانه نندِ ڪياءِ، تيلانه روز رئين ٿي راهه ۾.

2) "اجلس" ڪري اٿيا، تنواريو توڏن
"نوم" نوازي ان کي، مرحبا موڏن
رڙهي رس روڏن، ا"ليوم سِيرُو" سسئي!

نه فقط ايترو پر خود معاصرانه سينگار شاعريءَ جي دلچسپ مضمونن کان متاثر ٿي، پٽائي صاحب هينيون بيت بلڪل انهيءَ رنگ ۾ چيو آهي ته:

گنير گ سکن، چلڻ جي چاهه پئي
هِندوا حيرت ۾ پيا، لالي کي لبن
چمڪن چوڏس چندِ جيئن وڄريون وهسن
لوچن تيون "لطيف" چئي، پسڻ لاءِ پرين
ڪيسر قريبن، سنباهي ساڻ ڪيا
(سر سارنگ، داستان ٽيون)

هن بيت ۾ "گنيرگت" (هاٿيءَ جي چال) هندوا (ڳاڙها مينهن

وساوڙا جيت) ۽ ڪيسر (زعفران جنھن جي ڳاڙھي رنگ ۽ خوشبوءِ سان محبوب جي بدن جي لال ڀھڪندڙ رنگ ۽ ھٻڪار ڪي مشابھت ڏجي ٿي) خاص طرح ڏھس نامي جي لغت جا الفاظ آھن جي سينگار شاعريءَ ۾ عام استعمال ٿيل آھن.

تاريخ: 6- اپريل 2014ع
(ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ورسيءَ واري ڏينھن)

**”عاجز“ رحمت الله لاشاري**
باني/ مرڪزي صدر
سلات، (سنڌ بلوچستان)





# پيش لفظ

سنڌي ٻوليءَ جي واڌ ويجھ ۾ سگھڙ، شاعرن، استادن ۽ ليکڪن بنيادي/ مرڪزي ڪردار ادا ڪيو آھي. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ جو مطالعو ڪنداسين تہ ٻوليءَ کي پکيڙڻ ۾ شروعاتي ڪم سگھڙن، چارڻن، ڀٽن ۽ ڀانن جو ڏسڻ ۾ ايندو. اھي ڀٽ، چارڻ ۽ ڀان شاعر بہ ھئا تہ ڳائڻا بہ ھئا. عزت منجھان انھن کي سگھڙ بہ سڏيو ويندو ھو. جيئن جيئن دنيا اڳتي وڌندي وئي تہ مختلف شعبن ۾ ترقي ۽ قوتھڙو بہ جاري رھيو. ھڪ شعبي مان ٻيا شعباءُ ڦٽي نڪتا. ڳائڻا، شاعر ۽ سگھڙ پنھنجي الڳ سڃاڻپ سان نروار ٿيا. ٿنھي جو تمام ويجھو رشتو آھي. ڳائڻو ڪنھن شاعر جي شاعري ئي ڳائيندو. گھڻي ڀاڱي شاعر پنھنجي شاعري ڳائيندا ناھن، رڳو تخليق ڪندا آھن يا پڙھندا يا وري جھونگاريندا آھن. جڏھن تہ سگھڙ پنھنجي تخليق پيش ڪرڻ جو سھڻو ڏانءُ رکي ٿو. سگھڙ بہ شاعر يا تخليقڪار آھي، جيڪو نہ رڳو پنھنجي شاعري مخصوص انداز ۾ پيش ڪندو آھي. بلڪ ٻين شاعرن/ سگھڙن جي شاعري پڙھي ڪچھريءَ ۾ چوڏھن چنڊ لڳائي ڇڏيندو آھي. سگھڙ ٻوليءَ تي وڏيڪ ۽ شاعر وري تخيل تي وڏيڪ ڌيان ڏئي ٿو. ٻنھي جي پنھنجي پنھنجي اھميت آھي. سگھڙ جو فن ادائگي (Performance) تي وڏيڪ دارومدار رکي ٿو.

ڪو زمانو ھو جو سگھڙن ظاھري تعليم نہ ھوندي بہ پنھنجي سيني ۾ شاعريءَ کي سانڍي زبان ذريعي ايندڙ نسلن تائين منتقل ڪري ٻوليءَ کي محفوظ رکيو. زماني جي ترقيءَ سان ھنن ھمراھن بہ ترقي ڪئي آھي. ھاڻي سگھڙائپ جي فن سان

لاڳاپيل همراھ اڻ پڙهيا ناهن رهيا، تعليم حاصل ڪري نہ رڳو دنيا جهان جو ادب، خبرون ۽ ڄاڻ پڙهن ٿا پر پنهنجو ڪلام پني تي پاڻ لکن ٿا. هن زماني جي جدت کي بہ قبوليو آهي تہ وري ٻوليءَ جي پراڻي ۽ نئين رنگ کي بہ پاڻ ۾ ملايو آهي. اهو سڄو اولڙ اوهان کي هن ڪتاب "سهڻل جا سينگار" ۾ نظر ايندو.

سينگار لوڪ ادب ۾ اهڙي بيت کي چيو وڃي ٿو، جنهن ۾ محبوب جي سورهن سينگارن، ڳهن ڳٺن ۽ سونهن وغيره جي واکاڻ ٿيل هجي. هونءَ بہ سونهن ۽ سينگار شاعر توڙي سگهڙ جي فطري ڪمزوري رهيا آهن. دنيا جو شايد ئي ڪو شاعر هجي، جنهن محبوب جو ذڪر تہ ڪيو هجي پر سندس سينگار جو ذڪر نہ ڪيو هجي.

سينگار نيٺ عشقيا صنف آهي، پوءِ اهو محبوب مجازي هجي يا حقيقي، نبي ڪريم ﷺ کي پنهنجو محبوب سمجهي سينگار ۾ ساراهيو ويندو آهي. سنڌيءَ ۾ ان جو بنياد هندي دوها چيا وڃن ٿا. انهن دوهن کي سنڌ جي شاعرن ۽ سگهڙن پنهنجو رنگ ڏئي سينگار بڻائي ڇڏيو. اردوءَ ۽ هنديءَ ۾ سينگار کي سنگهار چيو وڃي ٿو، جنهن جي معنيٰ ناھ نوھ ۽ سجاوٽ آهي.

سينگار جي بيتن ۾ تشبيهن ۽ استعارن جي لَٽ اهڙي تہ من موهيندڙ هوندي آهي جو ٻڌندڙ ۽ پڙهندڙ سرور ۾ اچي ويندو آهي ۽ لَن مان محبوب جي سونهن جو تجلو نظر ايندو آهي. سنڌيءَ جي ڪلاسيڪي شاعريءَ ۾ جيڪي محبوب جي سونهن جي باري ۾ بيت چيل آهن، انهن کي جيڪڏهن سينگار بيت سڏجي تہ وڌاءُ نہ ٿيندو، اهو سلسلو اڄ جي جديد شاعرن تائين هلندو اچي پيو ۽ هلندو رهندو. ان سلسلي ۾ مثال لاءِ هڪ ڪلاسيڪي ۽ هڪ جديد شعر ڏجي ٿو.

چنڊ تنهنجي ذات، پاڙيان نہ پرينءَ سين
تون اچو ۾ رات، سڄڻ نِت سوجهرا
(شاھ لطيف)





صاف کير جيئن، جوڀن تنهنجو
نرم مکڻ جيئن، تن من تنهنجو
کير مکڻ سڀ سهڻي آ
چنڊ تہ آهي ڇاڇ ڇڙي ووا!
(نارائڻ شيام)

مٿيان بيت سڌا سنوان سينگار جا بيت تہ نہ ٿا چئي سگهجن پر انهن ۾ محبوب جي سونهن ۽ سينگار جو ذڪر آهي. هاڻي هيٺ اهڙو بيت ڏجي ٿو، جيڪو سگهڙ "بردي" جو آهي ۽ ان کي سينگار بيت سڏجي ٿو.

سون ورني سُهڻي، اڌر عجب گل رنگ
ڪيسر لنڪي ڪامڻي، ڪومل نين ڪرنگ
ناس ڪڪيلو، ڪوئل بيني، ڀرون ڀيئونر ڀونگ
ٽليهر وڏِ ٽونگ، ٿي بيهوش ڪِري "بردو" چئي.

(اڌر: چپ، ناس: نڪ، ڪڪيلو: چتون/ طوطو، بيني: آواز، ڀونگ: نانگ)

اها سون جي رنگ جهڙي آهي ۽ چپ گلاب جي گل جهڙا، نڪ طوطي جيان، آواز ڪوئل جهڙو ۽ ڀرون نانگ جهڙا اٿس.

عورت جي سورهن سينگارن جي جيڪا ڳالھ ڪئي ويندي آهي، سگهڙن پاران انهن کي چئن حصن ۾ ورهائي ڀيٽيو ويو آهي. (1) چار چلنت (هلندڙ جانور)، (2) چار اُڏنت (اُڏندڙ پکي)، (3) چار قول (گل)، (4) چار قل (ميوا)، انهن شين جي خوبين کي عورت جي سينگار سان ڀيٽيو ويو آهي.

چار هلندڙ: (1) مرگھ نيني (هرڻ اکي)، (2) ڪيهر لڪي (شينهن جهڙي چيلھ)، (3) ٻلپ (گهوڙي جهڙو ناز نخرو)، (4) رد/ هاٿي (هاٿيءَ جهڙو هلڻ)

چار اُڏندڙ: (1) ڪڪيلو (طوطو): نڪ طوطي جهڙو، (2) ڪوئل:

ٻالهائڻ ڪوئل جهڙو مٺو، (3) مور: ڳچي مور جيان ڊگهي ۽ سنهي، (4) پونر (پونئر پکي ته ناهي اڏامندڙ ڪارو جيتامڙو آهي): پرون ڪارا ائين هجن جيئن چمپي گل تي پونر.

چار ميوا: (1) ڪيلو: هٿ ڪيلي جي ڦريءَ جهڙا نرم، (2) اڏار (ڏاڙهون) ڏند ڏاڙهونءَ جي داڻن جهڙا سهڻا، (3) سوپاري: ٺُڙي سوپاريءَ جيان ننڍڙي ۽ گول هجي، (4) ناريل: ڪامڻيءَ جي پستان سندس چوليءَ اندران ناريل وانگر لڳن.

چار ڦول: (1) گلاب: چپ ۽ ڳل گلاب جهڙا، (2) سوسن: وار سوسن جي گل جهڙا ڪارا، (3) ڪيسر: بدن ڪيسر (گل زعفران) وانگر سدا بهار ۽ خوشبوءِ وارو، (4) ڪنول: مُنهن ڪنول جي گل جهڙو خوبصورت.

ضروري ناهي ته هر ڪو سُگهڙ رڳو اهي ئي چار چلنت، چار ڏنت، چار ڦول ۽ ار ڦل پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪم آڻي. پنهنجيءَ پسند مطابق تشبيهون تبديل ڪري سگهي ٿو. مٿي رڳو سمجهائڻ لاءِ نالا ڏنا ويا آهن.

ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي جي ڪتاب ”لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو“ مان مٿيون وضاحتون ڏنيون ويون آهن هو رام گلام رام جي ڪتاب ”رام لگام شبد ڪوش“، جيڪو لڪشمي وينڪٽيشور ڇاپي خاني ڪلياڻ، سنبت 1967ع ۾ ڇپرايو، جي حوالي سان عورت جا هيٺيان سورهن مجازي يا مصنوعي سينگار بيان ڪري ٿو:

(1) بدن صاف ڪرڻ، (2) وهنجڻ، (3) صاف پوشاڪ پهرڻ، (4) ڪجل لڳائڻ، (5) لاک جي رنگ سان پير ڳاڙها ڪرڻ، (6) وار سنوارڻ، (7) سينڌ پرڻ، (8) نرڙ تي تلڪ ڪڍڻ، (9) ميندي لڳائڻ، (10) ڪاڏيءَ تي تل ڪڍڻ، (11) بدن کي خوشبوءِ لڳائڻ، (12) زيور پائڻ، (13) گلن جو هار وارن جي چوٽيءَ ۾ ويڙهڻ، (14) پان کائڻ،





(15) ڏندن کي مِسي هڻڻ، (16) لبن کي لال ڪرڻ. (صفحو 143)

اهي سيئي سينگار هاڻي جديد طريقن سان ڪيا وڃن ٿا. پراڻا وکر به نئين انداز سان بازار مان ملن ٿا. هر خطي ۾ طور طريقا به ڪجهه مختلف آهن. جيئن هندو ڌرم ۾ تلڪ ٿئي، جڏهن ته سنڌ ۾ شهرن ۽ ٻهراڙين ۾ عورتون پنهنجي طريقي سان پاڻ کي سينگارن، جنهن جي شاعر عڪاسي پڻ ڪن ٿا.

سينگار بابت عاجز لاشاريءَ پنهنجي مقدمي ۾ تفصيل سان لکيو آهي. وڌيڪ ڄاڻ لاءِ ان جو مطالعو ڪري سگهجي ٿو.

هِن ڪتاب جو نالو به ڏاڍو سهڻو رکيو ويو آهي. جڏهن مان ريڊيو پاڪستان تي هوندو هئس ته رونا ليليٰ جي ڳايل انهن ٻولن کي اڪثر پنهنجي پروگرامن ۾ ڏاڍي چاهه سان نشر ڪندو هئس.

سهڻل جا سينگار، وهه واهه دل کي وڻن ٿا.
دل کي وڻن ٿا، ڏاڍا سهڻا لڳن ٿا.

سهڻل هڪ جامع لفظ آهي هر ڪو اهو لفظ پنهنجي پنهنجي محبوب لاءِ ڪتب آڻي ٿو هن ڪتاب ۾ سگهڙن پنهنجي محبوب جي تمام گهڻي واکاڻ ڪئي آهي. اڪثر سگهڻن جو محبوب هن ڪائنات جو ڪارڻي حضرت محمدﷺ آهي، جنهن جي ساراهه ۾ سگهڙن وسان نه گهٽايو آهي. مجاز محبوب جي تعريف به واهه جي ڪئي وئي آهي. سونهن ۽ سينگار جون سُرڪون پريون ويون آهن.

هتي مثال لاءِ ”گل حسن گل“ جو هڪ ٽيهس سينگار ڏجي ٿو، جنهن ۾ چنڊ جا ٽيهه نالا آهن:

قمر، بدر، طوبا جوڙ نه اڳيان جاني،
درگ، ڏجراج، مڏاش، نشاقر نوڪ نوراني،
اند، هلال، هسند، سسُ نه سجڻ ثاني،
چن، چندرما، چاند، ٻٽيو ستارن باني،
پورن، پونم، پهلو، جڏهن سونهن ڏني سلطاني،

نوخ نمايو سهڻي صورت جلوي جوت جواني،
مڪرندءُ لماس، عجيب قدمين، سن، چندورو فاني،
پونو، پانو، پنرو، چگڙو، لعلڻ پرلا ثاني،
مون، ماهہ، مهتاب، تنهن ڪان سرس سجڻ سبحاني،
چنڊ چٽائي مرڪ مٽائي، راز هتي هو رباني،
حسين ويا ”گل ملڪ“ هتي، تي حورن ڪي حيراني،
خان ھجي ڪو خاني، تہ بہ ھسن وڏ حبيب جو،

ڪتاب شايع ڪرڻ تي ڇپائيندڙ اداري ۽ مرتب عاجز لاشاريءَ ڪي واڌايون ڏيان ٿو. عاجز لاشاري صاحب جون لوڪ ادب ۾ تمام گهڻيون خدمتون آهن. هتي سندس مختصر تعارف ڏجي ٿو.

عاجز رحمت الله گهڻ رخي شخصيت جو مالڪ آهي. هڪ ئي وقت هو مذهبي عالم، نعت خوان، مولودي، قاري، صحافي، سگهڙن جو اڳواڻ، مختلف ڪتابن جو ليکڪ، ٽي وي ڪمپيئر ۽ سلجهيل سگهڙ آهي. سندس ڄمار تہ ننڍڙي آهي پر ھن ڪم وڏا ڪيا آهن. خاص ڪري سگهڙائپ جي شعبي ۾ تمام ٿورڙي عرصي ۾ ھن گهڻا ۽ معياري ڪم ڪيا آهن.

هيءُ همراهہ سگهڙن جي ڳڪن لاءِ پاڻ پتوڙيندو رهي ٿو، پنهنجن سينيئر سگهڙن سان گڏ مختلف تنظيمن ۾ رهڻ ڪان پوءِ سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم (سلات) جي باني ميمبرن ۾ بہ شامل ٿيو، هينئر ان جو مرڪزي اڳواڻ آهي. ان تنظيم جي پليٽ فارم تان هو سگهڙن لاءِ جاکوڙيندو رهي ٿو، سندس ديني خدمتون بہ جاري آهن.

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ صاحب عاجز لاءِ لک ٿو تہ: ”سنڌ جو سگهڙ بنيادي طور مذهبي شاعر رهيو آهي. پر هن سگهڙ ۾ اعليٰ گڻن واريون سيئي خوبيون سمايل آهن. مذهب سان گڏ ادب، صحافت، خطابت، امامت، تدريس جي ڄاڻ سميت نظم ۽ نثر





بہ سٽي نموني سرجيندڙ آهي. هي سيئي مٽيا جا موتي ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ ۾ ملندا آهن. (رنگ رحمت الله جا، 2 129)

دعا آهي تہ سندس ڪم جي رفتار ۽ معيار جاري رهي تہ جيئن خاص ڪري لوڪ ادب جي وڌ ۾ وڌ خدمت ٿي سگهي.

**ڊاڪٽر ڪمال جامڙو**

چيئرمن

سنڌي شعبو، وفاقي اردو يونيورسٽي

عبدالحق ڪئمپس، ڪراچي

# پنهنجي پاران

ان ڳالھ ۾ ڪو بہ شڪ نہ آهي تہ اسان جي سنڌ ڌرتيءَ جي پلاري پونءِ ۾ علمي ادبي ۽ ديني لحاظ کان امن پيار محبت جو درس صدين کان جاري و ساري آهي. ان پلاري پونءِ ۾ علمي ادبي توڙي ديني لحاظ کان هر ڪو پاڻ پتوڙي رهيو آهي ان سلسلي ۾ اسان جي شهر مبارڪپور جي هڪ تمام اعليٰ شخصيت مرحوم پروفيسر اسد الله پٽو بہ عالمي سطح جي اعليٰ شخصيت طور سڃاپجندڙ آهي جنهن پنهنجي شهر کان شروع ڪيل هڪ فڪري جاڳرتا کي ان مقام تي پهچايو جو وقت جي حڪومت جي اعليٰ حڪمرانن بہ ڪيس سلام ڪيو ۽ مڃتا جي ان حد تائين پهتو جو انسانيت جي خدمت جو جذبو ڪٽي اسلامي ادب جي آبياري ڪرڻ سميت ڏتڙيل غريب ۽ مسڪين ماڻهن جي مدد جو نظريو سامهون رکندي تنظيم فڪر و نظر سنڌ جو سن 1978ع ۾ بنياد رکيو جنهن تنظيمي پليٽ فارم تان هن جو جذبو اڀترو تہ جدوجهد ۽ جفاڪشي وارو هيو جو ٿوري عرصي ۾ نہ رڳو سنڌ پر پاڪستان اندر تمام وڏو نالو ڪمايو.

حيدرآباد مان شايع ٿيندڙ رسالي بيداري جي بياض ۾ ڇاپيو ويو آهي تہ پروفيسر اسدالله پٽو مرحوم پنهنجي ذات ۾ انجمن هو. ديني حميت جو صاحب هو، ادارا قائم ڪري، انهن کي هلائڻ جي جدوجهد ۾ پيش پيش هو، ڪتاب لکڻ، اردو ڪتابن مان ترجما ڪرڻ ۽ پروف ريڊنگ کان وٺي ڇپائي تائين جي سمورن ڪمن ۾ مصروف رهڻ، سنڌ گير سطح جون ادبي ڪانفرنسون ڪوٺائڻ، دوستن کي ڳڏ ڪري ڪائنڻ نظرياتي ڪم وٺڻ جي وصفن کان بهره ور هو. پروفيسر اسدالله ولد حاجي غلام قادر پٽو ضلع جيڪب آباد تعلقہ ٺل جي ڳوٺ مبارڪپور ۾ 15 جنوري 1944ع تي





پيدا ٿيو، سندس والد محترم جي وفات حج بيت الله جي سفر دوران ٿي هئي. جيڪو اسلامي حيثيت رکندڙ ۽ مجاهد مرد هو، هن سخيءَ طور مشهوري ماڻي هئي.

مرحوم پروفيسر اسد الله ابتدائي تعليم جو آغاز گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڪنڌ ڪوٽ کان ڪيو. سال 1961ع ۾ مئٽرڪ جو امتحان گورنمينٽ هاءِ اسڪول ڪنڌ ڪوٽ مان پاس ڪيو ۽ جلد ئي ساڳئي هنڌ استاد جي حيثيت سان مقرر ٿيو. مرحوم پٽي صاحب جي تعليم سان نهايت گهري دلچسپي هئي. هن سروس دوران انٽر ۽ بي اي جو امتحان ڊيئي ايم. اي اسلام ڪلچر جو امتحان فرسٽ ڪلاس فرسٽ پوزيشن ۾ پاس ڪيو. اهڙي طرح گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سانگهڙ ۾ اسلامڪ ڪلچر جو ليڪچرار مقرر ٿيو.

پاڻ سروس دوران جيڪب آباد، شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ۾ رهڻ بعد سکر ۾ مستقل سڪونت اختيار ڪندي پنهنجي ڊيوٽي جا آخري 20 سال گورنمينٽ ڊگري ڪاليج سکر ۾ پورا ڪيا.

## محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي جو قيام ۽ ان جون حاصلات

مرحوم پٽي صاحب جو شروعات کان وٺي لاڙو علمي ۽ ادبي دنيا ڏانهن رهيو، جنهن ڪري علمي ۽ ادبي شوق جي تسڪين لاءِ ڪوشش ڪري، دوستن جي صلاح مشوري سان 1968ع ۾ محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي سنڌ جو بنياد وڌو. جنهن ۾ مرحوم کي بنيادي مرڪزي نائب صدر مقرر ڪيو ويو. هن اداري جي ڪاميابي لاءِ اڻٿڪ محنت ۽ سخت جدوجهد ڪيائون. نتيجي ۾ ان اداري برصغير ۾ اسلام جي فاتحاتي آمد، غازي محمد بن قاسم جو مجاهداڻو ڪردار، يوم باب اسلام تحريڪ کي اجاگر ڪرڻ، دين جي بزرگن خاص طور شاهہ عبداللطيف ڀٽائي جي عالمگير پيغام کي عام ڪرڻ، سنڌ جي اسلامي تشخص جي احياءِ

الحاد ۽ لادينيت جي سدباب جي لاءِ اهم ڪردار ادا ڪيو ۽ ان اداري انگريزي، سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ 55 ڪتاب شايع ڪيا، ان سان گڏوگڏ سنڌي ماهوار رسالا سنڌي ڊائجيسٽ، اديون ۽ آئينو جاري ڪيا.

ڪتابن جي اشاعت، تصنيف ترجمہ، تاليف ۽ ترتيب ۾ مرحوم ڀٽي صاحب حصو ورتو ۽ هن ڪيترائي مضمون پڻ لکيا.

محمد بن قاسم سنڌي ادبي سوسائٽي اسلامي وحدت، ديني حميت ۽ علم و ادب جي سرپرستي ڪندي ايمان افروز ڪانفرنسون، مشاعرا ۽ مذاڪره منعقد ڪرايا، جن ۾ علم ۽ فضيلت جا پارکو، مشاهير امت، علماءِ ڪرام ۽ قومي شاعر شرڪت ڪندا رهيا. مرحوم پروفيسر اسد الله ڀٽو حيثيت نائب صدر ۽ جنرل سيڪريٽري هن اداري ۾ خدمتون سرانجام ڏيندي ان کي اوج تي رسايو.

**تنظيم فڪر و نظر سنڌ جو قيام ۽ ان جون حاصلات**

1978ع ۾ مرحوم پروفيسر اسد الله ڀٽو تنظيم فڪر و نظر سنڌ جي نالي سان اسلامي، علمي، سماجي ۽ ادبي ادارو سکر ۾ قائم ڪيو ۽ ان جا باني صدر منتخب ٿيا، ان اداري انگريزي، سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ 50 قومي ۽ بين الاقوامي اهميت جا حامل اسلامي تاريخي ۽ ادبي ڪتاب سنڌي ۽ اردو ٻوليءَ ۾ شايع ڪيا جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

1. رحمت اللعالمين
2. نور الايمان
3. محمد بن قاسم ناول
4. وچ ايشيا جا مسلمان
5. قوم پرستي
6. اوجاڳو اکڙين





7. چار يار
8. سندري (ناول)
9. سرور ڪائنات
10. داستان مجاهد
11. آرياڻي اجاريو
12. انقلاب جي راهه
13. طارق بن زياد رحہ
14. داستان مجاهد
15. عرفان لطيف
16. مديني جو مير
17. منو مرسل (سير النبي)
18. عرب وهند عهد رسالت ۾
19. فڪر لطيف 1985ع
20. نيو هورائيزن (انگريزي)
21. قرآني انقلاب جو طريقو
22. لطيف جا لاڙتان پيرا
23. حضرت خالد بن وليد
24. قائداعظم محمد علي جناح
25. سڙيا متي سچ
26. سيڻ متائين سون تي
27. فڪر لطيف 1986ع
28. سنڌ باب اسلام
29. حديثن جو گلدستو
30. روشني
31. اشتراڪيت جو آئينو
32. الله سائين جي ڏاچي

اردو ٻولي ۾ ڪتاب شايع ڪيا جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

33. حضرت سلمان فارسي رضہ
34. حضرت ابو عبدالرحمان عبدالله بن مسعود
35. حضرت عثمان بن مظعون بن حبيب
36. هندستان مين عربون ڪي حڪومت
37. مجلہ باب الاسلام ڪانفرنس 1985ع
38. حضرت زبيربن العوام رضہ
39. مقد اد بن عمر ووالاسد رضہ
40. عرب و هند عهد، رسالت مين
41. اسلام جس سي مجهي عشق هي
42. مجلہ ڪل پاڪستان لطيف ڪانفرنس 1985ع
43. حضرت زيد بن حارث رضہ
44. حضرت سالم رضہ
45. خلافت راشده اور هندستان
46. خلافت عباسيہ اور هندستان
47. مجلہ ڪل پاڪستان باب الاسلام ڪانفرنس 1986ع
48. حضرت زيد بن رضہ
49. حضرت حذيفہ بن اليمان اور حضرت خباب رضہ
50. خلافت نبي اميہ اور هندستان
51. مجلہ عالمي سندي ادبي ميلو 1988ع
52. مجلہ ڪل پاڪستان لطيف ڪانفرنس 1988ع

مرحوم موصوف پاڻ ڏهن ڪتابن جا ليکڪ آهن جن مان 6 پنهنجا تصنيف ٿيل ۽ 4 ترجمو ٿيل آهن. جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا.

53. شاهہ جو پيغام
54. عالم اسلام ۽ عصري سياست قوم پرستي





55. سنڌ اسلام جي آغوش ۾
56. شيخ اياز پنهنجي نظريات جي آئيني ۾
57. ترجمون ٿيل ڪتاب
58. انقلاب ڪيئن ايندو؟
59. رحمت اللعالمين
60. قرآني انقلاب جو طريقو
61. محمد بن قاسم

**سنڌ اسلامڪ سينٽر سکر جو قيام،**

هڪ ڪثير المقاصد، سنڌ اسلامڪ سينٽر قائم ڪيو، جيڪو سکر شهر ۾ 3 ايڪڙ وسيع رقبي تي ڦهليل آهي، هاڻي بہ هي مرڪز اسلامي ۽ ادبي سرگرمين جو محور ۽ نشان منزل آهي، جنهن ۾ مرڪز دعوت القرآن والسنہ جي نالي سان ادارو قرآن حڪيم جي تعليم ۽ اسلام جي فڪر جي اشاعت جو فرض انجام ڏيئي رهيو آهي.

سنڌ اسلامڪ سينٽر جو قيام، تعمير، تشڪيل ۽ ترويج ۾ مرحوم پيتي صاحب جو وڏو ڪردار آهي. تنظيم فڪر نظر سنڌ جي زير اهتمام مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن جي تعاون سان اهم بين الاقوامي/قومي و صوبائي ڪانفرنسون ۽ سيمينار منعقد ڪيا، جيڪي هن ريت آهن.

اسلام اور دور جديد ڪا چيلنج 1978ع
ڪل سنڌھ تعليمي ڪانفرنس شڪارپور 1979ع
هجره ڪانفرنس سکر 1981ع
ڪل سنڌھ شاہ لطيف ڪانفرنس لاڙڪانہ 1986ع
قومي سيرت ڪانفرنس سکهر 1983ع
شاد سان شام 1983ع
عالمي سنڌهي ادبي ميلو ڪراچي 1984ع

مسلمانون ڪي عظمت رفتہ حيدرآباد 1984ع

بهارت ڪي نامور مسلمانون ڪي اعزاز مين ايڪ پر وقار تقريب سکهر 1984ع

حضرت مولانا سعيد احمد اڪبر آبادي ڪي اعزاز مين تقريب سکهر 1984ع

بهارت ڪي دانشورون ڪي اعزاز مين شام لب مهران سکهر 1984ع

يوم سردار علي شاه "ذاڪر" مرحوم 1984ع

حضرت مولانا قاضي اظهر مبارڪپوري ڪي ڪتب ڪي تعارفي تقريب ڪراچي 1986ع

معصومين ڪان ميلا سکهر 1986ع

يوم قربان علي بگٽي مرحوم 1985ع

ڪل سندھ معصومين ڪا ميلا سکهر 1987ع

1985ع سي سالانہ ڪل پاڪستان شاھ عبداللطيف ڪانفرنس سکهر

شاه لطيف عالمي ڪانفرنس 1986ع

درس قرآن ڪي محفلين سکهر 87-1986ع

انهن ڪانفرنس ۾ دنيا جا مشاهير اسڪالر، علماءِ ڪرام ۽ شاعرن کان علاوه وقت جي صدر، وزيراعظم، گورنر، وزيراعليٰ ۽ وزيرن شرڪت ڪري خطاب ڪيو، ان اداري مرڪزي ۽ صوبائي حڪومتن جي تعاون سان ساليانو (هر سال) شاھ عبداللطيف ڀٽائي ڪانفرنس، يوم باب الاسلام ڪانفرنس ۽ قومي سيرت ڪانفرنس جو شاندار اهتمام ڪيو، پروفيسر پٽو صاحب ان اداري جي قيام ۽ فروغ جي لاءِ بنيادي خدمتون انجام ڏنيون.

**مسجد محمد بن قاسم اروڙ جو قيام:**

پروفيسر اسدالله پٽو 1983ع ۾ ٽيون ادارو قومي ڪاميٽي براءِ تعمير نو مسجد محمد بن قاسم اروڙ ڪي قائم ڪرڻ ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪيو، ان وقت جو وفاقي مذهبي امور محترم جناب راجا ظفر الحق باني صدر ۽ پروفيسر پٽو باني جنرل





سيڪريٽري مقرر ٿيا، ان اداري جي قيام جو مقصد برصغير جي پهرين مسلم دارالخلافہ اروڙ نزد سکر جي تاريخي حيثيت کي زنده ڪرڻ اتي موجود برصغير جي پهرين مسجد محمد بن قاسم و شريعت ڪاليج کي قائم ڪرڻ ۽ اسلام جي فاتحاڻي آمد ۽ جنوبي ايشيا ۾ وسعت جي باب کي روشن ڪرڻ هو.

مرحوم پروفيسر پٽو جي ڪوشش سان وقت جي صدر، گورنر ۽ وزير اعليٰ اروڙ جو دورو ڪيو ۽ ان عظيم منصوبي جي منظوري جو اعلان ڪيو ۽ ساڍا ٽيرنهن ايڪڙ زمين عطيي طور ڏني، پر اجا تائين اهو خواب ساڀيان ڪونہ ماڻي سگهيو آهي.

ان کان علاوه مرحوم پٽي صاحب ڪانفرنس ۽ مذاڪرن ۾ شرڪت ڪئي، ان مان ڪجھ خاص هن ريت آهن، مرحوم پٽي صاحب اڪيڊمي ادبيات پاڪستان جي زير اهتمام ڪل پاڪستان اهل ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي ۽ مقالو پڙهيو.

85-1984ع ۾ وزارت مذهبي امور جي زير اهتمام بين الاقوامي دانشورن جي ڪانفرنس ۾ شرڪت ڪئي، مقالو پڙهيو، مرحوم کي 1983ع ۾ مذهبي امور طرفان قومي سيرت ڪانفرنس جو ڪارڪن مقرر ڪيو.

پٽي صاحب وزارت مذهبي امور جي زير اهتمام قومي سيرت ڪانفرنس جي تقريري مقابلي ۾ 1990ع ۾ حصو ورتو ۽ صدر پاڪستان طرفان صدارتي ايوارڊ حاصل ڪيو.

10 رمضان المبارڪ ۾ يوم باب اسلام جي اهميت جي موضوع تي پٽي صاحب ٽيليويزن ۽ ريڊيو جي مذاڪرن ۾ حصو ورتو ۽ اسلامي فڪر جي موضوع تي ڪيترين ئي نشري تقريرون ڪيون.

مرحوم پٽي صاحب 14 سالن کان مسجد طور سينا اي ڊي سي ڪالوني سکر جو خطيب ۽ مهتمم رهيو.

مرحوم پتي صاحب جي ڪوشش سان ڪراچي يونيورسٽي ۾ شاهه عبداللطيف چيئر قائم ٿي.

مرحوم جي ڪوشش سان حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي عرس جي موقعي تي عام موڪل جو اعلان ڪيو ويو.

تنظيم فڪر ونظر جي ڪوشش سان ڪوٽا سسٽم جي مدت ۾ وڌيڪ 10 سال وڌايو ويو.

ڇهين ڪان اٺين جماعت تائين عربي زبان کي لازمي سبجيڪٽ قرار ڏنو ويو.

عالمي سنڌي ادبي ميلو 1981ع اندرا گانڌي جي سميلين منعقده دهلي جي جواب ۾ ڪيو ويو.

تنظيم جي ڪوشش سان سنڌ جي 36 سي ايس پي آفيسرن کي مقرر ڪيو ويو، جنهن ۾ پتي جي ڀرپور ڪوشش رهي هئي.

مرحوم پروفيسر اسدالله ڀٽي انفرادي ڪوشش جي نتيجي ۾ ادارن کي قائم ڪرڻ جي جدوجهد ڪئي، ان لاءِ ته مثبت ادارائي ملڪ ۽ ملت جي مضبوطي ۽ فڪر جي آبياري جو ڪم ڪندا آهن اڄ اهي ادارا هڪ چانون ڏيندڙ وڻ جيان اسلامي فڪر ۽ علم و ادب جو ڏيئو روشن ڪيون وينا آهن، انسان ته اڇڻ وڃڻ واري شيءِ آهي پر ادارا روشن مينار جو ڪم ڏيندا رهندا آهن.

مرحوم پروفيسر اسدالله ڀٽو صاحب 9 سيپٽمبر 1999ع ۾ دل جي بيماري سبب پمز اسپتال اسلام آباد ۾ پنهنجو دم ڏٽي حوالي ڪيو ۽ پنهنجي اباڻي ڳوٺ مبارڪپور تعلقي ٺل ضلعي جيڪب آباد ۾ دفن ٿيل آهي.

مرحوم پروفيسر اسدالله ڀٽو جسماني طور اسان ڪان ڌار آهي پر روحاني طور هن جون اسلامي، علمي، ادبي، سماجي ۽ تنظيمي خدمتون زنده جاويد رهنديون.

تازو سندن جدوجهد ۽ جاڪوڙ کي جاري رکڻ وارو عزم





ورجائيندي تنظيم جي موجوده صدر پروفيسر محمد علي راڄپر، جنرل سيڪريٽري خواجا خليل احمد، چيئرمين پروفيسر اصغر مجاهد مهر، سائين پروفيسر لياقت علي پتو، پروفيسر صفي الله غزالي "پتو" پروفيسر فضل الله مهيسر ۽ ٻين اهم عهديدارن توڙي ميمبرن استاد نواب علي مهر ۽ مون تي ذميواري رکي ته قومي سيرت ڪانفرنس ۾ سگهڙن کي به سڏايو ۽ اهو پروگرام جنهن شاندار ڪامياٻين سان ٿيو سا تمام تاريخي ڳالهه آهي ۽ هي ڪتاب پڻ ان ڪامياٻيءَ جو ثبوت آهي. جنهن ۾ علمي، ادبي توڙي ديني صلاحيتن سان ڀرپور ٻي لوٺ عالم، اديب ۽ سگهڙن جي تنظيم "سلات" جي باني مرڪزي صدر سائين عاجز رحمت الله لاشاري ڪيرون لهڻي جنهن بنا ڪنهن تنظيمي تضاد يا تفرقي جي هڪ سچي صوفي طور پاڻ ملهائي ڏيکاريو آهي ۽ ادبي ادارن توڙي لاڳاپيل سرڪاري ثقافت کاتي جي ذميواري باوجود "تنظيم فڪر و نظر سنڌ" جو شايع ڪيل هي تاريخي ۽ تحقيقي ڪتاب اميد ته سيني پڙهندڙن کي پسند ايندو ۽ تاريخي جاءِ والاريندو (آمين)

**سگهڙ گل حسن "گل ملڪ"**

سيڪريٽري جنرل: سلات

ميمبر: تنظيم فڪر و نظر سنڌ، مبارڪپور

رپورٽ: اقبال عادل مهر

# سگهڙ ڪانفرنس 2014ع

سنڌ جي مذهبي اسڪالرن، اديبن، ڏاهن، سگهڙن ۽ شاعرن پاران لادينيت کي ختم ڪرڻ ۽ محبتي ميڙاڪا مچائڻ لاءِ سگهڙائپ کي عام ڪرڻ سلسلي ۾ ”تنظيم فڪر و نظرسنڌ“ پاران سنڌاسلامڪ سينٽرسکر ۾”سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس“ منعقد ڪئي وئي، جنهن ۾ سنڌ توڙي بلوچستان جي ڏوراهن علائقن مان ڏات ڌڻي شريڪ ٿيا. سگهڙن قومي سيرت ڪانفرنس جي موقعي تي ڪونايل ”سينگارڪچهري“ ۾ سگهڙائپ جي لوڪ رنگ ۾ ٻنهي جهانن جي سردار حضرت محمد مصطفیٰ ﷺ جي سيرت تي بيت ۽ نڪور شاعري پيش ڪئي، جنهن ۾ تخليقڪار سگهڙن ڪيترين ئي ٻولين جي انوکن لفظن ۾”ڏهس جا بيت“ توڙي صفاتي سينگار شاعري پيش ڪري چار چنڊ لڳائي ڇڏيا. ان موقعي تي ”سلات“ جي سرواڻ نامور اديب نوجوان محقق ۽ برک صحافي توڙي عالم ۽ قاري عاجز رحمت الله لاشاري کي خوبصورت انداز ۽ آواز سبب ۾ پيرا قرآن مجيد جي تلاوت ڪرائي وئي، جڏهن ته سنڌس ترنم ۾ پيش ڪيل ”مولود ۽ مداحن“ پڻ محفل کي موهي وڌو. ثقافت جي امين سگهڙن سنڌي ٽوپيون، پٽڪا ۽ اجرڪ جون پوشاڪون اوڍي مذهبي ماحول ۾ سنڌ جي اصلي ثقافت جي پرچار ڪئي.

سينگار شاعري ڪان سواءِ پاڻ ڪريمن ﷺ جي سيرت پاڪ سان واڳيل صفاتي بيت پڙهيا جڏهن ته محبوبن ڪريمن ﷺ جي معجزن ۽ اصحابن ڪرامن جي بهادري توڙي شجاعت ۾ بيان ڪيا وئي ”سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس“ جي موقعي تي ڏات ڌڻي سگهڙن توڙي اسلامي اسڪالرن سينگار شاعري جو اصلي موجد





حضرت حسان بن ثابت کي قرار ڏيندي سندس لکيل عربي ٻوليءَ ۾ سينگار شاعري پڻ پيش ڪئي ساڳئي وقت عالمن حضرت علي المرتضیٰ شيرخدا جي شاعري پڻ پڙهي ٻڌائي 25 جنوري 2014ع بمطابق 23 ربيع الاول 1435ھ تي منعقد ڪيل“قومي سيرت ڪانفرنس“واري تقريب کان پهريان ڪونايل“سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس“ جي صدارت پاڪستان جي مشهور مذهبي اسڪالر، عالم، علم عروض جي اعلیٰ پايئ جي شاعر ۽ ڪيترا پيرا ملڪ جو صدارتي ايوارڊ ماٽيندڙ عاشق رسول شاعر سيد گل محمد شاھ ”گل“ بخاري ڪئي.

سگهڙ ڪانفرنس جي خاص مهمانن ۾”سلات“ جوسرپرست اعلیٰ ۽ اطلاعات کاتي جو اڳوڻو ريجنل ڊائريڪٽر درمحمد ڪمال سولنگي، سلات جو باني ۽ مرڪزي صدر مشهور عالم، اديب ۽ صحافي عاجز رحمت الله لاشاري، سکر جو مشهور مذهبي اسڪالر ۽ عالم سعود افضل هاليجوي سميت ”تنظيم فڪر و نظر “ سنڌ جي صدر پروفيسر ڊاڪٽرمحمد علي راڄپر، جنرل سيڪريٽري خواجا جليل احمد، چيئرمين پروفيسر اصغرمجاهد مهر، وائيس چيئرمين پروفيسر لياقت علي پتو، سميت سنڌ جي اهم اڳواڻن فضل الله مهيسر، ڊاڪٽر صفي الله ”غزالي“ پتو، پروفيسر محمد ابراهيم مهر، اسدالله ٽنيو ۽ سگهڙ ڪانفرنس جي انچارج استاد نواب علي مهر سميت سگهڙائپ جو فن ٻڌڻ لاءِ ڪيترن ئي استادن،شاگردن،پروفيسرن ۽ مختلف شعبن سان تعلق رکندڙ ماڻهن جو وڏو انگ پهتل هو جڏهن ته ”سگهڙ ڪانفرنس“ جي ڪارروائي سنڌ جي پلوڙ سگهڙ،سينيئر استاد ۽ ”سلات“ جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل گل حسن ”گل“ ملڪ هلائي.

سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس کي صدارتي تقرير ڪندي مشهور علمي ادبي شخصيت، اسلامي اسڪالر، هڪ سئو ڪان وڌيڪ شاعري جي ڪتابن جي ليکڪ توڙي علم عروض جي اعلیٰ پائي

جي شاعر پروفيسر سيد گل محمد شاه ”گل“ بخاري چيو ته سکر جهڙي شهري ماحول ۾ ثقافت ۽ ٻولي جا سفير سڏائي هن قسم جي شاندار”سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس“ ڪوٺائڻ تي ”تنظيم فڪرونظر سنڌ“ کيرون لهڻيون جن حضور پاڪ صاحبِ لولاڪﷺ جي ولادت واري متبرڪ مهيني ۾ ڏات ڌڻي سگهڙن کان سينگار پڙهايا آهن ۽ دل تمام گهڻو باغ بهار ٿي آهي هن چيو ته هن ۾ ڪوبه شڪ نه آهي ته شاعر لفظن ۽ اکرن جا مهمان ٻڌبا آهن پر هي ڏات ڌڻي سگهڙ جگر ۽ قلبن جا شاعر آهن، هن چيو ته توڙي جو مان شاعر آهيان پر منهنجي محبت سگهڙن سان وڌيڪ آهي هن چيو ته هن وقت ملڪ پاڪستان ۽ خاص ڪري سنڌ اندر عسڪريت جي حامين جو هل ۽ چرچو مذهبي ماحول کي بگاڙي رهيو آهي جنهن سبب لادينيت حاوي ٿيندي پئي وڃي ۽ دهريت وڌي رهي آهي جنهن سان اسلام کي شديد خطرا آهن، جنهن کي قابو ۾ رکڻ لاءِ هن قسم جون نج ٻوليءَ جون ڪچهريون ڪوٺائي سگهڙائپ جي مورچي تان لوڪ ادب شاعري ذريعي لادينيت کي ختم ڪري سگهجي ٿو هن چيو ته دين ۽ وحدت جن وٽ نه آهي تن کان بيزار رهڻ هڪ سچي عاشق رسولﷺ جو ڪم آهي ۽ ان مرحلي ۾ وحدت جي وائي، دين جو درد توڙي ٻولي سان محبت مون کي هنن سگهڙن مان ملي آهي، هونءَ به سگهڙ تيستائين سگهڙ ٿي نه ٿو سگهي جيستائين الله پاڪ ۽ ان جي رسولﷺ سميت اصحابن ڪرامن توڙي آل رسول جي ثنا نه ڪري.

”سلات“ جي سرپرست اعلىٰ، لطيفيات جي ماهر ۽ اطلاعات کاتي جي اڳوڻي ريجنل ڊائريڪٽر درمحمد ڪمال سولنگي چيو ته ”تنظيم فڪر و نظر سنڌ“ اڄ منهنجي مرحوم محسن پاءُ پروفيسرڊاڪٽر اسدالله ڀٽو جون يادون تازيون ڪري ڇڏيون آهن جن هن قسم جي”سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس“ منعقد ڪرائي سگهڙن کان سينگار پڙهايا آهن، هن چيو ته لوڪ ادب ئي آهي جنهن





۾ محبت واري سمنڊ جون موجون آهن ۽ نج ادب آهي هن چيو ته“ تنظيم فڪرونظر سنڌ“ جيڪڏهن هڪ پيرو سڌ ڪندي ته اسان سئو پيرا جيءُ جيءُ ڪندا پهچنداسين چو ته تنظيم جو سڌ لوڪ ادب جي وڌاري ۽ ٻوليءَ جي بهتري لاءِ آهي، هن چيو ته هن“سگهڙ ڪانفرنس“ ۾ سڄي سنڌ توڙي بلوچستان مان ڏات ڌڻي سڏائي ڪانفرنس جي انچارج استاد نواب علي مهر واقعي به نوابن وارو ڪم ڪيو آهي، ٻيا ماڻهو دنيا داري جا نواب پر هي مڙس اڄ لوڪ ادب جو نواب ٻڻيو آهي، ”سلات“ جي باني ۽ مرڪزي صدر، عالم، اديب، محقق ۽ صحافي عاجز رحمت الله لاشاري چيو ته لوڪ ادب بنيادي طور عوامي ادب آهي ۽ ان کي سرجيندڙ سگهڙ سڏبا آهن چو ته سگهڙ اڃان تائين سنڌ جي قديم روايتن کي سيني سان سانديندا پيا اچن، وٽن ٻولي ۽ ثقافت سميت تهذيبي طور رهڻي ڪهڻي ۾ به ڪو فرق ناهي آيو ان ڪري سندن ڳالهائڻ وارا ۽ ٻول پڪا آهن، هن چيو ته سگهڙ کي جيڪڏهن ڪو درٻاري سڏي ٿو ته هن ۾ ڪا به سچائي نه آهي چو ته هن قسم جي دٻاري خيال جا ڪجھ ماڻهو سگهڙن جو روپ ڌاري سگهڙن ۾ شامل ٿي ويا آهن ۽ سگهڙائپ کي ڏچڪو رسائڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي باقي نج سگهڙ بنيادي طور شاه عبداللطيف ڀٽائي جو پيرو ڪار، توحيد ۽ رسالت سان گڏ وليت جي پرچار ڪندي پنهنجن ريتن، رسمن، روايتن، ٻولي ۽ ڪلچر جو ترجمان ٿئي ٿو، هن چيو ته ”تنظيم فڪر و نظر سنڌ“ اڄ جنهن موضوع تي“سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس“ ڪوٺائي آهي اهو موضوع سينگار جو آهي ۽ سينگار شاعري جا اصلي موجد نبي پاڪﷺ جا اصحابي سڳورا آهن جن ٻنهي جهانن جي سردار جي ثنا پنهنجي محبوب جي سامهون ڪئي آهي ۽ انهن مان حضرت حسان بن ثابت سرفهرت آهي جنهن عربي ٻوليءَ ۾ سينگار شاعري ڪئي ۽ بعد ۾ لهجا تبديل ٿيندا ويا سنڌ جي سگهڙن وٽ حضرت شاه

عبداللطيف ڀٽائي ۽ حضرت جلال ڪتي سميت هند جي سگهڙ شاعر ٻهاري لال کان ٿيندي هت پهتي آهي.

"تنظيم فڪر و نظر سنڌ" جي چيئرمين پروفيسر اصغر مجاهد مهر چيو تہ "تنظيم فڪر و نظر سنڌ" هميشہ هن قسم جا پروگرام ڪرائيندي رهندي آهي جنهن لاءِ اسان ڪي مشهور عالم محقق ۽ اديب ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ خاص طور تاڪيد ڪيو هو ۽ چيو هو تہ منهنجي خواهش آهي تہ تنظيم جي پليٽ فارم تان سگهڙ ڪانفرنسون ٿينديون رهن ان ڪري اسان سگهڙن جون ڪانفرنسون اڳ بہ ڪرايون آهن ۽ آئينده بہ ڪرائيندا رهنداسين. "تنظيم فڪر و نظر سنڌ" سنڌ جي صدر پروفيسر ڊاڪٽر محمد علي راڄپر چيو تہ هونءَ تہ سنڌ جي اندر ڪيتريون ئي سياسي، سماجي، علمي، ادبي ۽ مذهبي تنظيمون ڪم ڪري رهيو آهن پر "تنظيم فڪر و نظر سنڌ" جو فڪر جدا گانہ آهي هي تنظيم غير سياسي ۽ غير فرقيوارانہ رهي ڪري سنڌ جي ماڻهن ۾ اسلامي ادب جي پوک پوکي رهي آهي ماضيءَ ۾ بہ هن تنظيم ڪيترائي عالمي سيمينار، مشاعرا ۽ سگهڙ ڪانفرنسون منعقد ڪرايون آهن، جن مان هي ڪانفرنس بہ ان جي ڪڙي آهي، هن چيو تہ اڄ اسان جي تنظيمي ڪوٽ تي سنڌ بلوچستان جي ذات ڏٽين شرڪت ڪري اسان جي قائدين جون دليون ڪٽي ورتيون آهن.

ڪانفرنس جي انچارج استاد نواب علي مهر آجياڻي واري تقرير ۾ ڪهي آيل سنڌ بلوچستان جي سگهڙن جا ٿورا مڃيا ۽ چيو تہ سگهڙ پائي جي فني ماهرن سان گڏ ويهي اڄ تمام گهڻي خوشي ٿي آهي ان موقعي تي پروفيسر لياقت علي پٿو، فضل الله مهيسر ۽ ٻين پڻ ذات ڏٽين جو آڌر ڀاءُ ڪيو.

قومي سيرت ڪانفرنس ۾ منعقد ڪيل سگهڙ ڪانفرنس دؤران "تنظيم فڪرونظرسنڌ" جي باني پروفيسر ڊاڪٽر اسد الله پٿو،





سلات جي مرڪزي سينيئر نائب صدر ۽ شهنشاهہ سگهڙ استاد بهار علي "بهار" ٻرڙو ۽ همايون شريف جي پلوڙ سگهڙ سلات جي سچي ساٿي امير بخش سڏايو جي وڇوڙي تي پنجن منٽن جي خاموشي اختيار ڪندي فاتحہ پڙهي وئي، جنهن بعد اسلامي اسڪالر ۽ عالم دين مشهور شاعر سيد گل محمد شاهہ "گل" بخاري سندن مغفرت لاءِ دعا گهري.

"تنظيم فڪر و نظر سنڌ" جي چيئرمين پروفيسر اصغر مجاهد مهر سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس جي موقعي تي سگهڙن جي لکيل سينگار شاعري جو "تنظيم فڪر و نظر سنڌ" طرفان ڪتاب شايع ڪرائڻ جو اعلان پڻ ڪيو.

قومي سيرت ڪانفرنس جي موقعي تي ڪوٺايل سنڌ بلوچستان جي سگهڙن جي ڪانفرنس ۾ سينگار شاعري پيش ڪندڙ سمورن ذات ڏٽين کي سفري سهولتن موجب انعامي داد ۽ "مڃتا ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" پڻ ڏنا ويا.

"تنظيم فڪر و نظر سنڌ" پاران منعقد ڪرايل قومي سيرت ڪانفرنس جي موقعي تي سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس جي "سينگارڪچهري" ۾ صوبي بلوچستان کان الله ڏنو هانيي، ڪشمور ضلعي کان پنهل پياسي ٻرڙو، جيڪب آباد ضلعي کان الله بخش سامت، ڪوڙل ٻمبل، محمد اسماعيل ڪيهر، شڪارپور ضلعي کان علي گوهر مهر، پناڻ فقير مهر، هدايت الله ميمڻ، لاڙڪاڻي ضلعي کان شاهنواز چنہ، علي گوهر خاصخيلي، ربنواز پريو، نثار احمد جويو، قمبرشهدادڪوٽ ضلعي کان ارشاد علي "عرضائي" گهوٽڪي ضلعي کان علي نواز پتافي، ڊاڪٽر خادم حسين ميراڻي، سگهڙ جمال الدين پتافي، علي حسن منگي، سکر ضلعي کان فيض محمد جسڪاڻي، محمد ايوب مهيسر، غلام محمد منگي، دادو ضلعي کان محبوب علي ڏيپر، ڄامشورو ضلعي ڪان عاجز رحمت الله لاشاري محمد جمن پٽي، غلام ڪبير لولائي،

الله ڏنو بروهي، محمد ايوب جوڻيجو، حيدرآباد ضلعي کان اڪبر علي چانديو، علي بخش سومرو، نوشهروفيروز ضلعي مان عبداللطيف سولنگي، خيرپور ميرس ضلعي مان حسين بخش رڏ، رحمت الله خاصخيلي ۽ مير فقير چنا شرڪت ڪئي.





# سدا حيات سگهڙن جي سينگار شاعري

## لطيفي سينگار

ڳگير ڳڳ سِڪن، چِلڪ جي چاهه پئي
ھندوا حيرت ۾ پئا، لالِي ڪي ڀلبن
چمڪن چوڏس چندر جئن، وِڄڙيون ٿيون وِهسن
لوچن ٿيون لطيف چئي، پسڻ لئه پرين
ڪيسر قريبن، سانباهي ساڻ ڪئا
(سُر سارنگ: د-2، ب-7)

ڪٽي نيڻ خُمار مان، جان ڪٽائون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون، ڪوماٽو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿئا، ديکيندي دلبر
جهڪو ٿئو جوهر، جانب جي جمال سين.
(سُر ڪنڀات: د-1، ب-23)

ناز مجهاران نڪري، جڏ پرين ڪري ٿو پنڌ
پونءِ پڻ بسم الله چئي، راهه چمي ٿي رند
اپيون گهٽي ادب سين، وٺي حورون حير هنڌ
مونکي سائينءَ جو سوڳنڌ جئن ساجن سپنئان سهڻو.
(بروو سنڌي: د-3، ب-1)

جهڙا پانن پن، تهڙيون سالون مٿن سائيون
عطر ۽ عنبير سين، تازا ڪئائون تن
مڙهيائون مشڪ سين، چوٽا ساڻ چندن
سُونهن رُپي سون سين، سندا ڪامڻ ڪن
ڪيائين لال "لطيف" چئي، وڏا ويس ورن
منجه مرڪيس من، تهسوڍي سين سڱ ٿيو.
(راڻو: د-3، ب-3)





## جلال ڪٽي: سنڌي سينگار شاعري جو سرواڻ

حضرت جلال پهريون استاد شاعر هو جنهن پنهنجي انوکي تخيل ۽ جادو بياني سان "سنڌي سينگار شاعري" کي اوج تي پهچايو ۽ سنڌي شاعري جي دائري ۾ ان کي هڪ مستقل فن جي حيثيت ڏني. افسوس جو هن باڪمال شاعر ۽ درويش جي سوانح توڙي ڪلام تي وقت جي هڪ وڏي عرصي پنهنجو لٽ وجهي ڇڏيو آهي.

جلال جي جاءِ سڪونت بابت لس ٻيلي ۽ ساڪري (ٺٽي ضلعي) جي اڪثر سگهڙن جي متفقه راءِ آهي ته هو ٺٽي ضلعي جو هو؛ منجهائن ڪن خاص معتبر راوين جي خيال ۾، هو تعلقي ميرپور ساڪري جي قديم ڳوٺ "گروڙا" جو وينل هو. ٻئي طرف دادو ۽ لاڙڪاڻي ضلعن جي سگهڙن جي متفقه راءِ آهي ته جلال دادو ضلعي جو رهاڪو هو؛ منجهائن اڪثر جي راءِ آهي ته هو دادو تعلقي جي ڳوٺ "موندر" جو وينل هو، ۽ ڪن جو خيال ته هو جوهي تعلقي ۾ "ڏِگهه بالا" جو رهاڪو هو. سپني دليلن جي بناءِ تي هن نتيجي تي پهچجي ٿو ته جلال غالباً دادو ضلعي ڳوٺ موندر جو رهاڪو هو.

هي جهونو ڳوٺ، دادو شهر کان اٽڪل 7-6 ميل ڪن اتر، موجوده دادو ڪئنال جي ويجهو اولهه طرف واقع آهي. جلال ۽ "پير ٽوهي" جي مقام ۾ دفن ٿيل آهي، جو دادو شهر کان 7 ميل ڪن اتر ۽ ڳوٺ موندر کان اٽڪل ميل ڏيڍ اتر-اولهه، موجوده دادو ڪئنال جي لڳو لڳ الهندي طرف واقع آهي.[1]

[1] سنڌي سينگار شاعري: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

(الف)

جئن ماه ڏوئي کي ميِن، تئن مون من ڏوئي مصطفيٰ
” قل هوالله احدالله“، جنهن منجهه زير ذري نه
چارئي يار چگّا چوان يڪدل ساڻ يقين
گهران پناه پنجن تنن جي، ڪندا ماڙ مٿي مسڪين
ميران مشرب ملڪ ۾ داور داڙو دين
ڪج غور سندو غمگين، شاه جيلان ”جلال“چئي

1- ماه (عربي-ماءِ)= پاڻي. 2- مين =مڇي. 3-زير=گهٽتائي. 4- ماڙ= مهر. 5- ميران مشرب=ميران جو مشرب، حضرت غوث اعظم جو طريقو. ملڪ ۾=سڄي ملڪ ۾، ملڪ ۾ مشهور. 6-شاه جيلان=جيلان جو شاه، جناب حضرت عبدالقادر جيلاني رحه).

(ب)

روشن ٿي سڀ رات، جڏهن سپڙ ڄام سرجيو
”آيو داڙو دين جو“ پئي وائي سڀ ڪنهن وات
سخي ڄام سخاوت جي ٿو پلٽ ڪري پرڀات
ڏئي ٿو ڄنگ، ”جلال“ چئي، ڏيهن کي نت ڏات
مير ونديو ميراث، ڀلو سوالين سڌ ڪري.

1- سپڙ ڄام= لس ٻيلي جو سخي حاڪم سپڙ، ڪِنايي طور ”حضرت نبي ڪريمﷺ“ داڙو= واهرو، مددگار. ونديو= وراهيو. ميراث= ميراث، وارثن جو حصو).





(ج)

ڦينٽي مٿي ڦل، سونهي سِر سردار جي
ڄنگ ساماٽي جڪري، لٿو هيبت هل
مٽ نه آهي ملڪ ۾ توڪ سندس ڪو ٿل
اچن در عجيب جي ڪِيرت وارا ڪل
جني مال نه مل، تن ڏئي جنهنوار ”جلال“ چئي.

(1- ڦيئنٽو= شاهي شملو، پاڳاري جي پڳ. ڦل= هيرن جواهرن سان مڙهيل گول گل، سهڻو گول گل. 2- جڪرو= سخي ڄام جڪرو. 3- توڪ= ٿوڪ، ڪا به شيءِ ڪو به ٻيو. تل= برابر، هڪجهڙو. 4- ڪيرت وارا= ساراه ڪندڙ ۽ انعام وٺندڙ).

(د)

تمهر روپ ترنگ، آهن ڪنول ڪيس قريب جا
سِهه ڳچي، قد سرو سنئون، ڪنونتر نيف نِسنگ
ڦوڳر ڦوڳ پِريانه جا، مزگان ڪيس خدنگ
لڪ ليثِي، ڍهو ڪپور، پِروان پؤنر پونگ
تهن سسايا سارنگ، جلوي ساڻ ”جلال“ چئي.

6) ڪاري اونداهي رات (تمهر) مثل، محض محبوب جا ڪارا ڊگها وار (ترنگ) ڪنول گل جهڙا نرم وار (ڪيس) آهن.
7) سندس سهڻي ڳچي ڪونج (سهه) جهڙي، قد سنئون سرو جهڙو، ۽ نڪ (نيف = ع. انف) طوطي (ڪئونتر) جي چنهب مثل نر وار ڪنديو آهي.
8) پرينءَ جا ڳل (ڦوڳر) مينهن وساوڙي جيت (ڦوڳ) جهڙا ڳاڙها لال، ۽ سندس پنبڻين (مزگان) جا وار (ڪيس) تيرن (خدنگ) مثل آهن.
9) سندس ڪمر (لڪ) شينهن (ليث) جي چيلهه جهڙي سنهي، ڏند (ڍهر) اڇا ڪافور (ڪپور) جهڙا، ۽ پرون اهڙا ڪارا آهن جهڙا پونئر ۽ نانگ.
10) بقول جلال، (هن سيني صفتن سهڻي سڄڻ) سندس حسن جي جلوه ساڻ سانوڻ (سارنگ) جي سهسين رنگ سونهن کي به جهڪو ڪري ڇڏيو آهي!

# علي شير جاگيراڻي

علي شير ولد سرهو جاگيراڻي، اصل ويٺل ٻبر (تعلقو روهڙي)، پوءِ اچي ڪنبڙي (تعلقو خيرپور) لڳ رهيو. سندس والد سرهو وڏو سگهڙ هو ۽ سندس ڏور جا چيل بيت مشهور آهن. علي شير وڏو سجاڳ سگهڙ هو. ڏور جو شاعر هو. هنر جو ڄاڻو هو، ۽ وڏي محبت ۽ دل وارو سگهڙ هو.[1]

### سينگار

محبوب آهي منهنجو، جئن اپ ۾ ارن
ڏڄراج ڪان وڌ ڏيهي دلبر، سر سڄو سوسن
برق جئن بادل ۾ بيشڪ تيئن بدن
ڦوڳر ڦوڳ موهيڙا ٽِڪما تاهل جيئن تڳن
خزمو ڪن ڪٽي نہ سگهي جي ڏسي خاص ڪجن
انف ڪنڊو "علي شير" چئي موهي وجهي من
آواز عجيبن سان چا ڪوئل هٽندي ڪن
ناظرو جي نظر ڪان پورو رڪيس پن
جي سهڻو ڪٽي سِن، تہ تامني ۾ تجلو ٿئي.

### سينگار

ساجن سو سينگار ڪري پيزار چمي تہ پري
ڪجن ڪن، درگ دناليون، مرگهہ پون مري
ڏڄن صاف دهان ۾ ڏسيو ڏوڏر پون ڏري
آڏت بيهي آڏ ڪري، جڏ ڪلي زينت زيب ذري
درس ڪولي دري، شل ٿئي عنايت "علي شير" چئي.

---

[1] سنڌي سينگار شاعري: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ





# هدايت علي فقير رڌ

هدايت علي ولد سلطان علي رڌ، سن 1922ع ڏاري ڳوٺ سُونهارو (تعلقو روهڙي) ۾ ڄائو. ننڍي هوندي چڱي تعليم حاصل ڪيائين. فقيرن جي صحبت ۾ رهيو ۽ سگهڙن سان ڪچهريون ڪيائين. روهڙي جي سگهڙ هوت فقير موچي کي استاد ڪري ورتائين. سينگار جا ڪجھ بيت چيا اٿس جن مان ڪي هيٺ ڏجن ٿا.[1]

### سينگار

لالِي لڳي نہ لبن سين، نڪو ڳُلن گلاب
نہ مُلهہ سِريو مُستاڳ ٿيئي، تِر نہ جهلي تاب
عباسي عمر ۾ اهڙو خيال نہ ڏٺو خواب
مورهن مٺ نہ پانيان مان اناري عناب
قلم مس ڪتاب، چا خطيو لکندو هوت جو.

---

[1] سنڌي سينگار شاعري: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

## سينگار

ڙُلف زريدا زيب ۾ ها ڪرم پريا ڪاڪل
ڳُلالڪ غازي گوهر جا ها موتي موڙ مثل
چلڪن چمڪن چندر برابر، فائق فٽ فضل
جيڪي قطرا آب اِنيشغ تي، سي جوهر ساڻ جڙيل
عنبر مُشڪ ڪٿوري چاهي، عطر ڪان افضل
پگهر پيشاني پاڪ پرين جي، مچائي محفل
ابرو اربيلي سندا ڪن تيغ مثل تجمل
ڀُروان باغ بهار ۾ پيا مور رڪن منزل
پنيا پرون پاڳ پرئي جا، پونر ڏِسيو ڪن ڀُل
عِينان ڊِول عجائب جون ڀُون نور منجهان نازل
چمان ڪوه غزال جا ها اوجر منجهه امل
ڊوهُڪ منهنجي دلبر جا ها ڪرڙا ريءَ ڪجل
نوز ٻه تجلي نور نوراني، چوٽيءَ سين چمڪيل
ڦُوز وارو چا فِڪرو چئجي، مِنوءَ جان تہ مڙيل
بجلي تنهن جي ناهه برابر، هنڌين ماڳ هڪل
جوڙ تہ منهنجي جانب جا ها هيرا لعل لڳل
دندان ڀُر نجف جا ها سي بلوري بادل
ڊِيم سندو هيءُ دائرو، اجان ٻيا ڪي پار پنهل
ڏاهن چيا آهن ڏهس ۾ سينگار سوين سُهڻل
آئون نہ ڄاڻان ايترا ٻيا انگ اکر ٻُول
مون ٻه ٽي لفظ ٻرو چڪا ڪيا شعر منجهان شامل
ڪندو ٻاڇهون ٻارو ڇل، ڇبدارن سان ”هدايت علي“ چئي





## سگهڙ عبدالرحمان مهيسر

سنڌ جي رياست خيرپور ميرس سان تعلق رکندڙ ۽ ڪيترن ئي سگهڙن جو استاد سنڌ جو مشهور سگهڙ عبدالرحمان مهيسر پهرين نومبر 1945ع تي ڄائو ۽ مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين. سندس سلسلي طور پير سائين پاڳاري جي درگاهه سان خانداني روحاني رشتو هئو. ننڍپڻ کان وٺي سگهڙائپ ۽ شاعريءَ سان ڳانڍاپو هيس. سندس سگهڙائپ ۾ شروعاتي طور استاد حاجي خان مهيسر هو ۽ لوڪ ادب جي باقي سموري فن جي سکيا سنڌ جي مشهور ڏاهي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ کان ورتائين. ڪتابي دنيا ۾ پاڻ مختلف ڪتاب لکيائين ۽ ترتيب پڻ ڏنائين جن ۾ 1 ”مهيسر جي مام“ 2 ”مهيسر جي موج“ 3 ”مهيسر جي مرڪ“ 4 مهيسر جي مستي“ 5 ڊاڪٽر بلوچ سان قرب پريون ڪچهريون“ 6 ”فقير مياںداد طارق جون روايتون“ 7 ”سومر جي سوچ“ 8 ”ضلع خيرپور جا حال حيات سگهڙ“ 9 ” گنيءَ جو ڳُگَ“ 10 ”ڏات جا ڏيئا، ۽ تاريخ ڊرٻ مهر شاهه جيلاني“ شامل آهن، جڏهن تہ ڪجهه ٻيا ڪتاب ۽ مسودا اڻ ڇپيل موجود آهن. هن ريڊيو پروگرامن جي شروعات 1964ع کان ۽ پي ٽي وي پروگرامن جي شروعات 1975ع کان ڪئي. جڏهن تہ آخري وقت ۾ ڪافي عرصي کان پاڪستان ٽيلي ويزن ڪراچي سينٽر تي سگهڙن جي پروگرام ”سنگهار“ جو ميزبان هو جڏهن تہ ادبي ميدان ۾ پاڻ ڪيترائي ايوارڊ ٻه ماڻيائين، ۽ پاڻ 7 مئي 2007ع تي الله سائين کي پيارو ٿي ويو.[1]

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

## محمد مريد جت

محمد مريد ولد جڙيل خان زهراڻي جت، ڳوٺ ڏنو واهڻ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو وينل هو. حاجي الله بخش مگڻ جو صحبتي هو. 1945-1955ع کان وٺي حضرت شاهه عبداللطيف جي ميلي ۽ ٻين موقعن تي سگهڙن جي ڪچهرين ۾ شريڪ ٿيو. 1972ع ۾ وفات ڪيائين. ڏوڪريءَ ۾ ڪچهرين جي اڳواٽي ڪيائين ۽ ڪيترائي سگهڙ سندس پالڪا ٿيا، جن مان فقير محمد ملوڪ عباسي (1944ع- 1998ع) وڏو ڄاڻو سگهڙ ٿيو.[1]

### سينگار

زلف زوراور زيب زنجيران پاڙ پوڙ پونگ
اڏگر آهو عين عجيبان نرگس نين نسنگ
وار وسهر ور وجهن پيا واٺهڙن کي ونگ
لبڙا ماهي مين متي ها ڏوڏر ڏاڙهون ڏنگ
رنگ ٻه رنگي هٿ حنا ۾ الدهه نرمِي انگ
شير چيپي ويا چاتي کان چنا تازي گهوڙن تنگ
هرڻ غزالي گاهه چڏي هو جاچن بينا جهنگ
آيا فيل فراق ۾ پيا تيڏي مارين تنگ
جان جهجن "جت" چئي، منو مئينا منگ
سون برابر سنگ، موتي ڏند "مريد" چئي.

1 سنڌي سينگار شاعري: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ





### سينگار

حسين منهنجو حبيب آهي جانب عجب جمال
هرڻ مور مرڪي موهي، ماٺهو پڪي مال
شمس قمر ٻه شرمائي تو پسي لبڙا لال
منو مات اچي وڃن چينچل پسي چال
جانب منهنجو "جت" چوي آ بيحد بيمثال
ڪندو پلايون پال، آمڙني تي "مريد" چوي.

### ڏهس بيت (اکين تي)

اکيون، اکيان، عجيب جون ناز پريا هن نين
چاهه چڪس چريا ڪيا، عجب سنديرا عين
ابرو، تبرون، تير تکيرا، فوز ساڻ ڦٽين
نيڻ چشم تا نهوڙن، ڪجلين بچيا ڪين
اطلس نرم، بدن بخمل، ماهي لبڙا مين
ءِلماس، ابر، ڪيس قربيان، موهيا مير مُبين
جي محب ڏسي مُرڪين، تہ ملندو ماڻ "مُريد" چوي.

# فقير محمد ملوڪ عباسي

فقير محمد ملوڪ ولد محمد صالح عباسي، ويڙهل ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙو (تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو) محمد مريد زهراڻي جت سنڌس استاد هو جنهن جي صحبت ۾ سگهڙائپ جي ميدان ۾ قدم رکيائين پر پوءِ پنهنجي ذهن سان سگهڙ پائي جي لياقت کي گهڻو وڌايائين. ان کان سواءِ پنهنجي قرب سان سگهڙن جي ڪچهري کي وڌايائين جو ڪيترائي جوان سنڌس سنگت ۽ صحبت ۾ سگهڙ ٿي ساماڻا فقير محمد ملوڪ 13 ڊسمبر 1944ع ۾ ڄائو ۽ 3 جون 1998ع ۾ وفات ڪيائين سنڌس شايع ٿيل ڪتابن ۾ 1 گلشن ڏور 2 منهن مٺانهان جن جا 3 موتي مور ملوڪ جا 4 موتين مٺ ملوڪ جي 5 موتي ماڻڪ ملوڪ جا، شامل آهن. سنڌ اندر سنڌس شاگرد سگهڙن جو وڏو انگ موجود آهي. سنڌس لکيل هر شعر جو ٻول پڪو آهي ۽ سهڻا بيت چيا اٿس. سنڌس سينگار جا چيل ڪي بيت هيٺ جنس طور ڏجن ٿا.[1]

## سينگار

صورت سيرت سڄڻين وانجهي ونجهه وڻيان
لڪين لطف لائق مون تي کهڙا ڳڻ ڳڻيان
مالڪ تنهنجي مهرسين منهنجا ڀاڳ ٻڻيان
مبارڪ تنهن مادر کي جنهن اهڙا جام ڄڻيان
جا متي محب مٺيان، تنهن موهيو من "ملوڪ" چئي.

---

[1] سنڌي سينگار شاعري: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ





## سينگار

ابرو سيف عجيب جي ڪونڌ ڪيرايا ڪوٽ
ڪنڌيو نڪ نراڙ ۾ چٽوڻ ڇهنب ڇوٽ
ليٺ مزار لڪي ويا چين چريا ڪيا چوٽ
مرڪڻ سان محبوب جي ڪاڏي ڪنوڻن ڪوٽ
هيندل ڇيو هرني کي ته چئنچل ايندي چوٽ
عاشق ڪيون اوٽ، پيا ڀسن محب "ملوڪ" چئي.

## سينگار

راز رباني رنگ رابيلي رونق روحي رات
پٽ پٽيهر پائي پوشاڪون پوشيدي پريات
ٻڳي تهاري تابع تُوني تاب تهين تجلات
نڪ نزاڪت نرگس نيني نوڪ نيتي نفلات
فجر فيل فراقي ڦٽيا فرند ڦرن فڪرات
وسو وارڻ واه وڇيئل وڻ ورائن وات
مئيندل مڪنا مير موڙيا "ملوڪ" مرگهان مات
پيا سهه سرو سڪرات، پيا ساجن سوين سٿيا.

## سينگار

وهوا حسن حبيب جو، نہ ديدن دنگ دڙيون
شمع شوق شڪار سان وجي لڪ لڙيون
اتي اوت عنبير جي جت گهارن گهوٽ گهڙيون
اليهر وار اصيلن ڪي ٽا وجهن ونگ وڙيون
وڄون وسڻ آئيون سي ويتر سوز سڙيون
ڪڏهن اڳيؤن قريب جي ڪوٽيون ڪونہ ڪڙيون
ڪوئل ڪمريون چڏي جهمريون وتن ٻول ٻڙيون
هنج پکي حيران ٿيا ڪونجون قيد ڪڙيون
ببر شير چپي هٽن چپر منجهہ چڙيون
پريون پسڻ آيون پر تجلي تاب تڙيون
اکيون عاشقن جون وجي اهڙي هنڌ اڙيون
جانب جيءَ جڙيون، ”ملوڪ“ لاتيون من ۾.

## سينگار

بئينسر بيني، لبڙا ميني، نهڪار ڪنگڻ ٺهہ ٺهہ
مشڪ عطر سان موءِ منوڙ وار ڪري وهہ وهہ
سِهہ ڳچي وڌ سهٽي پئي آ ڪونجن ۾ ڪهہ ڪهہ
ڪيهر ڪريا قدمن تي ڏوڙا ٿي ڦهہ ڦهہ
پسي گام گجر جي پئي دل اندر ههہ ههہ
ڪنجل قيص ر ڪنبٽيءَ ۾ ٿي ڊيل ڪري ٻهہ ٻهہ
ڪوئل ڪچي ڪينڪي جڏ ٻول ڪيئين ٻهہ ٻهہ
منو مئنا منگهہ مڙي ڪن ڦهہ پٽيءَ ڦهہ ڦهہ
بلبل باغ بري ٿيو وئي چيهن مان ڇهہ ڇهہ
پٽ پٽيهر پدمٽيون ڪيا پاٻيهن ڀهہ ڀهہ
منل جي مهہ مهہ، ٿي ماري مير ”ملوڪ“ چئي.





# مونٽڻ جوٽيجو

سگهڙ مونٽڻ ولد ڪنڊو جوٽيجو (1905-1925ع) ڳوٺ گلڻ واهڻ تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي جو، ويٺل هو. سگهڙ مريد زهراڻي جت جو صحبتي ۽ ٻالڪو هو. سندس پٽ حاجي اقبال احمد جوٽيجو پڻ پلوڙ سگهڙ هيو.

## سينگار

واهہ حبيبا حسن هزاري سونهين سيد سري
دلبر جاني درشن خاطر ڪولي در دري
آهو پيش عجيب ٿياءِ وين پل پري
وسو وارڻ وجهہ وني ٿيا برن پاس بري
فٿيا فيل فراق ۾ وين ڏيل ڏري
چنڊ منور چهري تي جڏ آيا وار وري
تہ ونگ وسيهر وڙ ڪڍي ويا ٻارڻ منجهہ ٻري
ڪونجن ڪنڌ نمائيو، ٿي وئي ڊبل ڊري
ببر شير شڪي ٿيا پئي پيش پري
جانب جي ”جوٽيجو“ چئي ڪا اجا ڳالهہ ڳري
پئو ”مونٽڻ“ ماڳ مري، تہ پسين منهن محبوب جو.[1]

---

[1] سنڌي سينگار شاعري: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ

# حاجي اقبال احمد جوڻيجو

حاجي اقبال احمد ولد موٺڻ خان جوڻيجو، 1947 ع ۾ ڳوٺ گلڻ واهڻ، تعلقو ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو ۾ جنم ورتو، فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي صحبت ۾ سگهڙائپ جي ذوق کي وڌايو ۽ 20 آڪٽوبر 2005ع بمطابق 16 رمضان المبارڪ 1426ھ بروز جمعي تي وفات ڪيائين، سندس والد پڻ اعليٰ پائي جو سگهڙ هو پر افسوس جو پونئيرن ۾ سگهڙائپ جي سوچ نہ هجڻ ڪري ٻنهي پيءُ/ پٽن جو فن دادو ڪينال ۾ دفن ٿي ويو ۽ خوشحال خاندان باوجود سندن ياد ۾ ڪابہ ورسي تقريب نٿي ٿئي. ڪوجنا ڪان پوءِ سندس مجازي ڪلامن جو ڪجهہ حصو مليو آهي، جيڪو مون راقم الحروف (عاجز لاشاري) وٽ محفوظ آهي.

### سينگار

چاند چهرو چند برابر، لبڙا مين مثال
ستو قد سرو جان، جلوو جوت جمال
تنهن موهي من مطيع، ڪيو جر وهايم جال
ڪارن ڪرنگ کهي وڏا ڪجل ريءَ ڪمال
انف ڪنڍيو ايلچي نرگس نين نهال
ليٿ مزار لڪي ويا شيرن پريو شال
گنير گام گهٽائي، ٿيو فيل ڦڪو في الحال
”حاجي“ ڪونهي حال، پسڻ ريءَ پرينءَ جي.





# عبدالله جت

نالو: استاد عبدالله زهراڻي جت
ولد: ڪنڍيو خان زهراڻي
ايڊريس: ضلعو لاڙڪاڻو، تعلقو ڏوڪري ڳوٺ ڏنو واهڻ
سگهڙائپ ۾ استاد: استاد محمد اسماعيل چنو وينل ڳوٺ لاڙڪاڻي ذوالفقار باغ لڳ جيڪو پنهنجي ڳوٺ جو پيش امام پڻ ٿي رهيو ڪافي ناليوارا شاگرد پڻ پيدا ڪيائين. ڪوڙ سارا ايوارڊ سرٽيفڪيٽ پڻ مليس. ۽ پي ٽي وي، ريڊيو پاڪستان. شاھ لطيف، قلندر شهباز جي ميلي جا پڻ پروگرام ڪيائين. هن 2003ع ۾ هن فاني دنيا کي ڇڏي خدا کي پيارو ٿيو.

### سينگار

نازڪ بدن ناز مان محبت ڪيو مرڪو
ايريا ڪان انبوهہ تي ٿيو سيفن جان سرڪو
پسي جلوو جانب جو پيو حيرت ۾ هرڪو
آهو پيش عجيب جي ٿيو شيرن ۾ شرڪو
جرڪيا جوڙ جناب جا ٿيو چاند ۾ چرڪو

### گوري جو سينگار

جب گوري ڳهٽا ڪري ست نو منجهاران ناز
چهہ چهہ ڪري ”چٽل“ چوي تہ پرندا نہ ٿين پرواز
هيڊل ميڊل چٽچل پيا نِمي ڪن نياز
ڪوئل بلبل بات نہ ڪري ٻڌي عمدا هي آواز
آهو ڪان وڌ عين ۽ ٻيا ريجهن پيا راز
چمڪ چنبيلي چانڊاڻ ڪان وڌ اچا بہ انداز
پيا پيرا ڏين باز جلوي مٿان ”جت“ چوي

## سينگار

ديدون ڏنالي دلبر جون هن ڪوئي پڇي ڪين
آهو عين عجيب جا، ڏورئون ٽي تہ ڏنگين
بجلي ڪان وڌ آهي تجلي، ماهي جي مُرڪين
مِرنگهہ، مور مُحب موهيا، مُرڪڻ ساڻ مُبين
هيندل، مئيندل، چيئنچل پيي ٽا قدمن منجهہ ڪرين
فقيرن ڪي تہ ڦٽين، اڪيون اهي ”عبدالله“ چوي

## ڏهس بيت (هرڻ جا نالا)

ڏڳر، آهو، عين عجيبان، ڦٽيا لک فقير مٽا
مِرگهہ هلڻ محبوب جو آ، ماڳ موهيا منير مٽا
غزل، غزالا ڪي تہ لڳي وئي، اندر منجهہ ڏڪير مٽا
هرڻ، هرڻي، چال ڇڪي وئي، دل ۾ ٿي دلگير مٽا
روبڪ، ڪِرنگ، راهہ رڙهي پيا، اتي پاڻ امير مٽا
هرنا، هرني، حيران ٿيا ساجن تي تہ سُڌير مٽا
آهن ابرو تير مٽا، عجيب جا ”عبدالله“ چوي





# محمد چٽل جت

نالو: محمد چٽل زهراڻي جت
ولد: سعيد خان زهراڻي
ايڊريس: ضلعو لاڙڪاڻو تعلقو ڏوڪري، ڳوٺ ڏنو واهڻ

سگهڙائپ ۾ استاد عبدالله زهراڻي جيڪو سندن والد جو ماسات هيو. هن پنج درجا تڏهن جا پاس هيو سندن ان دور جي وڏن سگهڙن ۾ شامل هيو. هڪ گهرواري، جنهن مان چار پٽ ۽ پنج نياڻيون هيون هن مان هڪ پٽ الطاف حسين سگهڙائپ ۾ سندس جو شاگرد آهي جيڪو سگهڙ ۽ شاعر پڻ آهي. ۽ ٻيا بہ ڪافي سارا شاگرد پيدا ڪيائين سندن کي لاتعداد ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ مليا جن ۾ ٽي. وي. ريڊيو ۽ شاهہ عبدالطيف ۽ قلندر جا پروگرام پڻ ڪيائين.

## سينگار

جب گوري گهٽا ڪري ٻارنهن چار چاس
پنج ست ڪري پيار سان ڪلي هلي خاص
ڪئي پتنگ پڇي مرن رُخ مٿان راس
ٻرُجل مٿان پونر ڀُلي وٽن پيا واس
ڪئي عاشق اتي پيا مري ڏين ماس
جني اندر آس سي شرڪن ڪين ”چٽل“ چوي

## ڏهس بيت (چنڊ جا نالا)

حُسن حبيبان هاڪ هر جاءِ مُک مثل مهتاب
چنڊ چوڏس ڪان وڌ چهرو، ذُات آهي آفتاب
قمر، ششدر بہ ٿو شرمائي بيحد بي حساب
چاند، چندولو، پانو، پنرو، نوڙن ڪيئي نواب
ماهہ لقا ڪان وڌ آ سهڻو، نرمل جو تہ نقاب
چرن چمڻ سان آهي ملندو سدائين تہ ثواب
ڪيئي لکيل ڪتاب آهن شان ۾ چپيل ”چٽل“ چئي

### سينگار

پسي هلڻ حبيب جو گنير چڏي گام
ڳُتا غلام ٿيا صبح سانجهي شام
ڪيئي ڏيل ڏري پيا عاشق مست مدام
اُدگر عين عجيبان پسي ڪارڻُ چڏيو ڪام
مهري مڪنا مست ٿيا، نہ اچي نہ آرام
تونگر خاطر تمام، شُوخي چڏيائون ”چٽل“ چوي

## ڏهس بيت (وارن تي)

زلف سياه سجڻ جا، ورور آهن وار
گيسو، ڪيسو، ڪش ڪري پيا، ڪيس ڪري پلٽار
پِرندان، ريڏا، بال، وڪتي، چتڙا، تل چار
مُک مهتابي، چال شرابي، حيران ڪيا هزار
پسان دلبر جو ديدار، شوق منجهان ”چٽل“ چوي





# عبدالقادر بروهي

سگهڙ عبدالقادر بروهي سنڌ جي مهان سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسي جي شاگردي هيٺ 1980ع کان سگهڙ ٿيو. ٽي وي ريڊيو سميت سندس آواز ۾ مولود جون ڪيئي ڪيسٽيون رليز ٿيل آهن آواز ۽ انداز ۾ ڪوئل جي ڪونجار جو عڪس سمايل هو، پاڻ مولود، سينگار، غزل، بيت ڪافي تعداد ۾ لکيائين ۽ سلات جو ابتدا کان وفادار ساٿي ۽ ميمبر رهي ڪجهہ سال اڳ وفات ڪيائين.

### سينگار

سجڻ جي ساڏيهہ ۾ سونهن مٿي سردار
آهي وڌ عربي ڪامل ڪلنگي دار
مدني منڙو مرسل مالڪ ملڪن جو مهدار
قطاريندو ڪامل اچي ”بروهي“ سڀ بيڪار
احمد آيو بخت سوايو ساجن لڌي سار
”عبدالقادر“ عربي اسان جو نور اعليٰ نروار
چا تعريف ڪيان تونگر جي صلّ علیٰ صدبار
اتم شان آهي ڪيو قادر رب ستار
سوا لک انبيائن جو سجڻ ٿيو سالار
دلبر جو ديدار، شل مون نماڻي نصيب ٿئي.

# محمد سيفل پٽي

| | |
|---|---|
| نالو | محمد سيفل |
| والد | شفيع محمد پٽي |
| ڄم جي تاريخ | 1921ع |
| تعليم | اڻ پڙهيل |
| ڪرت | هاري |
| رهائش | ڳوٺ لعل پٽي لڳ ميرپور برڙو تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد |
| سگهڙ پائي ۾ استاد | استاد محمد سوايو عرف ”ڪفشدوز“ موچي |
| وفات جي تاريخ | 15/9/2001 |

نوٽ: استاد محمد سيفل پٽي جو سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ هڪ بهترين سگهڙ سالڪ طور ڊاڪٽر بلوچ تعارف ڪرايو آهي.

## سينگار

چهرو ڪلي چيهہ چٽي چا هي رشڪ قمرُ
ددست گهوريان ساجن تان آٽيو عطافرُ
ڪبڪان بہ قربان ٿين، نہ ڪٽي گت گنيرُ
چرنن تي چريو ٿئي، جي پسي پرجا پاريوڙ
ڪٽي پسي ڪرمش ۾، ٿيو بيشو ۾ تہ ببرُ
ڏوڏر بہ ڏري پون، جي دشن ڪولي دلبرُ
ڪٽي ڪنجن خماريا، تہ پوءِ اٿي نہ ڏگرُ
ڪرن ڪچ ڪلاهہ مان، جيئن ڏٺي پئي اليهرُ
اجان وڏ سينگار سهڻل جا، چا شمار ڪندو شاعرُ
هادي پاڻ هدايت جو، ٻڄي آيو ڪرم جو تہ ڪڪرُ
(وما ارسلنڪ الا رحمة للعالمين) ٿو پاڻ چئي پرورُ
آ اِهو يتيمن ياور، تنهن جي مان سام آهيان ”سيفل“ چئي





## سينگار

ديهي پسي ڏمَ چپي، چا هي شمس، قمرُ
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ديکيندي دلبرُ
الله عالم تي ڪيو، ڪرم جو تہ ڪڪرُ
وئي روشن روءِ زمين تي، ڦٽو باغ ٻرُ
ڄانگا هرڻ چرن پيا، ويو ڏور ڏڪرُ
ڪوٽ ڪسريٰ جا ڪريا، ڏسجي شام جو تہ شهرُ
جڏهن پتو پيس پرينءَ جو، ڏٺي هليو عامرُ
آخر رسيو ڏٺي، جتي هيو ڳهوٺ سندو ڳهرُ
شهادت جو شوق مان، پيتائين سهڻل جو ساڳرُ
هي تہ وجهہ وٺي ويهي رهيو ڪعبة الله جو درُ
مشهور آهي ملڪن ۾، اٿس نالو بزر جمهرُ
اهو ٻنهي جهانن جو ڀڳڻ ڪي، پرور ڏنو پاورُ
من ڪو ڏکي پاڳ پئي، اچي پاڻ پرين انورُ
پيو چمان پير پرينءَ جا، جي قرب ڪري قادرُ
ڳهور وڃان انهي ڳهوٺ تان، ڪيان صدقي پنهنجو سِرُ
آ اِهو يتيمن ياور، تنهن جي مان سام آهيان ”سيفل“ چئي

# بهار علي ”بهار“ ٻرڙو

پلاري پونءِ ۽ پٽ ڏٽيءَ جي سونهاريءَ سنڌ هر دؤر ۾ مهان محققن، شاعرن، دانشورن، بزرگن، ڏاهن، صوفي راڳين ۽ سالڪ سگھڙن کي جنم ڏنو آهي، اهڙن انمول اکابرن مان اتر سنڌ جو نالي وارو سيبتو سگھڙ ۽ صوفي راڳي استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو پڻ هڪ هيو، جنهن ڪچهريءَ ۾ سدائين مرڪ مسڪراهٽون هجن ۽ ماٺهو يڪسو تي ڪنهن ڏاهي سگھڙ کان ڏاهپ پريا ٻول ٻڌندي اڌ رات تائين ڪانپ ڪيي وينا هجن ته سمجهو ته ان ڪچهريءَ جو مور استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو ئي تي سگھي پيو. استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو ضلعي جيڪب آباد جي لڳ هڪ ننيڙي ڳوٺ جمن شاهه ۾ پهرين جنوري 1950ع تي ڄائو.

استاد بهار علي تعليم پنج درجا سنڌي پڙهيو، وڌيڪ تعليمي سهولت نه هئڻ ڪري نه پڙهي سگهيو، پر الله تعاليٰ جو پاڪ ڪلام ناظره پڙهي ۾ تيو. ڪجھ سالن کان پوءِ استاد بهار عليءَ جو والد محترم مرحوم وزير احمد ٻرڙو ميرپور ٻرڙي جي لڳ مرزا واهه جي ڪڙ تي هڪ اڪيلو گهر جوڙي وينو، جتي اڄ استاد بهار علي ٻرڙي جي نالي سان هڪ ڳوٺ وجود ۾ آيل آهي.

فرقي واريت کان وئون ويندڙ سدائين صوفين جي گيڙو ويس ۾ ملبوس استاد بهار علي ٻرڙو ضلعي شڪارپور جي مشهور درگاهه حضرت سائين بيدل فقير جي اڳوٽي گادي نشين شمس الدين عرف سائين شمن فقير جو هٿ ورتو طالب ٿيو.

استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو ننڍپڻ کان سنڌ جي مهان سگھڙ استاد محمد سيفل پٽي کان سگھڙ پائيءَ جا سپ ئي گڻ ۽ گر سکيو.

استاد محمد سيفل پٽي لوڪ ادب جي دنيا ۾ هڪ وڏو نانءُ رهيو آهي، جنهن جي وفات تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ





هڪ خط سنڌ جي سڄاڻ سگھڙ گل حسن گل ملڪ ڏانهن لکندي چيو هو ته محمد سيفل پٽيءَ جي وفات سگھڙائپ جي دنيا لاءِ هڪ وڏو حادثو آهي. ان ڏاهي سگھڙ پنهنجي ڏاهپ سان استاد بهار جي روپ ۾ هڪ اهڙو برک سگھڙ تيار ڪيو، جنهن جا ڪيترائي شاگرد نه صرف سنڌ پر واديءَ بولان بلوچستان ۾ به لوڪ ادب جون لاتيون ٻڌائيندي سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪري رهيا آهن. سنڌ سگھڙ سنگت لوڪ ادب ويلفيئر تنظيم (سلات) جو استاد بهار مرڪزي سينئر نائب صدر پڻ رهيو. استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو سنڌ جو پهريون سگھڙ آهي، جنهن جي سگھڙائپ جو تحقيقي جائزو سال 1990ع ۾ شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور جي شاگرد شمن ٻرڙي ايم اي فائينل شعبي سنڌي لاءِ مونو گراف لکي فرسٽ ڪلاس حاصل ڪيو.

استاد بهار سنڌ جو هڪ وڏو باڪمال سگھڙ هو، جنهن جو هن وقت تائين ڪو تر ۾ برميچي نه سگھيو آهي.

هو ڪيترن ئي رسالن ۽ اخبارن ۾ ڇپجندو رهيو آهي. هن جي ڏاهپ جو ذڪر سدا حيات محقق ۽ تاريخدان ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پنهنجي ڪتاب سنڌي سينگار شاعريءَ ۾ به ڪيو آهي ۽ ان کان علاوه محترم عبدالله ورياهه 1991ع ۾ سنڌي ادبي بورڊ پاران ڇپايل سگھڙن جي ڊائريڪٽري (حصو پهريون) ۾ پهرين سگھڙ طور پيش ڪيو آهي.

استاد بهار جو ڪتاب ”بهار جي بوند“ لوڪ ادب جي سيني صنفن تي ٻڌل آهي.

استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙي کي مختلف ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ جيڪي مختلف موقعن تي مجتا طور ڏنا ويا انهن جو ذڪر هيٺ ڏجي ٿو:

(1) مجتا ايوارڊ 2003ع ۾ اڳوٽي ناظم ضلع جيڪب آباد مير شبير

علي بجاراڻيءَ هٿان سنڌ هارس ۾ ڪئٽل شو جي موقعي تي.

(2) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 8 جنوري 1995ع سنڌ هارس ۾ ڪئٽل شو جيڪب آباد جي موقعي تي، پاران ادبي سب ڪميٽي جيڪب آباد

(3) 23 March Pakistan Day (1995) commendations Certificate by Deputy Commissioner jacobabad

(4) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ، 8 نومبر 2011ع هنڌ: در محمد ڪمال سولنگيءَ جي اوطاق نٽ سولنگي ضلعو نوشهروفيروز، پاران سلات

(5) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 20 ڊسمبر 2011ع تي، هنڌ: بابو خان (عبدالقادر ٻرڙي جي اوطاق، ميرپور ٻرڙو تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد، پاران سلات

(6) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ، 5 آڪٽوبر 2013ع تي هنڌ: سنڌ الاجي ڄامشورو

(7) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 8 سيپٽمبر 2012ع تي هنڌ: ٽيچرس ڪلب سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو پاران سلات

(8) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 23 مارچ 2013ع تي، (استاد سگهڙ محمد سيفل پٽي يادگار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ)

(9) سلات پاران سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪنوينشن جي موقعي تي، هنڌ: ميان جو ڳوٺ تعلقو خانپور ضلعو شڪارپور سنڌ.

هن مهان استاد سگهڙ بهار علي "بهار" ٻرڙو مختلف بيمارين سبب تاريخ 17 جنوري 2014ع بمطابق 15 ربيع الاول 1435هه جمع جي رات اسُر ذاري دم ڏٽيءَ حوالي ڪيو ۽ ڪيس سندس ئي اوطاق جي اڱڻ تي مٽيءَ ماءُ حوالي ڪيو ويو.

سندس ڪجهه سينگار شاعريءَ جون سوکڙيون هيٺ ڏجن ٿيون:





## سينگار

سرو قد ساجن سهڻو، ڪجليون ڪيف ڪڪور
چلي تہ چال پسن، پويان ماٺ ڪيو مور
گهائي دليون گهور سان، ديدن ڪيادؤر
زلف نرگس ناز نيارا، چرن لاڪي چور
مڻ مصريون ماڪيون، عطران افضل اور
بجليون، تجليون "بهار" چئي، سپ گهوٽ مٿان گهور
ٻيا بہ شهزادا شهزور، پر هي ٻي شيءِ آ "ٻرڙو" چئي

## سينگار

سرو قد ساجن سهڻو، زنخ زنگي زيب
چشمِ حيات چاهِ ذڪن، سرس سونهين ڪان سيب
سونهن پسي سر جهڪائي، ٿيا ڏيهه ڏاني ڏين ڏيب
تي پاٻوهہ پريان دهن ۾، هي رين مٿائي ريب
سخا مان سوالي پريو وڃن، جهوليون ڀلو جيب
ڪڇهين پسي ڪنڌ جهڪائن، ڇڏيو ڦُن فريب
هي ڦُگي غفاري غيب، آهي ٻي مثل "بهار" چئي

## سينگار

سرو قد ساجن سهڻو، زلف وليل سياحي
خد خال خمر ڪنجن خوني، هر دم دست حنائي
ليٺ لڪي ڳل لعل گلابي، يفعلويب ارنائي
سهہ ڳچي آهو عاجز، مک چاهي چاند چٽائي
بات "بهار" چئي شگر شيرين، ونس شاهہ ڦرن شيدائي
نہ ڪاٻاري ٻٽائي، اهڙي ٻي صورت "ٻرڙو" چئي

## سينگار ۾ اکين جو ڏھس

راھ ويندا رکجي وجن، جي کنجن پرين کڻن
ترشيون ترکش نين نرالا، چشمن ساڻ چٽن
نادر ناٽ نوائي کيا بردا ڀُلي پنين
چم شرابي چاھن چٽاتيون لونءَ لونءَ منجھ لڳن
عين آئيز اکيان پسيو ماٺ لڳي مرگھن
دولھ کيئي درڳن، کيا بردا "بھار" چٽي

## سينگار

ارن، بدر، عطافر عجيبي ٿيا حُسن منجھان ھوشيار ٿئي
اوڳ آڏو چا ابر اليھر صدقي سنبل سوءُ وار ٿئي
زھرتن، زنگي، گاردن، گوھر جي ٿيا ريڊ منجھان رخسار ٿئي
الماس، ڪتي، ڪڻ اناري، نہ دشمن مٺ دلدار ٿئي
ھنجھ لڪن کنبن کبکان، گج، گنير، گرفتار ٿئي
پٽ وساوڙ، چيھا، پاريو رپپ چمن پيزار ٿئي
غلمان، قصوران، سلطان ھزارين، ڀھڳڻ تان ٻلھار ٿئي
عرشي، فرشي، ڪرسي وارا، سڪن ڪارڻ ديدار ٿئي
ٿر، بر، تر، وستيون ويران، جيڪي ٿيون گام کنئين گلزار ٿئي
عاقل، اڪابر، سالڪ، سوين بلڪل ھجن بيدار ٿئي
پر چا لڪي چا لڪندا، منھنجي سڄڻ جا سينگار ٿئي
اِنس، انسُ لَس، بردا "بھار" ٿئي، منھنجي ڀھڳڻ جا "ٻرڙو" چٽي





## سرائڪيءَ ۾ سينگار

جڏان، ميڏا ڍول، ڪري ڇل چول، ڪران سر گھول، صدق سئو وارميان
جٿان ڏي پير، سونھارا سير، چمان گھٽ گھير، پرين پيزار ميان
حُسن دي ھاڪ، ساري لولاڪ، ويک پيشاني پاڪ، ٿيوي بدر بيڪار ميان
ابر و ايراني، قوس ڪماني، تني دي ثاني، نھين اند نوان اظھار ميان
نيٽڪ ول، ڪيفي ڪجل، چپي شيھل، ويک چشم چمڪار ميان
سوسن سُنبل، ڪنول ڪاڪل، گلابي گل، نھين روءِ رخسار ميان
ٻولي جڏان ٻول، لبان ڪون چول، ڪوئل ڀھ ڪول، سٽي گفتار ميان
خطن عنبر، مُشق عطر، پسيني پر ھِن اِھي ھبڪار ميان
پري ڪري پوش، وجي حُوران داھوش، متي روءِ روش، گڏجي غبار ميان
سدا تئين در سوالي، ھان مين ڪوجھي ڪالي، ميڏي لج دا تون والي، مين ھان گھنگھار ميان
رووي جنھن لئہ ڏينھان رات، نميُ ٿان ڪل ڪائنات، ڪيا ڪريسي بيان بات، بردا ھڪ "بھار" ميان

## سينگار

سياھ اکيان صنم ديان دن رين کھڻ دي ڪارڪرن
چپلا ڪرڪي چست گھنن، تير تيز تفنگي مار ڪرن
نڪل ڪجليان وچون ڪئبر دل ڀُلون ڏڏڪار ڪرن
درڳ دناليان وانگر آکي عاشق ڪون آرپار ڪرن
ڪيئي راھ مسافر ماريا ويندا، ڪيئي شاھ وڏي شڪار ڪرن
سورھيہ سڪندر تونگر ھُون تنھن ڪون بہ سنگسار ڪرن
بري غزال يچ يچ آکي، سجده لک ھزار ڪرن
ترنيان تجلا چوڙ وجن جڏان چشم سندس چمڪار ڪرن
ڪڏان "مُوتو قِبلل" موج مشتاقان، ڪڏان "انتَ مُوتو" اظھار ڪرن
وڏي ھوش والي بي ھوش ھوندن ڪيئي بردا لک "بھار" ڪرن

## ڪافي ڪلام ۾ سينگار

ڪل نبيان دي ڏون تيڏا شهنشاهه شان هي
ايجها ٿيا نہ ڪوئي ٿيندا، تيڏا بي مثل بيان هي

(1) روئندا رهيا آدم وقت ڪافي
التجا ڪيتس مليس معافي
صدقي نام محمدﷺ ٿيس شافي
تنهن ڏون بہ مدني مهربان هي
(2) موسيٰ دي هئي ربّ نال ياري
ويکڻ تجلا تنهن ڪيتي تياري
ويک حسن ڪون ٿيس هوشياري
ٿيا هنڌ تنهين حيران هي
(3) جڏهن مدني دي ملاقات هئي
تي ارڙهن ورهيہ هڪ رات هئي
اِهن فرش ساري ڏون سات هئي
هڪ ٿيا هڪ نال، اهو ساڏا ايمان هي
(4) جڏان حسن يوسف هويا ظاهر
موهيا مايان وچ شهر مصر
هٿ ڪٽن پيان نال خنجر
تي روشني تنهين چوغان هي
(5) جڏان ظاهر ڪيتا هڪ دلبر دشن
جهان تي ٿيا سارا روشن
ظاهر ٿيا اي سپ ڪک پن





تي روشني تان آسمان هي
(6) پاٽي ڏون پتر تاري
قمر آوي نال اِشاري
بذر جمعہ دا نور ڏجاري
تيڏا انڌڙيان تي بہ احسان هي
(7) دشر تابع بشر تابع
حور ملائڪ شجر تابع
سِتاري ڪتيان قمر تابع
تيڏا تابع هر حيوان هي
(8) سرڪار مدينہ جناب عالي
”بهار“ هئي تيڏي دردا سوالي
مين تيڏي هان دلبر ڪو جهي ڪالي
مين منگيا فهم فقيري دان هي

## سينگار

سياهه اکيان صنم ديان، سيني سيفي مارن سٽ سٽ ڪي
چست چنبان وچ چاون دلڙي، بحري باز وانگون جهٽ جهٽ ڪي
مئي بن سدا مشتاق قرن، ويندا عقل خزانا لٽ لٽ ڪي
دام داٽي مثل دام اڏن سو عاشق ونن وٽ وٽ ڪي
تين ڪون شڪار ڪرڻ دا شوق سدا، لک مشتاق مارن گهٽ گهٽ ڪي
ويک نظارا نوري نينان هرڻ ويندا هٽ هٽ ڪي
تندرست تن بدن ڪون يارو زوري وجن ڦٽ ڦٽ ڪي
دهہ دهہ سيني دهڪار ڪرن وانگ گولي چٽ چٽ ڪي
لک بردا ”بهار“ ٿيون ڪن قيد اندر ڪٽ ڪٽ ڪي

## سينگار

اوبي مثال جمال ڪمال دا مالڪ، اڻ جڙ ديان جوڙنه نهه وچ
لولاڪَ لما ۽ ارشاد سڻ آباز حرڪتان تون رهه وچ
مين ادنيٰ ثناگر تيڪون سڏاوان آ قول ميڏي اڻان ٻهه وچ
لاهه غين تون نقطا عين سمجهه اڪيان ٻوٽ اڻان ڏهه وچ
هين زهد عبادت تقويٰ دي نهين پرور ڪون پرواهه تيڏي
ڪنهن غار شفا وچ رو رو ڪيتي صفا هي راهه تيڏي

ها مئين ڪوڻ ثناگر سهڻي دا فرقان حميد قرآن تون پڇ
ڪيوين زلفين داپيا قسم ڪاندا، الله دي پاڪ لسان تون پڇ
ڪيها لطف گهنڻ هي نام محمدﷺ بلال دي پاڪ زبان تون پڇ
ڪيوين شوق ٿيوءِ شاعر ٻٽيه حقيقت اي حسان تون پڇ
ڪنهن آپ دا پاوڻ سِڪلائِي هي پاوڻ نال چاهه تيڏي
ڪنهن غار شفا وچ رو رو ڪيتي صفا هي راهه تيڏي

ڪائنات ساري تخليق نہ هئي، تخليق تون پهلي تخليق هوا
اي مين مين، تون، تون، بات نہ هئي اوهه رزاق دا رفيق هوا
اي ظلم ستم جبر نہ هوا او پهلي ذات شفيق هوا
وما ارسلنڪ ڪائنات لئون اول رحمت عميق هوا
ڪيون ٻوٽ اڪيان ٻهه ڳئين نهين نورتي پوندي نگاهه تيڏي
ڪنهن غار شفا وچ رو رو ڪيتي صفا هي راهه تيڏي

هين در تي آ جيڪي جهڪدي هن پينار سڪندر بڻ ويندي
لڏ عرشان تي سير ڪريندي قطري بہ سمندر بڻ ويندي
هين در تون بکيا پنڻ والي لطيف، قلندر بڻ ويندي
ڪي غوث، قطب، ابدال بڻندي، ڪي طالب تونگر بڻ ويندي
بڻ دردا، بردا ”بهار“ بيوس، هي واحد بچڻ دي واهه تيڏي
ڪنهن غار شفا وچ رو رو ڪيتي صفا هي راهه تيڏي





## ڪافي ڪلام ۾ صفاتي سينگار

تنهنجي ثنايا مصطفيٰ ﷺ ارض وسما هر جاءِ تي
خود خدا راضي رهيو آ، رهبر تنهنجي راءِ تي

(1) آيو اچڻ سان صل عليٰ جا عرشن تائين آواز ٿيا
بگڙيل مقدر گنهگارن جي رازق جا اڄ راز ٿيا
”الصلواة والسلام عليڪ يا رسول الله“ پکين ۾ هي پرواز ٿيا
ٿي روشني هن شمس رهبر جي انس وڪفر اونداهه تي

(2) اتر ڪان آيو ٻڌڻ ۾ بلغ العُليٰ بِڪمالِهِ
ٿيو پڙلاءُ پڙاڏو ڏکڻ ۾، ڪشف الدجيٰ بِجمالِهِ
مرحبا مشرق ڪان سڻڻ ۾ آيو، حسنت جمِيعُ خِصالِهِ
لڳا اولهه ڪان آواز اچڻ ۾ صلو عليهِ وآلِهِ
ڪريا ڪوٽ ڪسريٰ جا هئي هئي انهي هاءِ تي

(3) نہ گهٻرايو ملڪن چيو اوهان جي آهي قسمت ٻٽي
بي سهاري قافلي جو اڄ، آيو آهي ڏٽي
هي آ رحمة اللعالمين، هجو اوهان ڪٿي بہ ڪٽي
خود انبيائن بہ لمتي ٿيڻ جي، ڪئي آ گهر گهٽي
اڄ آتشگاهه سپ لڄها، پيو آ پاڻي باهه تي

(4) ڇا لکي ڇا لکندو ”بهار“ سندس بيان ڪي
بس خدا ٿو پاڻ ڄاڻي شهنشاهه جي شان کي
ڪل ثنا جو ڪري ڪهڙي طاقت آ انسان کي
اڻ ڪٿ خزاني مان ڪجهه آءُ بہ چئي ٿو لست ڪرايان لسان کي
اچي حامي ٿيندو حشر ۾، ان ڪاهوڙي ڪاهه تي

# لعل فقير ڪورار

نالو: استاد لعل فقير ڪورار

پيءُ جو نالو: محمد ابراهيم

ذات: ڪورار

ڄم جي تاريخ 1926ع

تعليم: پرائمري ۽ ناظره قرآن شريف پڙهيل

ڪرت: هاري

رهائش: پراڻو جنگو لڳ مبارڪپور تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد

سگهڙ پائي ۾ استاد: استاد محمد سوايو "ڪفشدوز" موچي

وفات جي تاريخ: 1.8.1996 بمطابق 15 ربيع الاول 1416 هجري 70 سالن جي عمر ۾ وفات ڪيائين

نوٽ: استاد لعل ڪورار هر سال سنڌ ليول تي هڪ وڏي ڪچهري ڪرائيندو هو ۽ تاريخ مقرر هوندي هئي

هن وٽ هڪ دفعي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ بہ ڪچهري ۾ شرڪت ڪرڻ آيو هو.

## سينگار

ساراهيان سچو ڏٺي جنهن جوڙيا زمين آسمان
"سِرَاجا ً مُنِيرَا" ٿي آيو جانب منجهہ جهان
مَازَاغ البصر جو سرمو اکين ۾ رزاق پارايس رحمان
ڪيس ڪوثر آب ۾ رتل هيس موندين تي مرجان
پيشانيءَ مٿان مانگهہ محبوب جي سينگاري سبحان
عجب ابرو محراب مثل ڪوسيني ڪمان
نوري سرخي سهڻل کي "لعل" چئي هئي لبن تي لالان
دشمن دلبر جي کي پوش پارايا ها مالڪ مهربان
جي هڪڙو زيب ظاهر ٿئي تہ ٿئي روشن زمين آسمان
ملڪ ٿيا مستان، حوران ڏسي حيران ٿيون





## سينگار

جلوا جانب جا ظاهر ٿيا ملڪ مڪي ڪان شام
ڪريا ڪوٽ ڪسريٰ جا اُجها آتش گاهہ ٿيا خارزن کي خام
لات منات عزيٰ پرزا ٿيا جنهن تي حيزي هٽندا ها حام
طٰهٰ جو تاج سر تي هيس ڄائيندي لاکون ڄام
"والقرآن الحڪيم" اهي قادر ڪيا هيس ڪلام
"انڪ لمن المرسلين" اهي آگي ڏنا هيس انعام
"عليٰ صراط مستقيم" اهي ڪامل جا ها ڪام
ڪهٰيٰعص اها مالڪ مڪي هيس مام
پنج ئي پرين پروڙيا پرور جا پيغام
پنج تن پاڪ امام، ڪندا ماڙ محشر ۾

## سينگار

"بشِيرً وَ نَذِيرً" اهي باقي ٻڌايا بيان
گفتگا گوهر جا ٻڌي اچي عاشقن اڏيا آستان
جنهن تي ناميو نوري نظر ڪري سي ٿين قدمن تان قربان
مرحُومن تي مرسل دست ڌري سي ٿين جيئرا پوڙها ٻار جوان
جا ٿي قريشي قدم گهمايا اتي ٿيا بر پٽ باغ بان
اتي هُٻڪن عطر مشڪ عنبران، جا تون گهوٽ گهمي وجي

## سينگار

پٿر شجر پريون ديو دشر پيا سجدا ڪن سلام
ڪيهر، گنير، بگهڙ، باندر ٻيا جملي جانور پيا نميو ونن نام
پکين ۾ پچار پرين جي پيا لڏن ٿارين لام
ملڪ سڀ مطيع ٿيا منهنجي گوهر جا تہ غلام
ثنا سهڻل جي پوري نہ ٿي سگهندي توڙي قائم ٿئي قيام
جيڪي آهيون سيد جي سام، سي ويندا سين ڪلمي ساڻ "ڪورار" چئي

## بيت (روشني قرآن پاڪ)

خالق مالڪ ملڪ جو مولا ڪل شيءِ تي قادر آ
محمد منڙو مرسل مدني پاڪ پيغمبر آ
سيف جلي شير علي وارث ولي صاحب صفدر آ
آل پيغمبر لخت جگر ماهه منور شبير شبر آ
نياڻيءَ نبي راز ربي کهڙي ڳالهه ڪبي جڳ جي امي اطهر آ
پئي پنجتن پاڪ تي چادر آ ويطهر ڪر تطهيرا
”بل هو قرآن مجيد في لوح محفوظ“ هولا مڪان ۾
رب نازل نبيءَ تي ڪيو رات ستاويهين رمضان ۾
اڳ ۾ اقراء سورت تيهه سيپارا قادر ڪيا آهن قرآن ۾
جنهن ۾ وڏي سورت واحد ڪئي بقر آ بيان ۾
ننڍي سورت ڪوثر آئي شافع نبيﷺ جي شان ۾
آڳي ڪرايو الرحمان ۾، سينگار ڪل سورتن ڪان متي

دل قرآن جي ياسين آ حسين پڙهي نيزي تي نروار آ
آيت الڪرسي ڪل آيتن ۾ سهڻل چيو سردار آ
هڪ سؤ چوڏهن سورتون قرآن ۾ اهو شاعر ڪيو شمار آ
ڇها سي سورتان آيون مڪي جنهن جو عربي ڪيو اظهار آ
اناويهه سورتون سيد تي لٿيون جڏهن مديني ۾ آيو مختيار آ
اهو باري ڪنيو بار آ، جانب ڪل جهان جو





ڇهه هزار ڇهه سؤ ڇاهٺ قرآن ۾ اهو انداز آهي آيتن
ٽيهه لک ٻارنهن هزار ڇهه سؤ ٻاستر اهو اختلافي حساب آ حرفن
ست منزلون چوڏهن سجدا قرآن ۾ ساري سپ ڏجن
هڪ سؤ ويهه ايميون قرآن ۾ پنج روز پيون پڙهجن
جڻ ڪيائين ملاقات موليٰ سان اهو حڪم آ حبيبن
پنج سؤ چاليهه ڪيا آهن، قادر ڪل رڪوع قرآن ۾

ست سو دفعا ڪلام الله ۾ امر آهي نماز ۽ زڪوات جو
هڪ سو پنجاهه دفعا فرقان ۾ فرمان آ خيرات جو
پل پل پڙهو محمدﷺ مٿان آيو حڪم صلوات جو
دم دم درود دلبر تي پڙهو. هر ڏينهن ۽ هر رات جو
پڙهو قرب مان ڪلام الله ڪي ٿئي سولو سفر سڪرات جو
جيڪو وائي ڪندو وات جو، تنهن کي ڪس لڳندي ڪانه ڪا

ختم ٿيو قرآن ختم النبي تي گذريو ٽيويهون سال آ
بشري ٻرقعو پرين پائي آيو تي مدني مثال آ
هر هنڌ هر حال ۾ حاضر اهو تنهن جو قرب ڪمال آ
ڪر اچي وارثي ولهين جي هيڻو جنهن جو حال آ
ڪراءِ ديدار دلبر پنهنجو تو در سوالي ”لعل“ آ
ايڏو يلا تنهنجو يال آ، قيامت تائين ”ڪورار“ چئي

**نوٽ:**
مٿئين بيت ۾ سگهڙ پاران ڏنل قرآن پاڪ جي سورتن، آيتن ۽ رڪوعن سميت ذاتي حوالا سندس آهن ان سان اداري توڙي سرجيندڙن جي تحقيق جو ڪوبه واسطو نه آهي.

## سينگار

ساراهيان سچو ڏٽي جيڪو مالڪ آ ملڪن
عرش ڪرسي لوح قلم نور نبيءَ جي مان ٿيا چوڏهن ئي طبقن
نبي پيدا ڪيائين نور مان سندس سهڻي ئي وصفن
سردار سيني جو سيد آ مٿان مڙني مرسلن
يٰس حٰم طٰهٰ مزمل اهو مان آ محبوبن
وشمس وليل وضحيٰ اها واڪاڻ آ وصفن
ويطهر ڪم تطهيرا پئي پاڪ مٿان پنجتن
اهي سينگار سڀ ڏاتر ڏنا پيا سهڻي کي سونهن
سونهن سڄڻ جي مان ملڪ ٿيا غلمان مليو حسن آ حورن
جلوي جمال ڪامل جي ڪمال مان ٿيون ترنيون تجلا ڏين
ابر بهارا مينگهه ملهارا سانوڻ وارا تن کي ويس مليو آ ڪامل منجهان ڪيس
ڪو سين ڪاب منبر محراب ٿيوعجب منجهان ابرن
تير تفنگي بڙ چيون پان موهن مستان ٿيا محب منجهان مژگن
ذوالفقار جي ڀار نوڪدار تي انف منجهان عجيبن
سرخي پان لال لاکان ياقوت مرجان تن کي لالائي ملي آ منجهان لبن
گل سورج گل رابيل گل گلاب ٿيا رهبر منجهان رخسارن
هيرا موتي لال جواهر خاص درعدن ٿيا دلبر منجهان دشن
عطر مشڪ انبران خوشبوءِ خستوري زعفران ٿيا پسيني منجهان پرين
پٽ پٽيهر بافتا بخمل ٿيا پورل منجهان بدن
ڪبڪ فيل هنجهه مور رفتار رهبر جي رتيءَ مان ٿا گنير گام ڪٽن
کهڙا ڳڻي کهڙا ڳڻيان ”ڪورار“ چئي نه آهي حد حسابن
سونهن سڄڻ جي سچي سنسار ۾ سونهين تي سين
اهي لقب سيني کي ”لعل“ چئي مليا عجيب منجهان انگڙن
سات لنگهائيندو سختيءَ مان اچي وارثي ڪندو ولهين
پلي اهي مومن سڀ مرڪن، جن جي ڪلمو آهي قلب ۾





## جلوي دي جاڪوڙ (سرائڪي)

جوش ڪنون هڪ ڏهاڙي ميڪون خيال آيا دل جان دي وچ
ڪٽ مين ڪٽ ميڏا ماهي رهيس ايهين ارمان دي وچ
پڇي ڳولڻ لڳم يارڪون زمين آسمان دي وچ
ڳولهيندا رهندا هان دلبر ڪون جبل پهاڙ ڪوهستان دي وچ
بردا بن کي رلدا وتدا هان بيابان بوستان دي وچ
پتا نهين ميڪون ملدا پوري پاڪستان دي وچ
نماڻي هوڪي پڇدا وتدا هان ڪوئٽه بلوچستان دي وچ
جنهن دي خاطر رلدا وتدا هان سو رليا نه ريگستان دي وچ
آيا نه هٿ حبيب ميڪون اصل ڪوئي ايران دي وچ
دنيا ساري دوست ڪيتي مين قوليم گل گلستان دي وچ
جڏان هٿ نه آيا حبيب ميڪون تڏان پيس گهٽي ارمان دي وچ
خوشبوءِ آئي دل ميڏي ڪون طرف عربستان دي وچ
ڪائنات ڪنون آواز آيا ڏيک ياسين والقرآن دي وچ
ڏوجهان ڏيک اکيان کول اپني دل و جان دي وچ
” الإنسان سِري وَانا سِرُه“ هر هڪ دي ايمان دي وچ
” وفِي انفسِڪم“ آپ آکيندا نه پئو غير گمان دي وچ
ونحن اقرب ويجهڙا وسدا تون ڪيون ڳولهين زمين آسمان دي وچ
هر چيز وچ جلوا انهيندا جن بشر حيوان دي وچ
هر سورت وچ صفت سڄڻ دي ”ڪورار“ آکي قرآن دي وچ
سورت دا رک روزا اينوين جيوين رکدي هن روزي رمضان دي وچ
پڇي لحظي اندر لعل ٿيوين تي مرد آ ميدان دي وچ
(سبحان الذي اسريٰ) ظاهر هي فرقان دي وچ
فڪان ڪاب ڪو سينَ اوادنيٰ نهين فرق اس بيان دي وچ
احد احمد وچ پردا ٿولا نه پئو غازي ايهين غلطان دي وچ
ميڪون قسم خدا دي رب رهندا بس معراج والي مهمان دي وچ

## سينگار

اول آخر حاضر ناظر باطن هن نامور نروار ڏوهين
لا اِلہ الا الله محمد رسول اللهﷺ هن دو جڳ دي ڏاتار ڏوهين
احمد اتي احسان ڪيتا، سارائي جهان ڪيتا
اسلام تي قرآن ڪيتا، نازل نبي تي نروار ڏوهين
رهبر رسول الله هي، ابراهيم خليل الله هي
اسماعيل ذبيح الله هي صادق هن سچار ڏوهين
معراج والي رات هئي، عرش اتي ملاقات هئي
مرحبا اتحيات هئي، واه ڪيتس گفتار ڏوهين
پلي اتي پال ڪيتا، عبدالله ڪون نهال ڪيتا
آمنہ وچون لعل ڪيتا، واه جوڙ ڪيتس جنسار ڏوهين
ساقيءِ ڪوثر هي، خاتون اطهر هي
بهشت جنهين دا گهر هي، جنت دي هن مختيار ڏوهين
آل پيغمبر هي لخت جگر هي
شبير شبر هي، امت دي هن آذار ڏوهين
شاه نجف دا شان، ويکهو، ڪربل وچ مهمان ويکهو
جڳ ساري دا سلام ويکهو، واه قبي هن ڪلنگيدار ڏوهين
مصطفيٰ او مرتضيٰ، امت اتي ڪريسن شفا
”ڪورار“ هي تيڏي در دا گدا. محشر دي هن مهدار ڏوهين





# محمد فقير ڪورار

نالو: مرحوم سگهڙ محمد فقير ڪورار
پيءُ جو نالو: محمد چٽل ذات ڪورار
ڄم جي تاريخ: جنوري 1943ع
تعليم: پرائمري
ڪرت: هاري
رهائش: پراڻو جنگو لڳ مبارڪپور تعلقہ نل ضلع جيڪب آباد
سگهڙ پائي ۾ استاد: استاد لعل فقير ڪورار
وفات: 24 جولاءِ 2013ع بمطابق 16 رمضان 1434ھ

## سينگار

جب گوري گهنا ڪري، سرس ڪري سينگار
هڪ سِندُور هيس سينڌ ۾، بيا وسيهر وترا وار
پروون پنور جيئن، اکيون مرنگهه آچار
ڪجل سرمي سان سونهن گهڻي، وتن ڪي پيون منجهه خمار
مسي مساڳ تي مست هئي، ڪري سرخيءَ جا سينگار
نٿ بولو بينسر بن ۾، ڪري پئي چوءُ گلن جا چمڪار
واليون، پنڙا، ايرنگ، نسبڙيون، منجهه جهومڪ جا جهمڪار
ڳهٽو هيس ڳچيءَ ۾، بيا هس سندائي هار
تعويذ، ٻُوٽ، ڪنمالا، من هيس منڙي سان منار
منگليون، موريون، ٻانهين ٻانهن ۾، ڪنگڻ ڪلنگيدار
چلا، ويڙهه، منديون، اڃان ڪري پئي لاليءَ جا للڪار
ڪڙيون، پٽيون، پهذيب پيرن ۾ بيو جانجهر جا جهمڪار
جتيءَ سان جاءِ ٻُلَ تي، سونهين پئي سنگهار
انهي ٻتيهن کان وڌ ڀهڳڻ جي جوڙي جوڙ جبار
ڪيترا ڳڻي ”ڪورار“ چئي، چا شاعر ڪندو شمار
ساري جهان ۾ جنسار، تنهن کان وڌ آهن منهنجي مور کي ”محمد“ چئي

## قائم الدين سهتو

قائم الدين ولد عبدالرشيد سهتو وينل ڳوٺ سهتا (ديهه پليجا، تعلقو ڳڙهي ياسين، ضلعو شڪارپور) سنه 1960ع ۾ ڄائو. سندس استاد محمد ملوڪ عباسي آهي جنهن جي صحبت ۾ هن سگهڙ پائي جو ذوق وڌايو سندس لوڪ ادب جي فني اشاعت هڪ ڪتاب ”قائم جو ڪلام“ شايع ٿي سگهيو. پاڻ ڪجهه سال اڳ هن جهان مان لاڏاڻو ڪري ويو. قائم الدين هينيان بيت ”حضرت نبيﷺ جن جي سينگار“ ۾ چيا آهن ۽ سهڻا چيا آهن.

### سينگار

سونهين پيو سرتاج نبيءَ جي لائق سر لباس
حسن هوت حبيب جو هئو چندن ڪان وڌ چاس
وڌ گهرا ڪيس ڪلهن تي جيئن پونر وٺن پيا واس
ڄاڙا جنگي جانب جا ڪن ابرو دل اداس
جوڙ جهنواري جانيءَ سندا ريٽا رتل راس
مرگهان وڌ محبوب جا هئا نيڻ خماريل خاص
سي ڪهن ڪٽاريون ساجن واريون ڪيفي ڪن نه قياس
عاشق لک عليل ٿيا، ڪيا نظر نهوڙي ناس
ڪيئي ڪنجل ”قائم“ چوي پيا هلڻ منجهه هراس
وڌ پيارل پاس، حسن هيڪاندو گهڻو.





### سينگار

جيئين مستي ماڪ جي خورشيد ڪري ٿو ڪس
حسندار هٿي ويا ٽئين روپ پرِيان جي رس
ڳوريون ڳام نه ڪڻن آڏو هار پائي سي هس
چندر ڪيون چانڊاڻ پلي سو چمڪي پيو چوڏس
ڪڏهن نه ٿيو ”قائم“ چوي سونهن برابر سس
دست حنائي جانب جائي پرور ڪيا پارس
هڪڙي مرڪ حبيب جي سان مٽي اها مس
سهڻي جا سينگار چيا هن ڏاهن منجهه ڏهس
مان ڏئي نه سگهان ڏس، پرين سندي پار جا.

### سينگار (سرائيڪي)

تاج ”لولاڪ لما“ دا برسر سونهيندا سرور کون
آوڻ نال آباد ڪيتا جانب ها جهنگ جهر کون
نور سجڻ دي روشن ڪيتا گلشن ها گهر گهر کون
حسن ڪريندا هوت ماهي دا شڪي شمس قمر کون
خورشيد ڪنو خاص بچاوڻ ڪيتا پرور پوش ڪکر کون
هُل هلايا هاڪ حسن دي، پاڪ موهيا مرمر کون
لطفدار لعاب ڏيندا ول شاهه شڪست شڪر کون
شڪي تي ڳيا چپ اتاهين ڪينٽل ويک قمر کون
ست ڏيندي ول جهٽ اتاهين عين افٽ ادگر کون
ٿور ٿري من مور ڪريندا گرفتار گنير کون
پاڪ پسينا پياري دا سو موهي مشڪ عنبر کون

# فقير ديدار علي سيال

"سگهڙ فقير ديدار علي سيال جنهن جي پيدائش ته سال 1962ع ۾ ٿي پر مهيني جي ڪا به پڪ نه ٿي ملي سنڌس والد جي زباني ته ديدار سخت سرديءَ ۾ پيدا ٿيو هيو پوءِ ان ۾ ڊسمبر يا جنوري مهينو ئي گهٽي ڀاڳي شامل آهي. اسان جي پياري پيغمبر ﷺ غربت کي گهٽي ڀاڳي پسند فرمايو آهي ۽ سنڌس عاشقن به غريب گهراڻي ۾ گهڻو جنم ورتو آهي. اهڙيءَ طرح ديدار سيال به پنهنجي ڪکائين گهر ۾ پنهنجي دلبر پيءُ محمد حسين سيال جي صحن تي اک پٽي ۽ هيءُ فرزند سنڌس والد کي ٽئين نمبر تي الله تعاليٰ عطا فرمايو. ڪانئس اڳ به ٻه ڀائر روشن علي ۽ عبدالمجيد سنڌس والد جو صحن سجائي چڪا هئا ۽ ڪين هڪ ڀيڻ به مولا پاڪ ڏني هئي. سنڌس ڀائرن ۾ ديدار آخري ڀاءُ هيو. عام چوڻي آهي ته دير آيو پر درست آيو. ان لحاظ سان ديدار ٻين ڀائرن کان ته ننڍو هيو پر اهو سگهڙ جي حيثيت ۾ مهان شخصيت بڻجي ويو.

هن سگهڙ جو ننڍپڻ مال چارڻ ۾ گذريو ۽ جڏهن کيس پنهنجي ڳوٺ دائود ديري لڳ شاهه پنجو سلطان تعلقي ميهڙ، ضلعي دادو ۾ پرائمري اسڪول اندر کيس تعليم لاءِ ڇڏيو ويو ته هن پنهنجي استاد پانڌي خان سيال وٽ صرف ٻه درجا ئي مس حاصل ڪيا. ديدار سيال وٽ 1974ع دوران سنڌس هڪ سگهڙ امام بخش هتار وٽن مهمان ٿيو جنهن کان هن ڳجهارت ڳولڻ جي سکيا ورتي ۽ ديدار ان کان بعد 1978ع ۾ سنڌ جي عظيم مهان سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسيءَ کان سگهڙپائيءَ جي باقي مڪمل صنفن جي سکيا حاصل ڪئي.

فقير ديدار سيال جنهن کي پيءُ کان ته نه پر ماءُ جي والد طرفان سگهڙائپ جو ڏاج مليو، سنڌس نانو لوڪ ادب جي ڄاڻ





رکندو هيو ۽ ان ورثي جي ادبي ملڪيت مان هن کي به حصو مليو. 1981ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي ۽ 1985ع کان وٺي پاڪستان ٽيليويزن تي ادبي پروگرام شروع ڪيائين. لوڪ ادب جي پرچار ۾ "سلاٽ" جو مرڪزي نائب صدر پڻ رهيو ۽ آخر 28 جنوري 2010ع تي وفات ڪيائين. سنڌس لوڪ ادب ۾ جيڪي ڪتاب ڇپيا تن ۾ "ديس وسي ديدار اسان جو" "فيصلا انصاف جا" "ڪنهن کي ڏجي ڏانهن" "ڪل جڳ رهندا ڪاپڙي" شامل آهن.[1]

هيٺ سنڌس چونڊ ڪلام ڏجي ٿو:

## چوڏهو سينگار (چوڏهن نالا هاٿيءَ جا)

ڏسي هلڻ حبيب جو ھٿ هندوا پيا هرڪن
ڪارڏو به قابو ٿيا ۽ فيل پيا ڦڙڪن
ڪٽ لڪائن ڪينٽل پيا ۽ گوٽتا نه گرڪن
ڪيهر ڪنڌ نوائي بيٺا سنڪر نه سُرڪن
ڪيٽا پونگ پُنا ٿيا نڪي چينچل پيا چُوڪن
وسو وارڻ ويسلا هو ٿڙڪن تي ترڪن
ميندل به محبوب واري ڊار ڏسيو ڊُرڪن
پسي ٿور لڄي ٿيا، نه ادگر پيا اُرڪن
مڪنا مست مُطيع ٿيا، ھُو واٿن تان ورڪن
دلبر سامهون "ديدار" چئي شڪي ٿي چرڪن
پوءِ پيا ڀُرڪن، ڏسي هاٿي هلڻ حبيب جو

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو (سرجيندڙ پاران واڌارو)

### سينگار

ڏسي هلڻ حبيب جو ٿيا گنير گرفتار
چينچل چرڻ چڙي ڏنو هرڻ ڪاڏي هار
عين سجڻ جا نيڻ نماڻا ڪنيون ڪن ڪجڪار
ٿونهن سدا "سيال" چئي منهنجي سجڻ کي سينگار
تنهن دلبر جو "ديدار" مون کي پرور ٻسائج پاڻ تون

### سينگار

اي چند چوڏهينءَ رات جا تنهنجو چاهي تاب
سجڻ منهنجو "سيال" چئي جي لاهي لال نقاب
پوءِ نہ ٿي بات بچڻ جي، ٿئي سارو مُلڪ ڪباب
حسن منهنجي حبيب جو ناهي حد حساب
مور مرجان موتيا نہ ٻچن ڳُلي گلاب
رڳون تن رباب، جن ڏنو منهن محبوب جو





## غلام حسين باجاري

محمد زمان عرف غلام حسين جي پيدائش سنڌڙيءَ جي شهباز ۽ سيوهڻ شريف جي نگري کان اولهہ پاسي هڪ ننڍڙي ڳوٺ باجارا ۾ پنهنجي مسڪين والد عبدالحليم باجاري جي ڪکائين گهر جي صحن تي 12 ڊسمبر واري سخت ترين سرد رات ۾ 1965ع دوران ٿي پاڻ عام ٻارن وانگر صرف پرائمري جي تعليم حاصل ڪري ۽ پنهنجي اباڻڪي ڪرت ۾ لڳي ويو، پاڻ ڀرين جواني جي قوهہ ۾ سنڌ جو بهترين ملهہ پهلوان پڻ ٿي گذريو ۽ هن لوڪ ادب جي ميدان ۾ ڪيس هڪ سجڻ دوست ۽ سگهڙ حاجي رحيم بخش قريشي جي صحبت ۾ 1980ع کان باقائدي سگهڙ ٻڌجي سنڌ جي مهان سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسي جي شاگردي ۽ شفقت حاصل ڪيائين پاڻ ان ميدان ۾ جلال ڪتي ايوارڊ، "رمزون رحمت الله جون" ايوارڊ ۽ لا تعداد مجتا سرٽيفڪيٽ ايوارڊ حاصل ڪيا. هر صنف ۾ اعليٰ مهارت ماڻيندڙ هي سگهڙ ريلوي ملازم ۽ سلات جي ضلعي ڄامشورو جي ٻاڊي جو صدر رهي ڪري ڳڙدن جي بيماري سبب 18 نومبر 2009ع بمطابق 29 ذوالقعد 1430 هہ بروز اربع سول اسپتال حيدرآباد ۾ لاڏاڻو ڪري ويو. جنهن کي باجارا ڳوٺ جي اباڻي قبرستان ۾ دفنايو ويو.

### ڏهس سينگار (هاٿين جا نالا)

ڏسي هلڻ حبيب جو ٿي هرني کي هيبت
ڪنجل فيل ڪنبي ويو ڏسي حوت هلت
وارڻ وڪ نہ ڪٽن سکن ڳوُتنا گنير گت
ماريو هيو محبوب جي سنڪر کي صحبت
چنچل چاهت چور ڪيو پسي چال چلت
هاٿي هئندل هيڪاندو نياز ڪري نوڙت
وسو وڏي واجهہ مان پيا پير جهلن پربت
تنهن پلاري جي "باجاري" چوي، چا توريان مان طاقت
شاهہ ڪندو شفقت، هو گوهر "غلام حسين" تي.

## محمد امين سنياسي

سنڌ جي مشهور سيلاني سگهڙ استاد محمد امين سنياسي ولد جمعو خان ابڙو (پاڙو سانگرو) 1938ع دوران تعلقي وارهہ جي ڳوٺ گل سانگرو ۾ ڄائو، سندس والده قرآن پاڪ جي حافظياڻي هئي ۽ پيءُ بہ درويش صفت صوفي ازم نيڪ نمازي توڙي راڄ ڀاڳ جو چڱو مڙس هو، محمد امين سنياسي ڏهن سالن جي عمر ۾ استاد حافظ الهڏني ڊومڪي ۽ حافظ محمد ملوڪ پٽي جي علمي لياقتن هيٺ قرآن پاڪ جو حافظ بڻيو ۽ 7 درجا فائنل جي تعليم پڙهي سگهيو. جنهن بعد ڪيترو ئي عرصو سندس ئي ڳوٺ جي مسجد جو پيش امام پڻ رهيو، فقير سائين جو پيءُ ۽ ڏاڏو وقت جا وڏا پارڪو سگهڙ هئا، پر پاڻ غلام سرور پٽي جي صحبت هيٺ سگهڙائپ جي فن ڪي اڳتي وڌايائين، ڳڏوڳڏ طب جي علم جو جراح، سنياسي ۽ مشهور حڪيم بہ هو، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي مان طب جي علم جي ڊگري حاصل ڪيائين، سرڪار لطيف جي سُر ۾ سمايل ڪاهوڙين جيان گيڙو ويس پائي سالن جا سال جبل پهاڙ بر تر جاڳي حقيقي عشق جي منزل ماڻڻ لاءِ پيادل پنڌ ڪري نہ رڳو هن صوبي سنڌ ۽ پاڪستان اندر پر ايران، تهران ۽ بغداد شريف جو سفر پڻ ڪيو، جنهن دوران جڻ رام جوڳي، مصري جوڳي، ڪبڙ جوڳي ۽ گرونانڪ جوڳي پڻ سفر جا ساٿي هئا. سفر کان واپس اچي ضلعي دادو جي راڏڻ اسٽيشن پرسان ڳوٺ ٻڍل لاڪير ۾ روحاني رمزن جا ورد وظيفا، چلا ۽ ڏهاڪا ڪڍيائين. درگاهہ سعيدي موساٽي تي بہ ولايت جا ورق پڙهڻ ويندو هو. پيٽ گذرڻ ڪرڻ لاءِ معاشي مرحلن ڪي مُنهن ڏيڻ خاطر 1987ع ڌاري لاڙ جي پاسي جهرڪ شهر جي پر ۾ ڳوٺ حاجي ساڪاٽي ۾ يوناني دواخانو کوليائين ۽ ڪافي عرصي بعد هاٽوڪي ضلعي مٽياري





جي هالا شهر کان اتر ۾ قائم پراڻي سعيد آباد ۾ اچي رهائش پذير ٿيو، جنهن بعد پارس دواخانو جي نالي سان هاٽوڪي نيوسعيد آباد شهر ۾ اچي آباد ٿيو ۽ زندگي جا آخري پساهہ 13 ذوالحج 1426ھ چنڇر ڏهاڙي پورا ڪري هن فاني دنيا مان الوداع ڪئي.[1]

هن وقت سندس فن ۽ فڪر کي سندس فرزند ممتاز امين سنياسي سنڀالي رهيو آهي.

### سينگار

حسن آڏو حبيب جي، چا چنڊ ڪري چانڊاڻ
پُرزا ڪٽي پاڻ ڪري جي پسي سڄڻ جي سُرهاڻ
چلڪي پلي چٽو ٿي، ڪٽي وڏي ڪري واڪاڻ
گوهر تنهن کي گهرايو ڀڄڻ هٽي ڀاڻ
پلي سونهين ستارن ساڻ تہ بہ عجيب وڏ "امين" چئي

### سينگار

حسن ڏسي حبيب جو، ٿي حورن کي حيرت
ملائڪن ڪٽي مات ڪئي، تي عالم ۾ عبرت
سنسار جي سهڻن کان، وڏ سائينءَ جي صورت
عاشق ڪيئي اڙجي ويا، ڏسي محب جي مورت
لڪل ڪونهي لوڪ کان شان پريئي جي شهرت
ديدار پرينءَ جو دولت، آ "امين" لاءِ عجيب جو.

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو

# حال حيات سگهڙن
# جي سينگار شاعري

# ڪشمور ضلعي جا سگهڙ





## عبدالقادر اوڳاهي

نالو: عبدالقادر اوڳاهي
ولد: سڪيو خان
ڄمر جي تاريخ: 4 مارچ 1970ع
تعليم: بي. اي، بي. ايڊ، ايم. اي (سنڌي)
فن جي ابتدا: 1990ع
استاد: بهادر علي ”بهار“ ٻرڙو
ڪرت: پرائمري استاد
پتو: وينل غوثپور تعلقو ڪنڌڪوٽ، ضلعو ڪشمور

### سينگار

سرو قد ساجن سهڻو، محبوب لب مين
ڪٽ قريبن اهڙي جو ڪار ڏو پهچي ڪين
جي ٻاجهارا ڪي ٻول سٽي، ٻولي ڪوئل ٻولي ٻي نہ
منوءَ نڪڙو نازڪ نيارو پر بهتر پريان بين
آهن هزارين ٻيا ٻہ حسين، پر عجيب وڏ آ ”اوڳاهي“ چئي،

### سينگار

سرو قد ساجن سهڻو آهو سندس عين
منهن وڏ مهتاب ڪان، نرگس پريان نين،
جي سُري پردو سِن تان تہ روشن ٿئي رين
چلڻ سان چينچل سندا چڪي وجن چين،
سسيهر سر نمائن ٿين پريشان پين،
سي سهڻل اڳيان سين، اچي هٽن، ”اوڳاهي“ چئي.

## سينگار

سرو قد ساجن سهڻو دندان داڻ انار،
پر بيحد بجلي تن ۾، جيئن وج كري وسكار،
زلف دائري ديم تي سونهن ايئن سردار
جيئن سورج سرنگ مان كڍي كا كنار
سپ كان سونهن زور زنخ جي ريڌ مائل رخسار
افضل ابرو سيف سنگينون جاڙيون جلوي دار
عين اتم ادگر كان، ريءَ كيفيون كجل ڏار
اعليٰ پسينو عنبر كان هر هنڌ ٿئي هٻكار،
حسين ٻيا ٻه هزار پر عجيب وڌ آ "اوڳاهي" چئي،

## سينگار

كيس كارا قريب جا موءِ مينگهه ملهار
پسي جهڙ جهكو ٿئي زلف زيبدار
سُرنگ سياحي چا پڄي توڙي آگم اكيچار
ابر جي آسمان ۾، سي شان نه مٽ شُعار
جي هيئر كلن حبيب جا، ته سارنگ چڙي سينگار
ٻُ نه پيٽن ڳُ سين، واهه جي سهڻا وار،
كاكل پسي كمائجي وجن، ككر كارو نپار
كيان چا تعريف چتن جي، جي سجايا سردار
گيسوءِ جي گهرائيءَ مان ٿين بادل بكيادار،
اجا پڌرا پار، ڏيان آءُ كهڙا "عبدالقادر" چئي.





# پنهل "پياسي"

| | |
|---|---|
| نالو: | پنهل "پياسي" ٻرڙو |
| پيءُ جو نالو | محمد بخش ٻرڙو |
| رهائش | بخشاپور |
| پيدائش | 1968ع |
| تعلقو | كنڌكوٽ |
| ضلعو | كشمور |
| سگهڙائپ جي شروعات | 1980ع |
| سگهڙائپ ۾ استاد | استاد بهار علي "بهار" ٻرڙو |
| تعليم | پرائمري پاس |
| پيشو | هارپو |
| مكمل ائڊريس | پوسٽ بخشاپور تعلقہ ضلع كشمور |

## سينگار

رُخ تي سِج ريسون كري، چا ڏيان محبوب جا مِثال
ياقوت مرجان كان وڌ لب پرينءَ جا لال
ٌمور مِرگهه جهكيو پون نه چئنچل چلن چال
واهه دلبر جي ديم ته كيا قادر آهن كمال
سُورج ٻه سلام كري حاجت ناهي هلال
حُورون ملائك حيران ٿين پسي جانب جا جمال
چا شاعر شان لكي سگهندو مونكي چا مجال
اِنهيءَ لالڻ لجپال، آ كيو "پياسي پنهل" چئي

## سينگار

حُسن حبيب جي آڏو ڇا شمس ڪري شُعاع
لڳي حيرت حُورن کي صدقي ڪن پيون ساھ
هنجھ هرنا حيران ٿي آيا ڇُست رکي چاھ
جي پردو پرين هٽائي نِر ٽئون ڪري نِگاھ
پکي پرندا پيش پون ڏسي لالڻ جو لقاءَ
جو ڏاڄنگ جھڪي پون قربئون ڪري ڪاھ
اِهڙو جلوو جا بجاءِ منھنجي پرين جو ”پنھل“ چئي

## سينگار

جي دلبر ڪٽي ديد ڪن ھُناليون ڏڏڪار
پنبٽين سندا پيڪان ڪن سيني ۾ سٽڪار
وڍن ائين وجود کي ٽِڪي جيئن ترار
چشمن جي چوڪن سان ٽيو هينئون ڦاڪون ڦار
واڪا جيئن وِڄ ڪري تيئن نہ پوي خبرچار
کھڙا ٻُڌايان ”برڙو“ چئي پنھل ٽِن جا پار
بس ڪيون نيڻ خمار، سؤ دليون سوگھيون ڪري





## سينگار

هڪ مست اڪيون محبوب جون ٻيو ڪجليون ۾ ڪاريون
ٽيون ديد شهيد ڪرڻ لاءِ تو سُرمي سان سينگاريون
چوٿون ڏسڻ سان ڏنگي وجهن اهي نظرون نياريون
پنجون ڦاسي پيا فِڪر ۾ تو جانب جنھن تي ھُلاريون
ڇهون ڇٽيون وتِن چوھ اڪيون ايهي ديدان دوڏاريون
ستون سڪ رکيون سنپريون وتن اهي پاڪ اڪيون پياريون
اٺون کھڻ لاءِ ڦاسائي، تو ڄام اڏيون ڄاريون
نائون کي ڦاٿا کي ڦٽکن پيا، ڪن ڪيون کو ڪاريون
ڏهون مُفت وجن ماريون ”پياسي“ هن ”پنھل“ کي

## سينگار

جي دلبر ڪٽي ديد سڄٽيون هي ساري
اڏندو پکي بہ ڪري پوي وجهن مِرگھ کي ماري
پٿر بہ ڀُرزا ٿئي ڇڏن ڏونگر کي ڏاري
ڪروڙين ڪُهي وجهي، هڪ اڪين جي اشاري
موتو قبل انت موتو، ماري جياري
”پنھل“ ھُلھو ورد نہ وساري، جنھن کي لڳي نوڪ نيٽن جي

## ڪريم بخش ملڪ

پورو نالو: ڪريم بخش
پيءُ جو نالو: حمزو فقير ملڪ
ذات: ملڪ
استاد: صادق علي ملڪ
ڪِرت: استاد/صحافي
ايڊريس: ڳوٺ ڏياٽي، پوسٽ آفيس ڪرمپور بجاراٽي تعلقہ
تنگواٽي، ضلع ڪشمور

### سينگار

کهڙي ڪيان تعريف، مدني مني منٺار جي
سهڻو سجڻ اعليٰ اتم، آيو سجڻ سينگار جي
گام گوهر جي ڪٽي، وجن مُشڪ عنبر هارجي
مُرڪ جي محبوب ڪن، موتي ڪِرن مهڪار جي
چانڊاڻ چهري جي ڀسي، وجن شمس و قمر هارجي
"ڪريم بخش" ڪئي تعريف آ، پرور ڏٺي پاڻ يار جي
انهي محبوب مٺيادار جي، ساراهہ آ سنسار ۾.

### سينگار

سونهن وڏ ساجن جي، آئون لکان چا لفظن
قمرُ پيي قربان ٿئي، منهنجي ڪامل جي قدمن
هاٿي پيي حيران ٿئي، جي لالڻ لو ڏ ڪن
ڏاڙهونءَ داڻا ڏندڙا، جرڪيو ٿا جرڪن
پسي چيلهہ چهبڪ، نڪي چيتا هام هڻن
انهيءَ ڀهڳڻ صدقي ڀاڃهہ سان ٿا، نہ پهہ ڪم ٿهن
"ڪريم بخش" ڪريمن، آهي تاري چڙيو تار مان





### سينگار

پورل آئي پاڳ ڪليا، نہ پهہ دل ٺري،
آتش گاهہ اجهامي ويا، پيا بت ڏري،
ڀهڳڻ صدقي ٻڏل ٻيڙا، پيا تار منجهان تري،
سجڻ خاطر سنسار مان وئي، مصيبت ٽري
جلوو ڀسي جانب جو، ٿي هر دل آهي چري،
"ڪريم بخش" ڪيئي قربان ٿيا، پسي زيب ذري،
پيا بخت وري، مدني صدقي "ملڪ" چئي.

### سينگار

سونهن وڏ ساجن جي، ناهي جانب جو جواب،
اهڙو رُخ مُنهنجي رهبر جو، موهي وجهي مهتاب،
لالاڻ ڀسي لبن جي چا هام هڻي گلاب،
ڏندان وڏ دلبر جا، ناهي موتين جو حساب،
جي مُرڪ مور محبوب ڪن، آڏو نہ اچي آفتاب،
ڪارا ڪوهہ منا ٿين، جي پئي لالڻ جو لعاب،
آ عجيب عاليجناب منهنجو ڪامل وڏ "ڪريم بخش" چئي.

### سينگار

سجڻ جي سونهن سبحان اللّٰه، ناهي سنسار ۾ ثاني،
ڪٽي جي نيڻ ٻئي نرمل، مٺس هر دل ٿي مستاني،
منا محبوب جي مُرڪن، لِپڻ سُئيءَ جو ٿي آساني،
ڪلهن تي جي ڪرن ڪاڪل واسينگن ڪي ٿي حيراني،
"ڪريم بخش" قرب ڪامل جا، رهي ناهي پريشاني،
ڪندو مدني مهرباني، اسان ڪمزور ڪوجهن تي.

# مير حسن ملڪ

پورو نالو: مير حسن
پيءُ جو نالو: عبدالڪريم
ذات : ملڪ
تخلص: مير ملڪ
استاد: صادق علي ملڪ
ڪرت: سگهڙائپ
ايڊريس: ڳوٺ ڏياٽي، پوسٽ آفيس ڪرمپور تعلقہ تنگواٽي ضلع ڪشمور

## سينگار

کهڙي ڪيان سائينءَ جي، سونهن جي ساراهہ
بي مثل بي مثال ناهيو، عجيب ڪي الله،
حسن ڏسي حبيب جو شرمايو آ ماهہ،
ڀسي آئيز عجيب جا ڪئي هرڻن واهہ واهہ،
نہ گام ڪٽي گنير جي، راٽل وتن راهہ،
سيني صدقي ساهہ ڪيا "ميرحسن" محبوب تان

## سينگار

سونهن وڌ ساجن جي، آ لالڻ لاثاني،
چمڪار ڏسي چهري جي، شمس و قمر ڪي حيراني،
ڀسي نوز نرمل جو، تي پئرٽ ڪي پريشاني،
ڪٽ جمال جانب جو، ڪٽ يوسف ڪنعاني،
صورت منهنجي سڄڻ جي، ڪئي هر دل ديواني،
هيءَ "ميرحسن" مهرباني ڪئي الله اسان عاصين تي.





## سينگار

ساراهہ ڪيان تنهن سائينءَ جي، جنهن جي هر جا آهي هاڪ،
ارض و سما عجيب لئي، پرور خلقيا پاڪ
جنت، جوڙيئين حورون، پريون، آدمي با اخلاق،
"مير حسن" محبوب لاءِ ملڪ تيا مشتاق،
چانڊاڻ ڏسي چهري جي، پيا چند ڪي پي چاڪ،
هاتي بہ حيران ٿين، جي پير ڪڻن پاڪ،
ڀسي ابرو عجيب جا، ويا تلوار جا نڪري تاڪ،
سرها ٿيا غمناڪ، محبوبن آئي "ملڪ" چئي.

## سينگار

صفت ڪيان تنهن سائينءَ جي، جيڪو سونهن پريو سردار،
پرور سينگاريو پاڻ، بڻائي محبوب مٽيادار،
نوخ نشا نبر نہ ٿئي، جي قدم ڪٽي يار،
سونهن وڌ ساجن جي آ، چئو طرف چو ڏار،
"ميرحسن" محبوب وڌ آ، جانب جلويدار،
ٻيڙا ڪندو پار، محشر ڏينهن "ملڪ" چئي.

## سينگار

ساراهہ ڪيان سائينءَ جي جنهن لئہ جڙيو هي جهان،
ارض و سما، حورون، ٻريون، اعليٰ ٿيو انسان،
پيار ڪري پرينءَ سان، ڏنو قادر هي قرآن،
ٻنهي جهانن جو ٻهڳڻ ڪي، ڪيو هادي حڪمران،
جي آڱر ڪٽي عجيب، ٿئي چنڊ قدمن ۾ قربان،
لٽل سچ بہ لالڻ خاطر نڪري ٿيو نشان،
جي گام ڪٽي گوهر، تہ ٿئي ملڪ سجو مستان،
"مير حسن" منهنجي محبوب جو، بيحد آهي بيان،
جنهن جو مولا ثنا خوان، تنهن جي قربان ٿيان قدمن تان.

## صادق علي ملڪ

| | |
|---|---|
| نالو | صادق علي ملڪ |
| پيءُ جو نالو | الله ڏنو |
| تخلص | ”صادق“ ملڪ |
| پيدائش | پهرين جون 1973ع |
| استاد | گل حسن گل ملڪ |
| ڏس پتو | ڳوٺ ڏياٽي P.O ڪرمپور تعلقہ تنگواڻي ضلع ڪشمور |

### سينگار

ڪهڙي لکان سائينءَ جي، ساراهہ مان سٽن
مهتاب منهن محبوب جو، پلي پيٽ ڪن
پر هزارن جي هار ٿيندي، اڳيان محبوبن
لا ل لب لا لڻ جا، آءُ چوان چا چپن
موتيءَ ڪان وڌ ڊِنڊان پرينءَ جا، ڏوڏر سپ ڏرن
ناز ڀري جو ءِنوڙ ڏسي، ھَتي چٽون ڪين چڳن
تليهر ترنگ تجليون ڏين، وڏ وار تہ واسينگن
گام ڀسي سپ گنير هڪدم، وائڙا ٿي تہ وڃن
ڇهبڪ چيلهہ چريا ڪيا چيتا، نڪي هام هڻن
شمس و قمر شرمائيا ٻيئي، اوڏو ڪين اچن
”صادِقءَ“ ڪيئي صدقي ٿيا، قربان ٿُلي قدمن
ڪو عاجز عجيبن، مٽ نہ آهي ”ملڪ“ چئي.





## سينگار (ڪڙو منجهہ ڪڙي)

سڄڻ تون سھڻو، تون سھڻن جو سردار
سردار تون سرور، تون پيغمبر پڳدار
پڳدار تون پيشوئ، تون مڙني جو مهدار
مهدار تون مختيار تون، يتيمن جو يار
يار تون دلدار تون، اڙين جو آڌار
آڌار تون احمد ﷺ، تون ڪامل قربدار
قربدار تون ڪريم، تون محبوب مٽيادار
مٽيادار تون مرسل، مان عاجز گنهگار
گنهگار گدلو مان، عربي تنهنجي آسري.

### سينگار

ساراهہ ڪيان تنهن سائينءَ جي، جو پاڪ آهي پرور
انسانن جي هدايت لاءِ ڪيائين پيدا پيغمبر
نبي نيارو پرين پيارو، آيو اصلاح لاءِ انور
سوا لک نبين جو ٻٽيو، سردار سائين آ صدر
ملا ئڪ بہ مشتاق ٿيا، ڊِيم ڀسي دلبر
ڀسي چهرو پرينءَ جو، موهجي پيو تہ قمر
گنير گام نہ اڳتي ٿئين، ڏنو چئينچل ڪين چڪر
ھوڻ بہ حيران ٿيا، پسي آئيز جو تہ اثر
مدني آيو ”ملڪ“ چئي، ٻڏجي رحمت جو تہءِ لر
آهي گل سھڻو گوهر، جنهن جي ساراهہ آهي ”صادق“ چئي.

## سينگار

ساراهہ ڪيان تنهن سائينءَ جي، جيڪو ضامن آ ضعيفن مولٰيٰ سينگاري محبوب ڏنو، هادي پاڪ هٿن ٿي واهر بي واهن جي، آيو ياور يتيمن نڌڻڪن ڪي ڏڍڪو ڪيو، منهنجي محبوبن جانب اڳيان جن ملا ئڪ، حورون حمد پڙهن چنڊ آيو چيرجي، ڪامل جي قدمن پٿر، شجر پار پاٽيءَ جي، حڪم سان تہ اچن سهڻي صورت دلبر جي، ڏس حورون هار وجهن بس سينگار پيا سِڄن، منهنجي سڄڻ جا ”صادق“ چئي.

## سينگار بيت (ٻتو ڏهس - وارن ۽ جهڙ جو)

اليهر، تليهر، وسيهر، وارن سندا ونگ
ڪِرن ڪيس ڪلهن تي، تجليدار ترنگ
تہ ملهار مينِگهہ مستان ٿئي، ٻسي بادل رنگ
زلف سهڻا مشتاق موهي، هٿن ڏوران ڏنگ
ڪنبي ڪڪر ٻلر ڪيئي، وجن ٿا اڙٻنگ
وار واسينگ ڪُلا لخ، گيسو، ڪيا مست ملنگ
ٻُ آگم سارنگ سُسايا ڪاڪل سهڻي سُرنگ
آهيون سيئي پروانا پتنگ، ان سڄڻ جا ”صادق“ چئي.





## سينگار

صفت ثنا هر هر ڪيان، دلبر دلي دلدار جي
اڪڙيون اتم نازڪ جسم، آيو سڄڻ سينگارجي
دندان موتيءَ جي مثل، ڏوڏر ڏرن ڏهڪارجي
قدم ڪٽي گوهر وٽي، گهٽيون وجن ڇهڪارجي
ملڪن اندر آ سربسر، بس گفتگو منهنجي يارجي
لبين لال موتي ٿا ڪِرن، تاثير آ گفتارجي
ڪنول ڪِرن سُمبل سمن، ڪهڙي پيٽ ڪيان رُخسارجي
ڏينهن رات آ، لبين لات آ، محبوب مٺيادار جي
يادِ پرين دل ۾ سدا، آهي پچر پڳدار جي
اچ تون اگڻ سهڻا سڄڻ، لهہ خبر لاچار جي
ٽوڻ وڻ نہ ايندو اڱ ۾ آ، درڪار آ اشعار جي
يا خدا ڪر آس پوري، ڀهڳڻ جي ٻانهن هارجي

نوٽ: مٿيون صفاتي سينگار بيت صنعتي آهي، هر هڪ مصرع جو پهريون اکر ملائڻ سان سگهڙ جو نالو، ذات ۽ ڳوٺ ظاهر ٿيندو.

نالو: صادق ملڪ، ڳوٺ: ڏياٽي

# ارصلاح باجڪاڻي

نالو: ارصلاح

پيءُ جو نالو: ڪوهدل باجڪاڻي

تخلص: ارڏو اترادي

جنم: 17 مئي 1949ع جنم جو هنڌ ديهه گل والي، تعلقه تنگواڻي ضلع ڪشمور

تعليم: بي.اي، بي. ايڊ، ايم. اي (سنڌي)

پيشو: 17 گريڊ رٽائرڊ ٽيچر 2009 ع

ڇپيل ڪتاب:
1. ميمڻ عبدالغفور سنڌي جون ادبي خدمتون (ڪانيواڙ ٻولي ۾ ترجمو ٿيل)،
2. جنگ جو اعلان (مشاعرو)،
3. ياد توکي ڪريان (شاعري)،
4. تاريخ ۽ اسان (نثر)،
5. ڪشمور ضلعي جي تاريخ (نثر)،
6. چا تون مونکي هاري سگهندين (شاعري)

ڪتابن ۽ رسالن ۾ مواد ڇپيل: السنڌ (اسلام آباد)، وينجهار ماهوار رسالو پريت پبليڪيشن ڪنڌڪوٽ، تنگواڻي رسالو، اسان جا اديب انسان جا شاعر ڪتاب ميمڻ عبدالغفور
سنڌ جون سيئي اخبارون ۾ ڪافي ڇپيو





## صفاتي سينگار

دل ڇيو لک شعر شاعر دلربا دلدار تي،
چا لکي چاتي لکان، چا چا لکان لکان سرڪار تي.

ويچار ۾ اڙجي ويس، ايڏا پنا آڻيان ڪتان،
مس ڪريان سارو سمنڊ پر جي لکان هڪ وار تي.

مرڪ موهڻ تي لکان، گفتار خوش ڪيڪار تي،
پيار جي مهڪار تي، لکجي انهيءَ آڏار تي.

ها، هي ساري زندگي لکجي ته لکجي بندگي،
چا خبر ڪيئي ڪتاب، لکبا صرف سينگار تي.

اک جي اٽي واهه وا وٽي، ٻيو چا لکان دل جا ڏٽي،
ها اگر لکجي ڪٽي، درشن اتم ديدار تي.

هوش ويو بيهوش تي، لک ميم تي مئنوش تي،
”ارڏا“ قلم ۾ جوش تي، لک قرب تي ڪردار تي.

# محبت علي لاشاري

محبت علي لاشاري جو تعلق بخشاپور شهر ضلع ڪشمور سان آهي، سنڌ جي سريلي سگهڙ استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو جي صحبت ۾ سگهڙائپ جو فن سکيو، هن وقت سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڪچهريون ڪري رهيو آهي.

## سينگار

سرو وڪد ساجن سهڻو سجڻ جا سينگار
سينڌ سجايل سهڻي جي واهه زلف زريدار
جي ڪِرن ڪڄ ڪلاهه تان ڪڪر ڪن قطار
سورج پِري ڍڪجي وڃي، ٿين مينگهه ملهار
خزان يي ختم ٿئي برسن باغ بهار
ُگل ڦل ٿهڪن ٿاريون، ڪن چنبيليون چمڪار
زيب پري زلفن جا ڪهڙا ٻڌايان پار
انهيءَ عجيب جي آڌار، آهيون مڙيئي ”محبت“ چٽي

## سينگار

هڪ حسِين ڏنم حسن جي ناز پري نِگر
گهمي پئي گهور سين ڪٽي ڪونج وانگي ڪر
مور وانگر ٿور ڪري موهي ڪي مرد مخر
ٻدڪ جٽان بار بار بيهي چڪور جيئن چڪر
پپ پيپر ايئن ڪٽي پئون رتا پاري ور
بانهن بيڙو هٿ ڪري حملا ڪري هر هر
پرين برابر مور نه پانيان پلين تابي ڪري تر
اِنهي پلي سندي پر ملي مون کي ”محبت“ چٽي





## سينگار

حسن منهنجي حضور جو آ ناميو نشابر
شمس آڏو شرمائجي ڏسي تارا ڪتيون قمر
حوران پريون حيران ٿيون، توڙي جن بشر
سڀ ملڪن جا سهڻا عرب عجم ايران توڙي ملڪ مِصر
چوڏنهن طبق روشنا ٿيو زري ديم ڪوليو دلبر
سوئِي ستت لِبي پئي امان آمنہ جي گهر
هرڻ مندوا هلي نڪري آيا ناهر
پکي پي ُڏامڻ لڳا چمڪيلا چاسينگر
سرڻ ڳيرا چڳڻ لڳا واهه وهان ڪري ولر
مور مِينا مِٺو ڪونجن ڪنيا ڪر
سونهن ڏني سيد کي پاڪ ڏٽي پرور
پياسو آهيان پنجتن جو محبت ثناگر
پاڻ ڏيندو پاڪر هِن عيبن پري ُپري کي

## سينگار

سونهن ته منهنجي ساجن جي آ عجب عاليشان
حوران پريون حيران ٿين، گوهر اڳيان گلمان
دتان پلا دلبر جا مرڪ موتي چا مرجان
گلن ڪان وڌ گهرا لبڙن جي لالان
مک آڏو محبوب جي قمر بيهي ڪان
حسن وڌ حبيب جو، چا ڪجي بات بيان
کهڙي طاقت انسان کي جنهن جو خالق ثنا خان
آهن لکين احسان اسان مڙين تي ”محبت“ چٽي.

## سينگار

حُسن منهنجي حبيب جو آ نوراني نروار
جي پردو هٽائي پرين ٿئي چوڏنهن طبق چمڪار
رات منجهان روشن ٿئي جڏهن مُرڪ ڪئي منار
سرڻ ڳيرا ڳُٽڪن پيا ڇتونئن ڪئي چونگار
بُلبل آيا باغن تي، ڪوئل ڪري ڪوڪار
هنجهه مور هلي آيا ڪرڻ دلبر جو ديدار
شينهن هاٿي پسڻ لاءِ آيا هرڻ ڪهي هزار
”محبت“ پنهنجي محبوب جا ڪهڙا ڏسيان پار
اِنهيءَ عربي جي آڏار لکين آهن ”لاشاري“ چئي.





# خادم علي ميراڻي

| | |
|---|---|
| نالو: | خادم علي ميراڻي |
| پيءُ جو نالو: | شاهنواز ميراڻي |
| رهائش: | ڳوٺ پهنجو لڳ وسطي عنايت شاهه |
| پيدائش: | 1.8.1971 |
| تعلقو: | گهوٽڪي |
| ضلع: | گهوٽڪي |
| سگهڙائپ جي شروعات: | 1985ع |
| سگهڙائپ ۾ استاد: | استاد بهار علي ٻرڙو |
| تعليم: | مئٽرڪ |
| پيشو: | دڪاندار |

## سينگار

مُنهن وڏ مهتاب، لَب گلاب ڪاڪل ڪام ڪارا
چيهل چم عين ُلم سونهن سراسر سارا
بامس بهتر نوخ ويتر پرين وڏ پيارا
ڪوئل گفتار ٻولي ٻار ٻهڳڻ ٻول ٻاجهارا
ڳاڙها ڳل لال مِثل جڻ چا سينگر چمڪارا
موتي ڏند لڙاري پيوند، ڪن ڪنوڻ جيئان ڪِجڪارا
ابرو سيف ڪجليون ڪيف ڪٽي ته مِٽجن مونجهارا
هٿ حنائي چا لڳي لالائي ڏين راحت رحمت وارا
بدن بخمل اجا افضل جانب جيءُ جيارا
چيلهه چا بڪ سرو بيهڪ ٿيا شير شرم سارا
هر نو هنجهه حيرت منجهه وير اڳيان ويچارا
”خادم“ ڪوڙ نه ڪوئي جوڙ ٿين ٻُو پينارا
ُلني ڳچي پاءِ ڳارا ته ملئه مهت ”ميراٽي“ چئي

## سينگار

سجڻ سهڻو سين ۾ منهن وڏ مهتاب ڪان
جبل جليو جوش انهي تو نگر سندي تاب ڪان
لعاب لالڻ جو ڪوهه پيو ٿيو مِٺو ڪوثر آب ڪان
گنير گت ڦٽي ڪن حبيبن جي حجاب ڪان
آ حسين حد حساب ڪان، خوبصورت ”خادم“ چئي





# علي حسن منگي

نالو علي حسن
پيءُ جو نالو عبدالقادر منگي
پيدائش: 6 جنوري 1963ع
تعليم پنج درجا
رهائش: مومل جي ماڙي ماٿيلو ضلعو گهوٽڪي

## بنا نقطي وارو بيت

مرسل مولا محمدﷺ مڪو آ عالم ۾ اعليٰ
سرس سهڻو سواءَ لڪ آ آدم ۾ اعليٰ
مرڪ مور حور هاڪ آهر دم ۾ اعليٰ
گوهر گام گل گدام آ آدم ۾ اعليٰ
وس واهه گهر گهر آ مرهم ۾ اعليٰ
هر سهارو سهڻو آ ڪرم ۾ اعليٰ
حال محرم حال ۾ آروح رحم ۾ اعليٰ
”منگي“ مام سو آسام دم دم ۾ اعليٰ
ساڻ ڪرم ڪر سردار وهه ورم ۾ اعليٰ
سو احمد ارم اعليٰ ”علي حسن“ چئي

## سينگار

شهباز حسن آ حملو ڪيو هو زلف زورآور زنگي سان
ٺاهه ٺاهو ڪا ٺاهي چڙيائين ڪرڙي دار ڪنگي سان
ڪيفي ڪمانا مجگان پالا چارئي طرف چورنگيءَ سان
پوءِ شمشير اٿيا ها شور ڪري ڪٽي جوڙ جنگاور جنگي سان
هوڏانهن سامهون ڪيائين سيني تي آيا تير تڪا مانُ ڦنگيءَ سان
بس رڳ رڳ مان رڙنڪتي جڏهن ڳڏي نوڪ ڪٽاري ننگي سان
بي مثالي بار پيڙو تيز رفتار هو تنگي سان
هيٺو سمجهي حال وندبائين مشڪل ويل "منگي" سان
ايڏي اڪُ لمنگيءَ سان، ڪيائين عاجز "علي حسن" چئي.

## هڪ نقطي وارو بيت

ناز نرالو نرمل جو آ نروار عجب
منهن منور ماهه مجال سو آ اسرار عجب
سونهن سلالو سرس ساجن هر وار عجب
سس صنوبر سرها گل گلاب گلزار عجب
مور مرگهان هام نہ هٽن ڪن نہ ڪو ڪردار عجب
ساجن سهٽو سرس صنم جانب جا جنسار عجب
مرسل محمد مولا مڪو اعليٰ سو اظهار عجب
مومن "منگي" دعائون هر هر روضو جنهن جو رازدار عجب
دلبر دادلو آ دل جو مالڪ صنم دلدار عجب
"عرب عجم ۾ اعليٰ افضل سهٽو سو سرداڙ عجب
ننگ رکندو نگدار عجب، جو اعليٰ "علي حسن" چئي





# علي نواز پتافي

نالو: سگهڙ علي نواز پتافي
پيءُ جو نالو: ڏهر خان پتافي
تخلص: مجاهد
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ ۾ استاد: والد ڏهر خان پتافي
بقايا سکيا ڏيندڙ استاد: وريام فقير شيخ
ڄم جي تاريخ: 1953ع
سگهڙائپ جي شروعات: 1973ع
پتو پوسٽ آفيس: سرحد (سنڌ)
ضلعو ۽ تعلقو: گهوٽڪي

## سينگار

سڪ ٿيو سڀ سٽائي سردار محمدﷺ جي ڪري
هر ڪو ٿو موجون ماڻي مننار محمدﷺ جي ڪري

متي احمد هتي محمدﷺ مخلوق ۾ مختيار ڪيائين
قرآن ۾ آيتون آئي ابرار محمدﷺ جي ڪري

ظاهر ۾ نبي ڪان اڳ ڏڪار هو دنيا ۾
پرور ڪيو پاڻ آ وسڪار محمدﷺ جي ڪري

ڪافور جا لبڙا رکي جبرائيل پيو جاڳائي
جو عرشئون پيو براق آڻي مختيار محمدﷺ جي ڪري

## سينگار

حسن وارا هزارين پر نبي سردار زنده باد
هيءَ سينگاريل مليو آهي منو مننار زنده باد

ڪئي جلدي سجڻ سائين معراج جي تياري آ
جتي بوراق آ حاضر ڪيڏي سواري پياري آ
عرشن تي قدم تنهنجا هيءَ جتي بہ شان واري آ
تر جي نہ پردي رهي ُاهو ديدار زنده باد

آيو چنڊ هتي چيرجي تنهنجي ارشاد اشاري سان
الف جو ڪيائين اظهار ڪيڏو هئس پيار پياري سان
عيد جو ڏينهن پري سڏڪا ڪيو هيئن وڙ ويچاري سان
اگهاڙن کي ڪرائي عيدون يتيمن يار زنده باد

ڪيائين قرب کي ڪافي، تہ تي پيا ڪير ٻڪرين ۾
ڪيڏي هيس سڪ سيني ۾ لڪائي پيو نانگ ٽڪرين ۾
جيڪڏهن ڪا ڪل ڪلهن ڪيري لڳي جڻ چنڊ ڪکرن ۾
ڪارا وار وڌ ڪاريهر ُاهي وار زنده آباد

هڪڙي مرڪ منڙي جي ڪنجي رات ڪاري تي
ٻکيا هرڻ چرڻ پئي ويا باغن ۾ بهاري تي
مليو محبوب آ اهڙو "علي نواز" چئي بهاري تي
ڏنيون ماڙيون مصر جون ماٺهن اهي چمڪار زنده آباد





# ڪريم بخش مگڻهار

| | |
|---|---|
| ادبي نانءُ | ساقي |
| پورو نانءُ | ڪريم بخش |
| والد | گل فقير مگڻهار |
| سڃاڻپ | سگهڙ سالڪ شاعر |
| ڄمڻ جي تاريخ | 7 فيبروري 1953ع |
| ڄمڻ جو هنڌ | ناناڙي ڳوٺ گهوٽاڙئو ضلع جيسلمير هندستان |
| هاڻوڪو پتو | گهوٽڪي تعلقہ خان ڳڙهہ شريف ڳوٺ ڪنٺهارو |
| تعليمي لياقتون | پنج سنڌي قرآن شريف ۽ ٻولي ڏاتي |
| استاد | گل فقير بابا سائين، استاد احمد خان لغاري |

## صفاتي سينگار

رخ تان نقاب نوري هو جو ڪٽي هٽائي
ڪتيون قطب تارا قمر وڃن ڪمائي

ڪڪرن ۾ ڪين لڪندي، سج جي صفا سهائي
زور ظاهر ناهي آسمان جي ڪا اڃائي
تئي ظاهر زلف ان جو تہ شمس وڃي شرمائي

ُڦرندي ۽ لهندي هر هڪ چنڊ ڏٺو آ
چوڏس جو چمڪار چنڊ چؤطرف چٽو آ
ان کي اڳ جي اشاري وڌو ڪيرائي

جنهن جو نور ظاهر دو جهان ۾ تي پيو
قرآن ۾ گواهي چٽو عنوان تي پيو
تيو قرب "ڪريم بخش" تي ويو ڪافي ڪمائي.

## سينگار

بي مثال آ محمدﷺ اهڙو مثال ناهي
مگر مهتاب آ منور اهڙو حلال ناهي

جنهن در جي غلامي حورو ملڪ ڏئي
شاهدي آدم، عيسيٰ عرش فلڪ ڏئي
تنهن ذات جي مٿان ڪا ذات نہ آ
موسيٰ ڪي تجلي هڪ پيو پلڪ ڏئي
ارڙهہ سال اتي هو اهڙو وصال ناهي

جنهن جي جن و بشر بہ ڪن پيا غلامي
اتي شيوڪ ۽ شجر بہ ڪن پيا سلامي
اتي بي زبان، زبان سان ڳالهائين پيا
انسان ڇا؟ پر پٿر بہ ڪن پيا ڪلامي
هت حسن پنهنجو پيٽي اهڙو هلال ناهي

ڪٿي ڪري پيو روحن جي رهنمائي
وري آدم ۽ حوا جو ٿيو وسيلو واهي
انبيائن جو اقصيٰ تي وجي امام بڻيو
آهي راز رهبري بئي ڪل نہ آ ڪائي
هت آمنہ جي لال جهڙو ڪو اهڙو لال ناهي

گداگر تي وجان هيڪر مديني ماهہ منور ڏي
پرهائون پار ڪري مولا سجڻ سردار سرور ڏي
ڏسان نيلون نڪري دم، دم روضي عطر سامهون
هجي صلوات چپڙن تي پوءِ پڇاڙي ٿئي پرور ڏي
ڪري جي قرب ”ڪريم بخش“ تي ڪو اهڙو ڪمال ناهي





## سينگار (نظم)

محمدﷺ آئي سارو سنسار چمڪيو
ٽڙيا گل گلابي گلزار چمڪيو

زمين چمڪي، آسمان چمڪيو
مڪان ڪان لامڪان چمڪيو
پوءِ پورو سارو جنسار چمڪيو
چنڊ جو پوءِ چمڪار چمڪيو

عيسيٰ بہ چمڪيو تہ آدم بہ چمڪيو
لوح محفوظ جو قلم بہ چمڪيو
نثر بہ چمڪيو تہ نظم بہ چمڪيو
چنڊ جو پوءِ چمڪار چمڪيو

ستارو بہ چمڪيو برج بار بہ چمڪيو
ڪتيون، قطب قرار چمڪيو
لڪيو باطل، نج نروار چمڪيو
ڪعبو ۽ عرفات حج هر وار چمڪيو
ٿري دل مومن جي ٽذڪار چمڪيو

قرب ”ڪريم بخش“ تي ٿيو، قربدار چمڪيو
اهو ڏينهن سومر وار چمڪيو
عربيءَ جي اچڻ جو سال سارو، سالار چمڪيو
تنهنجو ۽ منهنجو هي پار چمڪيو
سڪا وڻ ٿيا ساوا ۽ چو جو بهار چمڪيو

## جمال الدين پتافي

حاجي جمال الدين پتافي جي پيدائش 1962ع دوران ڳوٺ لعل پتافي ۾ ٿي قرآن پاڪ جي ناظران تعليم پڙهيل هن سگهڙ ڪي ڪچهرين مان ذوق جاڳيو پهريان الغوزو پڻ وڄايائين جنهن ۾ استاد بهرام فقير پتافي هيس سال 1981ع دوران حج جي سعادت ماڻيائين هن وقت اباڻي ڪرت سان هوندي سگهڙائپ سان سلهاڙيل آهي.

عبدالله دي گهر احمد آيا مليان واهه وڌايان
ڏک ڏور ڏولاوا ٿيڙا پيان ڪلن ساريان مايان
روشن نور نروار ٿيا پيان چمڪن سيئي جائيان
خالق خلقيا مڪي دي وچ پيچي ٿيان سپ سڻايان
تڏهن مليان پال پلايان، جانب آئي ”جمال الدين“ آکي

محبوب مرڪي ماه لقا تہ بادل برسي پون باري
رنگ رسيلا سجي وجن سانوڻ سنگ سوناري
ڪنوٽيون چا ڪجن جڏهن نرمل نرت نهاري
سيرت صورت سهڻي سائينءَ جي آخاوند خود سينگاري
اها باري پاڻ بڻائي، منهنجي جانب جي ”جمال الدين“ چئي

باري پاڻ بڻايو رهبر رکيو راز
ڳجهي ڳالهہ ڳالهائي ڳجهيو ڪيائين آغاز
ماهي مڪائين ماهہ لقا پرور ڪري پرواز
سائين سپن جو سردار ٿيو انوکو انداز
ظاهر ويئي ظلمات، منهنجي جانب آئي ”جمال الدين“ چئي





# سکر ضلعي جا سگهڙ

## غلام محمد منگي

نالو: غلام محمد ”مسافر“
پيءُ جو نالو: محمد چتل منگي
پيدائش: 1954ع
تعليم: پرائمري چار درجا
سگهڙائپ ۾ استاد: الاهي بخش سومرو ۽ والد محمد چتل منگي
سگهڙائپ شروعات: 1966ع
مڪمل ايڊريس: روهڙي شريف محلہ ڪوٽ مير يعقوب علي شاهہ حاصل شاهہ ڪالوني روهڙي تعلقہ روهڙي ضلعو سکر

### سينگار

سرون سنبل جي خوشبوءِ سهلا صفن تان صدقي
سهہ ڪارپيءَ ۾ چڪرن ڪاڪل ڪڙن تان صدقي

سن، مون، منهن مشابهہ نہ ڪئنچن مقابلي ۾
اڳ اهلي پون چن ڪڪرن جي قافلي ۾
تيا ماهہ پارا قربان خالص خدن تان صدقي

بر بانگ جي بناوٽ جوزاچندر جي ديهي
پيڪان مست مزگان واٽو رهن تا ويهي
چيهل ويا چم چپائي ڪيئي ڪنجن تان صدقي





غمرن جا غولچا پڻ مرڪيا مگل متانهون
مشڪ و عنبر ڪتوري جهلڪيا منل متانهون
ڪوڪب شهاب شامل، سوسن سنن تان صدقي

پاٻوهہ ساڻ پيارا نازڪ اگر نهارن
قند شير غنچا گفتا ٻوليون منيون ٻڌارن
مرجان لعل احمر لائق لبن تان صدقي

اوهر سي عام آهن يد يار جا سخا ۾
بسيار باب برڪت محمد منو وفا ۾
ايپل انار، آڙو، زيب و ذقن تان صدقي

ايليفنٽ، هنج، هرنا، نٽ ناز ناز چاهي
ڪبڪان ڪرن ٿيون ڪوءِ گت گام انداز چاهي
ڪپنجر، ڪپوت، ڪونتر، پپيهل پبن تان صدقي

طيبه، عروض، جي پڻ ملي پونءِ تہ پاڳ پانيان
محمد جي آ غلامي سرمو اکين ۾ پايان
محبوب هي ”مسافر“ تنهنجي صحن تان صدقي

## سينگار

مهتاب جي شڪل ۾ چمڪيو شباب تنهنجو
هر گل ۾ خوشبوءِ تنهنجي، معطر لعاب تنهنجو

ڪيفي، ڪنول ڪٽوريون، نيتر ڪٽي نهاريو
مرڪن، سي منش مرده داور دليون اجاريو
سيد ۽ سيف رحمٰن خاور خطاب تنهنجو

مک ماهِ تابان آڏو جهوڪا جبين جهڪائن
ڪينٽل، ڪنير، ڪرشن، قدمن ۾ سر سمائن
آ مد تي خود خدا ڪيو انور آداب تنهنجو

ديهي آ قاف قرآن ڪچ ليلتہ القدر پڻ
ترنڪتا نازور ۽ پنبڙيون تہ ولفجر جڻ
بربانگ بسم الله هيون مزمل نقاب تنهنجو

رابيل رس ڀريا چا موتين جان ٻول ٻولين
مرجان ۾ مرن تا لب لعل خاص ڪولين
قند شير شهد ڪان وڌ گفتو گلاب تنهنجو

ڪومل ڪراچ انگڙا تم تام گتِ گهمڻ جي
هنج لات ڪي نہ آئي اهڙي ڪا پر هلڻ جي
حُسن حسِين تون آن ناهي جواب تنهنجو

تنهنجي طفيلي مرسل هر دهر ۾ پيو دم آ
شجر، بشر، بحر ۾ اول تنهنجو اسم آ
ڪائنات ڪل جو ڪارڻ هڪڙو حجاب تنهنجو

آدم ڪان عيسيٰ تائين آيا اهي اشارا
ٿيا بردا بل يقينن يوسف هجن يا دارا
"مسافر منگي" بہ سنڌ ۾ ڪامل ڪِلاب تنهنجو





## صفاتي سينگار

چا نقطي نظم جو شان لکن، افلاڪ مٿان انوار اتم
جتي طور سان محمدي نور مليو ٿيو عينن جو سينگار اتم

چا حمد ثنا جي بات ڪجي آ خلق جي خالق ساراهيو
ياسين مزمل طٰه جو آ تاج نبيﷺ کي پارايو
جوهر جهڪو ٿيو چنڊ سندو حسن اڳيان هن هارايو
ٿيا پاجي پڙ جا ٻلو سيئي شمس اتي پڻ شرمايو
سجو حسن نبيﷺ جو حاضر آ پيئي هر هنڌ هلي هبڪار اتم

هليو فرش چڙي جڏهن عرش طرف مليو تحفي کي اطهر تي چا
مليون مون جهڙن لاءِ معافيون هيون ٿيو راضي پاڻ تي پاڻ خدا
مهمان اهڙو هو مالڪ جو ٻيا پيغمبر ڪل بردا ٿيا
اتي غير وڃوتي ڪون رهي سامهون صدق جا سجدا ٿيا
جڏهن نور سان نوري پيوند ٿيو تي عجب اها ڪيڪار اتم

هن پياري نبيﷺ جي صدقي ۾ ٿيا ذت ڏهوٽي ذات ملي
شيطاني چرخي ڍاهڻ لئہ اها خالق ڪان خيرات ملي
بت عامر جا جنهن ڍهه ڍهه ڪيا تنهن وقت اچڻ پريات ملي
آيو ياڳي محمدﷺ مير منو اها سائين ڪان سوغات ملي
سرڪار اڳيان پل سخت هجي، ڏيندو پاند پناهه پڳدار اتم

آ امڙ حليمان نالو منو ٿي، مرسل جي ھيءَ دائي ھئي
ھي جوڙيو جمال ھو پاڻ خدا، رڳو نالي ۾ ھيءَ آئي ھئي
جتي قدم رکن اتي خير ٿين، اھا وڻن ٽڻن ۾ وائي ھئي
جتي ڪلمي جو پيو دور ھلي، نڪي نفرت ٿانگي ڄائي ھئي
مون پنھنجي ڪنن سان عام ٻڌا، ڪن ٻول مٺا ٻڪرار اتم

جنھن تي بہ نبيءَ جو راز ٿئي، الحاج سي مفتي مان ٿين
خيالي بہ نظر جي نوري ٿي، سي عالم حفظ قرآن ٿين
جتي قدم سڳورا خاص ڪٽن، اھي جنت جا عنوان ٿين
برتر بہ سو بھشت ٿئي، سا عام اچي سھڪار اتم

تنھنجو نام ناموس وڏايو خدا، تنھنجي عزت جو انداز نہ آ
جو راز نہ مخفي چاڙين ٿو، سو راز خدا جو انداز نہ آ
خود خالق جي تخليق جو ڪو، تنھنجي نالي ريءَ آغاز نہ آ
جنھن ۾ نہ درودن جي وائي، سا نماز نياز نماز نہ آ
عرشن جي مٿان بہ صلواتن جي، عام ھلي گفتار ُ لتم

پرين پارت ٿي ھن ٻانھي جي، تنھنجو ”منگي“ ”مسافر“ مداحي آ
شل فيض سان دل ٿمٿار ڪرين، ھي گولو تنھنجو گدائي آ
تنھنجو ”غلام محمد“ سڏجان ٿو اھا بخت ئي راند رچائي آ
ٿين ٻول قبول عقيدت جا، اسان اھا آس لڳائي آ
تڏھن عمر سڄيءَ جو عھد ڪيم، تنھنجا آءٌ بہ ڪندس اذڪار اتم





# صفاتي سينگار

حسن اطھر ھي بي انت آ سوين سينگار حد ناھي
حسينن ڪان حسين دلبر سھڻو سردار حد ناھي

سرو ڪان سونھن ۾ سرسي ھي ذلف پاڪ پيچاورَ
نھري سرمائي، سڳنڌر ڏسي قدمين پيا ڪريھرَ
ھوا جي لوڏ تي لچڪيا تہ ويا واسجي جھنگ جھرَ
ڪٽي جنت ۾ حوران ويون مڙني مانگ جا معطرَ
نزاڪتدار سي ڪومل، مشڪ مھڪار حد ناھي

ڏسي پرين جي پيشاني چڙي چنڊ بہ چٽائي ويو
ٿي پيو شرم ۾ ڳاڙھو جلوي ۾ ھٿائي ويو
ڪري سو پاڻ تي پرزا جوانيءَ کي لٽائي ويو
دنيا جا سون ٻيا ڏاتو ڪري ريزا وھائي ويو
بھشت باغ ارم ڪان وڌ چمڪ چمڪار حد ناھي

پنبٽين جي پاڪ پھري مان اٿي عين جي بجلي
سڙي ھي سج ٽڪرا ٿئي، سٽي نہ طور ڪا تجلي
ھتي خود خدا جو نور آيو ٻٽجي ڪيف جي ڪجلي
وڏائي وحده جي اچي ھن سونھن ۾ سجلي
جڳت ۾ جوڙ جنگاور ابرو اسرار حد ناھي

نزاڪتدار سونک آ رنگين رخسار گلالي
ڏسي لب پاڪ سي احمر ٽٽي گل ويا ڇڏي ٽالي
چو جو اڪمل آهي جلوو هي ٻيو حسن سڀ مثالي
خوشبودار سڀ ٻوٽا ٿيا خاص هي خالي
ڪنول قربان ٿيا هتڙي گل و گلزار حد ناهي

دنيا جا موتي سڀ سهٽا اچن دندان آڏو ۾
حضرت حسن جي حملي ۾ وجن ڏاريون ڪري ڏوڏر
ڪلي ستر اگر هڪڙو ٿين نوري اچي نوڪر
وڃائن هوش سڀ حورون ڪلن جنت سندا ڪي در
سوين يوسف اچي هر هر ٿين پينار حد ناهي

سندي صورت ڏسڻ جو خيال جڏهن ٿيو پاڪ پرور کي
صاحب ثقلين جي والي پيدا ڪيئين سهٽي سرور کي
ڏسي تصوير پنهنجي سائي ڪيئين آداب انور کي
صلو عليہ جو تحفو ڏنائين محب منور کي
سڀگوري نور سان اهڙي هلي گفتار حد ناهي

ٿيان راهي مديني ڏي جاڳي اندر ۾ الفت آ
چمان سا چائٺ چشمن سان مڪمل سا محبت آ
پلي هو بدعتي سمجهن پر عشق جي عقيدت آ
”غلام محمد“ جي بخشش بہ هتان ٿيندي حقيقت آ
جنت جو اهو آ در ٿين ديدار حد ناهي





## صفاتي سينگار

بتن ۾ پئي ڌهہ ڌهہ جو آيا سڀگورا پسم ٿيا ها باطل وڃي خير ٿيا
ڪٿيون ظلمتون ٿيو جو روشن مقدر آيو اهڙو عادل وڃي خير ٿيا

پلارن جي ڀاڳي ۾ آيا سي آخري يتيمن کي يا ور هي مولا ملايو
انڌن جي اکين ۾ روان ٿي هي رونق نظر ۾ تني کي نظر نو رآيو
امڙ آمنا جي چني ۾ ها سهرا فرشتن اچي گهر هو تنهن سجايو
ابليس جو تخت تالان ٿي ويو ڀڳو ڪيئن غافل وڃي خير ٿيا

لڪان لک ٿي مبارڪ دائي حليمان ههڙو چنڊ جهولي ۾ تو ڪيئن جهلايو
نوري نظر جا اشارا ٿيا غيبي ٿيو بخت تنهنجو سين ڪان سوايو
نڀل جسم ڏاچيون ۽ ٻڪريون ٿيون سوڪيون ڪڪر رحمتن جو مٿن تن جي آيو
اجايل اکين اهڙيون عيدان ڪيون جي ٿيا قرب قائل وڃي خير ٿيا

سڀگورن انبيائن جي خوابن جا بهتر برابر سي پورا هي تعبير ٿي ويا
آيون عرش وارن جو فوجون فرش تي عرب جا اهي انگ اڪثير ٿي ويا
امن جو علمبر هي اهڙو اچي ويو ذرا ظلم جا هي سڀ زنجير ٿي ويا
پکين جي ها لاتن ۾ ترنم ترانا ٿيا مست مائل وڃي خير ٿيا

بري دور ۾ ڪئي پلائي جا مولا رني پئي شرافت جا ڳوڙها سڪا اڄ
ڪلفت جا ٻيڙا سي ٻوڙيا محمدﷺ رڳو رهزنيءَ جا هي چارا چڪا اڄ
ڦٽي باک سچ جي ڪمبيو ڪوڙ ڪينو پٽيا هي تہ وحشت جا ٻوٽا پڪا اڄ
هي سرهاڻ ساهن ۾ آئي اچانڪ ٿيا هِڙ حاصل وڃي خير ٿيا

خدا جي خزانن جو وارث وسيلو نوري نعمتن کي ورهائي سگهي ٿو
گهري جنهن جي دل تي ڪري راڄ مرسل ڪفر جي قلعي کيُ ڏائي سگهي ٿو
ڪرم جي نظر اڄ بہ ڪنهن تي ڪري جي سو مديني ۾ ماڻهو گهرائي سگهي ٿو
جڏا جيءَ جنهن جا سنواري سجائي جرڪائي جاهل وڃي خير ٿيا

ثنائن جو صاحب سڳورو سدائين ڪندو آهي اڄ بہ عطائون اسان لئہ
مخاطب ٿيو معراج تي هو خدا سان ڪيائين ٿي ڪيڏيون صدائون اسان لئہ
”مسافر“ اسان جو آ رهبر وسيلو ڪندو آهي اڄ بہ شفائون اسان لئہ
اميدن سان جهوليون هزارين ڀري ٿو ڪري سرها سائل وڃي خير ٿيا





# رميش ”روشن“ مينگهواڙ

نالو: رميش
تخلص: روشن
پيءُ جو نالو: پريم داس
ذات: مينگهواڙ
پيدائش: 22 نومبر 1974ع بروز اربع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ جي شروعات: ننڍپڻ کان
استاد: تيجومل (سندس ڏاڏو)
راڻو فقير (مينگهواڙ)
ڪِرت: مزدوري (موچي)
پتو: ڳوٺ رائچند مينگهواڙ شهر سنگرار لڳ روهڙي ضلع سکر سنڌ

## صفاتي سينگار

شاهي آ شان تنهنجو، انبياءَ کن سلام تنهنجو
سائين تون سُهڻو آ، سهڻن ۾ نشانبر نام تنهنجو

عرش هلو آواز آيو، جبريل اچي ڄودئون جاڳايو
مالڪ آ مهربان گهرايو، اقصيٰ مسجد ۾ احمد ﷺ آيو
آدم ؑ، عيسيٰ ؑ کي حڪم ٿيو، عربي ٻڌبو امام تنهنجو

ان ۾ هو اسرار الا هي، ڏٺي اوهان عرش تي ساري خدائي
هئي اوهان جي هر ڪنهن وائي، تنهنجي ڪري ٿي سڀ جي سڻائي،
عرشن تي وئي جنت سجائي، ڪثرت سان هو ڪلام تنهنجو

ارڙهن ورهين جي رات هئي، رب سان تنهنجي ملاقات هئي
حورن، پرين ۾ هي نعت هئي، اعليٰ تنهنجي درجات هئي
عاشق ۽ معشوق سندو، رف رف تي هو نظام تنهنجو

سينٿ، سُرمان، مٿ نہ پانيان، ڪهڙي طاقت تعريف ڳايان
وينو روهڙيءَ لڳ "سنگرار" ۾ آهيان، دلبر تنهنجي در ٿو دانهيان
مِهر نظر "ميگهواڙ" تي ڪر ڪا، "رميش" ڪي گهرجي انعام تنهنجو.





# جيڪب آباد ضلعي جا سگهڙ

# گل حسن ”گل“ ملڪ

سگهڙ گل حسن ”گل“ ملڪ ولد الهوڏايو ملڪ وينل مبارڪپور تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد جنم 01-09-1967ع تعليم بي ايس سي، بي ايڊ ۽ ايم اي سنڌي فرسٽ ڪلاس ناظره قرآن شريف پڙهيل، پيشو انگريزي استاد، هن وقت 16 اسڪيل ۾ ايچ ايس ٽي طور گورنمينٽ هاءِ اسڪول مبارڪپور ۾ هڪ باڪمال محنتي ۽ جفاڪش قابل استاد جي نالي سان سڃاتو وڃي ٿو، گل حسن ”گل“ ملڪ سگهڙائپ جي دنيا ۾ ڪنهن تعارف جو محتاج نہ آهي. 1983ع کان وٺي هن وقت تائين پي ٽي وي ۽ ڪيترن ئي چئنلن تي پروگرام ڪندو رهيو آهي. هن 1980ع ۾ قابل استاد محمد سيفل پٽيءَ کان سگهڙائپ جو ڳانو ٻڌرايو ۽ لوڪ شاعريءَ ۾ پير پاتو ستت ئي استاد جي وفات کان پوءِ هن پاڻ کي اڌورو سمجهندي سگهڙائپ جا وڌيڪ گُر سکڻ لاءِ استاد محمد سيفل پٽيءَ جي پهرئين ۽ مجيل شاگرد سگهڙ بهار علي بهار ”ٻرڙو“ کان سگهڙائپ جو ڳانو ٻڌرايو. گل ملڪ پڙهيل ڪڙهيل هئڻ ڪري ٿوري عرصي ۾ سگهڙائپ جون سيئي منزلون طئي ڪري استاد سگهڙن ۾ ليکجڻ لڳو. هن جا ڪيترائي شاگرد سنڌ ۽ بلوچستان ۾ ڏات جا ڏيئا ٻاري قوم کي روشن ڪري رهيا آهن. هو سدائين لوڪ ادب جي دنيا ۾ سرگرم نظر ايندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو رات جو منڙي ننڊ ڦٽائي موبائيل تي ڪانفرنس ڪال ذريعي سنڌ بلوچستان جي سگهڙن کي پاڻ ۾ ملائي ڏور- ڳجهارت ڏهس ۽ ٻين ڪوڙ سارين لوڪ ادب جي لاتين مان لطف اندوز ٿيندو آهي ۽ پنهنجي شاگردن کي بہ ان موبائيل سروس ذريعي سگهڙائپ جي سکيا ڏيندو آهي.





گل حسن ”گل“ ملڪ جا لوڪ ادب جي مهان ليکڪ مرحوم ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ سان بہ خط و ڪتابت ذريعي رابطا رهندا هئا. هن وقت بہ ڊاڪٽر صاحب جا هن ڏانهن لکيل خط وٽس موجود آهن. جيڪي هن تازو 5 آڪٽوبر2013ع تي سلات پاران سنڌ الاجي ڄامشوري ۾ ڊاڪٽر صاحب جي ياد ۾ سنڌ بلوچستان لوڪ ادب ميلي جي موقعي تي سنڌس پٽ حوالي ڪيا.

گل حسن ”گل“ ملڪ هڪ ڪتاب (Book of pronunciation) اُچارن جي ڪتاب جو بہ مصنف آهي جنهن کي پسند ڪندي ڊاڪٽر صاحب ساراهہ جو ڳو هن ڏانهن خط لکيو.

گل حسن ”گل“ ملڪ واديءَ مهراڻ جي ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ ڇپجندو رهيو آهي.

هن جو تعارف ۽ شاعري جن ڪتابن ۾ ڇپي آهي، تن جا نالا هن ريت آهن:

1. سوچن جي سرهاڻ (سنڌ جي ناميارن شاعرن جو چونڊ ڪلام) مرتب: غلام مصطفيٰ ”مشتاق“ ميمڻ (مهراڻ اڪيڊمي)
2 سگهڙن جي ڊائريڪٽري، حصو پهريون 1991ع مرتب: عبدالله ورياهہ سنڌي ادبي بورڊ
3. سنڌي شاعري فن کان فڪر تائين (عبدالوحيد جتوئي 1998ع)
4. سنڌي شاعريءَ جي مختصر تاريخ (ڊاڪٽر عبدالجبار عابد لغاري) ڇاپايل مهراڻ اڪيڊمي 1999ع.
5. ڪڇهريءَ جا مور: ثقافت ڪاتو
6. سهڻل جا سينگار: تنظيم فڪر و نظر، سنڌ

اڄ ڪلهہ سنڌ بلوچستان جي نمائنده تنظيم سنڌ سگهڙ سنگت لوڪ ادب ويلفيئر تنظيم (سلات) جو هو مرڪزي سيڪريٽري جنرل آهي.

گل حسن ”گل“ ملڪ کي ايوارڊ ۽ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ

جيڪي مختلف موقعن تي مجتا طور ڏنا ويا تن جو تفصيل هن ريت آهي.

(1) مجتا ايوارڊ 2003ع ۾ اڳوڻي ناظم ضلع جيڪب آباد مير شبير علي بجاراڻيءَ هٿاران سنڌ هارس ۽ ڪئٽل شو جي موقعي تي.

(2) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 8 جنوري 1995ع سنڌ هارس ۽ ڪئٽل شو جيڪب آباد جي موقعي تي پاران: ادبي سب ڪميٽي جيڪب آباد

(3) 23 March Pakistan Day (1995) commendations Certificate by Alamuddin Bullo Deputy Commissioner jacobabad

(4) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 8 نومبر 2011ع هنڌ: در محمد ڪمال سولنگيءَ جي اوطاق نٿ سولنگي ضلعو نوشهروفيروز، پاران سلات.

(5) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 20 ڊسمبر 2011ع هنڌ: عبدالقادر عرف بابو خان ٻرڙو جي اوطاق ميرپور ٻرڙو تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد، پاران سلات، سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس جي موقعي تي.

(6) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 08 سيپٽمبر 2012ع هنڌ: ٽيچر ڪلب سنڌ يونيورسٽي ڄام شورو، پاران: سلات سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪانفرنس جي موقعي تي.

(7) ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 23 مارچ 2013ع، استاد سگهڙ محمد سيفل پٽي يادگار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ، سلات پاران: (سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪنوينشن جي موقعي تي) هنڌ: ميان جو ڳوٺ تعلقو خان پور ضلعو شڪارپور سنڌ.

(8) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 05 آڪٽوبر 2013ع هنڌ: سنڌ الاجي ڄام شورو، سلات پاران ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي ياد ۾ سنڌ بلوچستان لوڪ ادب ميلي جي موقعي تي.

(9) بين الصوبائي سگهڙ ڪنوينشن ”استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو جي چاليهي تي“ استاد بهار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ پهرين مارچ 2014ع.





## صفاتي سينگار

جتِ باغِ عدن، سهڻو چمن، وڻ پيا وڻن، ڪنول ڪرن
گل ٿا ڪلن سوسن، سمن، تن ۾ نبيﷺ جو نور آ
وه! هي حُسن ظهور آ عاشق جتي غفور آ

عربي انور ﷺ، سهڻو سرور، تنهن جو پگهر مُلڪين مشهور،
سُرهو اثر چاهي عنبر هٻڪار سان حضور آ
وه! هي حُسن ظهور آ عاشق جتي غفور آ

شارو ڪري، سج ٿو وري، پٿر ٽري، پاڻي پري
قمر ڏري، ڪيڏو پري، ڏس دور آ
وه! هي حُسن ظهور آ عاشق جتي غفور آ

آ، دل ۾ جهلي، ڏڪڙن چلي، نورِ تجلي، پسايو ولي
ٻهاريان هلي، تنهن جي ڳلي، مون ڪِئي چمڻ منظور آ
وه! هي حُسن ظهور آ عاشق جتي غفور آ

سُهڻن ۾ سر، ڌون آنُ لِر، نوري نظر ڪوجهن تي ڪر
عيبن ۾ تر، آهيان مگر، محبت تنهنجي پرپور آ
وه! هي حُسن ظهور آ عاشق جتي غفور آ

دلبر ڏٺي، ويو آ وٺي، پيرن پٽي، چمندس ڪٽي
دل جيَ لٽي، تنهن سان بٽي، من ملڪ جو وهلور آ
وه! هي حُسن ظهور آ عاشق جتي غفور آ

اي نازڪ نرم، جام آ جرم، ڪرڪو ڪرم، ”گُل“ تي گرم
ٿيءُ ناصنم، تنهنجي ٻُلم، معافي ڏيڻ مشهور آ
واه! هي حسن ظهور آ عاشق جتي غفور آ

## بنا نقطي صفاتي سينگار

ڪل عالم ۾ اعليٰ آ اطهر، سردار محمد صليّ الله
سو سلام موڪلڻ سو مرڪ آ، هروار محمد صليّ الله
سهڻو سدا اعليٰ اسم، لڪدار محمد صليّ الله
ڪِرِ سُرهاڻ عطر سو آ ادا، مهڪار محمد صليّ الله
واه! واروٽڻ سهڻا سُهڻ، سوهار محمد صليّ الله
مِهر احمد مِهروه! دلدار محمد صليّ الله
مهر وارا وسڻ ڪارا ڪڪر، ملهار محمد صليّ الله
حملو ڪرڻ اسلام لاءِ للڪار محمد صليّ الله
روح ساهه ۾ سڪ سرس آ، سالار محمد صليّ الله
”گل ملڪ“ سو مسرور ڪر، لهه سار محمد صليّ الله

## صفاتي سينگار

اول نام الله جو، جنهن جوڙيو جڳ جبار ڏس
نرمل سهڻو نبي ڏنائين. سونهن پريو سردار ڏس.
انبيائن جو امام آيو، قادر ڪرايو قرار ڏس
وٺا مينهن وڏ ڦڙا، ملڪ ٿيا ملهار ڏس
سنسار سڄي ۾ سُرهاڻ پکڙي، حبيب آئي هٻڪار ڏس،
جهان سارو سبز ٿيو، برٿيا بهار ڏس
هر خطي ۾ خوشي پکڙي، غم لٿا غمٿار ڏس،
پکي پکڻ پاڻ ۾، ڪن ٽارن ۾ ٽهڪار ڏس





قيامت تائين ڪين کُٽندا، سڄڻ جا سينگار ڏس
بس باري ڪٽندو بار ڏس، گنهگارن جا ”گل حسن“ چئي.

## انگريزي لفظن ۾ سينگار بيت

هيئر واه! حبيب جا هيڊ ۾ هٻڪن
خستوري خوشبوءِ هئي ڪامل جي ڪيسن،
سرس سون ڪان وڌ زيب هيو زلفن،
باري برو ۽ بناؤ سان وڌ گولڊ ۾ گلن،
سڄڻ سدائين سهڻا، سن مون ڪي موهن،
لئشز منهنجي لعلڻ جون سونهن ۾ سُهن،
هلي آيون حورون، پنبلن تي پرڪن،
آئيز منهنجي عربيءَ جون، ٺاهو ڪيون ٺهن،
نوز ڏسي نرمل جو، ھُٽِ ڇتون ڪين ڇُڳن،
لپس لعل لعلڻ جا، مهر مان مرڪن،
سُنِي سونهن سهڻل جي، آءٌ چوان چا چپن،
مِهر پري مائوٽ ۾، ٽيٿ پيا ٿهڪن،
هيندس منهنجي هاديءَ جي، اُجاريو عاشقن،
فيضياب فيٿ سان، بهاريون ٿيون برن،
ڏاها لفظ ڏهس ۾، ٿا چوندي بيت لکن،
آءٌ بہ چوڏنهن الفاظ انگلش جا سمايا سٿن،
سنڌ ۾ سينگار سڄڻ جا، ٿا سگهڙ روز پڙهن،
”گل ملڪ“ نيڪ نرن، ڪري ثنا سائينءَ جي،

## چؤستو شانِ مصطفيٰ ﷺ

تهذيب نہ گهرجي ٻي ڪائي، آ تهذيب مديني واري جي
چو پٽڪين ٿو گمراهہ نہ ٿيءُ، وٺ واٽ پيغمبر پياري جي،
قرآن حديث هدايت آ، دستور اسان ڪي عربيءَ جو،
هينئن هار نہ هرگز پوءِ ٿيندي، آ سوپ نبيﷺ سوياري جي

## صفاتي سينگار

ساراهہ ڪريان تنهن سائينءَ جي، جو آهي پاڪ ڏٽي
نبيﷺ پئدا ڪيائين نور مان، ٿي خوشي آهي گهٽي،
ڪئُ چوڻ سان ڪائنات ساري، بلڪل پوءِ بٽي.
جنهن لاءِ آخر زمان آيو، ساوئي امت گوءِ ڪٽي
چو تہ آهي موليٰ جي محبوب سان، اٽيءَ منجهہ لُٽي
اڳ بہ رحمت جي ڪائنات ۾، ڪا ڪريل هئي تہ ڪٽي،
پوءِ تہ پلٽيو نور پرهہ ڦٽيءَ جو، وهہ واهہ ويو تہ وٽي،
سجڻ جي سرهاڻ پوءِ ملڪن منجهہ مٽي
عطر پاڪ عجيب ڪي، چڏيا هادي پاڻ هٽي
سرمو نوري سجڻ ڪي، ھئي ڏنل اڳ ڦٽي
پيا پسي گل چٽي منهنجي گوهر اڳيان ”گل حسن“ چئي.

## سينگار ۾ سون جو ڏهس

سون برابر سجڻ جي ڪڏهن ڪين ڪندن،
سوسن، شُهرو، چلڪي، چمڪي بهتر پرين بدن،
فيم، ٽنگہ، سونهن سلالي ختم ڪيو خيسن،
طلا، عطافر، رنگ ڦٽايو، محب اچي ويو من،
وري نہ ڪوئي وتافر ويجهو، هتي مست مگن،
ٻڌ ”گل ملڪ“ ڪري ڪن، آهي حُسن وڏ حبيب جو،





**ڏهہ نالا سون جا:**

سون، شُهرو، سوسن، طلا، عطافر، ڪندن، فيم، وتافر، ٽنگہ، خيسن

## سينگار ۾ وارن جو ڏهس

سائين منهنجي جي سونهن سلالي سونهن پريا سردار سُنا سينگار سُنا
مُشڪ انبر ڪي مجال نہ ڪائي، پڳهر پرين هٻڪار سُنا سينگار سنا،
ڪنڍڙا ڪارا ڪيس ڪلهن تي، واسينگن وڏ وار سُنا سينگار سُنا،
رڏان پسي رهبر جا تا پنور ڪن پٽڪار سُنا سينگار سُنا
واه! نهن وارث ڪي پيا، گل گيسو گلزار سُنا سينگار سنا،
مينگهہ وڏ محبوب جا هي، موءِ موهن مننار سُنا سينگار سُنا
زلف سنواريل سينڌ شُهين پئي، پرينءَ جا ٻڌ پار سُنا سينگار سُنا
ڦٽ فيضي فهميدي جا پاڻ جوڙيا يا جبار سُنا سينگار سُنا
ݙُڳ اعليٰ عجيب ڪي هي، رب ڏنا ڏاتار سُنا سينگار سُنا
ڪاڪل ڪچ ڪٿونب پيارا، پهريون نمبر پڳدار سُنا سينگار سُنا
”گل ملڪ“ ٿيا نصيب پلا، ڪندا ڪين ڪڏهن هوڏار سُنا سينگار سُنا

**وارن جا ڏهہ نالا:**

وار، ڪيس، رڏان، گيسو، موءِ، زنو، ڦٽ، ݙُڳ، ڪاڪل، ڪچ، ڪٿونب

## ”سينگار ۾ هاٿيءَ جو ڏهس“

ناز منجهاران نڪري جڏهن هوت هلي،
تہ هاٿي، هرنهہ، هنوت، هستن، چينچل ڪي ۾ چلي
تري ٿور جڏهن مور، متان پونءِ پلي،
تہ گج، گنير، گجلو، ويو پاڻ پلي

وسو وارڻ وارث اڳيان، کھڙي ٿور ٿلي،
جي لائي ڳلي ساڻ ڳلي، تہ لهن غم ”گل حسن“ چئي،

**هاٿيءَ جا ڏھ نالا:**

هاٿي، هرنهہ، هنوت، هستن، چينچل، گج، گنير، گجلو، وسو، وارڻ





## ”سينگار ۾ پيرن ۽ ڳاڙهي رنگ جو ٻتو ڏهس“

پب، پڳ، پائون، پايہ، پد، پاڪ پرين جا پير،
ريٿا، رتول، رتڙا، ارتا، مجٺ، ينيا يلي پير،
ڦاز، فيٿ، چرن چمان، لهن من مونجهارا مير،
ککا، ککور، کنهنبا، جيئن ڳاڙها ٻيرن ٻير،
تيئن نازڪ نتاڪ ناز پرئي جا، سُهٽا جن جا سير،
سي ”گل ملڪ“ مور مٿير، جن جي آهيُ لڪير عرش کي.

**(1) پيرن جا ڏھ نالا:**

پب، پڳ، پائون، پايہ، پد، پير، ڦاز، فيٿ، چرن، نتاڪ،

**(2) ڳاڙهي رنگ جا ڏھ نالا:**

ريٿا، رتول، رتڙا، ارتا، مجٺ، ينيا، ککا، ککور،کنهنبا، ڳاڙها،

## ”سينگار ۾ منهن مبارڪ ۽ چنبہ جو ٻتو ڏهس“

منهن، مک، منهنڊو، موهِ، سرس سونهين کان سسُ
جي اِشارو ڪري عجيب تہ مڪرند، موهِ، مذاش گڙي وني گس،
روءِ رخ روشن رهبر جو، چا چاند، چندرما، چڻ،
پسي چهرو ديم دلبر جو، ٿيو عاشق اِنس، انس، لنس،
پونو، پونم، پنرو، پد پريان جي، ڏاهن جو آ ڏسُ،
ڪري قمر قدم قريبن جي ۾، وجڻ لاءِ ٿو وس،
وجھ ، فيس، فرحت دل جي لاهي قلوبان ڪسُ،
اهڙو پاڪ پرين تون پس، تہ لاهئي غم ”گل حسن“ چئي،

**منهن مبارڪ جا ڏھ نالا:**

منهن، مک، منهنڊو، موهِ، روءِ، رُخ چهرو، ديم، وجھ، فيس،

**چنبہ جا ڏھ نالا:**

سسُ، مڪرند، موهِ، مذاش، چاند، چندرما، پونو، پونم، پنرو، قمر

## ”سينگار ۾ ٻتوڏَهُس چيلهم مبارڪ ۽ شينهن جو“

صُلبَ، سِرَنُ، سِنگهَ پسي لاين، ليث، لڙي
ڪيھر، قيصر، ڪارڏو، ڪنيل، ڪرِ ڪڙي،
چيلهه، چين، ويسٽ، مُخ، اتم ببرشير ٻڙي،
ڪٽ، ڪمر، لڪ، لعلڻ پسي اينٽر عشق اڙي
آهي جلدي جيءُ جڙي، چڙيو گوهر منهنجو ”گل حسن“ چئي

**(1) ڏھ نالا چيلهه مبارڪ جا:**

صلب، سرن، ڪڙي، چيلهه، چين، ويسٽ، مُخ ڪٽ، ڪمر، لڪ

**(2) ڏھ نالا شينهن جا:**

ڪيھر، قيصر، ڪارڏو، ڪنيل، لاين، ليث، اينٽر، سنگ، شير، ببر

## ”سينگار ۾ اکين ۽ هرڻ جو ٻتوڏهس“

چاھ، چشم، چپ، درڳ اکيون ڏل،
ادگر، اسهول، آسها، پسي نہ بينو پل،
بن، بصر، ڪن، خماريل ڪاريون ريءُ ڪجل،
نيل، ٽانگر، نين نمايا، پيس قريبن ڪل،
ڪرنگ، مرگھہ، ڪ، آهو، جهوڪا ڏني جهل،
ڏاهن چيا ڏهس ڏاڍا، آهن پلئون پل،
هي بہ شاھ قبولي شل، تہ لهن غم ”گل حسن“ چئي

**(1) اکين جا ڏھ نالا:**

چاھ، چشم، چپ، درڳ، اکيون، دل، بن، بصر، ڪن، نين،

**(2) هرڻ جا ڏھ نالا:**

ا دگر، اسهول، آسها، نيل، ٽانگر، ڪرنگ، مرگھہلڪ، آهو، جهوڪا،





## ”سينگار ۾ نڪ مبارڪ ۽ طوطي جو ٻتوڏهس“

ڪيل، ڪڪيلو، ڪونتر، تيمر، ٻولي پيو اڄ ٻاتو،
ٻامس، پامس، ٻُزمُ، پسي، تنهن پيچ پرينءَ سان پاتو،
ڦونز، نوز، نڪ ناڪ ڏسي، ٿيو البيغا آتو،
انف، باس، نيف پرينءَ جي مِٺو چٽونءَ ڪي چاتو،
پئرٽ، پپيھر، طوطي، عشق لعلڻ سان لاتو،
ڪئي ”گل ملڪ“ ثنا چا مان تو، آهي حُسن وڏ حبيب جو

**ڏھ نالا طوطي جا:**

ڪيل، ڪڪيلو، ڪونتر، پپيھر، پئرٽ، البيغا، طوطو، چٽون، تيمر، منو

**ڏھ نالا نڪ مبارڪ جا:**

نڪ، نيف، نوز، ناڪ، انف، ٻامس، پامسُ، ٻُزم، باس، ڦونز،

## سينگار ۾ سج جو ويهس

ارن، عارق، آڏت، آهي تيز تکيرو تابُ،
حُسن پسي هاديءَ جو ويو دي سُسي ديتاب
سج، سوهو، سورج ايندو چا اڳيان آفتاب،
خورشيد، خاور خاموش، ناهي جانب جو تہ جواب،
روش، رين، رِوِ چڙي ڏي شارق شمس شباب،
جي پرين پيارو پري ڪري نرمل سائين نقابُ
تہ ورن ويزا وجون ٿئي ڪامل اڳيان ڪباب،
پر ويو بچائي بانر ڪي ڏئي ڪکر واھ! وهابُ
”گل ملڪ“ سڄي سنسار ۾ آ، لعلڻ لاجوابُ،
بس ناهي حد حسابُ آهي حُسن وڏ حبيب جو،

**سج جا ويھ نالا:**

سج، سورج، سوهو، روش، رين، رِوِ، ارن، عارق، آفتاب، آڏت، شمس، شارق، ورن، ويزا، وجون، خورشيد، خاور، دي، ديتاب، بانر،

# پيچل خان برڙو

نالو: پيچل خان
پيءُ جو نالو: مصري خان
ذات: برڙو
جمڻ جي تاريخ: 1927ع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ ۾ استاد: محمد صيفل پتي
ڪرت: زميندار ي
هنڌ: ڳوٺ پيچل خان برڙو پوسٽ ميرپور برڙو تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد، سنڌ

(هي سگهڙ ورهاڱي کان پوءِ سنڌ جي سجاڳ، سگهڙن استاد لعل ڪورار، سگهڙ سوايو موچي عرف ”ڪفش دوز“ سگهڙ محمد سيفل پتي سان ڪچهريون ڪندڙ ڪچهريءَ جو مور آهي هن دور ۾ جهونن ذات ڏٽين ۾ هي آخري سگهڙ آهي جيڪو 87 سالن جي ڄمار ۾ بہ ڪچهرين ۾ وندرلايو ويٺو آهي.)

## سينگار بيت

سڄڻ کي سينگار، پرور پارايا پاڻ
ماذاغ البصر جو سرمون، سائين سڄو سرهاڻ
پُختا پيچ پَيهر ڪيا، ٻڌي رهبر جي رهاڻ
وسُو وِک وساري، مڄي عجيب اڳيان آڻ
ڪٽِ ڪيسر وڌ، وري لبن جي لالاڻ
صورت يوسف ڇا پُڇي، هت خاصيتن جي کاڻ
ٻيلي ٿيءُ ڀهڳڻ جو، ”برڙا“ منزل ماڻ
سوچي ڪر سڄاڻ، اٿئي پورل پلو ”پيچل“ چئي





# محمد نواز برڙو

نالو: محمد نواز ”اداسي“
پيءُ جو نالو: محمد موسيٰ
ذات: برڙو
ڄم جي تاريخ: 1-11-1971ع
تعليم: پرائمري
ڪرت: مزدوري
سگهڙائپ ۾ استاد: بهار علي ”بهار“ برڙو
پتو: ڳوٺ شير خان برڙو پوسٽ ۽ تعلقو ٺل، ضلع جيڪب آباد

## سينگار

سڄڻ کي سينگار، اصل مليل هئا اڳ جا
ڪجليون ڪيفي، ريءَ ڪجل، اکيون مينگهہ ملهار
ڄاڙيون پرورن جانب جون، پسيو پنور ڪن پٽڪار
مک مهتابئون اڳرو، ڏاڙهون ڏند انار
ڪڪر ڪيس کلهن تي، وڌ واسينگن وار
لالائي وڌ لبن جي، گلن کان گلزار
مور ڏسي ٿور سکيا، رهبر کان رفتار
آواز عجيبن جي سان، ڇا ڪوئل ڪري ڪوڪار
پريون ڀمن چاهہ مان، پيون پيرن جي پيزار
صلواتون سهڻل تي، حورون پڙهن هزار
آهن وڌ ”اُداسي“ چئي، اجان پرينءَ جا کي پار
بس سونهن سونهين سردار، منهنجي ڀهڳڻ کي ”برڙو“ چئي

# اقبال احمد ”عادل“ مهر

نالو: اقبال احمد
تخلص: عادل
پيءُ جو نالو: وزير احمد ذات مهر
ڄم جي تاريخ: 25-03-1982ع
تعليم: ايم اي (M.A) بي ايڊ (B-Ed)
رهائش: ڳوٺ مبارڪ پور تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد
ڪرت: وائرليس آپريٽر (سنڌ پوليس)
سگهڙپائيءَ ۾ استاد: گل حسن ”گل“ ملڪ
صنفون: ڳجهارت-پهاڪو-سينگار-ڏور-ٽڪٽو وغيره
ميل ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ 20 ڊسمبر 2011ع تي لوڪ ادب مڃتا سرٽيفڪيٽ تنظيم سلات پاران
هنڌ: عبدالقادر عرف بابو خان جي اوطاق ميرپور برڙو تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد
23 مارچ 2013ع تي استاد سگهڙ محمد سيفل پٽي يادگار ايوارڊ سرٽيفڪيٽ سلات پاران
هنڌ: سنڌ بلوچستان سگهڙ ڪنوينشن جي موقعي تي ميان جو ڳوٺ تعلقہ خان پور ضلع شڪارپور
25 جنوري 2014ع بمطابق 24 ربيع الاول 1435 هجري تي مڃتا ايوارڊ سرٽيفڪيٽ پاران: تنظيم فڪر و نظر سنڌ
پهرين مارچ 2014ع تي بين الصوبائي سگهڙ ڪنويشن جي موقعي تي بهار برڙو ايوارڊ سرٽيفڪيٽ
هنڌ: ڳوٺ بهار علي برڙو تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد پاران سلات
ايڊريس: برانچ پوسٽ آفيس مبارڪ پور وايہ شڪارپور سنڌ





## سينگار

ساجن سهڻو سين ڪان نڪي چمڪي چنڊ
مٺا ٻول محب جا، ڪير ماڪي ڪنڊ
سنن سونهن سلالي، نڪي ددست صاف سمنڊ
آهو عين عجيب ڏسي، ڦري جيئن جنڊ
ڇا هرنو هلندو حبيب سان، جي پيٺيان تہ پريان ڏنڊ
محبت وارو منڊ، لڳو عاشقن کي ”عادل“ چئي

## سينگار

ساجن سهڻو سين ڪان، سونهين نڪي سوسن
اِند بہ آيو ادب ۾، جلوو چڙي جوبن
نڪي تاب ترني ڪري، نڪي روب رتن
اڇي مات ملهار ڳڙهہ کي، جي مرڪي منهنجو من
انف اعليٰ البيغا ڪان، آهادي هاڪ حسن
ڪير هٽندو ڪن، منهنجي عجيب سان ”عادل“ چئي

## سينگار

ساجن سهڻو سين ڪان، ڪيئن هيءُ پڄي هوڙ
هستن هلي نہ حبيب اڳيان، مور نہ پيٺيان موڙ
زور زنخ سونهن سهٽي، گهمي تہ گنير گهوڙ
قيصر، ڪسريٰ، ڪونگرا، سڀ پڄي ٿيا پوڙ
شيهل ڇپيو اک ڏسي، ڇپي جيئن ڇوڙ
اڄ ٿيو غاريبن تي غور، عجيب آئي ”عادل“ چئي.

## سينگار

ساجن سهڻو سپن ڪان، سونهن سجڻ جي سُڻ
سرو، صنوبر، سائينءَ سان، قد نہ پيپٽيان وڻ
مٺا ٻول مٺو تنهنجا، پر هام نہ هتڙي هڻ
عرشن، فرشن عيد ان ڪيون، ٿيو عجيب جو تہ اچڻ
سج چنڊ ڪان وڌ چهرو، سهڻو مڙني مور مکڻ
ڄام سندو ڄمڻ، ٿيو عا ـلم لاءِ ”عادل“ چئي

## سينگار

ڍساجن سهڻو سپن ڪان، مُنهن نہ مون مٺ
پگهر ڦڙي پرينءَ جي، ڪيا ڪيئي عطر چٽ
موتي ڏند محبوب جا، اعليٰ سونهن ـ اُڪٽ
بدن سڄو بخمل، ڇا پڄندو تنهن سان پٽ
عشق رکي عربيءَ سان، ڪوڙ خوشيون ڪٽ
ُڳل گهوٽ سندو گهٽ، اصل نہ ڇڏبو ”عادل“ چئي





# الهوڏايو ٻرڙو

نالو: الهوڏايو
پيءُ جو نالو: لڏو خان
ذات: ٻرڙو
ڪرت: دڪانداري
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ ۾ استاد: پيچل خان ٻرڙو
پتو: شهيد الله بخش ڪالوني نل ضلع جيڪب آباد

## سينگار

چنڊ ڪرين چوڏهين چانڊوڪي، تہ ٿئي روشن روءِ زمين
تنهنجو اثر ُلڙي، ٻيو ڪا ٿي آهي ڪين
جي ذرو ظاهر ڪيو، هاتڪ منهنجي حسين
تہ فرش، عرش، چوڏهن طبق چمڪين
ڪيئي نوازيا ناز پريئي، مون جهڙا مسڪين
راهہ ويندن ڪي رحمة اللعالمين، اڏي ڇڏيو ”الهوڏايو“ چئي.

# قائم الدين مهر

نالو: قائم الدين
پيءُ جو نالو: گل محمد
ذات: مهر
پيدائش: 1963ع
ڪرت: هارپو
سگھڙائپ جي شروعات: 1987ع
سگھڙائپ ۾ استاد: لعل فقير ڪورار
پتو. ڳوٺ حمزو مهر لڳ مبارڪ پور، تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد

## سينگار

اول نانءُ الله جو، پوءِ پرين پڳدار عجب
نور نبيﷺ نروار ٿيو، سھڻن جو سردار عجب
ڪِنوڻ ڪين ڪنوين هاٽي، ٿيو چوطرف چمڪار عجب
حسين ويا هار مجي، آيو سھڻو ڪري سينگار عجب
محب مور مڙني ڪان، آهي جانب جلويدار عجب
اويس جھڙا ڪيئي عاشق، هي ٿئي پرينءَ سندو پار عجب
آيو گھر گھوٽ حليمان جي، محب منو منٺار عجب
اهڙي پاڪ عربيءَ تان، گھوريان پنھنجو گھر ٻار عجب
آهي آس اندر ۾، ڪرائيندو ”قائم“ ڪي قرار عجب
ٿيندو شافي شفادار عجب، محشر ڏينهن ”مهر“ چئي





# غلام مصطفيٰ ٻرڙو

| | |
|---|---|
| نالو | غلام مصطفيٰ |
| تخلص | مشتاق |
| پيءُ جو نالو | محمد مراد |
| ذات | ٻرڙو |
| ڄم جي تاريخ | 01-12-1972ع |
| تعليم | ايم-اي-بي-ايڊ |
| ڪرت | گورنمينٽ سيڪنڊري ٽيچر |
| رهائش | پوسٽ آفيس حاجي ماڇڪ ٻرڙو تعلقہ ٺل ضلعو جيڪب آباد |
| سگھڙ پائيءَ ۾ استاد | استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو |
| صنفون جن ۾ طبع آزمائي ڪئي | لوڪ شاعريءَ جون سيئي صنفون |
| مليل ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ | لوڪ ادب مڃتا سرٽيفڪيٽ پاران سنڌ هارس ۽ ڪيٽل شو جيڪب آباد 1995ع سلات پاران: ميرپور ٻرڙو جيڪب آباد، استاد بهار ۽ استاد محمد سيفل ايوارڊ سرٽيفڪيٽ |

## سينگار

گل گوهر نڪرن گفتار مان، جي ٻولي ٻاجھ منجھان ٻاجھارو
ڪلي ڪوڙ خوش ڪري، لاهي من تان مونجھارو
لعل لب لاڪيٽا، سھڻو سونھين سونهارو
پاڪ پير پٽ تي رکي، ڪري پونءِ پلي پلارو
جاني جرڪايو جھان کي، آيو يار يتيمن يارو
آهي پرين منهنجو پيارو، جنھن جو مٽ نہ ڪوئي ”مشتاق“ چئي

## سينگار

لولاڪ ۾ ساراهه سونهن جي وه واه وائي وات
عرشي، فرشي سپ پڙهن، نوري ناري نعت
ان سجڻ جي سونهن جي چا ڪيان بيان بات
وار ونگن واسينگن جيئان، ڪائي مار به ويو مات
متي سهڻو مڙني ڪان، ڪامل منجهه ڪائنات
آهي طلب هر ڪنهن تات، اهڙي مورجي ”مشتاق“ چئي

## سينگار

محب مليو مون، جنهن جو شاهي آهي شان
هڪ لک چوويهه هزار نبين ڪان ڪيس مالڪ متي مان
عجيب مهابي آهي تيو، اعليٰ هي انسان
سپ ڪتابن جو سردار مليو، ڪامل ڪي قرآن
ان حبيب جي حسن جو، چا ڪيان بات بيان
تيا حسين سپيئي حيران، هي مور ڏسي ”مشتاق“ چئي





# قلندر بخش ڪيهر

نالو: قلندر بخش ڪيهر
ولد جو نالو: جمعدار علي محمد ڪيهر
وينل ڳوٺ: جلال واه جمعدار علي محمد ڪيهر ضلعو جيڪب آباد تعلقو ٺل.
پيدائش جي تاريخ: 04-01-1964ع
تعليم: پنج درجا پاس
سگهڙائپ جي باقاعدي سکيا حاصل ڪرڻ لاءِ مرحوم استاد لعل فقير ڪورار ڪان پرايائين.

## بنا نقطي سينگار

اول احد الله واحد وحده موليٰ مدد مدام
احمد محمد مرسل دلدار دلوارو اعليٰ امام
سرور سردار، سرواڻ سرس سرڪار سؤ سلام
عامل ڪامل گوهر گل ڪل سلسلو ڪام
مهر مالڪ صدر سالڪ درود آ هر دم حڪم احڪام
حور ملائڪ سهرا ساراهه لال لاحد لام
ماهه مور مرسل اعليٰ اسم اسلام
ملڪ سارو ڪامل ڪاڻ عالم عوام
لااله الاالله محمد الرسول الله ڪرارو ڪلام
سائل آ ”ڪيهر“ اصل عام، ڪر ڪو ڪرم ڪامل

# عبدالقادر ڪيهر

| | |
|---|---|
| نالو | عبدالقادر |
| تخلص | عاشق |
| پيءُ جو نالو | محمد فاضل |
| ذات | ڪيهر |
| ڄم جي تاريخ | 5-4-1954 |
| تعليم | پرائمري |
| ڪرت | حڪمت |

رهائش ڳوٺ جلال پور p/o مبارڪ پور تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد
سگهڙ پائي ۾ استاد لعل فقير ڪورار
ايڊريس معرفت گل حسن ”گل“ ملڪ پوسٽ آفيس مبارڪپور وايہ شڪارپور

## سينگار

تامڻي ۾ تجلو ٽيو جيئن باران ۾ بجلي
جي مشڪي منهنجو محبوب تہ راءُ نہ رهي رجلي
جيئن طور سڙي خاڪ ٿيو ۽ تاءُ نہ جهليائين تجلي
ٿيئن ٻئي جهان ٻري وڃن ڪٽي ڪامل اڪ ڪجلي
اهو ”عبدالقادر“ ازلي آهي حسن منهنجي حبيب جو

## سينگار

تامڻيءَ ۾ تجلو ٿيو جيئن بجلي منجهہ باران
جي مشڪي منهنجو محبوب ٿين روشن زمين آسمان
اڪيون ڏسي عجيب جون هرڻ ٿيا حيران
گلاب ڪان سهڻي آهي لبن جي لعلان
خوشبوءِ وڌ گهڻي آ ناهي عطر مشڪ عنبران
موتي ويا ڪل مات ڪري پسي دلبر جا ڏندان
رحمت عالم جي ٿي آيا جملي ئي جهان
آهن محب جا مٿي مان ڪهڙا لکان ”ڪيهر“ چوي





# الله بخش سامت

نالو: الله بخش سامت
پيءُ جو نالو: فقير محمد سامت
رهائش ڳوٺ ٽرڙي لڳ ميرپور ٻرڙو
پئدائش: 06-08-1960 (ميرپور ۾)
تعلقو: ٺل
ضلعو: جيڪب آباد
سگهڙائپ جي شروعات: 1981 ۾
سگهڙائپ ۾ استاد: استاد بهار علي ٻرڙو
تعليمِ پنج درجا
پيشو: هارپو
مڪمل ائڊريس: C/O عبدالرحمان ٻرڙو پوسٽ آفيس ميرپور ٻرڙو تعلقہ ٺل ضلعو جيڪب آباد

## سينگار

چوڏس ئي چمڪار، جي دشن دلبر ڪولي
تہ شارڪ شعاع چڏي، اچي ابر اولي
وٽندڙ ٻولي وارث ڏنس منا ٻول ٻولي
ٻج ٻشيهر سنمبل سرها چرن مٿان چولي
هونٽن هندول لال لالائي رنگ وڌائين رولي
ڪينٽل ڪمال لعل لڪي چا تور سگهان تولي
ڪو نتر ڪوڙڪي، انف اڳرو ٿهڪي حسن تولي
آءُ ڳڻ ڏنم ڳولي، پر آهن مٿي ”الله بخش“ چئي

## سينگار

کن فيڪون ڪائنات کان اڳ ۾ محب ھي مختيار ھو
صورت سيرت صفت سھرايل، سھڻن جو سردار ھو
ميرن مندن چورن چٽ، پھريون آيو پڳدار ھو
سونھن وصف سندءِ مان والي ھي سينگاريو سنسار ھو
روءِ رخسار رتيءَ مان ھي گلشن ٻٽيو گلزار ھو
عامر، اوڪاشہ، عاشق ٻٽجي ڪيو پنور جيئن پٽڪار ھو
اڙين ابو جھن، ادلن گدلن جو ٻاري ڪنيو ٻار ھو
ھو اول نالو اظھار ھو، ٻيو ڪجھ اج ٿيو "الله بخش" چئي

## سينگار

دشن ڪولي دلبر، تہ رين مٺائي روءِ
اڏنت، چلنت اٿي جاڪوڙن پنھنجي جوءِ
ترنگ سياھ تمھر مات اچن موءِ
پس پگھر افضل اعليٰ خطن ڪان خوشبوءِ
جھڙو سجڻ سوءِ بہ سوءِ، اھڙو اڳ نہ آيو "الله بخش" چئي





## سينگار

دشن ڪولي دلبر، تہ روءِ مٺائي رات
ماڪيان ٻولي مٺي، چا لنوين ڪوئل لات
ڏھرا نار داٽا نہ مٺ ٿين مر جات
پُرڻ پنيان پرينءَ جي، طائوسن سکڻ تات
مالڪ پنھنجي محب لاءِ جوڙي ڪل ڪائنات
عرشي چا فرشي، پڙھن سائينءَ تي صلوات
ٿي ذاڪر خود ذات، ڪري ثنا "سامت" چئي

## سينگار

دشن ڪولي دلبر تہ روءِ مٺائي رين
ترنگ ڪارا تامني پڄن چا پين
وک وير ڪواز ڪما چئنچل ڪيا چين
ڏڪار جا ڏيھ مان، پورل لاٿا بين
پوءِ پينارا پر ٿيا، سوالي ھٽي سين
جيڪي لڳا لالڻ لين، سي سرھا "سامت" چئي

# شمس ٻرڙو

نالو: شمن ”شمس“

پيءُ جو نالو: اعتبار

ذات: ٻرڙو

تعليم: ايم اي سنڌي

تاريخ پيدائش: 18-10-1962

شاعريءَ جو استاد: استاد بهار علي بهار ٻرڙو

ايڊريس: محمد حيات ٻرڙو يونين ڪائونسل ميرپور ٻرڙو تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد

نوٽ: شمس ٻرڙو نثر توڙي نظم ٻنهي ۾ لکيو آهي

هن محترم مرحوم استاد بهار علي ”بهار“ ٻرڙو جي لوڪ شاعري جو تحقيقي جائزو شاهه عبداللطيف يونيورسٽي خيرپور ۾ پيش ڪيو ۽ ايم اي سنڌيءَ ۾ فرسٽ ڪلاس حاصل ڪيائين

## سينگار

اڻ ڳڻيا اڳي هئا، ساجن ڪي سينگار
پرُوون ٽيون پالا هڻن، ڪسجن عاشق پيا انبار
ڏسي مک محبوب جو، چنڊ قري چوڌار
لب لعل لعلڻ جا، وڏ ڏاڙهون ڏند انار
زينت زيب زلفن زور واسينگ ڪان وار
مون ”شمس“ پرينءَ جا پار ٻڌايان ڪهڙا ”ٻرڙو“ چئي





## سينگار

واهه گل گجري ۾ هو جانب جوڙ جمال
پنبڻيون پاڪ اکيون اعليٰ خاصو خمار خيال
صورت سفري سجڻ جي جنهن جو مٽ نہ ڪو مثال
ڏند ڏاڙهون موتين مالها منجهه ڪريم ڪمال
اجان وڌ احوال، آهي ڀهڳڻ جو ”ٻرڙو“ چئي

## سينگار

صورت سفري سجڻ جي زلف زيب زري
لکنڌڙ لکن لکي نہ سگهن، سائين سونهن سرسري
ڏند ڏاڙهونءَ داڻا ڏسي، ٿا مرجان پون مري
واسينگ جهڙي وارن جي هيءَ خبر ٻڌ ڪري
مالڪ عاشقن ڪي، وجهن ونگ وري
شمس حسن شعاءَ تي، ٿي چاهت دل چري
چا پچندي حور پري، منهنجي ڀهڳڻ سان ”ٻرڙو“ چئي

## سينگار

جانب جي جمال جا، ٿيا هر هنڌ هوڪارا
پسي ڪيس قريب جا، ڪاريهر ڪن ڪنارا
اکيون آهن عجيب جون، سدا مينگهه ملهارا
پيشاني وڌ پاني ڪان، سورج شسن ستارا
”شمس“ شعاءُ سارا، ڀهڳڻ مٽ نہ ”ٻرڙو“ چئي

# ڪوڙل بمبل

| | |
|---|---|
| نالو | ڪوڙو |
| پيءُ جو نالو | مولا بخش |
| ذات | بمبل |
| ڄمڻ جي تاريخ | 01-01-1968 |
| تعليم | بي اي (B.A) |
| ڪِرت | پرائمري استاد |
| رهائش | ڳوٺ پورو بمبل لڳ مبارڪپور تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد |
| سگهڙ پائي ۾ استاد | استاد گل حسن "گل" ملڪ |

**سينگار**

لائق لعل بي مثال، ٺلڻ ٺور ٺري
ڏسي ميندل ڏاهي ڪي پيو قدمن منجھ ڪري
پونو چيري پرين آندو، توڙي ڪيڏو پند پري
ڪکر سونهن ڪر ٺئي اڳيان زلف زيب زري
سورج شهين نہ سائين اڳيان ويل سج وري
مون ڏنم ڏيان ڏري، تہ ڪامل وڌ آ "ڪوڙل" چئي

**سينگار**

سرخ سهڻيون سرمائي اکيون پاڪ عجيب جون
نين نيتر افضل آئيز ڪامل سهڻي قريب جون
عين ُلم اعليٰ سائين، تجليدار طبيب جون
پروون پالا پليون سهڻيون، محب مني مجيب جون
قمر لهي قدم چمي، ٻڌ نراليون ڳالهيون نصيب جون
هڙن ڪان حبيب جون، وڌ ڪهاڻيون آهن "ڪوڙل" چئي





**سينگار**

سرس سرهاڻ صنوبر ڪان، ڪامل پوري قد
پاڪ پيشاني پرينءَ جي تي، خاصا ٺهن خد
رڏان پسي رهبر جا ٺيا، ارڳ اليهر اڌ
اطهر آقا عجيب اسان جو، پاڪ پرين جا پد
بس ڪونهي حساب حد، ڪامل جي "ڪوڙل" چئي

**سينگار**

صفت سچي سبحان دي، سو سپ ڪنون ستارُ لي
ويڪو پرين پيارا هي، محب مٺا مٺارُ لي
ڳيا معراج ماڻڻ مدني، سيد سچا سردارُ لي
احد احمد پيچ پختا، مرسل ها مختيارُ لي
التحيات عربي آڪ، اهو ڪيتا اظهارُ لي
" فڪان ڪ ماب قوسين او ادنيٰ" اهي ساري اسرارُ لي
ساري ڪائنات ڪنون سهڻي نل ڪيتا پرور ڏٺي پيارُ لي
اهو عربي سانون اڻ گهريا دلبر مليا دلدارُ لي
پڙهو صلوات صبح، شام تنهن پيغمبر پڳدارُ لي
ڪو جهي "ڪوڙل" تي بہ قرب ٺئي جو "بمبل" ها بدڪارُ لي

**سينگار**

پاڪ پٽاڪ پرين پيارا واهہ وٽن وار
درڳ دنا ليون دلبر سهڻيون سرس سدا سينگار
ڪيفي اڪ ڪامل جي ڪان هرڻ ڪائي ويا هار
رين رجني روشن ٿي وئي مرڪ ڪئي مٺار
سهڻي چيلهہ سجڻ جي ڏس موهيا لک مزار
گنير گام ڪٽي نہ سگهن جي سائين هلن سردار
ٻڌي بولي بهڳڻ جي ڪئي ڪوئل نہ ڪوڪار
بس پهريون نمبر پار، آهن ڪامل جا تہ "ڪوڙل" چئي

## محمد اسماعيل ڪيهر

| | |
|---|---|
| نالو | محمد اسماعيل |
| ولد | داد محمد |
| ذات | ڪيهر |
| وينل ڳوٺ | پنهل ڪيهر ضلع جيڪب آباد تعلقہ ٺل |
| ائڊريس | مبارڪپور يوسي بلوچ آباد |
| پيدائش | 8.8.1946 |

پرائمري اسڪول ۾ داخلا جي تاريخ 1951ع

پرائمري اسڪول مان چار درجا پاس ڪيا ان ڪان بعد ۾ عربي قرآن پاڪ جو درس ان ڪان بعد سگهڙائپ جو شوق لڳو، پراڻو جنگو ۾ استاد لعل ڪورار وڏو شاعر، اديب، سنڌي، عربي جو عالم هو، ان ڪان سکيا ورتي.

### سينگار

جي ڪنڌڙا ڪيس ڪامل جا خوشبودار ڪلن
ڪڪر اتي ڪنبي وڃن زيب ڏسي زلفن
ڦول اتي ڦڪا ٿيا فورا ڏسي ڦٽن
ڪارا ڪچ قريب جا ڪونئرا ها تہ ڪلهن
ڳُن اڳيان ڪير اچي نہ ترنيون تجلا ڏين
وار ورايل وليل ڪان وڌ ڏسي وسيهر ونڃن
خورشيد اتي خجل ٿيو پسي موءِ محبوبن
هلال ڏسي حيران ٿيو تائب ٿيو طرغن
گهرا گيسوءِ گلڙن ڪان وڌ موتي منجهہ مرڪن
ڪيترا ڳٽيا "ڪيهر" چوي ڪونتل مٿا قربن
ناهي حد حسابن انوار جي "اسماعيل" چوي





### سينگار

شمس قمر ڪنبي ويا پسي زيب زلفن
اڳ آلا عجيب جا ليهر جان ٿُلن
ڪاڪل ڪيس قيمتي دائودي دام وڃهن
ڪوسين ڪمان ڪم ٿي پسي پير پرِون
آهو ڪان وڌ عين عجيب جا نرگس گل نمن
ڪونتر ڪان وڌ ڪندو ڪامل جو انف عجيبن
آذر سهڻا گل گلابي لا لي هي لبن
درشن پسي دلبر جا ڏوڏر پيا ڏرن
ديهي ڏسي ڏم چپي سورج گل پيا سُسن
عطر مشڪ ڪان وڌ پسينو آ پرين
هلڻ ڏسي حبيب جو گنير گام سڪن
پپ پاريور پرينءَ جا جتي اندر جرڪن
ڪارڏو هنج حبيب سان چا حورون هام هڻن
ڪهڙا ڳٽي "ڪيهر" چوي ناهي حد حسابن
جي محبوب مٺا مرڪن تہ وڃي اونداهي "اسماعيل" چوي

### سينگار ڏهس

زلف ظاهر زيب پريان زريدار ميان
ڪاڪل ڪيس قيمتي قرب پريا قربدار ميان
ڳُ اعليٰ عجيب جا لِڇا افضل انوار ميان
ترنگ تليهر تاب تڪيرا وڌ تجليدار ميان
موءِ موهي مست ڪيو محب منٺار ميان
گيسوءِ گهرا گوهر جا گل و گلزار ميان
سي ڪي ڪچ قريب جا ڪارا ڪلنگيدار ميان
لڪين معجزا لک هزار ميان
آهن عجيب جا "اسماعيل" چوي

## سينگار بيت ھڪ نقطي وارو

رب رحمان اعليٰ احسان سونھن سلطان آ بسم الله
ظاھر ظھور حاضر حضور محب مخمور آ بسم الله
رُخ انور ماه مُنور بلڪل بھر آ بسم الله
نور نر وار باغ بھار گل گلزار آ بسم الله
الف اڪبر راز رھبر دلربا دلبر آ بسم الله
جلوو جلال حسن جمال ڪرم ڪمال آ بسم الله
ناز نرمل باوفا بھرل مان مزمل آ بسم الله
حد نہ حساب نور نواب لالڻ لاجواب آ بسم الله
آخر زمان لاحد لا مڪان محب مھربان آ بسم الله
نور نامدار اعليٰ انوار باوفا بردبار آ بسم الله
نرالو ناز عجب آواز رب راز آ بسم الله
نور نظر با خبر سدا صبر آ بسم الله
اعليٰ اعظم سونھن صمند نور مجسم آ بسم الله
نور نازل اعليٰ افضل مان مزمل آ بسم الله
”اسماعيل“ چوي سبحان الله نور محمد رسول الله آ بسم الله

## سينگار بيت بنا نقطي وارو

اول الله احد اعليٰ احمد اطھر آ محمدﷺ
مور مالڪ ملوڪ ماھ مڪ مطھر آ محمدﷺ
مرسل مولا مِھرَ مدام مُرڪ سرور آ محمدﷺ
سردار سارو سالڪ سد اسھارو سرور آ محمدﷺ
صالح سالم سڪ سدا سرھو سورھ صدر آ محمدﷺ
رس راھ ور واھ سڪ ساھ ڪر ڪرم ڪڪر محمدﷺ
عامل عالم علم عطا اعليٰ عطر آ محمدﷺ
ڪارا ڪاڪل ڪلام ڪامل، ڪڪر آ محمدﷺ
گھرا گل گلا لال گلال گل گوھر آ محمدﷺ
اصل اول اڪمل ”اسماعيل“ چوي اطھر آ محمدﷺ





# ارشاد احمد ڪورار

ارشاد احمد ولد عبدالنبي ڪورار سنڌ جي پلوڙ سگھڙ استاد گل حسن ”گل“ ملڪ جي شاگردي هيٺ سگھڙائپ سکيو، سندس ڪرت هارپو آهي ۽ ڳوٺ علي اڪبر ڪورار ۾ مبارڪپور پرسان ضلع جيڪب آباد ۾ رهي ٿو.

## سينگار

سھڻا گھڻا سنسار ۾، پر سائين وڏ سين
آھو عين ڏسي، لڪن منجھ لِڪن
ڏسي جاڙيون پروون پليون پنور پيرا ڪن
ھر نو ھلي ڪين ڪي، جڏھن جام ڄلن
سھڻا وار سرمائي وڪڙ واسينگن
عرشي فرشي عشق ۾ پل پل درود پڙھن
گوھر حسين گلن، عجيب آھي ”ارشاد“ چئي

# علي اڪبر ڪورار

نالو علي اڪبر ولد ابوالخير ذات ڪورار وينل ڳوٺ علي اڪبر ڪورار نزد مبارڪپور تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد پرائمري استاد آهي، تعليم ايم، اي پوليٽيڪل سائنس اٿس، سگهڙائپ جي فن جي سکيا پنهنجي چاچي استاد لعل فقير ڪورار کان ورتائين جيڪو اتر سنڌ جو مشهور سگهڙ هو.

## سينگار

سرو َقد ساجن سهڻو، ناهي محب جو مثال ڪو
پيٽ ۾ چا بيهندو، حبيب اڳيان هلال ڪو،
عاشقن ڏسي عيدون ڪيون، جڻ اچي ويو شوال ڪو
جي سائين خاص ڪِلن، اچي ڪنوٽن لاءِ زوال ڪو
هيندل ڏسي حبيب ڪي، چلي نہ ساڳي چال ڪو
هڪ مرڪ محبوب جي مان، ٿي ظاهر يمن شام شِمال ڪو
پگهر پرين جي سان ڏيان، عنبر جو چا مثال ڪو
نہ آهي جانب جهڙو جمال ڪو، ڪائنات ۾ "ڪورار"
چئي





# اعجاز احمد ڪلهوڙو

نالو اعجاز احمد ولد محمد عظيم ڪلهوڙو
تعليم بي اي (B.A)
ڪرت (درزي)
سگهڙ پائي ۾ استاد: مرحوم سگهڙ محمد عظيم ڪلهوڙو
ايڊريس: وينل ڳوٺ جونگل تعلقہ ٺل
ضلع جيڪب آباد
ڄمڻ جي تاريخ 5.3.1981

## سينگار

موتين وڌ منهنجا پرين، جي گوهر ڪن گفتار
هيرا لعل هزارين، چا جوڙ پرن جنسار
مرڪ وڌ محبوب جي، ڪندي ڪنوڻ ڪون خلقار
دنگ هن دلبر جا، وري پنبڻن سندا پار
رحمت پريا رهبر جي هٿڙا ڪٽي هيڪار
ڪا بہ ساوا ٿين ڪري گل گلزار
وہ واہ اهڙي وير تان صدقي ٿيان صد بار
لڪ پسي لعلڻ جو بيو پنبڻن سندا پار

# وزير احمد چاچڙ

نالو وزير احمد ولد غلام محمد ذات چاچڙ وينل ڳوٺ حاجي ميهار شر لڳ مبارڪپور تعلقہ ٺل ضلع جيڪب آباد ۾ جائو، جڏهن تہ تعليم ميٽرڪ اٿس، فن جي شروعات 1992ع کان ڪيائين سندس فن جو استاد بهار علي ”بهار برڙو“ آهي، جنهن کان سگهڙائپ جون پنج ئي صنفون سکيو. جنهن ۾ هي هيٺ ڏنل سينگار جو بيت شامل آهي.

## سينگار

سهڻا گهڻا سنسار ۾، پرين پهريون نمبر
پگهر پاڪ پرين جو نہ پڇي مشڪ عنبر
گنير گام نہ ڪٽندو جيئن سهڻو گهمي سرور
سينگاريندڙ سائينءَ ڪي آ پاڻ ڏٺي پرور
اهو وارث اسان جو ”وزير“ چئي آهي چٽ چپر
تي شافي شفادار ڪندو موچارو محشر
ان دلبر سندو در، ڪڏهن ڇڏبو ڪينڪي





# نواب علي مهر

| | |
|---|---|
| نالو | نواب علي |
| پيءُ جو نالو | عطا محمد |
| ذات | مهر |
| پيدائش | 1944ع 06.08 |
| سگهڙائپ جي شروعات | سلات تنظيم جي سگهڙن کان متاثر ٿي 2013ع ۾ |
| سگهڙائپ جا استاد | بهار علي برڙو، گل حسن گل ملڪ، عاجز لاشاري |
| تعليم | بي اي |
| تنظيم سان واسطو | ميمبر سلات جو، تنظيم فڪرو نظر سنڌ |
| مڪمل ائڊريس | ڳوٺ مبارڪپور وايہ شڪارپور سنڌ، تعلقو ٺل ضلعو جيڪب آباد |

## سينگار

جناب مصطفيٰ جي حُسن، جو جلوو جهانن ۾
حجر توڙي شجر اندر، زمينن آسمانن ۾
آيو بهار ۾ آقا، ٽڙيا گل گلستانن ۾
بنا سُرمي اکيون ڪاريون، تکا تبرو ڪمانن ۾
عجب لالاڻ لبڙن جي، پو آئي آهي پانن ۾
ها روشن ڏند ڏاڙهونءَ کان، چمڪ جنهن جي چوغانن ۾
سندن صورت ۽ سيرت ۾، ناهي ثاني انسانن ۾
محمد ﷺ جو اسم گونجي پيو اچ پي آزانن ۾
آهي صل عليٰ وائي ملڪ، ماڻهن، حيوانن ۾
لکي ”نواب علي“ چا چاهِ ناهي طاقت زبانن ۾
سمورن ثنا خوانن ۾، ڪندو هوماڙ ”مهر“ تي

# شڪارپور ضلعي جا سگهڙ





## وريام شيخ ”فقير“

وريام فقير ولد الهيار شيخ، وينل ڳوٺ حاجي خان ڪلهوڙو، تعلقو خانپور ضلعو شڪارپور ۾ سال 1943ع ۾ پيدا ٿيو اسڪول جي تعليم مئٽرڪ اٽس، ”سينگار“ ۽ ”ڏهس“ جو شاعر آهي مرحوم حاجي فقير مهيسر جي صحبت ۾ سگهڙپائي جو ذوق پرايائين. ”سچ ۽ سونهن وريام جي ورونهه“ سميت سندس ”وريام فقير جو رسالو“ جي نالي سان ڪتاب پڻ شايع ٿيل آهن. موجوده دؤر ۾ پلوڙ سگهڙن ۾ ڳڻيو وڃي ٿو. سندس چيل ڪي بيت (چوندڙ سٽن سان) هيٺ ڏجن ٿا. (سينگار شاعري تان ڪنيل)

**سينگار**

جب گوري گهنا ڪري سيلا سِر سنگين
هاٿي هنجهه حيران ٿيا چيٽا پسي چين
تنگ دهن، موتين ڏبلي، مندڙي مثل مِين
لال گلابي لبن مٿان بولو سونهه بين
پن پوشاڪون گلبدن تي عجب روءِ رنگين
سيني سهڻن سٽ ۾ اهڙا سونهن امين
ٻيو جوڙ نہ نهي جاني سان ظاهر سر زمين
لا مثالي مورت صورت مٺا محب مهين
جي اهڙي حُسن حسين، تن تان فدا سر ”فقير“ چوي.

**سينگار**

جب گوري گهنا ڪري چونڪا پورا چار
ٻہ چڪا ٻيا هٽي وينگس جنهين وار
تيل قليل تازا ڪري نڪري جڏهن نار
”فئشن“ عجب ”فقير“ چوي مشڪ ”ميڪ-اپ“ مار!
ڪنگي ڦيري، ڪيس ڪيري، ٻئي ڪاري ڪجل ڏار
ڪپڙا زيور قيمتي ڪري پلي اها بار بار
پر مٺ نہ پايان محبوب جي پٽي سندي پيزار
”وريام“ ورق وسار، ريءَ عشق عجيب جي.

# محمد قاسم ڪلوڙ

1963ع ۾ پنهنجي اباڻي ڳوٺ جهلي ڪلواڙي، تعلقہ لکي، ضلع شڪارپور جي هڪ غريب گهراڻي ۾، هن سلڇڻي سگهڙ جنم ورتو جنهن جو اڳتي هلي، سگهڙ پائيءَ جي فن ۾ ، محمد قاسم ولد محمد بچل ڪلوڙ طور نالو روشن ٿيو، سگهڙ پائيءَ جي فن ۾ استاد محمد پنجل شيخ جي شفقت هيٺ رهي گهڻو ڪجهہ پرايائين ۽ پنهنجي گهرو مسئلن کان سواءِ سگهڙائپ طرف گهڻو ڌيان ڏنائين. سڄي سنڌ جي سگهڙن سان ڪچهريون ڪري پنهنجو ۽ پنهنجي استاد جو نالو روشن ڪيائين. سندس لکيل لوڪ ادب شاعري جي شايع ٿيل ڪتابن ۾ (1) ٻاجهارا ٻول قاسم جا (2) جنهن جو عشق الله سان (3) سنسار جا سينگار (4) سولي ڪرستار (5) ڏاهپ پريا ڏس (6) سونهن وطن جي (7) قرب ڪٺا قاسم جا شامل آهن.

## سينگار بيت

هلڻ پسي حبيب جو هاٿي ٿيا حيران
گنج گنير، گوتنا، سنڪر چيو سبحان
طائوس تونگر تي ٿيا مور گهڻو مستان
ڪاڪل، ڪيس قيمتي قياس ڪن ڪان
وجهي ور واسينگ جيان سوگها ڪن سلطان.
آهو عين عجيب جا وسائن تيرن جا طوفان
نرمل سندي نور جا چا ڪندو ڪو بات بيان
تنهن عربيءَ جا احسان، آهن ڪائنات تي ”ڪلوڙ“ چئي.





## گوري جو بيت

پنج، يارهن پدمڻيءَ ڪي ٽا سينگار سونهن
ٽڙ، تيل قليل، ڦڻيون ٿيون ناهوڪيءَ ٿهن
ڦيري ڪٽي فقير چئي ڪنگوريون ڪاڪلن
تہ اليهر ڪان اتامرو ظاهر زيب زلفن
پسي ڪاراڻ ڪيسن جي ڪنگيون ڪرِ ڪرن
گهري وڌ گلاب ڪان لالائي تہ لبن
ڪجل بنا ڪيفي اکيون عاشق ڪيئي ڪهن
عجب اعليٰ اثر آهي ناز سندي نيڻن
پهري پوشاڪون پٽ جون لعلون لال لڳن
تہ ادگر اڇي ات وري پيرن منجهہ پون
ڪنگڻ، چوڙيون ڪارائيءَ ۾ ٻانهوٽا ٻهڪن
ڪيئي عاشق ”قاسم“ چوي وٺي واٽ ويهن
اهڙيون سهڻيون سڄڻ آڏو ڪنيون لک ڪجن
ڦور نہ ٿينديون ماڳهين مٺ سي محبوبن
پسي حسن حبيب جو ڪري پون قدمن
اهڙن عجيبن، موهي من مطيع ڪيو.

# علي گوهر مهر

| | |
|---|---|
| نالو | علي گوهر مهر |
| پيءُ جو نالو | دوست محمد مهر |
| رهائش | شڪارپور شهر |
| تعلقو | ڳڙهي ياسين |
| ضلعو | شڪارپور |
| سگهڙائپ ۾ استاد | مرحوم استاد محمد پنجل شيخ ڳوٺ جندو ديرو لڳ مدئجي |
| تعليم | پرائمري |
| پيشو | پوليس ۾ ملازمت بعد رٽائرڊ |
| مڪمل ايڊريس | مسند پور محلہ عبدالرزاق گهٽي واڳوڏودر شڪارپور |

## سينگار بيت

## (ڏهس وارن تي)

”ڪاڪل“، ”ڪيس“ قريب جا وڏ ڪڪرن ڪان ڪارا
”بال“، ”هيئر“ پلي جا سونهن ۾ سرس سارا
پؤنرن پلجي ”پِنڊڙن“ تي اچي رکيا ها آرا
”لوٽا“ پسي لا لڻ جا هنيان، نينهن ۾ نانگن نعرا
”ڇتا“ زُلف شوقينن تي ”وار“ ڪرن پيا وارا
ڪيا ”چوٽن“ بند چارا، اسان جهڙن جا ”علي گوهر“ چئي.





## سينگار

مرڪ مٺي محبوب جي، رونق بخشي رات
چمڪي هڪ سان چنڊ جي ڏسو مٿي ڪيئن ڏات
روءِ زمين تتي روشنيءَ جي تيز هلي تجلات
بجلي سج ڪي بند پيا، بلڪل نہ ڪيئون بات
سونهن مٿي آ ساجن جي، سيني لاءِ سوغات
حُسن وارن ڪي حبيب هن ئي ”مهر“ ڏني آ مات
ڪو لنوين نہ سگهيو لات، عجيب آڏو ”علي گوهر چئي.

## سينگار

عين منهنجي عجيب جا، جڏهن ڪيفي ڪٽن ڪر
تہ موهي من محبوب اصلي، ڊولڻ نہ ڏئي ڊر
شمس بہ گهٽ شرم ڪان، اجان ڪامل جون تہ ڪٽر
جهڪن اڳيان جانب جي ڪيئي سورهيہ سڪندر
دان گهرن پيا دلبر ڪان، اچي پير پيغمبر
تنهن جي اهڙي خاص خبر، آهي عالم ۾ ”علي گوهر“ چئي.

## سينگار

دندان آڏو دلبر جي موتين ناهي مجال
لال لبن جي لالائيءَ متيا گل گِلال
پلي بيهڪ پرون جي هارايو تہ هلال
ڀُچ پاڪ پسيني پيارل جي جا، عطرن کان احوال
ڪيئن هڪ گهڙيءَ ۾ هارائي، راهي ٿيا رهوال
ڳڻ ڳالهائڻ ڳاٽو جي، ڪوئل لئہ ڪيا ڪال
مئينا، مِٺو، بلبُل، بس ڪئي، ٻڌي مور مقال
هلڻ ڏسي حبيب جو، ٿيا هيٺا هاٿين حال
ڏنا ڪامل جا تہ ڪمال، عشق وارن "علي گوهر" چئي.

## سينگار بيت

وار وارن جي وار ڪري ڏنا واسينگن کي وڍ
ڏسي لوڏ لعلڻ جي آيا ڪنجل ڪيهر ڪڍ
ڏنا "مهر" ماندن کي ڏاهي مٺي ڏِڍ
جن کي عجيب ڏني اڍ، سي ٻٽيا گل "گوهر" چئي.





# پٺاڻ فقير مھر

نالو: پٺاڻ فقير مهر
پيءُ جو نالو: غلام حيدر مهر
ڄم جي تاريخ: 6 اپريل 1972ع
تعليم: بي. اي
سگهڙائپ جي شروعات: 1989ع
سگهڙائپ ۾ استاد: استاد محمد بچل شيخ
ائڊريس: ڳوٺ ۽ پوسٽ آفيس رُڪ، تعلقو لکي غلام شاهہ، ضلعو شڪارپور

## ڏھس اکين تي

"اکيون"، "آئيز" عجيب جون، عاشقن لئہ عيد
"ڪوندر"، "ڪجن" ڪسن دل، دلبرڪن جي ديد
"عين"، "نين"، "چشم"، "ڪِق " ڪيا ڪوڙ خريد
ڪيئن پيئن ڪائن "پٺاڻ" چئي، جي ڪيا "ڄم" شهيد
ملائي "نيڻ" مريد، ڪن رستي ويندڙ راهہ جا.

## ڏھس بيت (هاٿين جا نالا)

هلڻ هوت حبيب جي سان ڇا هئيندل هام هٽي
"گج"، "گنير"، گوهر اڳيان صبح شام ڇٽي
"وسع"، "وارڻ"، "هونو" هاٿي ڪيئن "گوتنو" گام ڪٽي
"ايليفينٽ" کان عجيب جي آ مٿي مام مٽي
پيا "سنڪر" سام سهٽي، ڏسي پنڌ "پٺاڻ" چئي.

## ڏھس بيت (اُٺن جا نالا)

منٺي محبوب منور جو، وڏو مالڪ ڪيو آ مان
سيرت صورت ۾ سھڻو، سائين سھڻن جو سلطان
مرڪي مور منڙي ڪيا، ماڻھو ملڪ مستان
حسن پسي حبيب جو، حيوان بہ ٿيا حيران
ھڪ ”اٺ“ بہ ھيو انھن ۾، پرينءَ لاءِ پريشان
”توڏو“، ”ميو“ تڪي پيو، ڏري دل ۾ ڏيان
”چانگو“، ”ڪنواٺ“ چري نہ پيو، ڏس عاشق جو ايمان
”ڪرھو“ بہ چوي پيو ڪامل ڏسان، جو آ نبي نگھبان
”گورو“، ”مھري“ گوندر ۾ پيو، غريب ڪري گذران
”ڏاگھي“ تي ھڪ ڏينھن ٿيو، مدني منو مھربان
بھاري ڪرايائين ”بودي“ ڪي، ڏس شھنشاھ جو شان
اھو عربي اسان تي بہ احسان، پنھنجو ڪندو ”پناڻ“ چئي.

## سينگار

واھ حليمان پاڳ تنھنجا نور ملڻئي ناز ڪر
گود ۾ گوھر ڪٽي اڄ پاڳ جو آغاز ڪر
دائپي ۾ ڪير پُچندو اڄ اھو آواز ڪر
ھيٺ ڌرتي تي ھلڻ چاھ اڄ مٿي پرواز ڪر
ھي حبيب ڪبريا اڙين جو آڌار ٿي
جنھن جي صدقي جڳ جُڙيو آ سو مليو سردار ٿي

لاھِ سيني ساڻ سائڻ ھي يتيمن يار ڪڻ
ٻار پيا نہ ڳولھ امان، ھيءُ ئي من جو ٺار ڪڻ





بخت تنھنجو اڄ وريو آھي، ھيئين جو ھار ڪڻ
ڪير ٻيھي سونھن ۾ سو نور ھي نروار ڪڻ
دو جھان جو دلربا ھي سونھن ۽ سينگار ٿي
جنھن جي صدقي جڳ جڙيو آ، سو مليو سردار ٿي

مرحبا توکي چون ٿا گل، ٻوٽا، گاھ بہ
موسمون، پل پھر، راتيون، سال، ڏينھن ۽ ماھ بہ
چنڊ، تارا، جيت، پٿر، سج سمورا ساھ بہ
مور، پريون، جن، ملڪ ۽ رنڌ رستا راھ بہ
مِھر ڪري مولا ڏنو مريضن جو مختيار ٿي
جنھن جي صدقي جڳ جڙيو آ، سو مليو سردار ٿي

ڏينھن ڏکڙن جا ختم ٿيا، سک جو سامان ڏِس
صدقي ھن سھڻي سڄڻ جي، عام تي احسان ڏِس
چا تہ مولا آ وڌايو مرتبو ۽ مان ڏِس
سپ خوشين سان ڊائجي ويا، اِنس ۽ حيوان ڏِس
پرجھلو بيڪارڙن جو ھي نبي ننگدار ٿي
جنھن جي صدقي جڳ جڙيو آ، سو مليو سردار ٿي

عرش تي بہ اڄ تنھنجو ھاڪ ھوڪو ھُل آ
سو ملڻئي سھڻو جنھن جو مٺ نہ ڪوئي مُلھ آ
ڪارڻي ڪائنات جو محبوب ھي مُرسل آ
”پناڻ“ چا پورو جھان، ھن سھڻي وٽ سائل آ
ھي ولھن جو واھرو ۽ يتيمن يار ٿي
جنھن جي صدقي جڳ جڙيو آ، سو مليو سردار ٿي.

## صفاتي سينگار

هي راز خدائي رحم تہ ڏس، ڇا شان ڪيائين محمد ﷺ جو
هر پاڪ ڪتاب ۾ پهريون ڏس، بيان ڪيائين محمد ﷺ جو
جبريل ڪي آٺي جڳ اندر، دربان ڪيائين محمد ﷺ جو
هر شيءِ سان تابع هي تہ ڏسو، قرآن ڪيائين محمد ﷺ جو
بيان ڪجي ڪو ڪيئن ڀلا، هت ڪنهن بہ حوال جو ڪم ناهي
آ شان انوکو احمد ﷺ جو، هت ڪنهن بہ مثال جو ڪم ناهي

حضرت يوسف ؑ حسن سندو هت جلوو جڳ ۾ جام ڪيو
هُن هت وڍايا هيڪر بس وڌ ان ڪان کهڙو ڪام ڪيو
هت انور جنهن ڏي اک ڪنئين ان پيش اهو پيغام ڪيو
مري ٻُٽ ويا تہ گهور ٿيا پر اڳ ۾ هي انتظام ڪيو
ايئن عاشق پيو ڪري ڪير ڀلا ، هت ڪنهن بہ ڪمال جو ڪم ناهي
آ شان انوکو احمد ﷺ جو، هت ڪنهن بہ مثال جو ڪم ناهي

هر شيءِ جي مٿان، هت حاڪم ٿي حڪم هلايا سُليمان ؑ نبي
هوا بہ جنهن جو حڪم مڃي، تنهن جي شان جي کهڙي ڳالهہ ڪبي
پر هو چوي تہ هن جو ڪم ٿئي ۽ عربيءِ تي ڏس راض ربي
هت چوڻ سوا بہِ سهڻل ڏي تي ڪوهہ اچن پيا تار تبي
رڳو آمد ٿئي منهنجي آقا جي، باقي ڪنهن بہ سوال جو ڪم ناهي
آ شان انوکو احمد ﷺ جو، هت ڪنهن بہ مثال جو ڪم ناهي





جنيءِ سان موسيٰ ؑ طور مٿان اچ، ڪين اِهو آواز آيو
هي پاڪ جبل آ منهنجا پرين، هي پرور ڪان رنگ راز آيو
پر عرش مٿي بہ عربي ڏِس، نعلين پائي ڪندو ناز آيو
تون مالڪ آن منا مرضيءِ جو، هي الله ڪان اعزاز آيو
ڳڻ ڳورا آهن ڳائڻ ڪان، هت ڪنهن بہ قوال جو ڪم ناهي
آ شان انوکو احمد ﷺ جو، هت ڪنهن بہ مثال جو ڪم ناهي

منهنجي عقل جي انتها يار تي وئي، اڃا شان حضور جو اڳتي آ
نالو لکرايم بہ تي لفظ لکي، بيان حضور جو اڳتي آ
”پناڻ“ لاهي ڪيئن ٿورا سگهان، احسان حضور جو اڳتي آ
ڇا دارا سڪندر پڄندا هت، دربان حضور جو اڳتي آ
بس پنهنجو مٽ آ پاڻ پرين، ڪنهن بہ جوڙ جمال جو ڪم ناهي
آ شان انوکو احمد ﷺ جو، هت ڪنهن بہ مثال جو ڪم ناهي.

# عبدالستار ميربحر

نالو: عبدالستار ميربحر
پيءُ جو نالو: غلام رسول ميربحر
جم جي تاريخ: جنوري 1969ع
تعليم: بي. اي
سگهڙائپ جي شروعات: 1985ع
فن جو استاد: وريام فقير شيخ
پيشو: استاد
ائڊريس: ڳوٺ غلام رسول ميربحر پوسٽ ڪرمپور تعلقو خانپور، ضلعو شڪارپور

## سينگار

هئي مهل مني، اها پره ڦٽي، ٿي ذات ڪني، گنهگارن سان ويچارن سان،
آيو نور هتي، هي حضور هتي، ٿيو ظهور هتي، سينگارن سان، هٻڪارن سان
سردار سپن، مجو نور نبن، ديدار ٿين، جهلڪارن سان، چمڪارن سان
ربيع الاول، بيحد پريل، رحمت رچيل، ملهارن سان، ٻه ٻهارن سان
تنهن کي تاج مليو، معراج مليو، ڏکين ڏاج مليو، گفتارن سان، پر پيارن سان
ٿيا پاڳ پلا، منا ماڳ پلا، لکي لاڳ پلا، سو پارن سان، سونهارن سان
پيا جڳ جهڪي، ڪئي ياريڪي، مِني مهر مڪي، ڪلهه وارن سان، اڄ وارن سان
ڪعبو پاڪ ٿيو، افلاڪ ٿيو، هر چاڪ ٿيو، پيزارن سان، پڪ پيارن سان
پڪا پار ڏنا، "ستار" ڏنا، سي غفار ڏنا، تن پارن سان، سيپارن سان





## سينگار

ساراهيان سچو ڏٽي، جيڪو مالڪ آ ملڪن
موڪليائين مير مرسل کي، آذار جو اڙين
آستاني عجيب جي تي، پيا جڳ جهڪن
ماڻهو ملڪ مستان ٿيا، ملڪ ڏسي مرڪن
عرش فرش تابع تنهن جي، سردار آ سپن
آمد آ عجيب جي، جرڪايو جڳن
چنڊ لٿو چير جي، ٿا ڪيئي کهاڻيون ڪن
موهيو مرڪ پرين جي، ٿا تابع سپ ٿين
ڏنگن کي ڏيکاريا، معجزا محبوبن
پٽر تري پار ڏانهن، اوچا پيا ته اچن
پاچو نه نهيو پياري جو، ظاهر زمينن
گفتار ٻڌي گوهر جي، ڪوئلون نا ڪوڪن
سوجهرو ٿيو "ستار"چئي، جانب پيا جرڪن
ڪاروڪفر ڪٿجي ويو پيا ڪلمو پاڪ پڙهن
اجان وڏ آهن، پر مون ماٺ ڪئي "ميربحر" چئي.

## ٻولين جو سينگار

مرگهه اکيون محبوب تنهنجون، عجب جن ۾ اسرار
مازاغ البصر جو، ڪجلي ڪيف قرار
عيدن کان وڏ عيد پانيان، درگن جو ديدار
آنکه اکيان آئيز آهن، نيڻ نوراني نروار
عين الستي اربيلا جن ۾، خوبان خوب خمار
چيرون چشمن چريو ڪيو، ويو دل ڪسي دلدار
چم ڪنيائين ته چاتيءَ تي، چرين ڪيو چلڪار
من مست ٿيو "ميربحر" چئي، جڏهن ڪيو وار پنبڻن جي وار
ڏين ڪن پيغام خوشيءَ جو، ڪري اشارن ۾ اقرار
بس حج اڪبري حاصل ٿيو، مليو جڏهن مننار
ڳائي احسان "عبدالستار"، ثنا ساري عمر سڄڻ جي

## سينگار

ڪامل تہ ڏنا هونديءِ اڪمل ڪي ڏسڻ سک
جميل ڏنا هونديءِ، اجمل ڪي ڏسڻ سک

ويس وڳا ويتر دنيا ۾ هزارا
پٽ پٽيهر پائن بخمل بہ آهن بارا
محبوب جيڪي پهري، مزمل ڪي ڏسڻ سک

وَنفختُ فِيهِ مِن روحي ڏسڻ ساهہ ڪي سوچي
پائي جيءَ اندر ۾ جهاتي لهہ لال ڪي لوچي
هاديءَ سندي هيڏي هلچل ڪي ڏسڻ سک

ملک آ مؤلا جو ۽ منصور بہ زياده
قتيل قٽ فيراقي، چڪچور بہ زياده
ٻيا ڪوس ڏنا هونديءِ ڪربل ڪي ڏسڻ سک

انا احمد بلا ميمي هيڪڙائي حق
"ستار" آ سجڻ جي نہ شان ۾ ڪو شک
رهبر جي ان رمز ۽ لعل ڪي ڏسڻ سک





## سينگار

آيو سين جو سردار، سو آ مدني مختيار
ويا گنڌايون ۽ گوڙ، ٻڌا محبت اچي موڙ
جوڙي جاني اهڙي جوڙ، ڪئي تونگر اچي توڙ
آيو اڪڙين جو نار، سو آمدني مختيار سو مدني آ مختيار
آيو آخر ۾ امام، ٿيو پورو هت پيغام
اهو نبين جو نظام، اٿس نوانوي نام
آيو ڪامل ڪلنگي دار، سو آمدني مختيار سو مدني آ مختيار
ڪريا ڪفر جا ڪوٽ، هک چشمن جي چوٽ
ڪيئي گهائي وڌا گهوٽ، آهي عجيبن جي اوٽ
آيو اڙين جو آڌار، سو آمدني مختيار سو مدني آ مختيار
وهہ محبوبي معراج، ٿيو طٰه جو تاج
ڏسو ڪامل جو ڪاج، ڏنو ڏاتر هو ڏاج
ٿيو دوبدو ديدار، سو آمدني مختيار سو مدني آ مختيار
ڏسي رهبر اهڙي راهہ، ٻڌي سهڻي جي صلاح
جيڪي هليا همراهہ، نہ ٿيا گوهر گمراهہ
رڪيل اهڙو اسرار، سو آمدني مختيار سو مدني آ مختيار
ڪليا ديدارن جا در، ڏنا ملائڪن منظر
تن جي پوري ڪئي پرور جا آس هن اندر
مليو مڙني جو مهندار، سو آمدني مختيار سو مدني آ مختيار
ڪيا عاشقن الغار، ٿيا سهنج ۽ سڪار
ڪئي مزمل مهڪار، لٿا اهنج ۽ آزار
مليو سائين آ "ستار"، سو آمدني مختيار سو مدني آ مختيار

# حاجي اربيلو منگي

نالو: حاجي اربيلو منگي ولد عبدالستار
ڄم جي تاريخ: 1964ع
تعليم: پرائمري
رهائش ميان صاحب
سگهڙ پائيءَ ۾ استاد: گل حسن ”گل“ ملڪ
صنفون جن ۾ طبع آزمائي ڪئي: لوڪ شاعري جون سيئي صنفون
ايڊريس: پوسٽ آفيس ميان صاحب تعلقه خانپور ضلع شڪارپور سنڌ

## سينگار

آخر نبي اسان جو آ، ڪيو الله سائين احسان
سونهن جنهن جي سبحان الله، ٿيون حوران پريون حيران
بال بادل بيهڪ سهٽي، جن جو بهتر بالا بيان
چشم چڱا چيڻ ڪان، ڪيئن باڻون پيٽيان بان
محبت ۾ مارن تيون، ابرو ڄڻ ڪمان
جنهن جو شاهي آهي شان، اهو عجيب مليو ”اربيلو“ چئي

## سينگار

سهڻا گهڻا سنسار ۾، پر پِرُ سين ڪين پڄن
هرڻ اڪ هرگز نہ چوان، ڏسي ٽانگر ڪين ٿهن
دانا گهمي دنگ ڪيو، نڪي پيل پڄن
حوران ڪرن قدمن ۾، هيئن جي هوت هلن
مرجها گل گلاب جا، ڏسي رُعب رخسارن
منهنجي ڪامل جي قدمن، ڪيو اعليٰ عرش ”اربيلو“ چئي





# عبدالستار ٿانوري

نالو: عبدالستار ولد پناڻ ذات ٿانوري
ڄم جي تاريخ 1947ع
تعليم: اڻ پڙهيل
رهائش: ميان صاحب
سگهڙ پائيءَ ۾ استاد: استاد محمد سيفل پٽي ڪان 1968ع ۾ ڳانو ٻڌايو
صنفون جن ۾ طبع آزمائي ڪئي: لوڪ ادب جون سيئي صنفون
ايڊريس: ميان صاحب تعلقه خانپور ضلع شڪارپور سنڌ

## سينگار

چهرو چاس چنڊ ڪان، نہ ڀڄي گل گُلاب
يالا پروون پورل جون، ڄڻ مسجد جو محراب
زنخ زيب ذقن، ڪيا برھ وارا بيتاب
ماڪيءَ ڪان منو گهڻو، لالڻ جو تہ لُعاب
ترني ختم تجلو ڪري، جي ناميو ڪولي نقاب
جلوو پسان جانيءَ جو، ٿيان قرب منجهہ ڪباب
آهي آس ”عبدالستار“ چئي، ڏسان خاص خواب
ڪندو لالڻ لاجواب، هن ٽولي ڪي بہ ”ٿانوري“ چئي

## سينگار

چهرو چاس چنڊ ڪان ڪکر ڪيس ڪارا
ڏوڏر ڏريا ڏند ڏسي، ددست سچارا
چيلھ سنهڙي چيتي ڪان، واھ پرين پيارا
هاٿي هلڻ ڇڏي ڏئي، جي گهمن سائين سارا
برق وڃي بند ٿي، جي مرڪن مان وارا
ڏسي هونٽ هنڊول، ويا ڪري ڪنارا
نڪي هام حسين هٽندا، ڏسي سائين سوپارا
پسي عين ”عبدالستار“ چئي، ويا چيل ڇڏي چارا
ڪندا پلايون پلارا، هن ٽولي سميت ”ٿانوري“ چئي

## محمد سومر سومرو

شڪارپور سان تعلق رکندڙ محمد سومر سومرو ولد جواڻ سومرو 4-9-1949ع تي ڄائو چاليھن سالن کان ھن فن سان نيائيندو پيو اچي سگھڙائپ ۾ سندس استاد فقير محمد ملوڪ عباسي آھي.

ڪيل پروگرامن ۾ پي ٽي وي، ريڊيو پاڪستان، ڪي ٽي اين، مھراڻ ٽي وي، آواز ٽي وي، سنڌ ثقافت کاتي جي ترتيب ڏنل قلندر شھباز ميلي، شاھ عبداللطيف ڀٽائيءَ جي ميلي، سچل سائينءَ جي ميلي سميت سوين پروگرام شامل آھن.

سندس ڪلام ادبي رسالن، اخبارن وغيره ۾ شايع ٿيو آھي. ھن استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سميت مختلف ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ماڻيا آھن. ھيٺ سندس اھڙو شعر ڏجي ٿو جنھن جي پڙھڻ سان ڇپ ڇپ سان نہ ملندو.[1]

### سينگار

ڪڪر ڪيس ڪلھن تي، سرس گھٽا سارنگ
ڳُ اليھر کان اڳرا تليھر تيز تارنگ
نيڻ ناٿ نھوڙيا آھو ادگر جاچن جھنگ
گھرا گھاو غزالن ٿيا ڪچيا ڪين ڪرنگھ
ظاھر ذري زينت آئي، رجني چڙيا رنگ
چاند چند وري چلڪو چڙيو چاسينگر ڇھنگ
ڪٿ ڪنيل ڪيريا ڪارڏو الده کان وڌ انگ
تنھن ننگيءَ تي ھن ننگ، ساري جڳ جا ”سومر“ چئي.

[1] ڪچھريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو





## ھدايت الله ميمڻ

| | |
|---|---|
| نالو | ھدايت الله ميمڻ |
| پيءُ جو نالو | رحمت الله ميمڻ |
| رھائش | ڳوٺ رڪ |
| تعلقو | لکي |
| ضلعو | شڪارپور |
| سگھڙائپ ۾ استاد | اُستاد وريام فقير شيخ |
| تعليم | ست درجا پاس |
| پيشو | مزدوري |
| مڪمل ايڊريس | پوسٽ آفيس ۽ ڳوٺ رڪ تعلقہ لکي ضلع شڪارپور |
| سگھڙائپ جي شروعات | 1990ع |

### سينگار بيت

آھو نين عجيب جا وڏ واسينگن کان وار
ھاٿي ھنڌ مٿي ويا، ڏسي رھبر جي رفتار
ڪوئل مئينا ڪومايا، ٻُڌي گوھر جي گُفتار
پاڪ پسيني پيارل جي، ڪيا مُشڪ عنبر تي مار
سونھن سوائي ساجن جي، ھٿ ھر ڪنھن ڪاڏي ھارَ
ڏسي سھڻل جا سينگار، ٻڌا ھڙني ھٿ ”ھدايت الله“ چئي.

### ٻتوڏھس وارن ۽ راتين تي

”ٻُگي“، ”تِھاري“، ”تامنيءَ“ ڪي ھيئر چيو ھٿ
”بال“، ”وارن“ کان پلي جي ”نائيٽ“ ڪيو ٺٽ
”رات“، ”رجني“، ”رَين“ نہ ٿي ”موءِ“، ”ميندين“ جو مٿ
” ڪاڪل“، ”ڪيس“، ”ڪچ“ وڏو ”لِيل“، ”شبّ“ ڪيَ لٿ
ڏسي ”چتي“، ”زلف“ جو چٽ، ھارايو ”تام“ ”ھدايت الله“ چئي.

## صفاتي سينگار

ثابت ٿئي ٿو سهڻا نهيو جاني جهان تو لئہ
آدم ڪان اڳ ۽ اڄ تائين سارو سامان تو لئہ

حوران، پريون، ملا ئڪ، مخلوق ساري مالڪ
پيدا ڪيا پيارا، خاص تو لئہ خالق
جنت، جهنم جا داروغا مالڪ رضوان تو لئہ

جن و بشر جڳ ۾ الله آندا آهن
عبادت ڪان اهي ڪيا وارث واندا ناهن
ثنا ڪري ٿو سڀ ڪو ٿي پيو ثنا خوان تو لئہ

هي سڀ زمينون آسمان تو لئہ ستار سِٽيا
ٻوٽن ۾ گل ۽ انهن ۾ وٽندڙ رنگ ڇٽيا
هي پکي، پرندا، پوپٽ، گلزار گلستان تو لئہ

مجٽو پوندو سڀ کي آ شان تنهنجو شاهي
خدا بہ ڏني آ توکي، بيشڪ بادشاهي
مليو هادي "هدايت الله" کي ۽ ڪعبو قرآن تو لئہ.





# منظور احمد مهر

نالو: منظور احمد مهر
پيءُ جو نالو: شير محمد مهر
پيدائش: 1969ع
سگھڙائپ ۾ استاد: مرحوم استاد محمد پنجل شيخ ۽ استاد غلام محمد منگي
تعليم: پرائمري
ايڊريس: پوسٽ ۽ ڳوٺ رڪ تعلقہ لکي ضلعو شڪارپور

## صفاتي سينگار

محمد نہ ٿئي ها وسيلو اسان جو خدا وٽ اسان جي شفاعت نہ ٿئي ها
تيمن جو حامي نہ ٿئي ها جي مرسل اسان تي تہ ڪا بہ عنايت نہ ٿئي ها
ڪلمو نبيءَ جي سعادت ملي نہ تہ قبول ڪا بہ عبادت نہ ٿئي ها
سڄي سونهن سوڀيا حسن محمدي آ ملڪن حورن ۾ نزاڪت نہ ٿئي ها
عجب عشق عربيءَ جي موهي وڏا جي قطب غوث سارا جماعت نہ ٿئي ها
لکين لک پلايون مان تنهنجو هان امتي اي شافي ڪا منهنجي شناخت نہ ٿئي ها
"منظور" مهر تيَ لڳ قرب ڪافي، ٻي ڪا اهڙي ڪامل قيادت نہ ٿئي ها

## صفاتي سينگار

محمد جو آيو سرهاڻ ٿي وئي، ٿيا دنيا جي حسينن جا سينگار چٽ
ابوجهن جي آڌر وسيلو اڇي ويو، يتيمن جا ٿي ويا ويچار چٽ

محمد جي محبت وسيلو ولهين جو ڪرم جي نظر اڄ بہ جاري رهي ٿي
ڪدورت رکي جنهن مٺي مصطفيٰ سان قسمت ۾ ڪاري ڪٺنچي وهي ٿي
سي برباد باري ڪري دربدر سي سڀ ٿيا اغيار چٽ

برن ۾ بهاري قدم جت رکيائون سي آباد ٿي ويا
ساوڪ ٿي ساري نبيءَ جي طفيلي سراسر سڀ شادباد ٿي ويا
ٿيا سکيا مال ماڻهو ٿيا سر هايون سرسبز ٿيا ڏڪار چٽ

گذر ٿي هوا جو مديني مان جڏهن ماحول ۾ خوشگواري اچي وئي
خوشتر هوائون گهليون گهر گهر ۾ برابر سا بهتر بهاري اچي وئي
ٿيا مات معطر خوشبوءِ جون ڪاڻيون ۽ مهڪار چٽ

دست شفا جنهن جي حق ۾ ڪنيائون تن تي آ نوري برسات ٿي وئي
نوازي نماڻا چڙيا ڪيئي مرسل انهن تي عجب سان اعنايات ٿي وئي
سڳورن جي صدقي سنوڻ ٿيا ستابا عربي ڪيا سي آزار چٽ

”منظور“ تي ٿيون محمد جي صدقي الله جون سڀ عطائون رسيليون
قبولي ٿو قادر گهرئون رزق روزي سراسر سيد صدائون رسيليون
مگن ”مهر“ آهي ”مولائي“ رکن ۾ ڪڏا ٿيا سي ڪردار چٽ





## صفاتي سينگار

سهڻن جو سهڻو تون سردار آهين
منو مُحب ماهي تون مننار آهين

روئندن کي رهبر خوشي ڏئي کلائين
پيءُ ماءُ سان پٽڙا مٺا تون ملائين
ويل سج واپس وري تون ورائين
قادر جي قدرت جو تون اختيار آهين

وڻ ٽڻ ٻوٽا توڏي لڙيا پئي
پٿرن بہ توتي ڪلما پڙهيا پئي
ابوجهل پارا ساڙ ۾ سڙيا پئي
ويرن سان بہ ويهي ڪندو پيار آهين

ڪٽي نيڻ خاصا جنهن ڏي نهارين
انهيءَ کي ان جاءِ بيشڪ بيهارين
مرضي جو مالڪ تون مهندار آهين

ثنا تنهنجي سائين سگهان ڪهڙي ڳائي
نالو ڳڻايم ٻٽي لفظ ٿاهي
وينو مهر ”منظور“ آ ڳچيءَ ڳارو پائي
منهنجي مقدر جو آڌار آهين

# قمبر - شھدادڪوٽ ضلعي جا سگھڙ





## محمد لقمان ڪوڪر

محمد لقمان ولد محرم علي ڪوڪر، ڳوٺ غلام مصطفيٰ ڪوڪر (لڳ نصيرآباد، ضلعي قمبر شھدادڪوٽ ۾ سن 1949ع ۾ ڄائو.

فقير محمد ملوڪ عباسي جي صحبت ۾ سگھڙپائي جو ذوق وڌايائين، لوڪ ادب جي فني ميڄتا ۾ ڪوڙ سارا ايوارڊ ماڻيندڙ ھي سگھڙ فني اشاعت ۾ پنھنجي استاد محمد ملوڪ عباسي سان ٻن ڪتابن (1) گلشن ڏور (2) منھن مٺانھا جن جا ۾ ڀاڱي ڀائيوار رھيو جڏھن تہ سندس جدا شاعريءَ جي ڪتابن ۾ 1 لاتيون سُڻ لقمان جون ۽ 2 لال ڪٽا لقمان جا شايع ٿيا آھن.

### سينگار

اتي اوت عنبير جي جت دلبر ڪيا ديرا
سڙيل سُڪل سالن جا، ٿيا جلوي سان جيرا
اجرا گل عجيب ڪيا، اڄ مھڪن پيا ميرا
ڪونجن ڪنڌ نمائيو ڦرڪيو ڏين ڦيرا
پالِيرِ پيش پرين جي چڙھي ڳوٺ ويا ڳيرا
پنيا پرون پونگ برابر پئنور ڏين پيرا
چميا چيھن چاھ منجھاران پٽيرين پيرا
اڳ اليھر، عجيب جا عمدا اُٺيرا
خود خوشئون ”ڪوڪر“ چئي چڙھي آھو ويا ايرا
چال پري شيرا، پئي لک ڪريا ”لقمان“ چئي.

### سينگار

صورت سھڻي سورنھن ٻارنھن انگن تي اڙڪيا
ڪکر ڪيس کلھن تي، تي قول وانگي ڦڙڪيا
ادگر عين عجيب جا جڏ ڪوٽ متي ڪڙڪيا
ھينڊل ھاٿي حملي ۾ ھڪ نوڪر سان نڙڪيا
دھشت وئي سپ ديون مان، خالي تي ڪڙڪيا
چڙھن شمان شڪار تي، جڻ باز وڏا پڙڪيا
ھرڻ ھنج ھراس ۾ پئي تر متي ٿڙڪيا
شيرن چاتي شرمائي، وڃي جبل ۾ جڙڪيا
بلبل ڪوئل ڪنڌ نمائي، ٻول ٻڌي ٻڙڪيا
اھڙي عين اشاري سان، ڏڙ سسيون ڏڙڪيا
پئي لامن ۾ لڙڪيا، لڪين سِرَ ”لقمان“ چئي.

### سينگار

منھن وڏ مھتاب کان، جوھر ويا جھڻجي
ھيڏي حسن بازار ۾ ٿيا سامھون ويا سڻجي
جرڪيا جوڙ جناب جتي ات لعل ويا لڄجي
موتي ڏند محبوب جا چاسينگر چڻجي
رجني رنگ چڏي ڏنو وئي مرڪڻ سان مڃجي
لٽو لعاب لبن تان ويو ن ڪستوريون ڪڄجي
مڻ ڪٽوريون مشڪ جا شيشا ويا چڻجي
نرگس ناز نظر سان بيا گوھر ويا گھڄجي
پسي قدم ڪنجل ڪيڏا ھاٿي ويا ھڄجي
ڪرنگا مرنگا ڪونج برابر ڪنڌ وين ڪڄجي
لکن جا ”لقمان“ چئي ھت پير ويا پڄجي
ويندڙ ڪريا وتجي، پسي عين عجيب جا





# غلام ڪبير لولائي

سگھڙ غلام ڪبير ولد مزار خان بليدي پاڙو لولائي 1945ع ۾ گھر پنھنجا لگ بھادر پنڊ تعلقہ سجاول جوٽيجو ضلع قمبر شھداد ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو، ڪن اٺتر سببن ڪري پرائمري تعليم حاصل ڪري ڪين سگھيو ناظره قرآن پاڪ سينٽر جيل لاڙڪاڻي ۾ استاد نصير احمد جلباڻي کان حاصل ڪيائين، جڏھن تہ والد مزار خان بہ سنو سگھڙ ھيو ان ڪچھرين دوران عشق لڳو ۽ استاد محمد منل مھر مرحوم رتوديرو واري کان باقاعده سکيا حاصل ڪري سگھڙ ٿيو، ھن وقت سگھڙائپ جي سيني صنفن تي طبع آزمائي ڪري چڪو آھي. سندس فن جو اڻ ڇپيل مواد موجود آھي وسائل نہ ھئڻ ڪري ڇپرائي نہ سگھيو آھي. استاد ۾ سھپ، محبت، اخلاقيات جون لاتعداد خوبيون آھن ان ڪري ھن جا سنڌ ۾ لاتعداد شاگرد پڻ آھن. جن مان ھڪڙو پلوڙ سگھڙ استاد ارشاد علي عرضائي بہ آھي. اولاد ۾ ھڪ پٽ سگھڙ شھيد نظير احمد ھيو، جيڪو روڊ حادثي ۾ شھيد تي ويو ۽ سنو سگھڙ ھيو. (2) نياٽيون پڻ آھن موجوده رھائش ڄامشورو ۾ آھي.

### سينگار

جب گوري گھنا ڪري پل ـُو ست ھار ھلي،
پائي ڪنگڻ، ڪنمال، ڪڙيون بينسر، ٻولو ٻلي،
ڪوڪا،ڦليون، ڪيتريون ۽ ٻيو چلڙا پل چلي
جھومڪ، جھالا، جھالر پائي وڃي ميندي، ھٿ ملي
بخمل پھري بدن تي پل ڪنھن ٿيلي ساڻ ٿلي
پر ھلت ڏسي منھنجي حبيب جي وڃي پاڻ ”لولائي“ پلي
چا جھلڪ سگھندي جھلي، منھنجي حوت حضور جي

## گوري جو سينگار

جب گوري گهنا ڪري سورنهن ڪري سينگار،
ڪنگي ڪٽي ڪائي تي پلي ورائي بيهي وار
پوني سڳي پيار مان رکي ڪاتتن جي ته قطار
ٻيو نٿ بولا نڪ ۾ پائي هسي ڳچي هار
جهالا جهومڪ جهالر پائي ڪري چوه وڏا چمڪار
پر هلت منهنجي حبيب جي جيئن بهتر مند بهار
هتي هنياءُ ٺارن حبدار، هوءَ ڪري اچي قدمن منجهه ”ڪبير“ چوي.

## سينگار

وڌ ڪارا ڪڪر ڪيس قريب جا جي چلڙا هيئن چڙن.
ته اليهر تليهر سپ سِيهر ڪرن اچي ڪامِل جي قدمن
پسي موءِ مينڊال محبوب جا وجن وات پٽجي واسينگن
پؤنر پنيا پورل جا جي جاڙا هيئن جهلن
ته ڳُ اتمڙا واچرا ڪرن پدم وڃي پيرن،
سُڪائڻ لاءِ سجڻ جي چتڙا هيئن چندن،
ته چڻ ڪاريهر ڪلهن تي پيا ڦڻ ڪڍي ڦِرن،
جنهن جي ڪئي آ قادر تعريف قرآن ۾ تنهن جي چا ڳاٽو ڳڻ ڳڻن،
پر پوءِ به عاشق، سگهڙ، سالڪ پيا سوين ثنا ڪن،
تڏهن ته مون تي محبوبن، ڪيا هن ڪافي قرب ”ڪبير“ چوي





## ڏهس سينگار (راتين جا نالا)

هتي حسن جي حد ڪتي آ جو ليڪڪ ليڪ لکن
باقي عقيدي مند عقيدت سان پيا سگهڙ ثنا ڪن
تي سُئي هتان ڳُر سائڻ ڪان تڏهن محب پيا مرڪن
ماڙيون ملڪ مصر جون پيون ڏورانهون ڏسجن،
هي چرندا پرندا لهي پيا پٽ تي پيا حسن ڏسي هرڪن
تي روءِ زمين روشن پسي جلوو جانبن
هي رجني رخ متي وئي چا چنڊ ستارا چمڪن
ليل پنهنجي لام ڪٽي وئي جڏهن تي تبسم طبيبن
شب چرڪ وڏا پريا، پسي تجلو تاب پرين
تڳي تلهاري تڪڙي وئي نه ڏني رين اتي راجن
وئي ترت متجي تامني نه آئي نائيٽ نگاهن
پنپ رين روءِ متي وئي نه تي رات اتي روشن
اهڙا لک ”لولائي“ چوي ڪيا معجزا محبوبن
تنهن ڪامل جي قدمن، هجان قيامت ڏينهن ”ڪبير“ چئي

# ارشاد علي عرضائي

ارشاد علي عرضائي ولد حبيب الله ”حبيب“ مگٹھار شهر عرضي پٽو تعلقہ سجاول جوٽيجو ضلع قمبر شهدادڪوٽ، ۾ 2 اپريل 1965ع دوران جائو، تعليم انٽر، پيشو P.S.T گورنمينٽ ملازم، سندس بابو سائين بہ سگهڙ هيو جنهن جو فن ۽ ذڪر ڪتاب ” ڳڌيل ڳُل گلاب جا“۾ موجود آهي، يعني خانداني سگهڙائپ سان واسطو آهي، سندس باقي فن دوران استاد غلام قمبر المعروف ڪبير بليدي، (لولائي) جي فن ۽ شخصيت تمام گهڻو متاثر ڪيو جنهن کي باقاعدي استاد قبول ڪري فن جي دنيا ۾ وک وڌائي.

## تعارفي بيت

سني سنگت ۽ سگهڙن جو نوڪر خدمتگار آهيان
وڏن جي عزت ۽ ننڍن سان ڪندو پيار آهيان،
سڪ وارن کي سچيءَ دل سان کلي ڪندو ڪيڪار آهيان
عرضيءَ پٽي جي ڪري مان عرضائي سڏائيندو بار بار آهيان
قمبر شهدادڪوٽ ضلعي سان مان سرشار آهيان
تعلقي سجاول جوٽيجي سان مان سچار آهيان
پٽ حبيب الله ”حبيب“ نشانبر نروار آهيان،
نالو ارشاد علي ۽ ذات جو مگٹھار آهيان،
استاد ڪبير جو بہ مان گهڻو شڪر گذار آهيان،
تڏهن ڏور ڳجهارت هنر پهاڪا پڙهندو سهڻي مٿان سينگار آهيان
ان ڪري سلمهون اچي سارِي محفل سان مان ڪنئو السلام عليڪم جو اظهار آهيان





## سينگار صفاتي

ڪيان تعريف چا تنهنجي تون تہ الله جو دلدار آن سائين
هر نبي جو تون پرين سالار ۽ سردار آن سائين

تنهنجي ڪري الله سائين ڪل خلقي ڪائنات آ.
وڻ ٽڻ پکي پرندا بادل ڪڪر برسات آ
اشرف المخلوقات انسان بيو جيت جانور جنات آ
جنهن جي ثنا ڪي خدا سرس ڪيو سو ڪامل ڪلنگيدار آن سائين

تنهنجي اچڻ سان اي پرين ڏاريو بہ پنهنجو ٿي ويو
مشڪل ڪان مسئلو بہ سجڻ سهنجو ٿي ويو
ڪيڏو بہ ڪٽو ڪافر هو توبهہ سان تنهنجو ٿي ويو
تون شفقت پريو شهنشاه منڙو مهندار آن سائين،

تنهنجي ڪري قرآن نازل ٿيو آ
تنهنجي ڪري دين هڙو حاصل ٿيو آ
تنهنجي ڪري برباد هي باطل ٿيو آ
هر پيغمبر جو اي پيارا پرين تون پڳدار آن سائين

بيشڪ براين جي تو پاڙ پٽي آ،
اها تار تونگر تو ڪفر جي تہ ڪٽي آ
ختم ڪئي خاص طرح تو هو ڏين جي هڪ هٽي آ
جنهن چوڏهن طبقن چانبوڪي ڪئي سو روشن مينار آن سائين

تنهنجي رحمت جا رهنما درياءَ وهن ٿا،
هڪ لهظي ۾ لکين گناهه لهن ٿا
ڏهن ته حبشي جيان هزارين ايذاءَ سهن ٿا،
گنهگارن جو گهٽو، عربي! اکين نار آن سائين،

ڪيڏو ته بدڪارن جو بالا بخت بينظير آ،
الله تعاليٰ توجهڙو ڏنو دلبر دلپذير آ،
چو نہ مان شڪران ڪيان جو تنهنجي الفت ڪيو اسير آ،
تابع آهيان تنهنجو سڄڻ جو تون محب منو مننار آن سائين

التجا "عرضائي" جي منظور ڪرين تون
پرين پنهنجي در ڪان نہ دور ڪرين تون،
پنهنجي غلامي ۾ غلام ڪي مشهور ڪرين تون،
ڪرين عنايت "ارشاد" تي تہ تون بلڪل با اختيار آن سائين

## سينگار صفاتي

يا محمد مصطفيٰ ﷺ هر جاءِ هلي تنهنجو بيان
ڪهڙي طاقت زبان ڪي جو تنهنجي ڪري ثناءَ
اول صفت اوهان جي قادر ڪئي قرآن ۾
طٰ مزمل لاٿيون شافي اوهان جي شان ۾
الحمد ڪان والناس تائين اوهان جي ٿئي عزت آن ۾.
روزي نماز حج زڪوات ڪلمي ۽ آذان ۾،
محراب ۾ منبر مناري مسجد جي ميدان ۾
مطلب واڪاڻ تنهنجي آ دلبر روان دوان





بر پٽ باغن ۾ ٻاتيون، تنهنجون لنون پيا لاتيون
ٻوڙيون هجن يا ٻاتيون، ظاهر سيئي ذاتيون،
توتي پڙهن صلواتون، ننڊ جاڳ ۾ چون نعتون
ڏاتر ڏنيون ٿن ڏاتيون، تن ۾ اوهانجون تاتيون
تنهنجي جهلڪ پسڻ لاءِ جانب سائين جيت جرند پائن جهاتيون
هر پکي پکڻ کي پيارا پرين تو ٻوليون ڪندي مان بہ ٻڌان

ڪوئل سندي ڪوڪار ۾، يا ٻيهي جي پڪار ۾
جهرڪين واري جهونگار ۾، طوطن جي تنوار ۾
هر موسم ۽ ملهار ۾، چيٽ ڪتي ۽ بهار ۾
چنچر آچر سومار ۾ هر ڏينهن ۽ هر وار ۾
رات واندي ناهه ڪا، پئي گذري اوهانکي پڪار ۾،
تنهنجي واڪاڻ واحد ڪئي آ اٽڪٽ صفا عيان.

جهڙ بادل برسات ۾، ڪنوڻن سندي تجلات ۾،
هر ماڙي ۽ محلات ۾، جبل ٻيلي جهنگلات ۾
معجزي ڪرامات ۾، هر قوم ۽ هر ذات ۾
مصروف تنهنجي نعت ۾، اسر آڌي پر پات ۾،
وجود واندو ناهي ڪو آ سدائين تنهنجي صلوات ۾،
ڪانهي تارازي ڪا هتي جو منڙا تنهنجي صفت ميان

هر مؤمن جي من ۾، جانور ملائڪ جن ۾
ڪڙڪات پاٽي ڪن ۾، ڪمي ڪچون واڱن ۾،
آ سڪ سدائين سينن ۾، شاعرن ۽ سگهڙن ۾،
تا بيان ڪن بيتن ۾، نعت سينگار ۽ ڏهسن ۾.
تنهنجو شان اتر سائينءَ ڪيو سوا لک نبين ۾،

تنهنجي امتي ٿيڻ لاءِ اڳيان نبي دعائون گهرندا ويا.

تنهنجي رحمت نيڪ نرالي آ، تنهنجي سخاوت سهڻا سلالي آ،
تنهنجي محبت منڙا مثالي آ، تڏهن تہ "ارشاد" تو در سوالي آ،
ائين مديني پهچڻ محالي آ، جيسين تنهنجي پال سندي نہ پالي آ،
هتي بره ڪئي بدحالي آ بي "عرضائي" جي نہ ڪا اعمالي آ،
تون سهڻو نبي سرتاج پرين تڏهن تہ ڪامل چئي مون قوالي آ،
قربان تنهنجي قدمن تان منا مان مسڪين چو نہ ٿيان.

## سرائڪي زبان ۾ سينگار

ڪيا تعريف ڪران سهڻي سرور دي جنهن دا افضل اعليٰ شان اي
جنهن دي ڪيتي رب ني جوڙيا جملي ڪل جهان اي.

سڀ نبيان دا بڻ سلطان آيا، اسان امت تي ڪرڻ احسان آيا
ڪمزور قافلي دا ڪاروان آيا ٻوليندڙ اسان ڏي قرآن آيا،
عزت احترام سڻاوڻ اسانڏي آيا فيض پريا فرقان اي،

امام الانبياءَ تي ختم المرسلين هي، شافع محشر تي سيد الثقلين هي
قرت العين تي راحت العاشقين هي نان محمد ﷺ تي لقب صادق امين هي،
ڪانهي طاقت زبان و قلم ڪون بيحد باليٰ بيان اي،

والضحيٰ والليل دا قسم چاوي، نيڪي ڪرڻ وچ من ڪونہ پيا ڏاوي
حضرت موسيٰ نان پيا طور تي الاوي اپڻي محبوب ڪونہ پيا عرش منگواوي
اناره سال رهيا اتان موليٰ ميزبان تي محبوب مهمان اي

مزمل مدثر دي پاندا پوشاڪ اي، مالڪ ڪوثر تي والي لولاڪ اي
بلند بالا برتر عربي دا اخلاق اي، پڪي جيت انسان هجر شجر
مشتاق اي عطر مشڪ عمبر بي آڪي، منگدي اتان دان اي،

جڏان سمجھ آئي سڏيا مين نان اي، تڏاڪون رکيا مين حبيب وچ هان اي





محبوب منور ميڏا شافي چپر چان اي، "عرضائي" احمد دا سگهڙ ثنا خوان اي
ديدار درشن جي تي وجي، پڇي "ارشاد" تي ٻهون احسان اي

## سينگار

انبيائن جا امام تو تي صلواتون سلام رسول رهبر تون آن
نور منور خدا جو دلبر ظهور اظهار ظاهر تون آن

آيو اسلام توتي، الله جو ڪلام توتي، وري منو نام تو تي
تون راحم رڪوال، لوڪ لڄپال، هڏ ڏوکي هر حال
تون بر تر بالا عظيم اعليٰ توتي نوا نوي نالا
اول آخر تون آن، انبيائن.......

تون مزمل ۽ مدثر، تنهنجي هٿ ڪوثر،
تنهنجي گفتگو مؤثر ٻڌي تنهنجو ڪلام،
ٿيو هر هڪ غلام تنهنجو مٿاهون مقام
وئين معراج تون، منير سراج تون، ناهيو سماج تون
ڪندڙ دلين تي اثر تون آن انبيائن......

تون حسنين جو نانو، خاطر تنهنجي خزانو هي ڪائنات ڪارخانو
تون احمد عربي، جن و بشر جو نبي، توتي رضا آ ربي
پنجئي رڪن پورا ٿين، توکي مومن مڃن
جو ڪرم ڪکر تون آن، انبيائن......

بينظير بات تنهنجي، مولا سان ملاقات تنهنجي، افضل درجات تنهنجي
تون آقاءِ نامدار، سردارن سردار، تون احسن با اختيار
معصوم تون، مخدوم تون، عالم العلوم تون،
اجمل اڪمل اطهر تون آن، انبيائن.....

انبيائن اختتام توتي، عاشق عوام توتي ھي نازل نظام توتي،
حبيب تون طبيب تون، قريب تون، خاصو خطيب تون
مکو مدينو تنھنجو ھر ھڪ مھينو تنھنجو خدائي خزينو تنھنجو
شافع محشر تون آ، انبيائن.......

ھيءَ ساري خدائي، خدا تو لئہ بنائي، تنھنجي سڪ سوائي، سيني اندر سمائي
مٺا محب ماھي تون ولھين جو واھي، تنھنجو شان شاھي
ھن بشر کان بھتر تون آن، انبيائن........

تنھنجا ٿورا، سائين سمورا اسين اڏورا، چنا چورا،
تنھنجا ڪرم، آھن، اتم، سھڻا صنم، ڏوري ڏٺم
تون رحمت اللعالمين، سيد الثقلين، محب المساڪين
ھردم ھر ھر تون آن، انبيائن،.......

سدا ذڪر تنھنجو ڪري ھجرو شجر تنھنجو، جن و بشر تنھنجو ڪري پاڪ پرور تنھنجو
تنھنجي ثنا، پئي ڪري دنيا نہ پون پورا پنا، اسين تہ ڪوجھا ڪنا
لڪئون چا طاقت نہ ڪا، اي ماہِ لقا
بس ”عرضائي“ آڏرتون آن.





## سينگار بنا نقطي

مرسل ملوڪ سدا مُدا سھڻو سرور سردار آ،
عالم آسرو اصل ادا احمد وارو ھر وار آ،
محمدالرَّسول اللهﷺ دائم ما ڪ معطر مھڪار آ،
گڻ گھڻا گوھر سدا ڪس ڪائڻ ڪردار آ،
ملڪ ملڪ گھمرا دورد و سلام موڪلڻ حڪم الله سرڪار آ،
دلدار ڪمال مددگار آ، اول و الوداع وار ”عرضائي“ ادا.

ھمسر ۾ ڪو مرسل، اڪرم اطھر محمدﷺ آ،
گل گوھر گھڻو ڪرِ آ سھڻو سراسر محمدﷺ آ،
راحم رکوال محد لحد، و در گھر محمدﷺ آ،
آھم سھارو مرسل وارو اصل آھر محمدﷺ آ،
ڪل عالم سرا ڪامل ڪرم ڪڪر محمدﷺ آ،
سوا سھڻل ۾ ڪو ڪرُ آ اسم دل ھر ھر محمدﷺ آ،
مڪمل عمر ساراہ لِڪ، مگر اعليٰ امر محمدﷺ آ،
موڪل درود و سلام صد وار مُسلم، سھڻو سرور محمدﷺ آ،
دلدار دلاور محمدﷺ آ، آ سھڻل سام ”عرضائي“ الا.

## سينگار

سونهن منهنجي سڄڻ جي آ سڀ نبين کان سلالي
عاشق احمد ڄام تي آهي مخلوق سڄي متوالي
ڪيئي رنگجي ويا رهبر وٽان، جي آيا سڄڻ درسوالي
تن مان تور ڪري تڪ ٿو ڪيان اها خاص خبر في الحالي
رڱو پڳهڙ ڦڙيءَ مان ٻُڙ ٿي ويا نہ تہ خوشبوءِ ڪان هيا خالي
ٿين عنايت عربيءَ جي جو ملي مفت وئي اٿن مالي
گلاب گونتو ست گلو، آئي ڪنٽهار وٽ خوشحالي
موتي مڪڙيا، موتيو، مُگرو ٿي نرگس ناز بوءِ نرالي
ارنا، مريم، عباسي، طاهل تڪما، مٿائي چندن انالي چالي
چمپا، چنبيلي، نونا، نامل ٿي رابيل، راٽيءَ جي رکوالي
زنگي، زعفران، رتن جوت، ڪيرو، حقيقو ٿيا ڪنول گل ڪمالي
سورج، انار، شرم ٻوٽي جي ناهي ڪا "ارشاد علي" ايصالي
ٻسِ ان پورل جي آ پالي، هن عالم سڄي تي "عرضائي" چوي





## سينگار

راوي هن راڄ ۾ ٿا رهن هر هنڌ هزار،
جن ڪئي آ صفت سهڻي جي وقت هر وار،
مون بہ ٻہ ٿي لفظ ٻاٽڙا ڪيا هن شعر ۾ شمار،
ڀلي ڪو سامهون اچي سڄڻ جي سورنهن ڪري سينگار
تہ مدهوش ٿي منٺ ۾ ڪرندو هيٺ وجي هيڪار
چو تہ سهڻا منهنجي سڄڻ جا آهن زلف زريدار
ڪاڪل ڪيس ڪارا وڌ رجني ڪان وار،
پيشاني پرين جي ڏي چنڊ ڪان وڌ چمڪار،
رُخ انور تان هٽي پردو تہ ڇپي ڇيءَ شاهڪار
پسي عين عجيب جا هرڻن ڪاڏي هار
سياه ابرو سهڻل جا چا ڇڄن ابر بهار
اک چنيڻ بہ ائين لڳي ڄڻ ڪنوڻ ڪري ڪجڪار
نڪ سهڻو نرمل آ شبيهہ ۾ شاندار،
چا چهنب چتون آ ثاني نوز سردار
هلڻ ڏسي حبيب جو چڏيا ايليفنٽ الغار
گينور هيندل گيندل وڃي فيل ڪيا ڦهڪار
هرني ڏني هلت تہ روڪي هاٿي پنهنجي رفتار
وارڻ وسو ويرم ۾ چڏيا چينچل اتي چار
مان کهڙا ڳڻي کهڙا ڳڻيان پرين سندا پار
چو تہ ثنا منهنجي ساجن جي ڪئي جهان ڪان اڳ جبار
آهيون عربيءَ جي آڏار، اسان سڀ "عرضائي" چوي

## ڏھس سينگار (رات جا 10 نالا)

احسان الله جا الاهي آهن چا شعر ۾ ڪجن شمار
هڪ ته ڪيائين امتي عربي گهوٽ جو پيو نور، صحت، عزت، عظمت ڏار
ڪري رب عنايت راج تي ڏنائين پيغمبرن جو پڳدار
چا پيٺ ڪجي نه برابر آ چوڏس ماه چمڪار
ربيع الاول ۾ رهبر آيو جڏهن ٻارنهن سومر وار
ته آمد وقت عجيبن جي نه هئي ڪا تامني رجني تار
نه نظر اتي نائيٺ آئي نه تڳي هئي ڪا تلهيار
پسي روشن رخ رهبر جو ٿي ينپ رين بيڪار
لمحا مٿي ليل وئي ڪائي هڪدم حسن ڪان هار
ٿيو تجلو تاب پرين جو جڏهن نور لٿي نروار
ته ويو رات منجهان ڏينهن ٿي نه رهي اونده انڌوڪار
شيءِ ڪنهن نه شب ڏٺي جي هيا سنسار ۾ سهدار
جيت پکي جانور ٿيا هر روزي لاءِ هوشيار
ويا ڏک ڏولاوا ڏوجهرا ٿيا سڄڻ آئي سڪار
اول آخر آڌار آ، اسان کي به احمد ڄام جو ”عرضائي“ چوي.

## ٻتوڏھس (وارنءِ نانگن جا نالا)

ڪريا ڪاڪل ڪارا ڪلهن تي جڻ نڪتا قبضي مان ڪاريھر
واڇرا تليھر وسيھر چا پڄن سپ سسيھر
نه مٺ ڪوبرا موءِ محبوب جي جي ڪولي ڀهڳڻ وار ٻيهر
چتا شاهي چڙي پون ته نه پڄن واسينگن جا ور
پنيا پوئنر پورل جا ڏسي نه آيا آڏو اليھر
پسي ڪڪڙال ڪتونب ڪامل جا چا ڳ ڪن لر
هر ڪائي چڏين تا حقيقت ۾ آهن زلف چلڙا زيبا ور
وجهي دام دلبر، آ”عرضائي“ کي اسير ڪيو.





# گل محمد چنجڻي

نالو: گل محمد
پيءُ جو نالو: فقير دريا خان
ذات: چنجڻي
پيدائش: پهرين جنوري 1971ع
تعليم: چار درجا
پيشو: مزدوري
سگهڙائپ جي شروعات: 1990ع
استاد: محمد لقمان ڪوکر
ڪتاب: گفتا ءِگل ”گل محمد“ جا
پتو: ڳوٺ ميان داد چنجڻي لڳ نصيرآباد ضلعو قمبر شهداد ڪوٽ

## سينگار ڏھس (وارن تي)

پسي موءِ محبوب جا نه ڪاريھر ڪڻن ڪِر
ڏسي ڪاڪل ڪلهن تي واسينگن ڪڍيا ور
وارن دل تي وار ڪيا هيڪاندا ته هر هر
زلفن جي زنجير ڪان بچي چا بشر
قلمن قابو ڪيو ٿيو عاشقن تي ئي اثر
چلڙا چتڙا ونگ وجهن پيا سامهون سرا سر
گيسو ڏسي گس تي چڏيو پرواز پاليھر
بميا پوئنر بدن تي پيا چليو ڏين چڪر
ڏسي ڪمال ڪيسن جو وجي ڏٺتي لِڪي ڏر
سياھ به سوگها ٿِيڙا فيراڪن منجھ فِڪِر
ڦهن جِي ڦڙ ڦڙ تي ڪنا ڪا شيگر
بس ڪجي چا ذِڪِر انهن چيڙا ڪن جو ”چنجڻي“ چئي

## رحيم بخش ڏهوٽ

رحيم بخش ڏهوٽ سندس والد ڏٽي بخش ڏهوٽ جي گهر ۾ 1969-02-29ع تي ڳوٺ گهو گهاري تعلقي قمبر علي خان ضلعي قمبر شهداد ڪوٽ ۾ ڄائو. هُن ڏهن ٻارهن سالن جي عمر ۾ شاعري شروع ڪئي. هُن اڄ تائين جيترو لکيو آهي، ان بابت سندس چوڻ آهي ته "اٽڪل ڇهه ست ڪتاب ٿي ويندا انهن مان هڪ ڪتاب چونڊ ڇپرائڻ لاءِ تيار ڪيو آهي. جيڪو سُتت ئي ڇپجي ويندو."

هو سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪچهرين تقريبن ۾ شرڪت ڪرڻ کان سواءِ ريڊيي ۽ ٽي ويءَ تي به فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو، سندس پهريون پروگرام پاڪستان ٽيليويزن تي 1984ع ۾ ٿيو، ان کان پوءِ 1985ع ۾ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تي پنهنجو فن پيش ڪيائين.

هن فن جي تربيت پنهنجي والد صاحب کانسواءِ نالي واري سگهڙ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کان پڻ ورتي. سندس پيءُ ڏٽي بخش ڏهوٽ پنهنجيءَ اوطاق تي ڪچهريون ڪرائيندو آهي، جتي سنڌ جا پلوڙ سگهڙ اچي گڏ ٿيندا آهن. انهن ڪچهرين به رحيم بخش جي وڏي تربيت ڪئي. پنهنجيءَ محنت ۽ والد صاحب جي دعائن سان وڏو نالو ڪڍيو اٿائين ڪيس مجتا ۾ مختلف ايوارڊ پڻ ملي چڪا آهن، جن جو تفصيل هيٺ ڏجي ٿو:

(1) تنظيم فڪرو نظر سنڌ پاران پاڪستان جي صدر هٿان شيلڊ 1986ع
(2) پاڪستان ٽيليويزن (پي ٽي وي) ايوارڊ
(3) قلندر شهباز ايوارڊ
(4) استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ
(5) سهڻي ميهار ايوارڊ
(6) ٻيڙو فقير ڪنپار ايوارڊ

رحيم بخش ڏهوٽ جي ذات مان چونڊ سينگار شاعري ڏجي ٿي.





### سينگار ڏهس (اکين تي سرائڪي)

اکيان تيڏيان وڏ تير تکيان هِن واهه جو ڪريندیان وار پرين
اعز اِشاري نه اڏ ڪريندیان ڪيئي ڏڙ سِسِي کان ڏار پرين
اِسترگيان دي هن تير وڏي ڪيا سگهڙ ڪري ته شُمار پرين
ڪيفيان دا ڪيا ڪمال ڏسان واهه جوڙي جوڙ جبار پرين
هي عينان دا انصاف وڏا ڙُڳا هني ڪهڻ والي ڪار پرين
ڏک ته اڳي ئي ڏاڍي هن ول ديدان ڏڪائي ڏار پرين
ڇمان انهان شينهن جهڪائي هي هرٽان ڪاڏي هار پرين
کن برابر خون ڪريندي طرح تقرار پرين
ڪجليان هِن ڪيس ڪتي بيٺي مارن بازار پرين
اڏ هي اک وچ جنهن اک گهتيُ ڙ ول نه ويندا ٻيهار پرين
سپ مرضيان دا مختيار پرينَ لِيَ ڦي چاڪ نه ڏي "چنجٽي" آکي

## سينگار

صورت پاڪ سڄڻ جي، ڪيو ديو مٿان داءُ
مرڪڻ ساڻ محبوب جي، سن سڪي ويو ساءُ
سورج سائين سردار کان، ڪري بادل منجهه بچاءُ
شمس گهڻو ششدر ٿيو، تجلو نہ آٽي تاءُ
کڏيءَ ساڻ خورشيد تون، اپري متي نہ آءُ
لڪوارن عجيب کان، ڏهوٽ ڪري ڏهڪاءُ
سامهون سج سختيءَ سان، روشن ڪري رانياءُ
مٿان پاڪ محبوب جي، نہ واڪا ڪري واءُ
تون بہ اهڙي در متي آءُ، تہ لڳئي رنگ ”رحيم بخش“ چئي

## سينگار جو بيت (تجنيس حرفي)

هرجا هاڪ حسن جي، ٿي هير هلي هولي
مرڪڻ ساڻ محبوب جي، ڪئي چيهاڙين چولي
ڄر عدن دل پاڪ ڪئي، مون جڏي جي جهولي
پر اجان ديد اتامري، خاص پرين ڪولي
آهو عين عجيب جي، رمزن دل رولي
رنگا رنگي باغ برنگي، بلبل ٿي وئي پولي
چتون مئنا چاند چڪوري، بابيهن بولي
ڏوڏر ڏاڙهون ”ڏهوٽ“ چوي، گوهر مان گهولي
وس وسيهر ويچارا ٿي، ٿي گنير ويا گولي
ڍرڪي ويئي ڍولي، اها رات بہ ”رحيم بخش“ چئي[1]

---

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو





# مولا بخش شيدي

سگهڙ مولا بخش ولد علي شير شيدي جي پيدائش 1964ع ۾ ٿي سگهڙائپ جو فن مشهور سگهڙ غلام قادر پٽو جي صحبت ۾ اچي سکيائين، پاڻ پوليس کاتي ۾ نوڪري ڪري ٿو. هن وقت لالو رائنڪ تعلقہ وارهہ ضلعي قمبر شهدادڪوٽ ۾ رهائش پذير آهي.

## سينگار

آيو عربي نہ هيس ڪا ڪمي سينگار ۾
سر وقد را تنهنجو حسن تکو آ تلوار کان
خاص ڪنوٽن بس ڪئي تو دادلي دلدار کان
ڪارا ڪيس تنهنجا ڪاريهرن ۾ هنيا وار کان
عين نين عجيب آهن وڏ جوڙ جنسار کان
چپ تنهن جا چين پرين نڪ نازڪي نروار کان
منهن مک مهتاب جو سو پاڳي گلو گلزار کان
خوبي خوب مليس هميشہ پرين جي پار کان
حوران حيران ٿيون اتي تنهنجي دلبر ديدار کان
عربي منهنجو عرض اگهايو پارس ڪيم پڪار کان
ملندي معافي مولا بخش محب مني مننار کان
قربائتي قربدار کان ٿيندي شفا شيدي چوي.

# دادو ضلعي جا سگهڙ





## امداد علي ٻبر

امداد علي ولد غلام حيدر ٻبر ڳوٺ آدم خان ٻبر ۾ 2 فيبروري 1955ع ڄاري ڄائو پاڻ ننڍي عمر کان سگهڙ پائي جي ميدان ۾ آيو سندس استاد سگهڙ حاجي خدا بخش مشوري جنهن جي سگهڙائپ جا سبق 1975ع ۾ پراپائين، لوڪ ادب جي سمورين صنفن تي عبور حاصل ڪندڙ هن سگهڙ ٽي وي ۽ ريڊيو تي پاڻ مڃائڻ کان سواءِ ڪوڙ سارا ايوارڊ سرٽيفڪيٽ حاصل ڪيا آهن. اڄ ڪلهه ٻبر محلو خيرپور ناٿن شاهه ضلعي دادو ۾ رهي ٿو.

### سينگار بنا نقطي

آءُ احمد مور مرسل محمد مهدار،
ڪر ڪو ڪرم ڪامل ڪاهه ڪر ڪلدار،
عود عطر احمدا دل دام ۾ دلدار،
رس رسول الله ڪر رحم سالڪ سو سردار
ڪر آمد اعليٰ وار اهو ڪو وار
اهو اعليٰ اسرار آءُ محمد مددگار
لعل اها للڪار "امداد" آ امدا اهو

## سينگار

مهر ڪر مالڪ مون تي جو محب اٿئي منٺار سڄڻ
جوڙ ڪري تنهن جانب ڪي سڀ سائين ڏنا سينگار سڄڻ،
جو نامور نورالهديٰ سونبي ڪيئي نروار سڄڻ.
حق حامدﷺ حاشرﷺ حبيب حامي ٿي هڪ وار سڄڻ.
ﷺجت حجازي هاشميءَ سو حريص ٿي هموار سڄڻ.
ﷺخمؔ حبيب هادي ڏئي هروار سڄڻ
تنهن تاج ڏٽي تونگر جا آهيون طالب گهڻا طلبگار سڄڻ.
قائم ڪليمﷺ قاسمﷺ قريشيءَ داع دلبر جو دلدار سڄڻ
صادِق سابِق سراج سو سيد آ سردار سڄڻ،
جواد جاني خاتم خليل ڪئي خطيب جي ڪيڪار سڄڻ،
نور نبي ناطِقﷺ ناصرﷺ نظير خاطر نهار سڄڻ
لائق ناهيان لطف ٿئي، مون بيحد آهيان بدڪار سڄڻ.
جو بارﷺ ﷺبرهانﷺ باطِنﷺ بشيرﷺ جو بيشڪ آ بردبار سڄڻ
رحم ڪر رئوف واعظ ڪري وريام سو ويچار سڄڻ
آ وليﷺ ﷺلميﷺ عامِرﷺ امامﷺ اولﷺ آخر عجيب آ اظهار سڄڻ،
شهيد شيعﷺ شافﷺ شڪورﷺ توڪلﷺ طٰ جي آتار سڄڻ.
احمدﷺ عربيﷺ عزيزﷺ عالمﷺ ياسينﷺ يتيمﷺ يقيني آ يار سڄڻ
ﷺمبينﷺ ﷺمهديﷺ منقيءَﷺ ﷺمطهرﷺ منصور ڪئي مومن هٿ ﷺمهار سڄڻ
منيرﷺ مزملﷺ ﷺمدثرﷺ مصطفيٰﷺ مرتضيٰ ڪيئي مڙني سو مختيار سڄڻ.
ﷺمحلل محرمﷺ ﷺمڪيءَﷺ ﷺمبلغ آمدني سو ميهار سڄڻ.
اسان اڙين جو "امداد" چوي اِهو عجب آ آڌار سڄڻ
سنگت سوڌو سلامي ٿيان، تنهن دلبر جي دربار سڄڻ
ﷺبراين ۾ پرپور آهيون، اسين بندا سڀ بيڪار سڄڻ.
تون پرور پالڻهار سڄڻ، ڪر ٻيڙو پار "ٻبر" جو





## سينگار

ساراهه ڪجي تنهن سائين جي جو آ پاڪ ڏٽي پرور
ڪري محمد مڪائين اسان اڙين جي آڌر
عربي ڄام اصل ڪان هي چورن جو تہ چپر
ڇا عقل اِتي ڪم ڪري سوچ ڪجي سراسر
ڇا شان عربي ڄام جو ڪري بندو بات بشر
حيرت ۾ حوران پيون ٻيا جن ۽ جيت جناور
اچڻ ساڻ عجيب جي ٿئي نازڪ جي تہ نظر
تجليءَ سان طور تي ٿيو هو موسيٰ بہ منتظر
وري حضرت آدم جو ٿيو بهشت وڃڻ ٻيهر
مليس معافي محب خاطر جو نريس جان جگر
حضرت نوح نبي لاءِ نروار ٿيو، بيحد ﷺهوتہ بحر
يعقوب ڪي ﷺيوسف مليو ٿيس اڪين جو تہ ﷺاجر
حضرت ايوب ڪي عطا ٿيو، هو واقعي واهه صبر
اول عيسيٰ نبي ويوپينگهي ۾ ڪري بات بهتر
حضرت يونس پيٽ مڇيءَ ۾ پيو پڪاري هِن پر
هاڻ مدد مرسل مڙني ڪامل اچي ڪاڪر
سڀ سٽايون صاحب ڪيون اجهو ڏئي انور
طفيلي تنهن تاجدار جي ٿيندو موچارو محشر
ٻهوڻ ٻاجهون "ٻبر" چوي هِن عجيب جون انڇر
ڪندو ماڙ مسڪينن تي ڪو وريام ڏئي ور
جنهن لڳاسين لام لالڻ جي سو ڪندو مور مهر
اسين گدلا گداگر آهيون تنهن عجيب جا "امداد" چوي

## سينگار

ٿلهہ: حسن وارا هلي آيا ڪنا ٿي ڪل قطارن ۾
مگر محبوب ھٹ منهنجو هيو پردن پيارن ۾

متو ميلو حسينن جو سري بازار حد ٿي وئي
ڪنا ٿي ڪل ڪري آيا سڀئي سينگار حد ٿي وئي
نهي سي نيڪ ٿي بينا ترتئون تيار حد ٿي وئي
ڪانہ هئي ڪا ڪمي ڪنهن ۾ وڏيو وهنوار حد ٿي وئي
پاٺهي پئجي ويا سڀئي سودائن جي سيپارن ۾

جي ڪجي هئين خان جو پئي هاڪو نقاب نوراني،
تہ ڪائي ها ستارن کي ۽ فلڪن کي فريشاني،
اهو اچڻ بہ افضل آ آيو جئين منهنجي جو جاني،
جلي ها طور جان جهان ڦنا ٿئي ها صفا فاني،
اهو پاور ٿئي پياري کي هلايو جنهن هزارن ۾

ڏسي محبوب منهنجي کي حسن وارا چپ ٿي ويا
نوح نبي ۽ يونس يعقوب يوسف پارا چپ ٿي ويا
آدم ڪان وني عيسيٰ تائين سليمان سارا چپ ٿي ويا
جهڪيا جڏ سج ۽ چنڊ پي سڀ ستارا چپ ٿي ويا
محبت جي ميخ لڳي وِين تن من جي ڪاتارن ۾

هيبت مان هڙئي هلي ڪري ڪلام جهڪي پيا
پياري تي پڙهي صلوات سلام جهڪي پيا
وني هو ويهي رهيا تہ مزمل نام جهڪي پيا
هر ويلي اسر آڏي صبح شام جهڪي پيا
اسم اهو پچائي هو ويهي رهيا ويچارن ۾

ڪرم ٿيو آ قيامت تائين قرب ڪمائي ويندا سين
نازڪ نور نرمل سان نينهن نڀائي ويندا سين
"ٻبر" ٻاجهہ ڀڳڻ جي آ ٻول ٻڌائي ويندا سين
انشاءَ الله "امداد" چوي اسين آڳ اجهائي ويندا سين
خوش ٿيو خير پورائي چوي هونداسين حبدارن ۾





## سينگار

قربان ٿياهي قمر يارو، نال اشاري آياهي،
مرڪ ڪيتي محبوب جڏهن تہ رين پيي روپ مٿايا هي

چوهہ چون چلڙي مارن ولڙي سرمائي سرڪار ڏنم
اي جاڙي ابرو جانب دي سيفي سي سٽڪار ڏنم
چشم نشيلي چاوڻ نال ول پنبٽيان پهريدار ڏنم
ڪر ٻُو پيالي پيار چون ڏيندا ترت اهي سي تيار ڏنم
جڏان ديدان مليا دلبر نان تہ هوش مئين ڪنون موڪلايا هي

خاشا خشم خان ميڏي دا افضل جوڙ جبار ڪيتا
ول عاشق گل عباسي ڪون چا لعل لبان لاچار ڪيتا
زيب زرا سن ظاهر ٿيا وچ دڏ درين دڏڪار ڪيتا
نان چارا چليا چنڊ دا يارو چهري چا چمڪار ڪيتا
موسيٰ نبي مدهوش جو ٿي اڳيان پردهہ هڪ هٽايا هي

دست مبارڪ دلبر دي دربار داتا دي ويندي هن
اڙيان اهن اٻوجهان دي ڪل معاف خطا ڪر ويندي هن.
راهہ رليان ڪون رسدا رهبر ڏي پيار پرين تہ پليندي هن
منظور ڪريندا سڀ ڪجهہ مولا جڏ عربي آپ اليندي هن
بدن ميڏا پرپور ٿيا مئين جشن جام منايا هي

ڪر ٻاجهہ "ٻبر" تي واحد لڳ جي ول پووي
افضل اي "امداد" ٿيوي جو هيڪر هوت هل پووي
اڳڻ پيي آباد ٿيون، جو ماهي مئين نال مل پووي
قربان ٿيو ان تنها قد مان تون جو بخت شفا دا ڪل پووي
رحم ٿيوي ريجهپو رائي اتي جنهن پاند ڳچي ڳل پايا هي

# محبوب علي ڏيپر

| | |
|---|---|
| نالو | محبوب علي عرف محبوب ڏيپر |
| پيءُ جو نالو | محمد صادق ڏيپر |
| جنم جو هنڌ | ڳوٺ قادر بخش ڏيپر |
| جنم جي تاريخ | 14 آگسٽ 1947ع |
| ڪاروبار | هارپو |
| شاعري جي شروعات | 1980ع |
| تعليم | سنڌي پنج درجا پاس |
| ادبي استاد | مرحوم استاد اسحاق راهي |
| ڇپيل ڪتاب | 1. منا ٻول محبوب جا |
| | 2. پنهنجي شاعري پنهنجو رنگ |
| اڻ ڇپيل ڪتاب | ڏهن ڪان ٻارهن تائين ٽيندا |
| ايڊريس | محبوب علي محبوب ڏيپر پوسٽ آفيس ميهڙ ضلع دادو |

## سينگار بيت (ڏهس - اُٺن جا نالا)

ڪرهي پسڻ ڪريم لئہ، ڪنوات ڪيون ڪيهون
ڊاتي، ڊول حبيب لئہ، واهہ جو ڪيون ويهون
مهري مست محبوب لئہ، رڙي ڪيون ريهون
گورو، توڏو، تات ۾ پيا ڳڏ اچن گيهون
چاهہ مان ليڙي، چانگي چيو، بودي ڪيئن بيهون
پوءِ روڏي ڪيون ريهون، ”ڏيپر“ تنهن جي ڏسڻ لئہ.





## صفاتي سينگار

ٻسي حسن حبيب جو، هڙني ڪاڏي هار ميان
مرڪي محبوب سنواري رکيا، ڪارا ڪلهن تي وار ميان
ڏسڻ سان ڪري مست وڏا، مرسل، ٻڌا ٻار ميان
سونهن پرينءَ جي تي سگهڙن آهن، سوين لکيا سينگار ميان
هلڻ، مرڪڻ حبيب جي، حيران ڪيا تہ هزار ميان
ادلن، گدلن ڪي ٻہ آهن، خوب پنهل ڏنا پيار ميان
عين عقابي عجيب جون، پؤنر پڙون تلوار ميان
ڏندڙا موتي مرجان تنهن جا، لب لال منثار رُخسار ميان
مولا ڏئي چڙيا منل ڪي، آهن سيئي اختيار ميان
محشر جي ڏينهن مدني لهندو، سڏي سپ جي سار ميان
چوڏس چنڊ ڪان چمڪي رهيا، وڌ پنهل جا پيزار ميان
سِر سوڏا ڪجن صدقي، تنهن تان سارا هي سنسار ميان
ڪهڙا ڏسي ڪهڙا ڏسيان، توڪي پنهل جا پار ميان
ڏاتر ڪرائيندو ”محبوب ڏيپر“ ڪي دم دم تنهنجا ديدار ميان.

## صفاتي سينگار

نازڪ عين عجيب جي، ڪيئي ڪيا قِيس
نتو ڪير ڪري سگهي رابيل، ٻہ ان سان ريس
نماٽيون نهارڻ سان، ٽيون سوين ڪِيرن سِيس
”محبوب“ ناهي دنيا ۾، ڪو جوڙ تن جو جِيس
اکين عين اليس، ڪيئي مست ڪري چڙيا.

## صفاتي سينگار

مُرڪڻ ساڻ مست ڪري، وڏو محب مٺي مننار عجب
دلبر جي ديدن ۾ مون، ڏٺو اهڙو هو اسرار عجب
ڪارا ڪلهن تي ڪيري رکيائين، واسينگ جهڙا وار عجب
اکڙيون عين عجيب پرينءَ جون، نور پريون نروار عجب
ڀايو ڀاپن، ڪين پرينءَ مان، عين عجب رُخسار عجب
قدم قدم قربان ٿيان، ڪائي مور، هئيندل ويا هار عجب
چري ٿي پئي چاهه سندن ۾، نور پسي هڪ نار عجب
لبڙا لال گلابي ۽، پؤنر ڀرون تلوار عجب
شمس، قمر بہ ٿي شڪي پيا، ڀسي دلبر جو ديدار عجب
سيني وصفين سهڻو آقا، سوا لک جو سردار عجب
ادلا، گدلا پنهنجي بلي سپ ڪٽندو پرين پڳدار عجب
ڪونہ چڏيندو ڪنهن ڪي اڙيو، آهي ننگي ننگدار عجب
چپر چورن جو ئي چوان مان، آهي يتيمن يار عجب
درود و صلواتون، دلبر تي مان، چو نہ پڙهان بار بار عجب
بيشڪ سُهڻو حبيب هڙني ڪان، جوڙ ڪئي تہ جبار عجب
ماڪي مصري ڪان وڌ مٺي، تنهن گوهر جي گُفتار عجب
”محبوب ڏيپر“ جهڙا ماڻهو حيران ڪيا تہ هزار عجب.





# لاڙڪاڻي ضلعي جا سگهڙ

# ممتاز علي عباسي

محترم ڊاڪٽر ڪمال جامڙو جي ترتيب ڏنل ڪتاب ڪچهريءَ جا مور ۾ عباسي صاحب پنهنجي باري ۾ لکي ٿو ته: ”منهنجو والد صاحب فقير محمد ملوڪ عباسي جيڪو سوين سگهڙن جو استاد هيو، ان جو هڪڙو پروگرام نوان جتوئين ۾ رکيل هيو، مان سندس شاگرد فقير محمد حسين شر وٽ ترسيل هيس، اتي سندس شاگرد رحمت الله عباسي ونڻ آيو پوءِ اتان محمد حسين ۽ رحمت الله عباسي گڏجي آياسين.“

”نوان جتوئين ۾ حاجن جانوريءَ وٽ پهتاسين ان جي والد صاحب سگهڙ گور جانوريءَ جي ورسي هئي ان پروگرام ۾ منهنجو والد صاحب اچٹو هيو، جيڪو نه اچي سگهيو. ان پروگرام جي صدارت مونکي ڏنائون ۽ پوءِ محمد حسين شر ۽ رحمت الله عباسيءَ چيو ته تون ڪجهه نه ڪجهه ٻڌاءِ ان ڏينهن مون کي وڏو صدمو رسيو ته آئون آئينده جنهن به اسٽيج تي ايندس ته سگهڙ هوندس، پوءِ پنهنجي والد صاحب استاد محمد ملوڪ عباسيءَ کان سکيا ورتم، اهو 79 وارو دور هيو، ان کان پوءِ بابا پاڻ سان مونکي پروگرامن ۾ ساڻ وٺي ويندو هيو، پوءِ چاهي اهي پروگرام سرڪاري يا غير سرڪاري هجن، 1998ع ۾ والد صاحب بيمار ٿي پيو، سال جي پهرئين مهيني ۾ سندس طبيعت خراب ٿي پئي. ڇهه مهينا اسپتالن جا چڪر ڪاٽڻا پيا. آخر رات جو ٻارنهن لڳي 55 منٽن تي دم ڏٽي حوالي ڪيائين. ان جي وفات کان پوءِ مونکي ڏاڍن ڏکين مرحلن مان گذرڻو پيو، سندس ڪجهه شاگردن وڏيون تڪليفون ڏنيون جن جي نالن کان ماٺهو ڪجهه با خبر آهن، منهنجي والد صاحب جي دعا هميشه مون سان گڏ آهي.“ ان جي دعا سان مونکي ڪافي ايوارڊ مليا آهن.

(1) ايران جي سفارت خاني پاران ڪراچيءَ ۾ ايوارڊ مليو،

(2) سنڌ ميوزم حيدرآباد ۾ ثقافت کاتي طرفان حضور سائينءَ جي





شان جو ايوارڊ مليو، ٻئي ايوارڊ حضور سائينءَ جي شان ۾ مليا،

(3) جلال ڪتي ايوارڊ مليو،

(4) قلندر شهباز شيلڊ ملي،

(5) ان کان پوءِ ڪلهوڙا تنظيم جو ايوارڊ مليو.

(6) پوءِ تنوير عباسي ايوارڊ مليو.

(7) ان کان پوءِ قلندر شهباز ايوارڊ مليو.

(8) 2011ع ۾ پاڪستان ليول تي P.T.V ايوارڊ مليو.

(9) 2008ع ۾ دعوا اڪيڊمي اسلام آباد وارن ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ڏنو.

(10) 2009ع ۾ ڪلهوڙا تنظيم پاران تاج پوشي ڪرائي وئي.

(11) 2013ع ۾ سگهڙ فقير عبدالرحمان ايوارڊ ڏنو ويو.

ان کان سواءِ سرٽيفڪيٽن جو ڪوبه اندازو ناهي.

سگهڙ پائيءَ جي صنفن جي ڄاڻ رکان ٿو، سگهڙائپ جو مواد ٻن ڪتابن جيترو ٿيندو، وسيلا نه هجڻ ڪري ڪتاب نه ڇپرائي سگهيو آهيان. ”لوڪ ادب جي حوالي سان چند سٽون:“[1]

## سينگار (سرائيڪي)

قسم خدا دي سجڻ اسان ڏي محبوب كاندا مهماني نت نشاني
والي مئڏي ويڙهي آندا کهڙي كران قرباني مين مستاني
لک لک صدقي ٿيوان جو عجب ڪيتي احسان در جاني
شان مئڏا ”ممتاز“ هويا جڏان پسيم پاڪ پيشاني گوهر فيشاني
راز ايجها رحمان ڪيتا وهوا صورت پاڪ سبحاني قسم رباني
نام سجڻ دا ورد وظيفا ول ول ذڪر رباني حمد حقاني
ڪيهي وصف كران سو وار لکان سائين دلبر دان دشاني برحق باني
وار وسيهر ڪندم ڪالي ابرو صنف ايراني کان ڪماني
اکيان آهو پروان پالا! لبڑا لاڪ لاثاني مست جواني
مت انهن دي نه ملدي ڪوئي حسن ماه ڪنعاني جگ وچ جاني

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو

# محمد منل جهتيال

سڄاڻ سگهڙ محمد منل جهتيال جي پيدائش ڳوٺ گاجي جهتيال ۾ تاريخ 7 جنوري سال 1959ع ۾ پنهنجي بابي علي نواز خان جهتيال جي ڪکائين صحن تي ٿي. پاڻ پرائمريءَ کان ئي وڌيڪ ذهين ۽ هوشيار رهيو. اڳتي هلي مئٽرڪ تائين تعليم حاصل ڪيائين.

پاڻ 22 سالن جي عمر ۾ سنڌ جي سدا حيات سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسيءَ جي صحبت حاصل ڪيائين ۽ فيض سان فيضياب ٿي سگهڙائپ جي ميدان ۾ آيو ۽ پنهنجي استاد سان بربحر شهر توڙي ٻهراڙيءَ ۾ ڪيترين ئي ڪچهريون ڪيائين، سندس سگهڙائپ جي سفر ۾ سنڌ، سرحد (خيبرپختونخوا) پنجاب ۽ بلوچستان سميت پلي پار يعني مڪي پاڪ مديني شريف ۾ حقيقي محبوب جي حاضريءَ دوران به گڏ رهيو.

پاڻ سگهڙ پائيءَ جي ميدان ۾ ڪيترائي وڏا ايوارڊ جن ۾ شهباز ايوارڊ، جلال ڪتي ايوارڊ، سنڌي ادبي سنگت ايوارڊ، سگا ايوارڊ، استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ، سميت ڪيترائي مجتا سرٽيفڪيٽ ماڻيا اٿائين سندس ڀهريون ڪتاب (منل ماڳ وسن) 375 صفحن تي مشتمل سال 2000ع ۾ ڇپيو ان سواءِ سندس شاعري ۽ لوڪ ادب تي مشتمل ڪتاب (منا ٻول منل جا) ۽ انقلاب سان ڀريل قومي ڪتاب (ڪنڌ ڏنائون قوم تي) ڪن اڻٽر سببن ڪري شايع نه ٿي سگهيا.

### سينگار

ڪارا قيس ڪلهن تي، پونرن لاتي پاڄ  
چنيڻ شمشيرن، دهشت ۾ ڏجراڄ  
ماڻهو ماس "منل" چوي، تي ڪنوڻ تنين ڪاڄ  
لاڪيٽن جي لاڄ، جيئاري جيءَ "جهتيال" چوي.





# غلام شبير عباسي

استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جي پٽ غلام شبير کي سگهڙائپ جي سُتي گهر مان ئي پياري وئي، جتي هو 27-8-1973ع تي ڄائو، سگهڙائپ جي گهاٽن وڻن جي ڇانو ۾ پلجندڙ غلام شبير کي ريڊيي، ٽي ويءَ ۽ ثقافتي پروگرامن ۾ وڃڻ ۾ ڪا به ڏکيائي پيش نه آئي، هُن جي فن جي آبياري ٿيندي رهي. هُن کي مجتا ۾ ڪيترائي ايوارڊ به ملي چڪا آهن، جن جو تفصيل هن ريت آهي.

جلال ڪتي رحه ايوارڊ، شاعر شيرل باڍاهي ايوارڊ، قلندر شهباز ميلا ڪاميٽي جو بهترين سگهڙ سرٽيفڪيٽ، استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ، ڊاڪٽر تنوير عباسي ايوارڊ ۽ ڪيترائي مجتا سرٽيفڪيٽ شامل آهن.[1]

### ڏهس سينگار (اُٺ جا ڏهم نالا)

پسي حسن حبيب جو، انڊن جهليا اڳ  
ڪيمل ڪنڌ جهڪايو، جمل جلي جڳ  
توڏي تانگهه پرين جي، ڏوڙي ورتا ڏڳ  
نيش، گورا گسن تي ڪي ڊاٽي ٻٽيا ڏڳ  
مهري، ميا مڳ، پيا پرن چرڪ "شبير" چئي

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو

# محمد صالح عباسي

محمد صالح عباسي ولد غلام سرور عباسي 20-7-1977ع تي ڳوٺ محمد خان ڪلهوڙي تعلقي ڏوڪري ضلعي لاڙڪاڻي ۾ ڄائو، سگهڙائپ ۾ سندس استاد فقير محمد ملوڪ عباسي هو، سگهڙائپ ۾ 23 سالن کان متي عرصو گذاريو اٿائين، ريڊيي پاڪستان، پي ٽي وي، سنڌ ٽي وي، مهراڻ ٽي وي ۽ سنڌ ثقافت کاتي جي ترتيب ڏنل مختلف پروگرامن ۾ حصو وٺي چڪو آهي.[1]

## سينگار

وهوا حسن حبيب جو، ساري جڳ سرهاڻ
مرڪڻ ساڻ محبوب جي، تي چوڏاري چانداڻ
ماڻهن جنن ملائڪن ۾، هلي وڻ ٽڻ ۾ واڪاڻ
چاسينگر جيئان چمڪو ٿيو جڻ ٽري هلي ٿانداڻ
تن کي کهڙي کاڻ، جن کي سجڻ مليو "صالح" چئي

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو





# روشن علي ڪوري

روشن پيرل ڪوريءَ جي گهر ۾ 1962ع ۾ ڳوٺ بابل جروار ڏوڪريءَ ۾ اک کولي. هو پرائمري پاس آهي. مزدوري ڪري پيٽ پالي ٿو. سگهڙائپ ۾ سندس استاد محمد ملوڪ عباسي آهي، 35 سالن کان سنڌس سگهڙائپ جاري آهي. هو سڄيءَ سنڌ ۾ فن جو مظاهرو ڪري چڪو آهي. مختلف تنظيمن پاران سرٽيفڪيٽ ۽ گولڊ ميڊل، شيلڊون ۽ ايوارڊ مليل اٿس، ٽي وي ۽ ريڊيي جي پروگرامن ۾ شريڪ ٿيندو رهي ٿو. سنڌس چواٽي هزارن جي انگ ۾ شعر لکيل اٿس، جن ۾ نعت، ڪافيون، غزل، آزاد نظم، سينگار، ڳجهارت، ڏٺ پرولي، ڏور بيت، هنر، ڳرچيلو، اخلاقي بيت، پهاڪا عشقيه شعر، ڏهس ۽ ٽيهه اکري وغيره اچي وڃي ٿي.[1]

## سينگار ساڳي لفظ سان

سهڻي سانول صبح سويرو سونهن پسائي ساجن
سرو سورج سامهون سجڻي سرڪن سهڻاسن
پب پاليهر پيش پابيهاپوپٽ پڄرن پن
مرگها ميندل مور منوئڙا موهيا ماهي من
ڪاتي ڪرنا ڪاتي ڪوئل ڪاڏي ڪري ڪن
جانب جلوي جهجن جاني جنگ جوڙي جوين
چاند چندورو چوڙ ڇچورون چاهت چريا چن
تڳي ترني تابع تجمل تيز تڙپائي تن
رات رهي "روشن" راڻي رنگ رچايا

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو

## ڏھس سينگار (اکين جا نالا)

نور پرينءَ جي ناٽ نوايا اھڙو اکين ھو تہ اثر
آئيز جي اشاري سان اچي اڳيان ڪريو ادگر
نيڻ نماٽاعين ڪٽي پيو آھن تي انور
نظر پھرئين سان نازڪ نھوڙي ويو مرگھن ڪي منور
چشم چائي چٽ ڪري ويو ديدن سان دلبر
ڪن خماري خاص ڪنيائين ڪيو ھرٽن حل حشر
شمع ساڻ شڪاري ڪري پيو سونھن پريو سرور
ڪيفي ڪن پيون ”ڪوري“ چئي ڪجل ريءَ قھر
تي زندگي زھر، جڏھن مٽيئين رُخ ”روشن“ چئي





# بخشل گاڏھي

نالو: بخشل
پيءُ جو نالو: بھادر
ذات: گاڏھي
ڄم جي تاريخ: 1960ع
سگھڙائپ جو فن: ڏور ڳجھارت ڏٺ پرولي ھنر گرچيلو ھر فن
سگھڙائپ ۾ استاد: پنھل گاڏھي
ھنڌ: ضلعو لاڙڪاڻو تعلقو ڏوڪري، نزد نادرا آفيس ڏوڪري

### سينگار

لال گلابي لبڙا تنھنجا جيئن گلابي گل
مٽ نہ پانيان مرسل جي ڪائنات سڄي ۾ ڪل
ڪوئل ڪچي ڪينڪي ڪي نہ بات ڪري بلبل
ثنا وڏي سردار جي چا پاءُ ٻڌائي ”بخشل“
سوناز پريو نرمل، ڪندو قرب ڪوجھن تي

# غلام رسول مگريو

غلام رسول جو تخلص "غلامؔ" پيءُ جو نالو ميان فيض محمد مگريو ۽ ڳوٺ ڪانپور تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو آهي. هُن ڳوٺ ٻلهڙيجيءَ ۾ 1954ع ۾ جنم ورتو. پنج درجن تائين تعليم پرايائين، غربت سبب اڳتي نہ پڙهي سگهيو. سگهڙ پائيءَ جو شوق تہ ڪيس ننڍ پڻ کان هيو پر باقاعدي 1969ع کان شروعات پنهنجي پيءُ ۽ ناني شيخ محمد کان متاثر ٿي ڪيائين.

پلوڙ سگهڙ فقير محمد ملوڪ عباسي کان متاثر ٿي شاگرديءَ جو سڄو ٻڌرايائين، اٽڪل هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي اٿائين، ريڊيي، ٽي ويءَ تي فن پيش ڪري چڪو آهي. سندس ڪجهہ مواد ڪتابي صورت ۾ اچڻ لاءِ آتو آهي.[1]

## سينگار

هڪ عجب رنگ عجيب جو، ٻيو آهوءَ کان وڌ عين
نرگس ناز چڏي ڏنو، ڏسي نازڪ جا هي نين
وار واسينگن کان وڌ، وهواہ سُرڪن پيا سين
ڏني تجلي تيز تکي آہ واحد بي وِڄ ڪين
تنهن بہ تاب چڏي ڏنو هو، اوڏي مهل ٿُلين
ڪولي جڏهن لبڙا لالي، محب پيو مرڪين
تہ چڏي چنڊ چاندني، وئي رنگ مٿي رين
اٿي منهنجو محب مٺين، ٻيا ڪل آهن گهٽ "غلامؔ" چئي

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو





## سينگار

جهڙو سڄڻ سهڻو سائين ٿُلهڙا اٽس انگ
وار واسينگن کان وڌ وهہ واهہ وڄهن پيا ونگ
پرون برسيل باغ برابر ڏور هٽن پيا ڏنگ
اکين جي اشاري سان پئي مارين مير ملنگ
جي مُرڪي پيو محبوب منو تہ رات مٿي پئي رنگ
چڏي شور ٿيا گهور پوءِ الاهي اڙ ٻنگ
ٿيا عاشق لک پتنگ منهنجي گوهر مٺان "غلامؔ" چئي.

## سينگار

ٻڌل وار تنهنجي مٿي تان مٺاہ خدا جو قسم جي کُلي ٿاپون
ڪري نانگ ڪارا هي ماڻهون سيئي، ڏسي پنڊ تنهنجا پُلي ٿا پون
مجي منٺ "غلامؔ" منگري جي منڙاہ بنا پردي ٻاهر نہ اچجان وري
ڏسي سُونهن تنهنجي او ماهِ لقاہ ڪئي راهہ ويندا رُلي ٿا پون

# علي گوهر خاصخيلي

## بيت ۾ تعارف

بسم الله جي برڪت سان، ٿو ڪريان بات بيان پرين
تعارف ٻڌايان توهان ڪي، ٿو دوست ڏريو ڪجهہ ڏيان پرين
"علي گوهر" آ منهنجو نالو، غريباڻو گذران پرين
والد وارث "غلام حيدر" آ بابا ڄنگ جوان پرين
خاصي ذات "خاصخيلي"، آ خدمت ۾ هان خان پرين
"عباسي" استاد آ منهنجو، "ملوڪ" مير مهان پرين
پوسٽ تعلقو "ڏوڪري"، آهي شهر منهنجو ذيشان پرين
ضلعو منهنجو سهڻو سارو، "لاڙڪاڻو" لامڪان پرين
هيءَ ذات ڏني آ ذاتر مون ڪي، سائين پاڪ سُبحان پرين
ثنا ڪندو آهيان پاڪ پنجتن جي، مون تي آهن مهربان پرين
اُهي ننگي نگهبان پرين، لاهيندا گم "گوهر" چئي.

## سينگار بيت

ساجن صورت سَرس سلالي، ڦٽيا لک فقير
بدن بخمل بالا بهتر، معطر مُوءِ منير
ڪرن ڦُل ڪان ڪيل ڪٺر ٿيا، ماريا تو مهمير
گوري گم ٿي، گوهر چئي، سرس پليري سير
سُرڪنڊ سُوئي سَرها ڪيا، ملي مُشڪ عنبير
هرڻ، مور، حيرت ۾، ببر، بيڪ، ٻهير
ڏيل ڏهيسر ڏونگر ڏڪيا، ڪيا زيب ظهير
دلبر تنهنجي درشن جي، آ اندر منجهہ لُڪير
مون جهڙا محتاج پيا، ورن لک وزير
مڙي توڏي مير، ٿا اچن ڪوڙ "خاصخيلي" چئي.





## سينگار بيت

تون سڄڻ، تون سهڻو، نہ محب تنهنجي ڪو مٽ
مِرگهن ڪي محبوب تنهنجي، چشمن ڪيو چٽ
اليهر تليهر، تڙپن پيا، جڏ ورائي وارن ڏئي وٽ
گهمڻ تنهنجي گهوٽ گنوايا، ٿيو فيلن اندر ڦٽ
ثاني نہ سڄڻ پائيان، پلي پهري اڇي ڪو پٽ
صبح شام سهڻا ٿو، "گوهر" نهاري گهٽ
نٿي قلب تان ڪٽ، خان آئي "خاصخيلي" چئي.

## سينگار بيت

وهہ واهہ حُسن حبيب جو، ديد ٺاري درشن
دارا سڪندر دلبر جي ٿا، قدمن منجهہ ڪِرن
جِنّ، ملائڪ، جانب آڏو، سئو سئو پيرا ڪن
پيزار پرينءَ جي پيرن جي، حوران چاهہ چُمن
شمس، قمر بہ شان پريي جي، جهلڪ چا تہ جهلن
رين وجي ٿي رنگ مٺي، جيئن محبوب ٿا مُرڪن
هشن منهنجي دلبر جا، عمدا عميقن
لبڙا پسيو لالڻ جا، چڏي گهرائي گُلن
ڪاڪل ڏسي ڪريم جا، ناز ڇڏيو نانگن
ڏِسيو مدني مُرسل اڳيان، سورهہ سِرُ سٽن
هئيندل، مئيندل، هلت پسي، پيا هُتي شير ڇُپن
ٻولي ٻُڌي ٻهڳڻ واري، ٻُلبل چا ٻولن
ڏنو آهي ذاتر ڪيڏو، حُسن حبيبن
"علي گوهر" تن عجيبن جا چارا پئي چُمجن
شفا جا هٿ شان پريا، رهبر شال رڪن
"خاصخيلي" لک خادم ٿا، پرينءَ در پلجن
آهي جن جو پيار پنجن، اهي ڏيا عرش عظيم ڪان.

## سينگار بيت

سڄڻ تنهنجي سونهن جي، جي ظاهر ڪري ذري
لڳي حيرت حُسن وارن کي، پون ڏيل ڏري
هنج، مور، هڻن، ٿُن، مڪنا پون مري
ڳَتير، ڳوئٽا، گام چڙي ٻَونگ پون ٻُري
زلف سياهه سڄڻ جا پيا، ڍولڻ مٿان ڍري
چا ڪاريهر ڪُر ڪٽن، وارث اڳيان وري
ڪولي منهنجي "خاصخيلي" چئي آ ٿاڦهه دل دري
لکي سينگار سُهٽي تي، ويندس توڙ تري
اعمال ڪونهي اصلي مون ۾ آهي، اڳيان ڳالهه ڳري
پرينءَ جي ته پيرن تي، اچي پوي حُور پري
جاڪئي چاهه چري، سا گهٽ نه ٿيندي "گوهر" چئي.

## سينگار بيت

صفت ثنا سڀ سائين جي، ڪيا پيدا پالڻهار
سيئي زمينون آسمان، ٻيا گل ڏسو گلزار
گل ڦُل، ٻوٽا، ٿهڪن ٿاريون، واحد جي وڏڪار
نديون، نارا، جبل، جايون، جوڙيا پاڻ جبار
مال متارا، پکي پيارا، سڀ آگي جي اختيار
آئي احمد ﷺ، جام جي ٿي حورن چنا هار
عرش فرش عربيءَ خاطر، سيني ڪيا سينگار
ايڏا قرب اسان تي، ڪيڙا سائينءَ رب ستار
ٻانهيون ٻانها، چون روزانا، لاٿا غم غفار
حمد ٻڌائن، نعتون ڳائن، وادين تي وينجهار
ٻُرا بيگانا، چاني چانان، پاڻ ڪنيا پڳدار
"خاصخيلي" خادم ڪوڙ ڏنا، مون مانجهيءَ در منثار
ادلن، گدلن، مون پارن جي سام ڪنئي سردار
"گوهر" غم هزار، لالڻ آئي لهي ويا.





# غلام علي گاڏهي

غلام علي ولد اميد علي گاڏهي جي پيدائش 1945ع دوران ٿي پاڻ 1980ع کان وٺي سگهڙائپ جي صف ۾ شامل ٿيو، استاد محمد ملوڪ عباسي ۽ محمد مٺل جهتيال جي شاگردي ماڻيندڙ ۽ پرائمري پاس هن سگهڙ پي ٽي وي پروگرامن سميت لاتعداد ڪچهريون ڪيون آهن ۽ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ ماڻيا آهن، سگهڙ پائي ۾ ڪافيون ڏور ڳجهارت، سينگار بيت لکيا اٿائين. ضلع لاڙڪاڻي جي تعلقي ڏوڪري پرسان ڳوٺ ويهڙ لڳ پنهنجن اباڻن ڪکن ۾ آباد آهي.

## سينگار

وهوا حسن حبيب جو ڏاهيون ڏين ڏس
حورون پريون حيران ٿيون اتم سونهن سرس
جبل جايون جرڪايون سڀ جانب کي آ جس
اڪنڊ عربي ڄام جي "گاڏهي" وٺايو گس
سڄي حياتي سڪندو وتان هاڻي پانهه ڪٽي پس
مون ۾ عيب اتامرا تونگر ڪرترس
مڙئي اسين مير اوهان جي وارث آهيون وس
تنهنجي چاهت چس، ڏنا گنج "غلام علي" چوي

# الطاف حسين زهراڻي

نالو: الطاف حسين زهراڻي جت
پيءُ جو نالو: محمد چٽل زهراڻي
ايڊريس: ضلعو لاڙڪاڻو، تعلقو ڏوڪري، واديءَ مهراڻ موئن جي دڙي جي ڪک مان جنم وٺي 7 جنوري 1986ع ۾ ڳوٺ ڏني واهڻ ۾ پيدا ٿيو.

سگهڙائپ والد طرفان ورثي ۾ مليس. پاڻ هڪ بهترين سگهڙ ۽ شاعر پڻ آهي شاعرن جي دنيا ۾ لوڪل فنڪارن ڪافي سارو ڳايو اٿس. جان پروڊڪشن، ڏوڪري ٻه سندن ۽ هن جي پياري دوست راحب جي آهي نوجوان پلوڙ سگهڙن ۾ خواني جي جذبن ۾ وڏو نالو ڪمايو اٿس.

پاڻ ريڊيو، ٽي وي ۽ شاهه لطيف قلندر ۽ ٻين ڪافي سارا پروگرام ٻه ڪري چڪو آهي ۽ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ پڻ لاتعداد ماڻي چڪو آهي.

## ڏهس (رات جا ڏهم نالا)

جئين ڪاري آهي رات ائين ڪيس عجيب جا ڪارا
لڳي تامت تلهاري جيئن ڪارو ابر بهارا
تمي پهپ تامني مس زلف سياهه سارا
رات رين رجني ۾ ٿا چمڪن چنڊ ستارا
مرڪ پسي محبوب جي ٿي ليل هٽي لامارا
ڪلهن مٿان ڪريل آهن وارن جا هي ڄارا
جيڪي ايندا ٿيندا ويندا دڙ سِسِين ڪان ڏارا
پوءِ ٻه ٽري ڪن ٿارا، عاشق اهي ”الطاف“ چئي.





## سينگار ڏهس سج تي

حسن منهنجي حبيب جي هر هنڌ آهي هاڪ
نيڻ ڪٽي ٿو ناز منجهان ٿا طائوس جا نڪرن تاڪ
شارڪ شمس شعاءَ چڙي ڏسي پسينو ٿو پاڪ
سج سن سورج چڙهي ڊولڻ جي جيَ ڊاڪ
آفتاب آڏت عجيب ڪري خنن سان ٿو خاڪ
ھور پهرپ هٿائي وجي چم سان ٿو شواڪ
ديدار ڪن ٿا دلبر جو هڙئي سڀ حيراڪ
ڏک درد سيئي دور ڪري چاهت ۾ ٿو چاڪ
لالڻ ساري لو لاڪ، جو هڪ عجيب آهي ”الطاف“ چئي

## ڏهس سج جا ڏهم نالا

ٿو شمس قمر بي شرمائي جڏهن عجيب ڪٽي ٿو اک
اکيون اکيان عين اسرگي لوچن ڪيئي لک
نيڻ نشيلا نيڻ نماڻا ڪيا چريا عاشق ھک
چشمن جا تہ نستر لڳا تبرو ڦنگيون تک
چاهه ڇکس چريا ڪيا ڳرگ ڏين ٿا ڏک
ڪول ڪجليون کهي وڏا نہ وجهڻ ڏين وک
ٿو رحمت ڏئي رک، آئيز اکيون ”الطاف“ چئي

## ڏهس شينهن جا نالا

پسي هلڻ حبيب جو ٿا ”سنگهہ“ ٿين سُڪ
”شينهن“ ”شير“ چال ڏيئي ڪري ”ليس“ وجن لڪ
ڪينٽل ڪنيل ڪارڏ و ڪيهر ڊوڙي پرن ٻڪ
مزار ”ببر“ ٻيلائي ڏسي ”چيتن“ ڪي پئي چڪ
ٿا تير لڳن ٽڪ، اڪڙين سان ”الطاف“ چوي.

### هاڻين تي ڏهس

پسي هلڻ حبيب جو تا جهڪن سپ جوهر
چون ڇمڻ لاءِ چينچل آيا ناگ ٿيا نوڪر
ماتنگ ميندل مکنا کي لڳي مُحبت ۾ تہ مُهر
وسو وارڻ هاٿي هيندل جهڪيا دلبر جي اچي در
گوتتا گج غلام ٿيا گت پسي گنير
قدمن ۾ ڪريا اچي فيل وئي سپ فر
ايليفينٽ آيا ”الطاف“ چڙهي پورل خاطر بر
سٽيائون اچي سِرَ جانب آڏو ”جت“ چوي.

### ڳوري جو غزل

ائين لڳو پئي راهہ ۾ هل چل جيان
ٿي سونهن جي مورت اچي غزل جيان

ڪو عجوبو آ ڏنو اک ڪي ڪٽي
ائين لڳي پئي تاج ڪا محل جيان

روپ سهٽي ڪا سسئي هير جو
ڪاڪ جي مالڪ لڳي مومل جيان

آواز جي انداز ۾ اسرار هو
آيو ٻڌڻ ۾ ڪونج ڪا ڪوئل جيان

ڪا ڪٿوري مشڪ جي سرهاڻ هئي
ائين لڳي پئي چڻ گلابي گل جيان

ڪا پري ”الطاف“ چئي لٿي عرش تان
ها زمين تي پيرڙا بخمل جيان





## محمد ماڻڪ زهراڻي

نالو: محمد ماڻڪ زهراڻي جت
پيءُ جو نالو: محمد مريد زهراڻي جت
ايڊريس: ضلعو لاڙڪاڻو، تعلقو ڏوڪري ڳوٺ ڏنو واهڻ
ايوارڊ: استاد محمد ملوڪ 2014ع ۾ مليس.
لاتعداد ايوارڊ سرٽيفڪيٽ مليا. جن مان ريڊيو، ٽي وي جا پروگرام ڪيا. سندن کي سگهڙائپ والد محمد مريد طرفان ورثي ۾ ملي. پاڻ کي هڪ گهر واري ۽ سندس هڪ نياڻي اٿس. تعليم پنج درجا ۽ قرآن جو حافظ آهي. ڳوٺ جي مسجد جو پيش امام پڻ آهي.

### ڏهس بيت

### (راتين جا نالا)

آهن ڪيس قريب جا جيئن ڪاري آهي رات
تمي، پهپ تامني ۾ ٿي تڳيءَ منجهہ تجلات
رجني، رين، راهہ متي وئي، مُرڪڻ سان ٿي مات
تامس، تلهياري، ليل، لڏي وئي بلبل چڙهي بات
ازلئون آهي عجيب جي تن اندر ۾ تات
روح ۾ راحات، ملي محب منجهاران ”ماڻڪ“ چوي

## سينگار

زلف سياهہ سجڻ جا، ور ور هٽن ونگ
ڪر ڪٽي پيا ڪاريھر، ڏاڍا هٽن ڏنگ
ڪيفي مخمور خن خوماريل، مرنگھہ عجب عين انگ
ڪجلين، تجلين ڪيئي ڪنا، هٽي تير ݩُفنگ
لال گلابي لبڙن تي ٽيا ماٽهو مست ملنگ
داناءَ ڦاٽا دام منجهاران، پسي ڍولڻ ڍنگ
پچن ڪيئي پتنگ، محبت ۾ تہ ”ماڻڪ“ چوي

## سينگار

حُسن حبيبان آهي هر جاءِ چوڏس وڏ چانداڻ
عطر عنبير جي آهي خوشبوءِ ساجن منجهہ سُرهاڻ
پلجي پئونر پيراڪن، پسي لبڙن جي لالاڻ
اڪيون عين عجيب آهن ٻئي پارا جڻ ٻاڻ
عاقل عقابر عليل ٿيا، سارا سپ سڄاڻ
ماڪيءَ ڪي ٻہ آهي مليل محبوبي تہ مناڻ
ليل ٻہ هنيا لامارا ڏسي مُحب سندي مُرڪاڻ
ڏني ڏاتر اتس ڏاڻ، محبت جي تہ ”ماڻڪ“ چوي





## صفاتي سينگار

آهوءَ ڪان وڏ عجيب جا، نيڻ نشا نبر
گهائي وڏا گهوٽ گهٽا، نرمل جي تہ نظر
چشمن چاهہ ڏيڪاري، هئو ڪيرا يو تہ قمر
موتيءَ ڪان وڏ مهڪايا ڻشن منهنجي دلبر
چنڊ ويو چمڪ چڏي، ڏسي پٻ پيغمبر
محبوبن جا مُوءِ پسي، ڪئي آزي اليهر
مست ڪيا ”ماڻڪ“ چوي جانب جي جو هر
ارض و سما ۾ آقا آهي، ڪلني ڪان تہ ڪسر
ماڙ منجهہ محشر، جانب ڪندو ”جت“ تي

## صفاتي سينگار

سونهن منهنجي ساجن جي، نينهن ۾ آ نروار
جانِب جي تہ جلوي آڏو، هڙني ڪاڏي هار،
هلڻ ساڻ حبيب جي، ملي مرگهن ڪي مار،
جبريل وانگر وريام جا، ٻُڻن چميا پيزار،
موهيو مخلوقات ڪي جانب جي جنسار،
عجيب جي تہ اچڻ تي، هئا گلن ڪيا گلزار
ڪريا ڪوٽ ڪفر جا، جڏ آيو نبي ننگدار
”ماڻڪ“ منهنجي محبوب جا، عجب هُيا اسرار
پاڪ آ پالڻهار، جانب مُڪو، ”جت“ چوي

# نثار احمد شيخ

نثار احمد ”نماڻو“ ولد محرم علي شيخ جي پيدائش 1985ع دوران ڳوٺ عبدالصمد تنيو شهر آريجا ضلع لاڙڪاڻي ۾ ٿي، پاڻ پرائمري ڪان پوءِ صرف انين جماعت پاس ڪيائين ۽ سگهڙ استاد محمد منل جهتيال جي شاگردي هيٺ سگهڙائپ ۾ پير پاتائين ٽي وي ريڊيو سميت ڪيترين ئي ڪچهريون ڪري چڪو آهي ۽ سگهڙ پائي جي صنفن ۾ ڏور بيت، ڳجهارت، سينگار ۽ هنر جو چاڻو نگر آهي.

## سينگار

اکيون منهنجي عجيب جون ڪجل ريءَ ڪاريون
آهو ءادگر عين پسي زياده ڪن زاريون
پنبڙين جي پيڪان سان وينجهر ڪيئي واريون
ڪنين ڪڪورين سان چا ناز ڪنديون ناريون
ڪيهر شينهن ڪنبي ويا چورنگ جي چاريون
دهليا ات دلير ڪيئي پسي بانورين جون باريون
شاهي دليون ”شيخ“ چوي حسينن هاريون
لٽي چين چريو ڪيائون جي ”نثار“ نهاريون
تونگر جي تاريون، تن ڪي لچي ناهي لوڪ ۾





# حبدار علي ماڇي

حبدار علي ماڇي سن 1982ع دوران موهن جو دڙو پرسان بلهڙيجي ڳوٺ ۾ پنهنجي والد سگهڙ اميد علي ماڇي جي ڪکائين گهر ۾ پيدا ٿيو سگهڙائپ ڪيس ورثي ۾ ملي ۽ پرائمري جا ٻہ رڳو ٻہ درجا پڙهيل آهي سگهڙ ڪچهرين ۾ جذباتي انداز ۾ شعر پيش ڪندو آهي.

## سينگار بيت

ڪارا ڪيس قريب جا ورور ڏين وار،
اڇي ڪير آڏو جي سامهون ٿئي سرڪار
منڙو ٻولڻ محبوب جو گهائي پئي گفتار
چاسينگر ڪي چاهه لڳو چاهه پسي چمڪار،
هيڏو حسن حبيب ڪي قادر ڏنو ڪلتار،
پليل ڪن پيٽون هٿ پيٽ آهي بيڪار
آئي احمد چام جي ملڪين وڏي مهڪار
ساجن لهندو سار مسڪينن جي ”ماڇي“ چوي.

# ممتاز علي سوهو

ممتاز علي ولد محمد حسين سوهو 1956ع دوران موهن جو دڙو ڳوٺ بچو سوهو ۾ ڄائو ۽ ٻهراڙيءَ جي عام رواج مطابق صرف پرائمري جي تعليم حاصل ڪيائين ۽ استاد سگهڙ محمد منل جهتيال جي شاگردي هيٺ 1990ع کان وٺي سگهڙائپ جو ميدان ملهائي رهيو آهي پاڻ لوڪ ادب ۾ سينگار سان گڏ ڪافيون گهڻي تعداد ۾ لکيون اٿائين.

## سينگار بيت (ڪڙو منجهه ڪڙي)

و هوا حسن حبيب جو معشوق ناهن مٽ،
مٽ نہ ڪيان محبوب جي توڙي پهري اڃن پٽ،
پٽ پٽيهر پرينءَ اڳيان لال بہ تي ويا لٽ،
لٽ لهي پيا دلين جا ڍوليا ڍڪڻ ڍٽ،
ڍٽ ڇڏي سب دلبر آڌو وريا وارث وٽ،
وٽ وارڻ وهوا ملي "سوهو" ساهه ڪي سٽ،
سٽ لڳي جا سيني اندر شوق ڦهرايم ڇٽ،
ڇٽ ڇانو شهنشاهه ڪئي هيٺن مٿان هٽ،
هٽ هيڏي حسن واراءِ نينهن وڌا ٺئي نٽ،
نٽ لڳا ڪي پٽ پياءِ وري خان ويهاريا ڪٽ
ڪٽ تي وينا مزا ماڻين "ممتاز" نہ ڄاڻن ڄٽ،
ڄٽ ساڻ چمار اجائي ويهڻ ڪامل ڪٽ،
ڪٽ قلب تان لاڻ لاٿي بخت کُلي پيا پٽ،





# رياض حسين سنديلو

رياض حسين ولد رحيم بخش سنديلو ڳوٺ حڪيم سنديلو تعلقي ڏوڪري ۾ پهرين جنوري 1967ع ۾ ڄائو سگهڙ استاد محمد منل جهتيال کان متاثر ٿي 1998ع دوران سگهڙ بڻيو پاڻ ڪافيون ۽ بيت اڪثر تعداد ۾ لکيا اٿائين ڪيترائي سرٽيفڪيٽ ايوارڊ ماڻي چڪو آهي.

## سينگار بيت

زلف سياهه سجڻ جا سهٽا آهن بي انداز
ٻولڻ ٻاجهاري جو وڏ ڇا ڪونجون ڪوڪن ڪاز
هرڻ مور مهري مئينا عاشق گل اياز
نوري چهري نات نهوڙيا نِمي پڙهن نماز
اڪيون عين عجيب جون بحري سٽن باز
مونکي هن محبوب جي آ رمز لڳي وئي "رياض"
شعر لکڻ مان ڇا جو ڄاڻان سک وڄايم ساز
عاشق آهون ڪن پيا دانهون آيا عمر دراز
ڏِهي ڪٽي ويا جن تي جانب رهبر جو ٿيو راز
تنهن ننگي مٿان نازءِ مون ڪي سدائين آهي "سنديلو" چوي.

# غلام اڪبر گاڏهي

ضلعي لاڙڪاڻي جي شهر باڊهه سان واسطو رکندڙ غلام اڪبر گاڏهي سنڌ ۾ ٿيندڙ ڪچهرين ۾ شرڪت ڪندو رهي ٿو، هو الهڏني جي گهر ۾ 01-01-1964ع تي ڄائو، ٿيهن سالن کان هن فن ۾ آهي، سندس استاد محمد ملوڪ عباسي آهي. هن مختلف ٽي وي چينلن کان سواءِ ڪيترن ئي سرڪاري توڙي غير سرڪاري پروگرامن ۾ حصو پڻ ورتو آهي. هن مختلف صنفن تي پنهنجو ڪلام چيو آهي. هتي سندس هڪ ڏهس جو بيت ڏجي ٿو.[1]

### ڏهس (وارن جا ڏهه نالا)

ڪارا ڪيس ڪلهن تي، پيا وٺ ڏين وسيهر
ونگ وشيهل وري پيا، ڪنيا ڪاريهرن ڪر
پونگ پيندا بدن تي، ڇڻ سُرڪي پيا سسيهر
ترنگ، تليهر تجلو ڏيئي، تا اڍلي پون اليهر
اهڙي رنگ ”اڪبر“ پئي ڪنا گهوٽ ”گاڏهي“ چوي

---

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو





# محمد عالم مهر

سگهڙ محمد عالم مهر ولد محمد جيئل مهر، ولد محمد جمن مهر اصل وينل مسو ديرو تعلقه رتو ديرو ضلع لاڙڪاڻو سندس ننڍپڻ ۾ سندس والد هجرت ڪري اچي نئون ديرو ۾ قيام پذير ٿيو هن پرائمري تعليم نئون ديرو ۾ حاصل ڪئي سندس بابو ۽ ڏاڏو به سگهڙ هئا. سگهڙ محمد جمن صرف ڳجهارت جو سگهڙ هو ۽ سندس پيءُ محمد جيئل ڏور ڳجهارت جو سگهڙ هو ۽ سانوڻ فقير جا بيت به چوندو هو ۽ ان وقت جي مشهور معروف سگهڙن عبدالحڪيم منگي ۽ همزه علي لوهر سان ڪچهريون ڪندو رهندو هو ۽ محمد عالم ڪانئس ڪجهه سکي نه سگهيو ڪيس ننڍپڻ ۾ ئي سگهڙائپ سکڻ جو شوق ٿيو جا ان وقت دونهين دکي تنهن روشنيءَ جو روپ (1964ع) کان نئون ديري ۾ ٿيندڙ ڪچهرين جي رونق ڏسي حاصل ڪيو ۽ ان وقت جي بهترين سگهڙ امداد علي بلوچ ولد نواب علي بلوچ ڳوٺ قلپوته نزد نئون ديرو تعلقه رتو ديرو ضلع لاڙڪاڻو جي خدمت ۾ عرض ڪيو جنهن ڪيس دلداري ڏيئي همت افزائي ڪرائي ۽ سگهڙائپ جي سکيا ڏني ۽ پاڻ سندس لاءِ هيئن ٿو چوي ته:

قرب ڪري امدا لاشاري سگهڙائپ جي صنف سيکاري ڏٺ پرولي مام موچاري ڏور ڏيڻ جي ڏات ڏياري ڪافي قطع ۽ ڪلام تنهن جي عظمت کي سلام ۽ سگهڙ محمد عالم مهر عروضي شاعريءَ تي به طبع آزمائي ڪئي جنهن ۾ سندس رهبري قاضي مقصود احمد صاحب جن ڪرڻ فرمائي.

پاڻ 1995ع ۾ نئون ديرو ڇڏي اچي وزير آباد تعلقه لکي ضلع شڪارپور ۾ وينو. هن فقير هڪ ڪتاب به ڇپرائڻ جي ڪوشش ڪئي پر غربت جي ڪري ڇپرائي نه سگهيو سندس ڪتاب پروف ۽ ٻئر جي مرحلي مان نڪري چڪو آهي.

## سينگار

حب گوري گهنا ڪري چار چونڪ چوڏار
چلو مندي ويڙهه وينگس ڪي نهي هٿ پنجو هيڪار
باهيون نهن باهن ۾ ۽ نٿ نڪ نروار
سر ٽِڪو ۽ سري سونهين زيب وڏي جنسار
پٽ پٽيور پائي بدن تي ڪِڇيءَ هس هار
تہ ڪيئي مستان مهريءَ مٿان ٿين سالڪ سيرت دار
اجان وڌ ”عالم“ چوي آهن سهڻل جا سينگار
جي يقين نہ اچئي يار تہ ڏس منهن جو محب ”مهر“ چئي.

## سينگار

هي ولڙا چلڙا وار جني تي پونر پيا پلجن
سي پنيا ڪيس ڪلهن تي پيا جانب جي جرڪن
جي چتا چوڙي مٿان موڙي هيڪر هوت هلن
تہ زلف سياہ پسي پرينءَ جا نانگ پيا نون
اجان الاهي ”عالم“ چئي آهن وصفون وريامن
هڪ نڪ نزاڪت ناز پرئي جو آ نازڪ وچ نيڻن
ٻيو ٻئي عين عجيب جا تا ماريو وجهن مرگهن
ڏادي راحت روح ڪي تي ڏئي گلزاري گلڙن
پر گلاب ڪان بہ گوهر جي وڌ لالي آهي لبن
هلڻ پسي حبيب جو ڪنڌ ڍاريو هيٺ هاٿين
مور بہ اتان ٿور پرائي پسي هلڻ حبيبن
ڪٽي قدم ڪريمن، اچي سهن سرها ڪيا





## سينگار

آهي احمد جام جي ثنا ڪئي ستار
ڪوڙئين ڪلام الله ۾ قسم ڪنيا ڪلتار
وليل چئي واحد بہ وصف ٻڌائي وار
سي چهڪن چاسينگر وڌ چوٽا ڪڪر ڪارو نيار
سرنگ مٿان سورج جي لڳن گيسو گهنڊي دار
ريڏا رخسار رهبر تي پيا ائين ٿين اظهار
”خرَ موسيٰ صعِقا“ جيئن نور ٿيو نروار
تيئن رحمت پريا راڻل آهن زلف زريدار
موءِ ميندا ”مهر“ چئي موهيو وجهن مننار
هيئر مٿان حبيب جي تا سي لکن سينگار
شل وصفون لکندي وينجهار اچي موت ”عالم“ چئي

# ربنواز پريو

| | |
|---|---|
| نالو | ربنواز پريو |
| پيءُ جو نالو | گنهور علي |
| رهائش | رتوديرو |
| تعلقو | رتوديرو |
| ضلعو | لاڑڪاڻو |
| سگهڙائپ ۾ استاد | ُاستاد هادي بخش چنو |
| تعليم | انٽر پاس |
| پيشو | دڪانداري |
| مڪمل ايڊريس | تعلقہ رتوديرو، ضلع لاڑڪاڻو پوسٽ آفيس رتوديرو |

## سينگار بيت (سرائڪي)

مُک مُنور، محبوب ميڏي دا، هر ساهہ سڪدا ُگفتار ڪنون
وسيهر، وسو ونگ ڏنگ مارن، هر وار مٿي ور وار ڪنون
گنير گت مت ڪسِي، هر روز ُانهان دي رفتار ڪنون
مشتاق ُلي ول ول ڦِردي، ها اسير عجب اسرار ڪنون
ڪجليان، ڪيفي، ڪڪوريل ڪاليان، تاب تڪا تلوار ڪنون
شمس، قمر بي چمڪ چليا، ميٺيا لالي دي للڪار ڪنون
هر رنگ وچ رنگ ُبو، اِنهان دي، ڳيا هوش سارا ُهبڪار ڪنون
پس پسيني رنگ رچايا، ٿيا مسلمان سپ منٺار ڪنون
خوشبو، عنبر، معطر وڌ ٿيا، گل چمن گلزار ڪنون
هر سائل ڪون خيرات ملي، ُحسن دي حاڪم سرڪار ڪنون
هرڪار اتي لاچار ٿئي، سرس سُهڻا سينگار ڪنون
روز "ربنواز" ڪون طلب انهان دي، ياري انهين يار ڪنون
نصيب ساڏا نرمل ڪري، هي لاچار دل ديدار ڪنون.





## سينگار

ظاهر ضِيا ڪعبي جي زيارت. سُرور اهڙو ثواب ناهي
سُهڻي صورت حُسن تابان، جاني جهلڪ جواب ناهي

مُک مُنور ماهِ لقا، لب لال عجب، ڳچيءَ ڳاني، ڳل ڳاڙها، خد خال عجب
قد قامت، بينسر بيني، چلوت چال عجب، ُچپ چئنچل، چاهت ُمٺي، رفتار اهڙي حساب ناهي.

بند ڪمند، زلف زيبان، ڪڪر ڪار عجب، نيڻ نشيلا چشم آهو، اکين ڊار عجب
ڏند ڏاڙهون، مرجان موتي، رُ خسار عجب، ڪينسر، ڪينفر، عنبر ادنيٰ، مٺ ڪوئي عناب ناهي.

عام تي عنايت تنهنجي، دراز دست شفا عجب، ڪارساز قدرت سان، آ والي وفا عجب
ڏک ۾ گڏ ڏکوئين سان، ساري جهان تي سخا عجب، سوايو تون ئي ساڻيهہ ۾، نواب اهڙو ناياب ناهي.

پوشاڪ پروري، نازڪ انگ نروار عجب، ُخوبان ُخلق ۾ خوبتر ڪردار عجب
چئني دفترن ۾ تنهنجي، ثنا ُگفتار عجب، بالا نشين تون بلندين تي، جنهن ۾ نہ صفت ڪتاب ناهي.

دل دهن ۾ دؤر تنهنجو، پريت تنهنجي پيار عجب، هر چيز عيان تي تنهنجي رضا، جوڙ وڏي جنسار عجب
تون راضي "ربنواز" چئي، تنهنجو راز الستي اظهار عجب، ولايت والي، تون آن آلي، اهڙو عالي جناب ناهي.

## صفاتي سينگار

اعليٰ صورت عجب تنهنجي، دلدار اهڙي جو ڇا ڇئجي
ڄڙيل جوڙ جانب تنهنجي، قربدار اهڙي جو ڇا ڇئجي

ريشم کان وڌيڪ ڪرين انگڙا تنهنجا نرم، ڪرين نظر نرمل جنهن تي، ٿئي تنهن تي ڪرم
پرين تنهنجو پسينو اهڙو، عطر جي حد ٿي وئي، گذرين جنهن بہ گهٽيءَ سان، ڀڪار اهڙي جو ڇا ڇئجي

چمڪ تنهنجي چپڙن جي، ڪجا ماکي، ڪجا مصري، ٻولڻ سان وياسين ٻڌجي، هر ڳالهہ وئي وسري
ڦِٽو- مينا، ٻلبل ڪري ڇا بات، ڳالهائڻ جي حد ٿي وئي، گفتار اهڙي جو ڇا ڇئجي

ڪيئي گديده دان لئہ حبيب تو پار هليا، ڏسي سونهن ساجن تنهنجي، دوش تي ڪيئي هليا
يوسف، زليخان ڇا، پريون هر هنڌ، حورن جي حد ٿي وئي، سونهن سردار اهڙي جو ڇا ڇئجي

نادر نزاڪت نرمل تنهنجي، آن، بان عجب تنهنجو، وٺين رستو رند ڪوئي، ڪن سلام سڀ تنهنجو
هلي ڇا هنج ۽ هاٿي، هلڻ جي حد ٿي وئي، رفتار اهڙي جو ڇا ڇئجي

نقش تنهنجو نرمل آهي، هر سُو تنهنجي حڪومت، آهي رهبر "ربنواز" تنهنجو، ڏي دعا ايمان جي دولت
ڦٽي پارس ٿئي دارون، دوا جي حد ٿي وئي، ٻٽي آذار اهڙي جو ڇا ڇئجي.





## سينگار بيت

صفت ڪيان ٿو سهڻي جي، آ محب منو منٺار
سِر ساجن سندو سُهڻو، وه واهہ هو واڏار
وار وڪوڙيل وسيهر وڏ بيشتر ها بهار
گونچہ گوش گوهر جا، خاص خوشبودار
مُک مهتاب مُنور جو، موڊو هو ملهار
عين وڏ آهو کان ڀيون ٻروان بيشمار
موهن من مزگان، پيون ڪکر ڪارونپار
انف اعليٰ وچ تي، پنرو هو پڳدار
ڏهن پورو دلبر جو، مؤن هو مزيدار
لب لال گلابي گهرا، جوڙها جنسار
سن سهڻي ساجن جا، ڄڙيل جا جهنوار
گردن ڪفا ڪامل جو، شفاف شيشدار
مرفق دوش محبوب جا، برتر ها بسيار
شفاف شڪم، ناف نامي جو اعليٰ هو آبدار
اندام اعليٰ پُشت پرينءَ جي، سِرن سُهڻي سنوار
ناخن نامي نور جا، ها نازڪ دست دوار
قد قامت ڪامل جو، جوڙيو هو جبار
رجل راڻي رهبر جا، ها قدم قربدار
سبع سمٰوات سِڪ ۾، هئا ڪري ٿُرب ڪلتار
اول عشق الله ڪري، پوءِ نظارو ڪيو نروار

جبريل موڪلي جانب ڏي پيو الله ڪري انتظار
عيسيٰؑ موسيٰؑ جهڙا احمدﷺ اڳيان هئا خاص خدمتگار
ڪفش لاٿي ڪامل پئي تہ حڪم ٿيس هڪ وار
تہ جُتي نہ لاهہ جانب منهنجا، توکي عجيب آ اختيار
ٿي پوري آس آسمانن جي، حبيب آئي هيڪار
پرينءَ آئي پري ٿيو پردو، ٿيو دوبدو ديدار
ارڙهن ورهيہ جي هڪ رات هئي، محبت ڪئي مختيار
حورون حيرت ۾ پيون، جلوو پسي جنسار
ڪُلئي وڻ قلم ڪجن، تہ بہ سِٽبو نہ سينگار
ڪوڙين ڪُلزم، مس ڪري وري ڪجي ويچار
تہ بہ پورو نہ ٿيندو، پرينءَ جو هي سارو سماچار
چا سگهڙ سِٽي سِٽون، شاعر ڪندو شمار
ٿيندو رهبر راضي ”ربنواز“ چئي ويندو غم غُبار
پرين ڪري پار، ڏياريندو مهلت مڙني کي.





# شهاب الدين بوزدار

| | |
|---|---|
| نالو | شهاب الدين |
| پي جو نالو | عبدالغفور بوزدار |
| ذات | بوزدار |
| جم جي تاريخ | 1986ع |
| ادبي سڃاڻپ | سگهڙ |
| ادبي استاد | شاهنواز چنو |
| فن جي شروعات | 2004 |
| ائڊريس: | ڳوٺ محمد هاشم بوزدار ضلعو لاڙڪاڻو تعلقو رتوديرو |

## صفاتي بيت

قُدرت تان قربان وڃان، جهن محمد منڙو شاهہ مکو
نورئون پيد انبي ڪري تنهن وِلهين جي آ واهہ مکو
ٿي پيو ڪال ڪفر لاءِ جڏهن ربّ رسول الله مکو
سهڻو سو ايو سرس سينگاريل ٺاهي تنهن آ ٺاهہ مکو
جهڙ جهنگ ٿي وئي سُبحان الله جو احمد مير الله مکو
سڀ نبين تي سُهڻل آهي مالڪ شهنشاهہ مکو
خالق پنهنجي خدائيءَ ۾ آ دلبر اهڙو داناهہ مکو
لهي وئي لوڙ خوشي ٿي ڪوڙ ربّ ڏسيندڙ راهہ مکو
قرب ڪروڙين قادر جا جنهن هيٺن جو همراهہ مکو
بيشڪ برابر ”بوزدار“ ربّ چاهيندڙن جو چاهہ مکو
قرآن ۾ پاڻ ڪريمن جو ڪري سچي ڏٽي ساراهہ مکو
شڪر آهي ”شهاب الدين“ چئي ٿيندو محمد ضامن
ڪندو پلايون قيامت ڏينهن وير اهڙو ويساهہ مکو

## سينگار

حُسن تہ منهنجي حبيب جو وڏ چوڏهين چانداڻ
جِنّ، ملڪ حوران پريون ڇڏيائين موهي مرڪڻ ساڻ
صورت سيرت سڄڻ جي چا تہ لبن تي لالاڻ
پرينءَ جي تہ پسيني ۾ جڻ خوشبوءِ جي کاڻ
نبيءَ جي نور تجلي سان ٿيا ساوڪ ۾ سُرهاڻ
عربي جي آمد سان ٿيا ٻُت ڀُري جڻ ياڻ
سوا لک نبين جو سيد هي اعليٰ ٿيو اڳواڻ
الله گهرايس عرش تي رکيا پرين قدم پاڻ
اُڙهن ورهن جي هڪ رات تي پئي مزو ماڻيائين ماڻ
پو لهي منهنجي لالڻ اچي جام ڏني جاڻ
منو مير مُرسل ٿيو ابوجهن اڳواڻ
ماکيءَ کان وڌ محبوب جي آ محبت منجهہ مٺاڻ
چا لکي چا چوان مان تہ اجان آهيان اَ ٽجاڻ
قادر خُود قرآن ۾ کئي وير جي واکاڻ
شال محشر ويل موريءَ تي منهنجو سيد کري سجاڻ
تہ ٿيندي رُوح رهاڻ، اِن شاهہ سان "شهاب الدين" چئي





## سينگار

تون نبي نور نرمل تون سردار سڀ جو
پرين پاڪ پيغمبر تون پڳدار سڀ جو
تون دلدار دلربا تون اکين ٺار سڀ جو
توتي راضي رهبر تون رسول آهين
سڀ کنهنجي دلين ۾ مقبول آهين
کيان ڳالهہ کهڙي اجان اور سائين
مُنهنجا مُحب مُرسل مٺا مُور سائين

سومر وار سڄڻ آئين تنهنجي آ صد مرحبا
حورن پرين سهرا ڳايا عربي احمد مرحبا
خدا چيو محبوب توکي يا محمد مرحبا
ربّ توکي گهرايو سُهٽي عرش تي
ضعيفن جو ضامن ٿي آئين فرش تي
گهوٽ ٿيائين گهڙيءَ گهڙيءَ گهور سائين
منهنجا محب مرسل مٺا مور سائين

تنهنجي حُسن حيرت جو آ جلوو هر جاءِ تي
جبل جهنگل ٻيلائن ۾ ارض و سماءَ تي
پکي پرندا جيت جڻيا سهڻا تنهنجي ساءِ تي
اِهڙو توکي حُسن کيو عطا پاڪ پرور
تنهنجي نور تجلي سان اي منهنجا دلبر
کفر جا کري ٻُت ٿيا ڀُور سائين
منهنجا محب مرسل مٺا مُور سائين

توسان راضي ربّ پاڪ تون محبوب خدا جو
تنهنجي پاڪ پوشاڪ تون محبوب خدا جو
تون مالِڪِ لولاڪ تون محبوب خدا جو
تون سوا لک نبين جو سرواڻ آقا
اُمت جو بہ آهين تون اڳواڻ آقا
تون سهڻو تون سڄڻ تون شهزور سائين
منهنجا محب مرسل منا مُور سائين

حق سچ جي ڏسيندڙ تون آهين راهہ راڻا
غريبن يتيمن جو بہ تون ئي چاهہ راڻا
ثنا ڪئي آ تنهنجي خُود الله راڻا
توتي پاڪ ڪلمون ۾ قرآن نازل
توتي ختم آهي هي جهان منزل
ٿيو راس تولئہ هي دنيا دؤر سائين
منهنجا محب مرسل منا مُور سائين

شان تنهنجو ”شهاب الدين“ چئي آ بيمثال برابر
سج چنڊ ڪتيون تارا عربي تنهنجي آڏر
جِنُ مَلڪ بہ جهڪي پيا هي دلدار تو در
”بوزدار“ جي پورل آ پرين توڪي پارت
حشر ويل حامي ٿي ڪراءِ پنهنجي زيارت
منهنجي هيڻي حال تي ڪجان غور سائين
منهنجا محب مرسل منا مُور سائين





## سينگار

واهہ واهہ مالڪ تو آ خلقيو سونهن پريو سنسار عجب
ٻيو مير مڪو تو مرسل آ، هي پنهل پرين پڳدار عجب
جلد جانب جي جلوي ساڻ موسم ٿيا ملهار عجب
ٿي آ سڄي ڪائنات ۾ ساجن، سهڻن جو سالار عجب
چا تہ ڪئي ساراهہ تو مولا، لالڻ جي لک وار عجب
بي مثل آ نہ مٽ تنهن جو، اهڙو آ قربدار عجب
حسن تہ هرهنڌ هوت پرينءَ جي هر هنڌ آ هاڪار عجب
آتاب تڪو سندو نو ر تجلي آهہِ اِها اَنوار عجب
ماڻهو مَلڪ جِنُ حوران پريون سڀ چون سردار عجب
پکي پرندا جيت جڻيا پڙهن صلواتون صدبار عجب
ذڪر ٿيل قرآن ۾ زياده نبيءَ جو نروار عجب
عربي احمد چام اچي ٿيو اڙين جو آ ڏار عجب
شال ”شهاب الدين“ شاهہ بہ منهنجو سڄڻ لهندو سار عجب
ٿيندا بهاريون بهار عجب پسي حسن حبيب جو.

# نثار علي جويو

سگهڙ نثار علي جويو جو تعلق شهر رتيديري ضلعي لاڙڪاڻي سان آهي ننڍپڻ کان سگهڙائپ سان وابستگي رکندڙ هي سگهڙ اڄ ڪلهہ سنڌ توڙي بلوچستان ۾ شاندار ڪچهريون ڪري رهيو آهي.

## سينگار بيت

وڏا وڙ واليءَ جا جنهن مُکو محب مکي
جي حبيب جي حُسن جي حقيقت ڪيان حڪِي
تہ تارا ڪتيون تائب ٿين ٿئي شمس قمر بہ شڪي
نہ چمڪو رهي چانڊاڻ ۾ اندلٺ بہ ڦِلڪِي
مور نہ اهڙي ٿور سکن وڃن رستي ويندڙ بہ رُڪِي
هنس هنج حيران ٿين وڃي سنڪ ر بہ ٿُلت سُڪِي
هي قدرت پنهنجي ڪمال سان آ ظاهر ذات مکي
مون ۾ جام عيب هئا "جويو" چئي.هيءَ ڊولڻ اڇي ڊکي
اهو "نثار" ڇڏيندو نکي غازي گنهگارن ڪي.





## سينگار

سڄڻ منهنجو سپرين نرمل آ نجيب
حسي دل ڪسي پيو هوت منهنجو حبيب
لعلي وڌ لبن جي ڦُلڊهہ انگ عجيب
هتي حسن جي ٿي حد وئي چا ڪري بات قريب
نوازيندو نماڻا هي گنهگار غريب
نيارو ٿيو نصيب مليو نرمل اهڙو "نثار" چئي

## سينگار

وڏا وڙ واليءَ جا جنهن مُکو محب مننار
سڄڻ منهنجو سپرين آ هوت ڳلي جو هار
چا تعريف ڪيان تونگر جي هئا زلف زريدار
ڪاڪل ڪيس قيمتي هئس نرڙ مٿي نروار
مونکي چا مجال ايڏي ٿو ڄاڻي ڄاڻڻ هار
مقدر مٿي من جو پرين ڏيندو پيار
آهيون ان جي آڌار جهان ۾ "جويو" چوي

# غلام قادر پٽو

استاد سگهڙ غلام قادر ولد محمد عثمان ذات پٽو، ڳوٺ ميرپور پٽو (سردار ممتاز علي پٽو جو ڳوٺ) تعلقہ رتو ديرو ۾ 20 جنوري 1930ع ۾ ڄائو. 1942ع واري ٻوڏ کان پوءِ لڏي اچي نئون ديرو تعلقہ رتو ديرو ضلع لاڙڪاڻي ۾ رهائش اختيار ڪئي. ان دؤر جي فائينل پاس ڪري ٻيلي ڪاتي پوليس ۾ ڪانسٽيبل طور ڀرتي ٿيو 25 سال نوڪري ڪري رٽائر ٿيو. سگهڙائپ جي شروعات ٻوڏ دوران بند تي ميرپورخاص پٽا پرسان مٿانهين سمجهي ٻوڏ ستايل اچي وينا اتي مختلف مکتبہ فڪر جا ماڻهو هئا. جن ۾ ڪي راڳي، ڪي چنگ وڄائيندڙ، ڪي الغوزو وڄائيندڙ تہ ڪي وري ڳجهارتون ڏيڻ وارا بہ اتي ڪچهري ڪرڻ لڳا، اتان پوءِ استاد کي بہ شوق ٿيو تہ اڳتي هلي تمام ذاهن ۽ مهان سگهڙن ۾ ڳڻجڻ لڳو ۽ بعد ۾ سگهڙائپ جي نئون ديرو ۾ يونيورسٽي شروع ڪيائين ۽ ڪيترائي سگهڙ لاڀ حاصل ڪري نالي وارا بنجي ويا، استاد جي آواز ۾ ايترو تہ اثر ۽ پڙهڻ جو انداز هوندو هيو جو لائوڊ اسپيڪر جي ضرورت محسوس نہ ٿيندي هئي. ان ڪري ڪنهن ظالم، حاسد حسد ڪري سُٽر ڪارايو جنهنڪري استاد جي آواز تي تمام گهڻو اثر ٿيو، اڄ بہ استاد کي فن پڙهڻ ۽ ڳالهائڻ ۾ تڪليف ٿيندي آ. سندس چوڻ مطابق تہ محمد ملوڪ عباسي کي ايڏي عروج تي پهچائڻ ۾ سندس جو هٿ هيو. اڄ بہ محلہ سڪندر آباد نئون ديرو ۾ رهائش پذير آهي. سندس کي اولاد ۾ ٻہ پٽ 1. نياز علي 2. اعجاز علي آهن.





## سينگار حضور ﷺ جن جي شان اقدس ۾

منهن مثل مهتاب جي آ زيب وڏو زلفن
سي واسينگن جيان وريو تليهر جان تجلن
وڌ آ هو عين عجيب جا ٻيو پيرو وڏو پِرون،
نڪ نزاڪت نور جو آ منهن سر محبوبن،
جيئن ڳاڙها ڳوڙها گل گلاب جا تيئن لعلي آهي لبن،
موتي ڏند مرجان جان جيئن چوڏس ۾ چلڪن
رين بہ روءِ مٿي وجي، جڏهن مور اتي مرڪن
شمس شعاع نہ ڪري جڏي جاني جاءِ ڪٽن
سورج صنوبر چا موتيا نہ مرڪن
نازبوءِ نارنگي نرگس چا پر ٽانگر نہ ٺمڪن
رنبي زيبور زعفران چا، چينچل نہ چلڪن
جلوو ڏسي منهنجي جانب جو روه چڏيو روبهن
پرندا بہ لهي پيا پٽ تي حسن ڏسي پيا هرڪن
اليهر، وليهر، سپ، سسيهر بہ نہ سرڪن
شعاع ڏسي شمع جو فيل پيا ڦرڪن
شينهن بہ ٿئي ششدر، ببر پيا پرڪن
ڪلٽي اچي ويا ڪرمش ۾ پيهہ گهڻو پيا دهڪن
ماٺ لڳي ملائڪن کي حيرت پسي حورن
اهي پار پرين جا ”پُٽي“ کان ڪيئن پلجن
جو آهن گلزاري جهڙا غلام قادر چوي.

## سينگار

وڏ كارا ككر كيس قريب جا جهڙ جي جهامو جهام
جي تر جيترو تجلو ٿئي تہ تڳي تلهياري تامني ليل ڪٽي وجي لام
چمكار ڏسي چوڏس ۾ شرك پري پئي شام
ماڙيو ميم مصر جون اتي ڏنيون عام
جي ساجن سندا سين جا جانب كولي جام
تہ تجمل طائوسي تخت جا بہ ٿلها ٿي وجن ٿام
پونو پانو پنرو سج سورج بہ سجدو كن سلام
گهڻ ڏسي منهنجي گوهر جو چا هاٿي هٽڊو هام
هيندل،ميندل، گيندل، گينور نہ ڪٽي گام.
لائن بہ لرزي ٿئي شينهن بہ ششدر ببر بيهي وجي لڳي ليس لغام
كرن كارڏو قيصرو كري قدمن تي دسجي پوي دام
هت حسن جي حد ناهي منهنجي هوت سان اها ملك جي مخفي آهي مام
حسن وارا بہ حيران ٿي بنجي ويا گوهر جا تہ غلام
اسان بہ لڙهہ لڳاهيو لعلڻ جي تنهن سهڻل جي آهيون سام
جو لٿا هن غم غلام قادر چئي





## ڏاڏو ڏتل ابڙو

سگهڙ ڏاڏي ڏتل ابڙي جي پيدائش شهر مدئجي ضلعي شكارپور ۾ ٿي، پاڻ كافي عرصو سعودي عربيہ ۾ روزگار سانگي رهيو، جنهن كان بعد هن وقت الله آباد محلي لاڙكاڻي ۾ رهائش پذير آهي. سگهڙائپ ۾ استاد محمد ملوك عباسي اٿس.سنڌ لوك ادب شاعري جو كتاب ”توكي آ منهنجو سلام سائين“ شايع ٿي چكو آهي.

### ڏهس (مزدور جا نالا)

پورهيت كري پورهيو، ٿو جوكائي جهان،
مزدور كري محنت ٿو ملكي وڌائي مان،
كاسب جو كائنات ۾ آ شرافت شان،
پلي دا ر پوڙهو، يا جوڏو هجي جوان،
دائم ركني قائم، محنت كش مردان،
سبي سدائين خوش رهي، اعليٰ هي انسان،
عمال جو الاهي باري آهي بيان،
قوليءَ جو كم ڏسو ٿو گٽي سگهارو سامان،
كاميءَ جو كردار تي آ مالك مهربان،
حمالي كي الله ٿو داتا ڏيئي دان،
”ڏاڏا ڏتل“ ڏان، لہ يس ڏهہ ڏهہ پيرا ڏينهن ۾.

### ڏهس (پاڻيءَ جا نالا)

جيءُ آئين پلي آئين، پاني، پاڻي پيءُ،
وهنجي سهنجي صفا صاف سُٿرو ٿيءُ،
ماني كائي ڍءُ كر، آف بہ اٿئي هيءُ،
آب وهي ٿو الاهي، نہ وٿر ركي ريءُ،
مويا مالك ڏنو جو آهي رب سميع،
ديرُ بيرُ هيكاندو ٻُ جام جميع،
بحر پر ۾ بيهہ، ”ڏاڏا ڏتل“ ڏيهہ ۾.

# خيرپور ميرس ضلعي جا سگهڙ





## حسين بخش رڏ

| | |
|---|---|
| نالو | حسين بخش |
| پيءُ جو نالو | هدايت علي |
| ذات | رڏ |
| پيدائش | پهرين فيبروري 1960ع |
| استاد | سندس والد |
| سگهڙائپ جي شروعات | ننڍپڻ کان |
| پتو | نارو ريگستان ضلع خيرپور ميرس |

### ڏهس بيت (وارن تي)

سَن محبوبن کوليا وار خوشبودار
زلف زور منڙا مور بال ٻُوءِ بهار،
معطر موءِ کولي خوشبوءِ ساجن جا سينگار
ڪاڪل ڪارا ُحسن وارا وينجهر جا سي وار
گيسوءِ گوهر گهرا مِلي ُگلن کي گلزار،
ڪنيش ڪارا حسين وارا جي ڪٽي نيڻ نِهار
هي ڏهه نالا ڏهس ۾ وارن جا وينجهار
ڪر نہ شڪ ڪر تن پڪ ڏس روهڙي بازار
انهيءَ حسين جا حبدار، آهن هزارين ”حسين“ بخش چئي

# صوفي حيدر بخش فقير شر

پهرين جنوري جنم 1943ع ۾ ڳوٺ مينگهو فقير شر تعلقہ ٺري ميرواهه ضلع خيرپور ۾ سندس استاد مرحوم مغفور فقير قادر بخش راڄپر ُهيس سنڌي ست پڙهي پوءِ انگريزي پڙهيائين 1962ع اپريل ۾ مئٽرڪ جي امتحان ۾ فيل ٿيو، غربت سبب سپليمينٽ نہ ڪري سگهيو ۽ ڪڙمت ڪيائين جيڪا اڄ تائين سندس هلندي اچي سگهڙائپ تعليم هلندي 1955ع کان تيرهن سالن جي عمر ۾ ئي شروع ڪيائين ناظران قرآن شريف پڻ پڙهيل آهي 1962ع ۾ ئي ذڪر الاهيءَ لاءِ فقير سائين مهدي شاهه شاهه پور جهانيان کان طلب ورتائين

## سينگار

ابرو ابر عجيب دي هن قرب وندیان لاءِ ڪان ڏونهين
سي تہ نال اوشاقان لڙدي ڇهٽ پٽ ڪر تيز ترين طوفان ڏونهين
هوش ڪنون بيهوش ٿيون، جڏان پهس لڳن پيڪان ڏونهين
نينان ڪجليان ڏيون تجليان، ٿيون عاشق ويک مستان ڏونهين
ويکڻ نال لٽيندن جهٽ پٽ عاشق دي جند جان ڏونهين
فوز فياضي فقره فائض شير فلک شاهان ڏونهين
رخ انور رخسار رحيمي وڏ خاصان تون خوبان ڏونهين
ويک مشتاق مدهوش ٿيندي هن صورت دي سلطان ڏونهين
ُلب لاثاني ڪن جلواني ٿيون هوش عقل حيران ڏونهين
ڪيوي ڦردي خون دي خاطر لب اهي لاثان ڏونهين
ُڏندان ڪون ويکهہ لڄائي موتي تي مرجان ڏونهين
تجلي جنهان دي طبق چوڏنهن ڪيتا روشن زمين آسمان ڏونهين
سُڻ سوال "صوفي" دا قبر حشر وچ ڏيسن، علي نبي تہ امان ڏونهين





## سينگار

هزارين هن دنيا ۾ هن حسن وارا هزارن ۾
ڏسن محبوب مرن هيڪر تہ رهن بيهي خمارن ۾

نظر هيڪر نهاري ڪن تہ وڃن سي قرب ۾ ڪڙجي
نہ ڦيرن ڪنڌ پوءِ ڪاڏي، نظر کُپ ڪن نظارن ۾

هلڻ قاعت پسن هيڪر رهن پو دنگ سي دل ۾
چلڻ چارو ڇُڪي تن جو رهن بيهي قطارن ۾

سجڻ ٻولي ٻڌن هيڪر وڃي تن گفتگو وسري
ڪري لب بند رهن بيهي تکن بيهي اشارن ۾

جڏهن مرڪي سندم دلبر وڃن سڀ مست ٿي مئي ۾
طلب دنيا توڙي عقبيٰ نہ اچي تن جي آثارن ۾

خماريل نيڻ ڪٽي دلبر نظر هيڪر ڪري تن ڏي
تہ حواس هڙني ختم ٿين سڀ رهي ناهوش هوشيارن ۾

نوازش جي ٿئي ڪنهن تي، پلي هجي چو نہ ڪو ڪوجهو
سو چمڪي چنڊ چوڏهينءَ جيان، نہ چمڪ اهڙي ستارن ۾

ڇڏي دشمن دغا جيڪو، اچي جي پيش پرين پئي
تہ ڪري معافي خطائون سڀ لِکن سو لسٽ پيارن ۾

سدا سک سوز ۾ "صوفي" پرين توکي پڪاري ٿو
غلامن جي غلامن سان لکو نالو شمارن ۾.

## سينگار

زلف زور آور زيب سان هئا ظاهر زينتدار ميان
پسي پاڪ پيشاني پريئن سندي وڏي پريت وارن جو پيار ميان
ابرو البيلا تہ عجيب جا پسي عشق ٿئي اظهار ميان
نين نوراني ناز پريا پسي نينهن ٿئي نروار ميان
فِڪرو پسي هُو وارو پيا ڦاسن ڦيريدار ميان
لب لاهوتي لعل لاڪيٽا لائق لعليدار ميان
هُر مٿان دلبر پسي پئي ديهيءَ ۾ دهڪار ميان
ويو عقل تہ افلاطون ڪئون پسي عينن سي انوار ميان
دارا سڪندر در گداگر هُوسُ خاطر ديدار ميان
ورنہ خاطر وُسعت آهر ويهي ڪيم ويچار ميان
تہ ڪونہ ڏنم ڪائنات اندر ڪامل جهڙو قربدار ميان
هادي ”حيدر بخش“ ڪندو آہ بيحد بدين جو بار ميان
انا وعلي مِن النّورُ واحِد آهہ عربيءَ جو اقرار ميان
هُو سيّد آهہ سردار ميان، هن سات سڄي جو ”صوفي“ چئي





## سينگار

ڪيون مهربانيون مالڪ محمد مير ڏئي منور
ٿيو ٿيندو نہ ٻيو اهڙو اصل هي نور آہ انور

اچڻ سان جلد عربيءَ جي بهاريا باغ باغيچا
وئي رحمت مٿان ملڪن سڪل جهر جهنگ ساوا ٿيا
وٺا بادل ڪڪر رحمت پڄي ويا زور زحمت جا
ٿيا ڏک ڏور مٿان ڏوٿين سڪايل هاجي رحمت جا
عنايتون ٿيون خاطر عربيءَ اچڻ سان آمنہ جي گهر

ڪري پيا ڪوٽ ڪسريٰ جا ڪفر ڪاٿا ويا مٿجي
ڪندا ها جي ظلم زورا تنين جا لوڙهہ ويا لٿجي
هلان هيٺن ڪندڙ سيني سنديون پاڙون ويون پٽجي
ڏڪاريا ڏيهہ جا ڏائڻ ويا سنگدل سيئي مٿجي
ظلم جهڙ رات ڪاريءَ مان صبح صادق ڪيو سرور

اگر جي چنڊ ڪي چئي ڏئي تہ هلي حب مان اچي هڪدم
پلي هجي پنڌ پدمين ڪوهہ، ڪري نادير ايندي دم
وجي پل ۾ موتي پوئتي ڪري تسليم سين سرخم
لاٿو جنهن چنڊ اشاري سان ڏسيو ٻيو ڪو بني آدم
سڄڻ معجز نما آهي سندس ٻيو ڪونہ آ همسر

سندو پرين پسينو ڏس عطر عنبر ڪي طاقت ناهہ
مليو قطرو هو مائيءَ ڪي چون ساڏي سيئي وهہ واهہ
پسي خوشبوءِ ڪستوري لاٿي سيني ڪفر ڪلاهہ
عطر عنبر ڪي عاجز ڪيو پگهر پرين سبحان الله

عطر کي پاڪ عربيءَ ڇام ڪيو محبوب آ معطر

چوان ڇا شان ۾ اطهر ملڪ نوري سندس نوڪر
ٻٽيا درزي ته ڪي دايا ڏين ڌيوٽي پيا هر هر
سندس بوراق منزل لاءِ سواري پئي مکي پرور
چوين ٿو مان نبيءَ جهڙو ذرا ڪجهه ڏيان دل ۾ ڏر
هيو ڪڪر رحمتؐ ۽ مرسل مٿان پنهنجي ته ظاهر ڪر

زباني راز جون ڳالهيون ڪري ڪجهه مان ٻڌايان ڇا
ڪري هٿ ساڻ ڪم جيڪو ته خدا ڪِنَ الله چئي رما
وما ينطِق عن الهوا اِن هو اِلا وحيٌ يُوحا
جنهين جو شان جي پايان سندس ثاني نه ٻيو ڪو آ
نبي معجز نما آهي نه ٿيءُ همسر شرم ڪو ڪر

اچن در تي سوالي جي ته ڏئي صاحب سخا ٻٽجي
شفاعت ڪاڻ جي آيا ته ويا صاحب شفا ٻٽجي
وفائيءَ لاءِ جنهن سڏيو ته بينو صاحب وفا ٻٽجي
ٻٽيو دشمن سندس جيڪو ويو سو خود خفا ٻٽجي
خدا هٿ ٻئي وڏيائن جا وجهي ڪنڌ ۾ رسو ڪابر

سدا سڪ ۾ رهي ”صوفي“ گدا پينو سڄڻ تو در
هر دم دل ۾ اهلبيت جي محبت فرض آه مقرر
مدح منقبت مون هر دم، آهي شيوو ناهيان شاعر
شرح شاعري ملي مون دان چڙهي جيئن وير سمنڊ اندر،
ڪڏهن سوالي نه ويو خالي اهڙو لڄپال آهي، پنجتن در





# لالڏنو ”لالڻ“ شر

| | |
|---|---|
| نالو | لالڏنو ”لالڻ“ شر |
| پيءُ جو نالو | قادر بخش |
| پيدائش | 8-3-1972ع |
| تعليم | ايم اي سنڌي |
| پيشو | سرڪاري ملازمت |
| سگهڙائپ جي شروعات | ننڍپڻ کان |
| استاد | صوفي حيدر بخش شر /لال بخش ٻرڙو |
| ڇپيل ڪتاب | لالڻ جي لوچ |
| مليل ايوارڊ | سچل سرمست ايوارڊ ۽ لاتعداد مڃتا سرٽيفڪيٽ |
| پتو | ڳوٺ مينگهو فقير شر محلہ زنوار موج علي شر تعلقہ نري ميرواهہ ضلعو خيرپور ميرس |

## سينگار ٽيهس (ٽيهہ نالا چنڊ جا)

ٿئين صدقي پيدا سائينءَ جي مون ماهہ مهتاب
هسند هلا ل حسن جي ناهي حد حساب
قمر طوبا بدر نشا قر تا نمن لک نواب
درگ دجراچ مداش تو جهڙا بيحد لک بيتاب
نوڪ نوخ اندر عجيب جي ثنا لک ثواب
هڪ ڙلف زرو ظاهر ڪري جاني اگر جناب
چن چندر مان چاند تو جهڙا کهي ٿين ڪباب
پاڻ پوناءِ پنراءِ توڪان وڌ لا لڻ لاجواب
چندورا چگڙا چمن ۾، بيحد بالا حسن باب
سس شڪر ڪر شاناٿي جو صدقي ڏنئي وٽ وهاب
پورن پهلو پونم پرين جو، تونگر وڏو تاب
آهي عالم کان مٿي آقا عزت مآب
”لالڻ“ لاجواب آهي ڪامل هن ڪائنات.

## صفاتي سينگار

خود مصور تئي عاشق اها تصوير چا هوندي
انهيءَ تصوير کي سجدو اها تقدير چا هوندي

سيئي انمول تصويرون انهيءَ تصوير لاءِ ناهيون
محبت سان کيل جيڪا اها تدبير چا هوندي

مئا زنده پڙهن ڪلما يتيمن يار جي ياري
ڏئي دلدار دلداري، گهڙي اڪثير چا هوندي

هڪڙي حسن واري لاءِ هتي يي هٿ وڍيا هيڏا
حسن خيرات ۾ مليس اها جاگير چا هوندي

سيئي تشبيهون گهٽ آهن ڏيان تشبيهه مان ڪهڙي
طٰهٰ يٰسين ۾ ”لا لڻ“ اها تفسير چا هوندي

## سينگار

اچڻ سان عين اِبرو چمڪِيا چوطرف چانداڻ تي
تي لڄپال لالائي لبن جي لال موتيءَ لِڙيا لالاڻ تي
ڄڻ موتي دلربا جن سون کي سونهن بخشي سون جي سجاڻ تي
سرڪار جي سونهن ڏسندي واحد جي آ واڪاڻ تي
قُرب تيو ڪريم جو ڪائنات ڪامل ڪاڻ تي
شناس جي شناخت تي لڄ جي ”لالڻ“ جمڻ سان جاڻ تي





## سينگار

تي آمد اوهان جي آقاﷺ ايمان جي خبر پئي
انسان آيو چالاءِ انسان جي خبر پئي

صفي الله کي هٿن سان يدالله چو بڻايو
انتظام تيو اچڻ جوء اعلان جي خبر پئي

ميم سان تئين احمد صﷺ اصلي تون احد آهين
انسان تي خدا جي، احسان جي خبر پئي

تنهنجي حسن جي صدقي تيا ڪوڙين حسين پيدا
تي دلبر دوا دکن جي، درمان جي خبر پئي

صورت سين ڪان سهڻي سيرت سُبحان الله آ
سرواڻ سات جو تون سلطان جي خبر پئي

لا اِلٰہ تيو لازم ”لالڻ“ اوهان جي لاري
ڪائنات ۾ ڪلن کي، قرآن جي خبر پئي.

## سينگار

هجي جنهن جو خدا طالب، اهو مطلوب ڇا هوندو
ثناگر پيي هجي خالق، اهو ڪشف الدجيٰ هوندو

لِواءِ لحمد جو سايو، ثنا يٰسين مزمل سان
هتي حيران لک يوسف، اهو بحري سخا هوندو

گهمي جنهن فرش تي، دلبر قسم ان جا کڻي خالق
پرين سو پاڪ پرور جو مٿو، ماهي لقا هوندو

احد هو پاڻ خود آهي پاتائين مِيم جو برقعو
بشر جيڪو چوي ان کي عقل تنهن جو خطا هوندو

پنهنجي صورت پسڻ ڪاڻ ٿيو آ پاڻ تي عاشق
ايئن ٿيو نور جو جلوو اهو نور الهديٰ هوندو





# فقير اعجاز علي شر

| | |
|---|---|
| نالو | فقير اعجاز علي |
| پيءُ جو نالو | محمد عارف فقير شر |
| رهائش | ڳوٺ مينگهو فقير شر تعلقه ٺري ميرواهه ضلع خيرپور ميرس سنڌ |
| پيدائش | 1939ع |

شروعاتي تعليم به پنهنجي ڳوٺ مان حاصل ڪئي ۽ سندن ڏاڏو فقير غلام حيدر گودڙيه جي درگاهه به ان ئي ڳوٺ ۾ آهي، پاڻ ننڍپڻ کان ئي شعر و شاعري ۽ سگهڙائپ جي فن سان وابسته رهيا آهن. اڄا تائين به ڪچهرين تي ڪهي وڃڻ جو شوق اٿن. سندس کي ست پٽ آهن. وڏو پٽ استاد قلب علي شر هاءِ اسڪول ۾ استاد آهي ۽ پنجون نمبر فرزند امانت علي شر CSS آفيسر FBR ۾ ڊپٽي ڪمشنر خيرپور آهي ۽ سندس سيئي فرزند سرڪاري نوڪرين ۾ آهن.

سندس شاعري ۾ سينگار، هنر بيت، ڏهس، ڪلام، مناقبه ڏور بيت ۽ ڳجهارت وغيره موجود آهن.

## سينگار

پلي آئين پلا پرين، تنهنجي صورت سلطاني
ڏسي زلف زريدار زيب سان، لٿي هينئڙي حيراني
عين ڏسي انوار تنهنجا، ٿيا مرگهه پيي مستاني
انف ڏسي ته عجيب تنهنجو ٿيا ڇتون چرياني
دندان هُو دلبر جا، نه لڳي موتي مرجاني
ڳالهائڻ تنهنجو ٻُڌن پريو، لڳي ڪوئل کي ڪاني
چال تنهنجي چڪچور ڪيا، ٿيا هنجهه پيي حيراني
ناهي طاقت ڇا چوان، تنهنجي وصفن جي واني
ڪيو اچڻ احساني، اڳڻ منهنجي ته "اعجاز" چئي

تنهن کي پيالو پرت مان پيار تون.....

## سينگار

ساراهيان سچو ڏٽي جنهن جوڙيو هيءُ جهان
پيدا ڪيئن پنهنجي نور مان، صوبو سو سلطان
جيڪو ڪري اطاعت اُن جي، سو آهي جڳ جوان
چڪور توکي ٿو چوان ٻُڌ ادا تون عنوان
چاهہ رکيو تو چنڊ سان ڪيئہ من گهڻو مستان
راتيان ڏينهان روح کي ڪيئہ پريت پريشان
پر اتان ڪجهہ نہ مِلندءِ فائدو، ڏري ڏس تون ڏيان
اهڙي حب رک تون هوت سان، جيڪو صورت جو سُبحان
بي وارثن جو وارث آهي، ضعيفن جو تہ زمان
مک نہ مور لِڳن تي ويهي، اهو آ ناميي جو نِشان
سج چنڊ جي سوجهري ۾، پاڇو ٿِئي نہ پريان
حسن جنهن جو حوران ڏسي، آ هنءُ لِپيون منجهہ آسمان
آيو دلبر سندي هو تي، چڙهي شاهي سليمان
عيسيٰ چوٿين عرش تي بيٺو درشن لئہ دربان
ارڙهن ورهيہ الله سان ڪيئين محفل وڏي مان
”لولاڪَ لما خلقت الافلاڪ“ جو اٿس، مالڪ مهربان
ڪندو امت تي احسان، عجيب اسان جو ”اعجاز“ چئي.





# جيئند لنجواڻي

| | |
|---|---|
| نالو | جيئند |
| پيءُ جو نالو | مهوال لنجواڻي |
| پيدائش | 1965ع |
| تعلقو | ٺري ميرواهہ |
| ضلعو | خيرپور ميرس |
| سگهڙائپ ۾ استاد | صوفي حيدر بخش/الالڏنو شر |
| تعليم | پرائمري |
| پيشو | هاري |
| مڪمل ايڊريس | ڳوٺ ننڊو تارڪو تعلقو ٺري ميرواهہ ضلعو خيرپورميرس |

## سينگار

حُسن منهنجي حبيب جو، جلوو آهي جمال عجب
قادر رکيا ڪيترا، ڪريم منجهہ ڪمال عجب
چهرو سهڻو چنڊ کان، هت نہ پڄي هلال عجب
نور نشانبر آهي اعليٰ، چا ترني ڪندي تال عجب
ڪفش سان ڪامل عرش گهميو، گل گوهر جا تہ گلال عجب
مان ڏيان ڪهڙا مثال عجب، آهي جانب وڌ ”جيئند“ چئي.

# نوشهروفيروز ضلعي جا سگهڙ





## در محمد ڪمال سولنگي

نالو: در محمد
تخلص: ڪمال
پيءُ جو نالو: محمد موسيٰ
ذات: سولنگي
ڄمڻ جي تاريخ: 1947-07-08ع
تعليم: ماسٽرس (M.A) جنرلزم
ادبي استاد: محمد ابراهيم مائل سولنگي (سندس پاءُ)
شايع ٿيل ڪتاب: سمن سرڪار (سوانح حيات)، ڪرامتون
مليل ايوارڊ: لاڙ جو لال (1979ع) پٽائي ايوارڊ (2002ع)
پيشو: اطلاعات کاتي جو ريجنل ڊائريڪٽر ٿي رٽائرڊ (2007ع)
ڌنڌو: زميندراي
هنڌ: ڳوٺ نٿ سولنگي لڳ دليپوٽا ضلعو نوشهرو فيروز، سنڌ

### ڪنوڻ جو ڏهس بيت

چاها، چيهي، چڇورڪي، مُحب ڪرائي مات
بُرق، بجلي، ٻيجڙي، سِمڻ آئي سانت
مُرڪ مٺي ملهار ڳڙهه ڪان، نڪي چمڪ جي چمڪات
دامني چمڪي دنگ ڪيو، آيو ڪامل جڏهن ڪائنات
ٿشن ڪولي دلبر، ڪئي روشن ڪاري رات
جانب آيو جهان ۾، پرهه ڦُٽي پرڀات
شب روز راضي رهبر سان، بهتر ٻٽي بات
”درمحمد“ درود پڙهون، نرمل مٺان نعت
ٿي صلوات وائي وات، جڏهن سڄڻ آيو ”سولنگي“ چئي

# عبداللطيف سولنگي

نالو: عبداللطيف
تخلص: عبد
پيءُ جو نالو: محمد قاسم
ذات: سولنگي
ڄمڻ جي تاريخ: 3-5-1967ع
تعليم: ماسٽر آف آرٽ (M.A) سنڌي
سگهڙائپ جي شروعات: 2002ع
ادبي استاد: عاجز رحمت الله لاشاري
پيشو: صحافت (سرڪاري ملازم)
پتو: ڳوٺ ڪوڙي جاياڻ لڳ منياٽي ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ

## سينگار بيت

سهڻل جا سينگار، پرور ڪيا ها پڌرا
حورن کان وڌ حُسن ۾، جانب جلويدار
شمس، قمر کي شعاع ڏنو، خود پرينءَ جي پيزار
مکنا، ميندل، موهجي پيا، ڏسي راڻل جي رفتار
ڪامل اڳيان ڪار ڏو، ويو مستي چڙهي مزار
ڏُگر، آهو چڙايا ڪيئي، ننگ رکي ننگدار
نيف نشانبر تيمر کان وڌ، ڪوئل کان گفتار
ڪنگور بہ وجي ڪم ٿي، جڏ مُرڪ ڪري منٺار
موتي ۽ مرجان کان وڌ، لُڙءَ لُڙءَ هن لڄادار
محشر منجهہ مختيار، سار لهندو ”سولنگي“ چئي





# رحمت الله عباسي

ڪانڊڙا ڪالوني موري ۾ رهندڙ ۽ استاد محمد ملوڪ عباسيءَ جو شاگرد نالي وارو سگهڙ رحمت الله عباسي ولد ڳهٽو خان عباسي 1950ع ڌاري ڄائو . هُن سگهڙائپ جي شروعات ويهن سالن جي ڄمار ۾ 1970ع ڌاري ڪئي. ساهتي پرڳڻي سان واسطو رکندڙ هن سگهڙ ۾ بہ ڪيترين ئي خوبيون آهن. مهمان نواز، خوش خلقي ۽ يارويسي وغيره سندس خوبين ۾ شامل آهن. سندس ڪلام ۾ بہ ساهتي پرڳڻي جي نج سنڌي ٻولي، پهاڪا ۽ چوٽيون وغيره سيبتائيءَ سان ڪم آندل آهن. هُن لوڪ شاعريءَ جي هر صنف تي طبع آزمائي ڪئي آهي، جهڙوڪ: گفتا، نصيحت جا بيت، معجزا، مناظرا، بنا نقطي بيت، ٿيهہ اکريون ڏهس ۽ چاليهس بہ چيا آهن. سندس لوڪ ادب شاعريءَ جو هڪ ڪتاب ”رهاڻ رحمت الله جي“ پڻ ڇپيل اٿس.[1]

## سينگار بيت (وارن جا نالا)

زلف ڪارا ڪاڪل ڦهر ڇا هوءِ ميڻيا منگ،
ڪڇ ڪٿونب ريدان قطط گهنڊيدار گيسو گنگ،
ڪيچ ترنگ تلوار ڪي ڪرال ڪيس وجهن ونگ،
ڇتا ڄنڊڙا ريڪن ويشان ڍول نرالا ڍنگ،
چونڊا ٻونگر ڪڪر ڪتت اڳ بال پنيا انگ،
جميعتہ المڪت هيئر بج ٻيهر هٽڻ ٻنگ،
چرنن جي چاهہ تي پوءِ چري پيا چنگ،
ونگڙا ويڙهيل گهنڊڙا گهائن سر تي سونا سنگ،
سياهي نہ پڄي سنسار جي ڏين ڏيڪاري ڏنگ،
”رحمت الله“ چئي رنگ، پيا اصل نہ ڏنم ”عباسي“ چئي.

---

[1] ڪچهريءَ جا مور: ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو

## سينگار (نالا اکين جا)

اکين الري عاشقن جي ڪيا سيني تي سٽڪا
آئيز استر نئيتر ڏيلا نہ گهورن ڪئي گهٽڪا
نين ديدون نيڻ تارا ڪيالوچن درگ لٽڪا،
اکيان اگ چتر چڪس ڪئي چشم دل چٽڪا
خوندر گيهه بهر چم جي مور نہ ڪوئي مٽڪا،
ڪجليون ڪيف ڪڪوريون ٽيون ڪهي ڪن ڪٽڪا
ڪڙ ڪيا ڪان ڪارين جا پئي جهري دل جهٽڪا
خنجر پالا خن ڪوڙي ڪن الاهي سر اٽڪا،
عين ناڪن ناز نهوڙي ڪيا پو پورين پٽڪا
بانوري باداميون بلوريون ڪن هينئن ۾ هٽڪا
شرميليون شوق شڪار لاءِ ٽيون زوريءَ ڪن زٽڪا
چاهہ سڪ چين ڦٽايو پيا ڏيل منهنجي ڦُٽڪا
پوش مٽان پاڪائيءَ جو ڪئي خن خجن ڪٽڪا.
ڪجل ريءَ ڪهي ويون ملي واهہ مون ڪي وٽڪا،
ڏاهن چيو ڏهس ۾ مون جاڻ ڪهڙي جٽڪا،
اهڙيءَ ريت ”رحمت الله“ چئي، ڪيا ٻن اکين ٻٽڪا
ناز ڪري ٽٽڪا، ويون اهڙي انگ ”عباسي“ چئي.





# ضلع بينظير آباد (نوابشاهہ)

# ضلعي جا سگهڙ

# محمد جعفر لاکو

محمد جعفر ولد محمد بچل لاکو جي پيدائش 1964ع دوران قاضي احمد پرسان ضلع بينظير آباد (نواب شاهه) ۾ ڳوٺ حاجي نور شاهه ۾ ٿي پاڻ 1980ع کان سگهڙائپ سان واڳيل آهي سگهڙپائي ۾ ڪيس استاد متارو خان واڍو آهي ڪيترائي مڃتا سرٽيفڪيٽ ماڻي چڪو آهي ۽ هر صنف تي لکيو اٿائين.

## ڏهس سينگار

آهن وڏ واسينگن کان تنهنجا زلف زوراور،
عجب چال اکين جي ٿيون ڪيرائين قمر
خشم کوڙ ڪرائيا عاشق سڀ سبر،
لالون پڳيون لبڙا ڏسي چڏي پڙپچر،
موهيو لات لسان جي مَلڪ جن، بشر،
چميا هٿ حورن هئا رکي نوکن تي نظر،
يلا ياڳ يونءِ جا جت رجل ڏنا رهبر،
هلي فيض فتاح جي رنگي دنيا سڀ دهر،
لکي "لاکو" چا سگهي جوڳو ناهي "جعفر"
قلم ساڻ قادر، فرمائي ثنافرقان ۾.





# حاجي سومر پيان

حاجي سومر خان ولد محمد خان پيان 1929ع شهر قاضي احمد جي اباڻي گهر ۾ ڄائو پاڻ استاد متاري واڍي کان متاثر ٿي 1970ع ۾ سگهڙ بڻيو هر صنف تي لکيو اٿائين پاڻ هڪ غريب پورهيت هاري آهي.

## سينگار جو بيت

منڙو مير منهنجو آ سهڻو سيني سرس،
گل گلاب گلڙن کي بہ آهي راڻي ڪرائي رس،
جنهن کي پياري، پِڪ پرين تہ لهي قلب تان ڪس،
پسڻ خاطر پيغمبر بہ ڪن پيا وير لاءِ وس،
"سومر" سڪ وڏي من کو تونگر پوي ترس،
وٺ "پيان" اهڙو گس، جو ٿئي ميلو محبوب سان.

## علي اصغر لاکو

علي اصغر ولد حاجي خان لاکو جي پيدائش 1970ع دوران ضلع بينظير آباد (نواب شاهه) جي شهر قاضي احمد پرسان ڳوٺ مير محمد لاکو ۾ ٿي استاد جعفر خان لاکو کان متاثر ٿي پاڻ سگهڙائپ جي ميدان ۾ آيو 1988ع کان وٺي سگهڙ ڪچهريون ڪري رهيو آهي. پاڻ پنهنجي برادري جو اڳواڻ ۽ چڱو مڙس آهي ۽ سگهڙائپ جي ميدان ۾ ڪيترائي سرٽيفڪيٽ ايوارڊ حاصل ڪري چڪو آهي.

### گوريءَ جو سينگار

جڏهن گوري گهٽا ڪري سرس وڏا سينگار
پئي پائي پوشاڪون پٽ جون ۽ چوڪا چندن هار،
بخمل ويس بدن تي پيا واري واسينگن وڏ وار
ڪنيون نيڻ خمار مان پئي ڪري شونق شڪار
ڪنڌ نمائن ڪيترا پيا انهيءَ درتي دنيا دار،
بانور ڪيو حسن تي پئي ڏاڍي ڏئي ڏيکار
هن جون ديدون دو ناليءَ جيئن ڪن سيني منجهه سٽڪار
پر مورئون نه مٽ پائيان آهي سونهن وڏ سردار
جڏهن نرمل کولي نقاب تين چئو طرف چمڪار،
توڙي حسين هجن لک هزار تب عجيب وڏ ”اصغر“ چئي





# مٽياري ضلعي جا سگهڙ

## ممتاز امين سنياسي

ممتاز امين سنياسي ولد محمد امين ابڙو سنياسي ڳوٺ گل سانگرو ۾ سن 1969ع ۾ ڄائو 1988ع کان سگهڙائپ جي رنگ ۾ رتل آهي، سندس والد محمد امين سنياسي کان سگهڙائپ ورثي ۾ مليل سلات تنظيم کي منظم ڪرڻ ۾ هن سگهڙ جو تمام اهم ڪارنامو آهي، سندس پيشي جي لحاظ کان حڪمت ورثي ۾ ملي اڄڪلهه نيو سعيد آباد شهر ضلعي مٽياري ۾ حڪمت ڪري ٻچڙن جو پيٽ پالي ٿو.

## سينگار (سرائيڪي)

ويکھ ڪي چهرا يار سڄڻ دا، ڪيئي سهڻي ڪنڌ نماون تي شرماون
سهڻل اڳون ڪيئي سهڻي، ادب نال الاون تي شرماون
ويک مکڙا محب ميڏي دا، موتي پي مُرجهاون تي شرماون
ٻولي سُڻ ڪر ڀهڳڻ دي، نا طوطي ڇهنب چلاون تي شرماون
ڪيا ٽور ڪريسن مور ماهي دي، شيهل پي چپ جاون تي شرماون
سورج قمر سانول اڳون، نہ تاري تاب ڏکاون تي شرماون
ويک ڪي نئينان ناز پريئي ديان، نہ ڪڙيان ڪجل پاون تي شرماون
حوران پريان سپ ”سنياسي“ نوڪر نام سڏاون تي شرماون





## سينگار

حسن وارا قسم تنهنجو، منهنجو ايمان بس تون آن
مذهب دين سڀ سارو، منهنجو قرآن بس تون آن

سوا تنهنجي سڄڻ سائين، عبادت بہ اڌوري آ
صبح، سانجهي توکي سجدو، بنا سجدي نہ پوري آ
محبت بہ ملي توکان، رحمت بہ ملي توکان، جنت بہ ملي توکان
تون هر شيءِ جو آهين مالڪ، ڪمي نہ آهي تو وٽ، عزت بہ ملي توکان
جنهن کي چاهين اڏين ان کي، وڏو مهربان بس تون آن

جنهن ۾ نالو تنهنجو ناهي، ضايع سارو ذڪر چئبو
ابتدا ئي اوهان کان ٿئي، اهو ڪم امر چئبو
ايئن آهون، وڏيون دانهون، اثر دعائون ڪنديون ڪهڙو، بنا محبوب محبت جي
نفل چا ڪبا نيتي، سوا سهڻي جي صحبت جي
اندر واري ئي ڪعبي ۾ منهنجو آذان بس تون آن

چاهي دل ٿي پرين پيارا، هميشہ گڏ هجان توسان
عنايت جي اگر ٿي پئي، اها سائين مٺا مون سان
تہ ٿي نوڪر تنهنجي در منهنجا دلبر، مرڻ تائين گذاريندس
تنهنجون راهون، تنهنجا رستا، اکين سان پيو ٻهاريندس
اعليٰ چيز آهين پر سچو سبحان بس تون آن

چئي ”ممتاز“ منهنجو آن، حسن وارا سهارو تون
حسن سان گڏ آهين تون، پرين ڪيڏو نہ پيارو تون
نرالو ناز آ تنهنجو، نئون انداز آ تنهنجو، مٺو آواز آ تنهنجو
هر تعريف آ تنهنجي، پريل بياض آ تنهنجو
”سنياسيءَ“ جو سهڻا سائين وجد وجدان بس تون آن

## گوريءَ جو سينگار

سهڻين کي سينگار گهڻا، پيا چوڙيلن کي چلکن
کيوٽيون، کوشکيون، پلي کوڏيون پائن کن
والا، جهالا، جهومڪ، جهاجهر کيو جهلکن
نسبيون، پنڙا، پوپٽ، پاپڙين تي پلکن
چوٽيءَ ڦل، چاهه مان پيون، سڳين تي سٽکن
ريشم پٽ، سڳڙا سُٽ، ڳُجرون سي گل کن
مٽا مٽي مينديءَ ڏئي، سينڌ سي سرکن
هٽي مساڳ، مسي سُرخي، چڳا سي چپ کن
سهسين کن سينگار پلا، ٻيو شؤق سان چٽکن
ڌهريون، هار هزارن جا، پيا ڳُلڪيءَ تي لٽکن
ٻُولو ٻئينسر، بانوريون، نازڪ سي نٿ کن
هيرا ڦليون، لونگ پايو، مُهريون پيون مُرکن
هسبيون، رسيون رنگين پائي، ڳچيءَ ۾ ڳٽکن
ڪنگڻ، ڪڙيون، ڪٺ مالون، نہ موراهون ٺٽ کن
ڇلا، منڊيون، ويڙهه واهه واهه، ڇيچن تي چٽکن
جورا ڍڪي ڄپاني، پلي جوين تي جهٽکن
سُرمو پائي سرهيون ٿي، ٻيو تيل مکي ٽِلکن
عطر، خستوري، مُشڪ مٽين، نہ بوءِ ڪان بس کن
سرتين سندي ساٿ ۾، کونڌر پيا کسکن
جي محبوب اچي محفل ۾، تہ ڪايو هار ُلي هٽکن
ويچارين سپ وسري وڃي، پيون پڙن ۾ پٽکن
سورنهن ئي سينگار ڪري، ڪٽي ڪجل سان ڪٽکن
اعليٰ منهنجي عجيب لاءِ، سهڻيون پوءِ سڏکن
واٽن تي ويهن، سڄڻ لاءِ ”سنياسي“ چئي.





## نظير احمد ميمڻ

نظير احمد ولد ستار ڏني ميمڻ جو بنيادي تعلق مٺياري تعلقي جي ديهه ابڙيجاڻيءَ ۾ قائم ڳوٺ گل وسيءَ سان آهي جتي پاڻ 1964ع ۾ ڄائو هو پرائمريءَ جا پنج درجا ويجهي ڳوٺ ماڪن شاهہ جي وسيءَ ۾ پڙهيائين ۽ پوءِ هارپي جي ڪم ۾ مائٽن جو هٿ ونڊائڻ لڳو. 80 واري ڏهاڪي ۾ پيدا ٿيل بدامنيءَ ڪري 1983ع ۾ سڄي ڳوٺ لڏ پلاڻ ڪري ٻيا ٺاڪ وسائڻ جو فيصلو ڪيو. اهڙيءَ طرح ڳوٺ جي اڪثر آبادي مٽياريءَ جي پوليس اسٽيشن ويجهو ميمڻ ڪالوني ٻڌي اچي ويني. ڳوٺ ۾ سندس خاندان گهڻي قدر زراعت پيشہ هو. پر شهر ۾ اچڻ بعد واپار وڙي ۾ بہ لڳي ويو. خود نظير احمد ۽ سندس ڪي پائر ٺيڪيداريءَ جي ڪم سان لاڳاپجي ويا. نظير احمد ميمڻ جو والد ستار ڏنو ولد گل محمد ميمڻ پاڻ بہ سگهڙ هو. هڪ لحاظ کان چئي سگهجي ٿو تہ لوڪ ادب سان سندس دلچسپي موروثي آهي. پر هن باقاعدي لوڪ ادب تي طبع آزمائي 1993ع ۾ شروع ڪئي، جڏهن سندس واسطو يارمحمد ٻگهئي سان ٿيو، جيڪو سنڌ جو مشهور سگهڙ آهي ۽ جنهن جي صحبت کيس لوڪ ادب جي صنفن تي باقاعدي طبع آزمائي ڪرڻ تي مجبور ڪري ڇڏيو.

نظير احمد ميمڻ ميڊيا جي مختلف ذريعن جهڙوڪ: ريڊيو، ٽي ويءَ تي پنهنجو فن پيش ڪري چڪو آهي ۽ اخبارن ۽ رسالن ۾ بہ سندس شاعري ڇپجندي رهندي آهي. پاڻ لوڪ ادب جي حوالي سان بہ ڪم ڪرڻ جي سلسلي ۾ گهڻو متحرڪ رهيو آهي سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم سلات قائم ڪندڙ بنيادي ماڻهن منجهان هڪ آهي.

فن جي حوالي سان کيس ڪافي ايوارڊ ۽ شيلڊون پڻ ملي چڪيون آهن، جهڙوڪ: دولهہ دريا خان ايوارڊ، سگهڙ محمد امين

سنياسي ايوارڊ، مٿياري مددگار فورم ايوارڊ ۽ ٻيا ايوارڊ. هن لوڪ ادب جي صنفن مان خاص طور تي سينگار شاعري، ڳجهارت، نصيحت، پهاڪن وغيره تي طبع آزمائي ڪئي آهي سندس هڪ ڪتاب ”صدين جي سوغات“ ڇپجي چڪو آهي. هن ڏور بيتن تي مشتمل هڪ ڪتاب ڏار مرتب ڪيو آهي، جيڪو پڻ جلد ئي ميدان ۾ آندو ويندو.[1]

## سينگار

ڪاڪل ڇڏي ڪلهن تان جي وير ورائي وار
تہ زلف سياهہ سڄڻ اڳيان ڇا ڪکر ڪندا ڪار
چنڊي جي چوهہ مان تہ نانگ نہ ٿين نروار
تند زلف تاب اڳيان ٻجليون سڀ بيڪار
اليهر تليهر عجيب اڳيان ڳرگ ٿين سڀ غار
”ميمڻ“ مٽ نہ محبوب جو پيل لڌن لک هزار
جا ”نظير“ ڪيم نهار مثل نہ ڏٺم محبوب جو

## سينگار

چڪور ايڏو چنڊ تي تو چريا رکيو چاهہ
ڏسي هن حُسن کي سکي ويو ٿئي ساهہ
پنيو ليو رهين ٻر ۾ رليا ڇڏي راهہ
ڏسين جي محبوب منهنجو تہ واتان نڪرئي واهہ
جي ٻاهتر مان ٻاجهارو ڪولي هڪ پلاهہ
تہ اپري نہ وري ٻُلي تي نہ تک ٻچيس تاءُ
نہ ٻاٽيتو رهي ڳول ۾ نہ ڏينهن هفتا ماهہ
جا ”نظير“ ڪيم نگاهہ، پر مثل نہ هو محبوب جو

---

[1] ڪچهري جا مور: ڊاڪٽر ڪمال جامڙو





## سينگار (ڏهس هاٿين جا نالا)

هلڻ ڏسي حبيب جو ٿيا چينچل سيئي چور
هاٿي هنڌ مٿائي ڍهلي ويا سڀ ڀُور
ڳنير ڳس ڇڏي ماڳ نہ وريا مور
ڳيدان مان ڳُوهہ وئي سنڪر ڇڏيو سور
ڪنجل ڪن ڪڙا ڪيا هرني ٿيو هور
فلڪ وئي فيل مان ڳج نہ چريو ڳور
مکني ماٽ ۾ ٽل وڃائي ٽور
”ميمڻ“ مڙيا سڀ مور هلڻ ڏسي حبيب جو

## سينگار صفاتي

سهڻي منهنجي سردار جو ناهي جوڙ جهان ۾
حورون پريون حيران ٿيون غلغلو غلمان ۾
سائين خود صلوات پڙهي سهڻي نبيءَ جي شان ۾
قصو منهنجي ڪامل جو قادر ڏنو قرآن ۾
سيرت صورت سهڻي سڀ خوبيون پليون خان ۾
ابر ڪکر اجهي ويا جلوو پسي جوان ۾
پانو ڀُونو ڀُنرو ۽ چنڊ ڪريو چوگان ۾
ويو جلوو پکڙي جوءِ ۾ تي بهاري بستان ۾
ڪبک ڊيل ڪنبي وئي جي محب گهمي ميدان ۾
مور هاٿي مات ٿين نہ جوتِ رهي جان ۾
پير مبارڪ پرين رکي واري ڪنهن ويران ۾
تہ ٿين باغ بهاريون گل قل گلستان ۾
لکي ڇا لکان نہ آهي زور ايڏو زبان ۾
مولا مارج ”ميمڻ“ کي عربيءَ جي ايوان ۾
تو سگهہ وڏي سبحان ۾، آهيان نياز مند ”نظير“ ڇئي.

## سينگار صفاتي

جاچي ڏٺم جهان آ سهڻل جي سينگار تي پهرو
حورون پريون هر حسينن جو سجڻ سردار تي پهرو
جو وٽ وجن پيو ڏنو دلبر جي ديدار تي پهرو
ڪيفي ڪاريون ڪنڍيون ڊولڻ جي ڊار تي پهرو
لبن جي لالاڻ ڏنو لبي مينار تي پهرو
منهن ۾ محبوب جو ڏندن جي ڏهڪار تي پهرو
چؤطرف چمڪار جڻ درن جو دلدار تي پهرو
جتي پير رکيو پرينءَ ان پيزار تي پهرو
پؤنري ڏسي پٽ تي درس ڏنو دربار تي پهرو
ڪيسر ڪري پٽ پئي هاپوش جو منهن انوار تي پهرو
”نظير“ نرمل نڪري ناز مان تہ لڳي بازار تي پهرو
”ميمڻ“ مالڪ ڏنو محبوب لاءِ سڄي سنسار تي پهرو

## سينگار (ڏهس اُتن جا نالا)

اچڻ تيو عجيب جو تہ ليڙن چڙيا لڪ
بودلا بار چڙي واري واريئون نہ وڪ
مستي وئي مهرين مان چانگن نہ وڏا چڪ
اٺ بينا ۽ عجيب اڳيان بار چڙي بيهڪ
ڊاتِن ڊاوڪان مور نہ چري مڪ
روڏا ڪوڙي گوڏا ڊاري ڪيئون ڊڪ
گورن گاهہ چڙي ڪئي وير اڳيان وِهڪ
”نظير“ ڪنواٺ ڪنڌ نمائي ڏني جانب جي جهلڪ
جنهن پرين منهنجي پِرڪ، هئا ڪارا ڪوهہ منا ڪيا





## محمد ابراهيم ميمڻ

محمد ابراهيم ميمڻ ولد محمد موسيٰ ميمڻ جي پيدائش 1970ع ۾ ٿي، پاڻ پرائمري تائين تعليم حاصل ڪيائين، پاڻ فن جي شروعات 1990ع کان سنڌ جي سريلي سگهڙ يار محمد ٻگهيي جي استادي هيٺ ڪيائين. اڄڪلهہ ڪوٽ سهيل اڪبر شاهہ لڳ متياري شهر ۾ پنهنجي ڪرت سان لڳل آهي.

### صفاتي سينگار

تنهنجو نالو پيارو، اسم پاڪ آهي
تنهنجي نانءُ پيارا، هي لولاڪ آهي

تون هر ڪنهن جو رهبر، تون سردار آهين
تون مختيار ڪل جو، تون مهدار آهين
خدا جي تہ رحمت جو، وسڪار آهين
سعيدن جي محفل جو، سينگار آهين
ٻيلا ئن، ٻنين جو، تون ٻهڪار آهين
مڪي جون ماڙيون، مدينو بہ تو لئہ
منهنجو ساهہ سنڌ سنڌ هي سينو بہ تو لئہ
تون ۾ مهر نبوت ۽ ميثاق آهي

تنهنجي آئي عربي، ختم تي اونداهي
ٻچيو ڪونہ ڪنگرو، ٻچي پرت نہ ڪائي
قيصر ۾ ڦهري مچي وئي تباهي

اها باھ احمد صہ تو پيارا ڄڃهائي
ٻت پور ٽِپڙا، ٽي ڀڱي سُهائي
تون منهنجي دِل جو دلبر، دلدار آهين
تون ئي نور نرمل، تون ننگدار آهين
پهريل توکي پيارا، هي پوشاڪ آهي.

ڪٿي چند چيرُيئي، آڱر جي اشاري
ڪٿي سج واپس ڪيئي، واري واري
ڪٿي پٿر پاڻيءَ مان، چڙيئي تاري
ڪٿي نانگ نڪري پيو تو لئہ نهاري
سُڪل ُڏو ٽيو سائو، سو تنهنجي سهاري
تون مير مُرسل، تون مهدار آهين
غريبن، يتيمن جو غمخوار آهين
تنهنجو عجب اعليٰ سائين اخلاق آهي.

هي ”عاجز ابراهيم“ پيو تو لئہ ُپڪاري
سدائين پيو سِڪ مان، سڄڻ توکي ساري
غمن ۾ ڏکن ۾ پيو راتيون ڏينهن گهاري
اڪين مان هي عاصي پيو لڙڪ هاري
مسڪين هيءُ ”ميمڻ“ ، لڳو تنهنجي لاري
تون ڄام احمد صہ تون علمدار آهين
تون ئي شان شوڪت جو، شهڪار آهين
تنهنجي عرش تي ٿي، اوطاق آهي.





# حيدرآباد ضلعي جا سگهڙ

## علي اڪبر چانڊيو

| | |
|---|---|
| نالو | علي اڪبر چانڊيو تخلص اداسي |
| پيءُ جو نالو | خير محمد چانڊيو |
| پيدائش | 1968ع |
| فن جي شروعات | 2005ع |
| استاد | غلام ڪبير لولائي ۽ عاجز رحمت الله لاشاري |
| ائڊريس | لطيف آباد نمبر 4 حيدرآباد |

### سينگار بيت (ڏهس - اُٺن جا نالا)

ڏسي مِير مُرسل ڪي، ليڙن چڙڏي ٻُلو
راهه مٿي راٽل جي، ڪر ڪهن ڪنيا ڪر
گؤنرن گس مٿائيا، ويا پوئتي هٽي پانگر
مهرين مان مستي وئي، وسريا ٻُٺن ڪان اوڳر
مين مُنهن موڙيا، ويو ڏانگهن منجهان ڏر
روڏن ڪري راڙيون، جهڪايا ساجن آڏو سِر
سُجاڻي عربيءَ ڪي ”اڪبر“، ڪِريا ڪنوات ڪٺئي قدمن تي.

### سينگار بيت (ڏهس - هاٿين جا نالا)

هلڻ ڏسي منهنجي حبيب جو، مجي هاٿي، هئيندل هار
چئينچل چُوڻ چڙيو، ڏسي راٽل جي رفتار
سنڪر سِر نوائيا، ڏنئون جڏهن عربيءَ جا اسرار
ڪنجل ڪنڏ جهڪايا، جڏهن نرمل ڪئي نِهار
گيدن گس مٿائيا، ايندي محب ڏسي منٺار
ڳَنير، گور ڪن ڪڙا ڪيا، ٻڌي گوهر جي ڳُفتار
جڏهن سُجاتائون سردار، ”اڪبر“ ڪريا مئندل ڪٺل قدمن تي.





### سينگار بيت (ڏهس - راتين جا نالا)

جنهن ۾ آمد ٿي وئي آقا جي، سا بيحد پلاري ھئي رات عجب
ٻارهين ربيع الاول جي رجنيءَ ۾، ٻوسي رحمت جي برسات عجب
حورون، پريون ٻه جُهومڻ لڳيون، پيا انس مٿان اثرات عجب
جنهن شف جانب جو جلوو ٿيو، سيءَ ليل جا ھئا لمحات عجب
مٿي رين جي رونق، ٻُتن ٻه ڪري سجدا پڙهيا ڪلمات عجب
چوٻول پئجي ويا چيهن ۾، پوءِ پره ڦٽي پريات عجب
ڀِهپ پسي پرينءَ ڪي، پڙهي سائينءَ تي صلوات عجب
تِنهن سب مٿان مان صدقي ٿيان، آيو عربي ٿيا انعامات عجب
ٻُل ٽونِي، تمسر ۾ شان وارو، مليو مُحب ته ٿي سوغات عجب
”چانڊيا اڪبر“ نبي نِروار ٿيو، ڪل روشن ٿي ڪائنات عجب

### گوريءَ جو سينگار

جب گوري گهنا ڪري، هلي سورهن ئي سينگار
پائي نٿ، نسبيون، جُهومڪ، جهالا، هيرن جا ڪي هار
چلڙا، پنڙا، ڪنگڻ، ڪڙيون، وري ٻُهري پائي ڏار
بڪل، ٻُولو، بئنسر ۽ ٻيون چُوڙيون چمڪيدار
ڪنمال، ڪو ڪو، لونگ، ليلم ڪري ڪجل جي ڊار
پهري بخمل، ريشم بدن تي، ڪري چم چم هلي چمڪار
پر هلڻ ڏسي منهنجي حبيب جو، ٿيندس هوش عقل گم غار
آهي سونهن سجڻ جي تار، ”اڪبر“ هيءَ چا جهلڪ سگهندي جهلي.

## صفاتي سينگار بيت

ڏٺم جاچي دنيا، خدا جو قسم آ
حسن منهنجي سهڻي، سڄڻ تي ختم آ

ڪچهريءَ ۾ حسينن جي، جي ڳالهه ڇوي پئي
محمدﷺ جو نالو ٿو زبان تي سري پئي
ٻڌي صِفت سڄڻ جي، ٿو ويندڙ ٻه وري پئي
هي جگر جيرا منهنجا، تي دل ٻه منهنجي ٺري پئي
جهڙو سڄڻ سهڻو، تهڙو ئي اِسم آ

لڳن ايئن پيا ڪارا، ڪاڪل ڪلهن تي
جيئن نانگ واسينگ، ڇڄن ڪنهن پهرن تي
ڏين پوئنر پيرا، پيا ڦلجي ڳلن تي
سمجهي ڳُلي گلابي، پيا ڳڏ ٿين لبن تي
ڪري ڪم نٿو هوش، پوئنرن جو ٻه ڳم آ

اکيون ڪاريون ڪجليون، ڪجل ڌار ڪان وڌ
ڀرون جاڙا جاڙا، ٻئي تلوار ڪان وڌ
ڏندان، هيري، موتي، جهنوار ڪان وڌ
ناهي ڪو حسن ۾ حسين يار ڪان وڌ
سونهن منهنجي سڄڻ جي اعليٰ ڳنم آ





گلاب جيئن گلن، گلزارن جي وچ ۾
جيئن چنڊ چمڪي، ستارن جي وچ ۾
حبيب تيئن آهي حسن وارن جي وچ ۾
پري ڪان آ پڌرو، هزارن جي وچ ۾
منهنجو ٻين سهڻن ڪان، نرالو صنم آ

منهنجو محب اهڙو مننار آهي
نبين سيني جو سردار آهي
ابوجهن جو ”اڪبر“ ڇئي آڌار آهي
غريبن جو ”چانديا“ هي غمثار آهي
تون ڳلمتي آ ان جو، توکي ڪهڙو غم آ.

## صفاتي سينگار بيت

حبيب تنهنجي حسن جي، هاڪ هلي پئي پيارا
سڄڻ تنهنجي سونهن ڏسي، پيا شرمائن چنڊ تارا
حورون، پريون حيران ٿيون ۽ ملڪ سيئي موچارا
هزارين حسينن اچي اڳيان، پوءِ منا مڃي هار آ
مڙني چيو سبحان الله، هي تہ سهڻن جو سردار آ
ڏجان محشر منجهه سهارا، ”چانديو اڪبر“ اوهان جي آسري.

# علي بخش سومرو

| | |
|---|---|
| نالو | علي بخش |
| پيءُ جو نالو | قلندر بخش |
| پيدائش | 1946ع |
| سگهڙائپ جي شروعات | 1980ع |
| استاد | غلام قادر پٽو |
| ائڊريس | شاهه لطيف ڪالوني ڪاري موري حيدرآباد |

## سينگار بيت

امڙ جي گهر آقا آيو، جانب آ جنهن رات
حورن، ملائڪن، حبيب تي سڪ مان پڙهي صلوات
اچڻ سان عجيب جي، تڪا ٿيا تجلات
جيجل ڏٺا جانب آئي، مصر جا محلات
روشن ٿي وئي رهبر آئي، ڪُلئي هي ڪائنات
ڪِريا ڪوٽ ڪِسريٰ جا، جڏ پرهه ڦٽي پرڀات
آقا آئي جڳ ۾ لُئي، رحمت جي برسات
درود و سلام، ثنا جي ٿي هر ڪنهن وائي وات
ڪنهن مولود پڙهيا مُرسل جا، ڪنهن نينهئون پڙهي نعت
”علي بخش“ الله ڏنا، پنهنجي دلبر کي درجات
پوءِ باريءَ بابرڪات، لطف ڪيو هِن لوڪ تي.





## سينگار بيت

حُسن منهنجي حبيب جو، ظاهر زينتدار
مٽ نہ پانيان محبوب جو، ڪو ڪروڙين ڪري سينگار
صورت منهنجي سائينءَ جي، آ محب مٺيادار
حقيقت ۾ حق آهي، دلبر جو ديدار
”وضُحيٰ“ چهرو وريام جو، واسينگ ڪان وڌ وار
سوا لک نبين جو، پرين آهي پڳدار
گهمي جن گهٽين ۾، ٿيئي هنڌين ماڳين مُهڪار
چوڻ جنهن جا چاهت پريا، ڪٽي خوشبوءِ دار
هلت ڏسي حبيب جي، مِرگهن ڪاڏِي مار
ملائڪ، جِنّ، ماڻهو پيا ڪن، پرينءَ جي پچار
”علي بخش“ اصل ڪان، آ ٻانهيءَ سندو ٻار
يتيمن جو يار، ڪندو ماڙ محشر ۾.

# احمد علي ”اترادي“ چانڊيو

| | |
|---|---|
| نالو | احمد علي تخلص اترادي |
| پيءُ جو نالو | محمد پيچل چانڊيو |
| پيدائش | 1966ع |
| فن جي شروعات | 2005ع |
| استاد | عاجز رحمت الله لاشاري |
| ائڊريس | حسين آباد ڪالوني حيدرآباد |

## صفاتي سينگار

ڪير ٿو پهچي سگهي، مصطفيٰ ﷺ جي شان کي
مالڪ پنهنجي محبوب لاءِ، جوڙيو هِن جهان کي
ڇا ڪري سگهندس بيان، نہ طاقت آ زُبان کي
خود خُدا ڪئي آ ثنا، پڙهي ڏس قرآن کي
عرش تي مولا گهرايو، صاحبِ سُلطان کي
ڏنئين انعام اُمت لاءِ، رُوبرو مهمان کي
موٽي اچي مُرسل ڪيو، عام هن اعلان کي
پنج وقت نمازون پڙهي، راضي ڪيو رحمان کي
لاهي نہ سگهبو ”احمد علي“، الله جي احسان کي.





## صفاتي سينگار

سونهن منهنجي سڄڻ جيءَ جو ڏيهن ۾ ڏهڪار آ
پلي توهان پيٽي ڏسو، پلو ڪنهن جو يار آ

حسين پيا بہ ڪوڙ آهن حُسن جا پرور
ڪري هار سينگار پاڻ کي ناهن پيا هر هر
وري ڪولي وار ڪلهن تي، رکن ڪارا ڪاريهر
تہ بہ مٽ نہ منهنجي محبوب جو، پلي سونا پائن ٻيو
منهنجو تہ جانب سيني سهڻن جو سردار آ

شيرين لاءِ فرهاد ڪيئن پهاڙ وڏو ڏاري
رانجهن بہ ڇڏيو هير خاطر تخت وساري
مصر جي ماين ڪٽيا هٿ، يوسف ڏي نهاري
پر جن ڏي ڏنو مُرڪي محبوب منهنجي پياري
تہ گهر ٻار بہ گهوري مٿان سِرُ بہ ڪيو نثار آ

ڳئن، مينهن، ٻڪرين جا، چونہ سچا هجن مکڻ
انب، انگور، ڪيلا، هجي ڏاڙهونءَ جي ڪا ڪڻ
کنڊ، ماکي، مصري، پلي ميٺي ڪجن مکڻ
پر ڪندا ڪهڙي همسري منهنجي سهڻي ساڻ سڄڻ
مٺڙني ڪان مٺي لالڻ جي لَب سندي لغار آ

هاٿين جي هلڻ جي آ سُهڻي،ٿور ٻڌي ڇڏ
پکين ۾ هلندو لاڏ سان آ، مور ٻڌي ڇڏ
هرڻيءَ جو هلڻ سڀ کان سُهڻو، زور ٻڌي ڇڏ
پر ڪيان پرينءَ جي قدمن تان سيئي، گهور ٻڌي ڇڏ

منهنجي دلبر جي اڳيان ڪاڏي هڙني هار آ

سرنهن، مهتر، منڊ تي پلي ڦلارجي بيهن
رابيل، چنبيلي، موتيو، ڪيئي ڪنا گل ڪجن
عطر، عنبير، چونہ سوين سرها تيل هجن
پوءِ بہ منهنجي پرينءَ جي نہ پسيني ساڻ پڄن
جن گهٽين ۾ منهنجو گوهر گهمي، تن گهٽين ۾ مهڪار آ

مرڪي جڏهن منهنجو سهڻو سجڻ ڳالهائي
بلبل ۽ ڪوئلون بہ چڏين ڪنڌ جهڪائي
چنڊ، تارا ڪتيون، قطب، پيو سج بہ شرمائي
اهڙو دنيا ۾ ڪنهن جو دلبر آهي تہ ٻڌائي
”احمد علي چانديا“ مستان ٿيا، جن بہ ڪيو ديدار آ.

## صفاتي سينگار

حسن ۾ وڌ حسينن کان، محمد مصطفيٰ ﷺ آهي
سوين سينگار ڪن سهڻا، مِني جو مٽ ڪو ناهي
پلي هي شمس ڪڍي شاخون، پوءِ بہ لالڻ کان لهرائي
اشارو جي ڪري آقا، وجهي قمر بہ ڪيرائي
لِپي تي سئي پوي ليڪن، مرڪي جي مرسل ڳالهائي
هٿي جي ٿو وجي پردو، ڦٽي پريات پئي آهي
پيو چؤبول چيهن ۾، ٿيو اڄ رات ڪي چا هي
حڪم جبرئيل ڪي آيو، جلدي پردي ڪي ويو ناهي
چوان ٿو چاهہ مان ”چانديا“ گهڙي ڪا گهوٽ گهرائي
ڪيان ديدار دلبر جو ”احمد علي“ آس اِها آهي.





## گوريءَ جو سينگار

نينگر جڏهن نڪري، ڪري سپ سينگار
رنگ گلابي گهرو ڪري، ڪجل جي ڪا ڊار
چوٽو سندس چيلهہ تي، ورائي هلي وار
بيهڪ اهڙي پرِون جي، جيئن تيز تکي تلوار
لال گلابي لبڙا، ڏند، موتين جي قطار
بخمل پهري بدن تي، هيرا لک هزار
سون سندا سڳڙا، وري چوڙيون چمڪدار
چهرو سندس چنڊ جهڙو، خاشا نيڻ خمار
سنگتي نہ ڪوئي ساڻ هجيس، ڪرولا هينان ڪار
اک ڪٽي جي اوچتو، تہ ڪِرن ڪيئي ڪنڌار
”چانديا“ هلي چاهہ مان، تہ ٿي بند وجي بازار
مٽ نہ سمجهي ڪنهن ماڻهوءَ کي، هن دنيا ۾ هر وار
پر جي سونهن ڏسي منهنجي سائينءَ جي، ٿي هوش ويندس گر غار
”احمد علي“ چوي انهيءَ کان، ويندا وسري سپ سينگار
پوءِ چني پنهنجا هار، ڪرندي پريم جي قدمن تي.

# شاهنواز ”شهزور“ سنڌي

نالو: شاهنواز
پيءُ جو نالو: سانوڻ خان ڀهراڻي
پيدائش: 3 جون 1985ع
هنڌ: ڳوٺ هوتخان ڀهراڻي

پرائمري تعليم: 1990ع کان شروع بعد ازمڊل مئٽرڪ تائين هاءِ اسڪول نوان جتوئي ۾ پڙهيائين، دوران مڊل تعيلم س.ا.س. جوائنٽ سيڪريٽري پڻ رهيو ۽ روزاني برسات ڪراچي اخبار ۽ پندرنهن روزه سائين اخبار ۾ پڻ اسپيشل صحافت ڪندي ڪالم، ڪهاڻيون ناوليٽ ۽ شاعري پڻ لکندو رهيو، مئٽرڪ ڪان پو ءِمزيد خرچ نہ هئڻ سبب تعليم اڌ ۾ ڇڏيائين ۽ مزدوري ڪندي رازڪي هنر جي سکيا بعد رازڪو ڪم ڪندو رهيو.

سگهڙائپ ۾ ڀهرين وک سن 2012ع ۾ ڪنيائين.

ڀهريون پروگرام ڪوٽڙي ۾ جشن عيد ميلاد النبي ڪرڻ سان گڏ ڪيئي ٽي وي، ريڊيو پروگرام ٽيل ۽ سني ڪارڪردگي جا ايوارڊ مليل استاد علي اڪبر اداسي چانڊيو ڪان باقاعده سکيا وٺندي سگهڙائپ جي هنر ۾ شاعري لکندڙ

شاعري ۾ استاد، حافظ محمد بخش خاصخيلي، نماڻو سنڌي، گدا حسين خاصخيلي، سادات ساگر جعفري، سيد راشد علي شاهه مورائي.

نثر ۽ نظم جي ٻن ڪتابن جو مواد هجڻ باوجود غربت سبب سندس ڪتاب نہ ڇپجي سگهيا آهن.

موجوده رهائش حيدراباد لطيف آباد نمبر 4، عيل آباد ڪالوني، نزد درياهه بند، نور مسجد.





## صفاتي سينگار

سُهڻو آ سيد منهنجو محمدﷺ، عرش فرش هي بات آ
حسن تہ دنگ آ دلبر تي ٻي وائي نہ ڪنهنڪي وات آ
محبوب خاطر خالق خلقي ڪل هي ڪائنات آ
عرش تي عربيءَ ساڻ ڪئي رب روبرو ملاقات آ
جانب آيو جهان ۾ سا 12 ربيع الاول جي رات آ
ڏُلي رحبت رب جي پوءِ پرهہ ڦُٽي پريات آ
جن، ملائڪ، حورن، پرين پڙهي سائينءَ تي صلوات آ
پڙهيو ڪلمو پاڻ پيغمبر تي عزيٰ لات ۽ منات آ
”شهزور“ ڏسان وجي ملڪ مدينو، رڳو تن ۾ اهائي تات آ

## صفاتي سينگار

محمدﷺ مير مرسل جي تو شعر شروع ڪيان شان ۾
ڇا صفت ڪيان مان سيد جي ناهي طاقت منهنجي زبان ۾
ڪجهہ سٽون سينگا رجون تو شامل ڪيان هن باب ۾
تعريف تنهن تنونگر جي ڪئي قادر پاڻ قرآن ۾
ڪل نبين کان نرالو، محمدﷺ مِنو آ مان ۾
آهي يوسفؑ کان ٻہ وڌ سونهن منهنجي سلطان ۾
ڪريا ڪوٽ ڪفار جا، جڏهن جانب آيو جهان ۾
سهارو بي سهارن جو ڄڻيو عربي عربستان ۾
عمل ڪونهن آسرو آهي جانب گهوٽ جوان ۾
”شهزور“ ڪندو شفائت محشر سندس ميدان ۾.

# عمرڪوٽ ضلعي جا سگهڙ





## تاج محمد هاليپوٽو

| | |
|---|---|
| نالو | تاج محمد |
| والد | محمد هاشم |
| ذات | هاليپوٽو |
| جنم | 10 سيپٽمبر 1956ع |
| ڌنڌو | زميندراي |
| شاعري ۾ استاد | نامور شاعر اديب ۽ محقق محمد عمر معمور يوسفاڻي |
| شاعريءَ جي شروعات | 14 چوڏهن سالن جي ڄمار ۾ 1970ع کان |

پاڪستان ٽيليويزن سينٽر ڪراچي ۽ ريڊيو پاڪستان حيدرآباد تان سيد صالح محمد شاهه سان گڏ ڪافي پروگرام ڪيل اٿس. شاعريءَ ۾ غزل، ڪافيون، نظم ۽ گيت لکيل آهن.

سندس سگهڙ پائي جي هر صنف تي طبع آزمائي ٿيل آهي، پر سرڪاري طرح ڪو به ايوارڊ اڃان تائين ڪونه مليو آهي.

هن سگهڙ جي ذاتي ڪتب خاني ۾ هزارين ڪتاب موجود آهن، سنڌ جي شهنشاهه شاعر پلاري پٽ ڌڻيءَ جي ڪلام ۽ سنڌ جي لوڪ ادب سان عشق جي حد تائين لڳاءُ اٿس، جيئي ايف ايم 88 ميرپورخاص تان هفتيوار پروگرام سرهاڻون سنگهار جي پليٽ فارم تان سنڌ جي لوڪ ادب سنڌ جي ثقافت تهذيب ۽ باڪمال شاعرن ۽ سگهڙن جي ڪلام کي اجاگر ڪندو رهندو آهي. سڄي سنڌ ۾ شاعر اديب ۽ سگهڙ دوست رکندڙ هن ذات ڌڻيءَ جي ڪلام جو ڪو مجموعو اڃا نه ڇپيو آهي.

## سينگار

جلوي اڳيان جا نبِ جي ڪوڙيين ڪنڌ جهڪن
نہ ٿيا جوڙ جُتيءَ جو سهڻا جي سڄڻ
آهي آڏت اِند ۾ ٻوتو و پِرِين
”تاجن“ سونهن سندن، جو ڪايو جهان کي

## سينگار

صورت سُهڻا سُپرين، ڏيهہ سندن ڏاني
سُجهي نٿو سنسار ۾، سڄڻ جو ثاني
سهسين ڪري سوجهرا جلوي سان جاني
خلق ساري خُلق سان ڪيئين موهي مستاني
مُک ٻِسي محبوبَ جو، ٿي دلڙي ديواني
ٿي ڪوڙيين قرباني، ”تاجن“ پنهنجي پرين تان

## سينگار

آڏو حُسن حبيبَ جي، لڪين لال لُڇن
سهڻا ساري ڏيهہ جا، مٽ نہ محبوبن
حورون هٿ ادب جا ٻانهين جيئن ٻَڌن
ٻريون پير پرينءَ جا، چشمن ساڻ چُمن
تارا ڪتيون قُطبَ ٿا، جلوي ساڻ جهڪن
موءِ ٻِسي محبوبَ جا، واسينگ پيا وِڻجن
سونهن گُل گلابَ کان، لالا يون لِبن
اعليٰ آهِ عنبير کان، پسينو پرين
صدقي سِرَ ڪجن اهڙن عجيبن تان





## سينگار

موهي گهڻو من کي، ٿي مورت محبوبن
ذهب زيب چڙدي ويو، ٻِسي سونهن سندي سڄڻن
سنکر وساري سُرتِ کي، جڏهن جاني ٿورَ ٿِلن
ڏندان منهنجي دِلبرَ جا، وڏ موتين مر جانن
آهو عين عجيبَ جا، چقمق جينئن ڇُهن
کارا ڪيس قريبَ جا، ٿا ڪلهن ڪرُ ڪٽن
سوين ڪو تي دوست جي، ٿا جلوو ٻِسيو جهڪن
”تاجن“ تابَ پرينءَ جي، وڏو حيرت هزارن
سينگارَ ڪيا سُهڻن، ٻِو گوهرُ گوءِ ڪٽي ويو

## سينگار

سونهن سندم سردار جي، آهي ڪل ڪمال
صورتَ منهنجي سڄڻ جي، بي شڪ بي مثال
ڪمر آهِس ڪيسري، نوري نيڻ نِهال
ڪٿر ننهن ڪنگوءَ کان، لبڙا موتي لال
جلوي ساڻ جنابَ جي، ٿا جهڪن جهڙ جهڙال
ترني تجلا تائب ٿيا، ٻرق ٿي بيحال
خِجل، ڪبڪ طائوس ٿيا، چنچل ٻِسي چال
مدهوشي ٿي مُرگهن کي، هاٿين ويا حال
ٻُهچڻ ڪنهن جو پِرِينءَ سان، مُشڪل آهِ محال
”تاج“ سندن تعريف جي، مون کي ناهِ مجال
اوريان چا احوال، ساجن سندي سونهن جو

## سينگار

صورت منهنجي سڄڻ جي، لاشڪ لاجواب
هِڪڙا جلوا جوڀن جا، ٻيو حُسن بي حساب
پسان نٿو پرينءَ جي جلون جو جواب
هاري بازي حُسن جي، محبّ ڪان مهتاب
دلبر ديوانا ڪيا، نازن ساڻ نواب
پسي لالي لبن جي، ٿيا مورهين ماتِ گلاب
اکيون قهر قريب جون، نرگس نيم خواب
ڳولين وِگهه وڙهڻ جا، ارڏيون وڏ عقاب
غضبناڪ غمزن جو، ٿو "تاجن" ماري تاب
نازڪ يار نِقاب، ڪولي ڪُٺو خلق کي

## سينگار

ڪٽي جڏهن خُمار مان، ٿو نازڪ نيڻ ڪرنگ
تہ ماريو مشتاقن کي، وِجهن تيز تفنگ
دلبر جي ديدار ڪان، ڏانهن رهيا دنگ
ڪٽن گوءِ گلن ڪان، راٽل سندا رنگ
مر مر ڪان موچارا ٿيا، عجيبن جا انگ
پسيو سونهن سڄڻ جي، سِکن ٿا سارنگ
ترني اڳيان تاب جي، چپي گهڙ يو گنگ
هلڻ ساڻ حبيب جي مات ٿيا ماتنگ
اُرگ پيا افسوس ۾، "تاجن" پسي ترنگ
پچن مثل پتنگ، محبتي محبوب لئہ





# ٿرپارڪر ضلعي جا سگهڙ

## محمد قاسم راهمون

نالو: محمد قاسم
تخلص: "پياسي"
پيءُ جو نالو: ڪمال الدين
ذات: راهمون
جنم جي تاريخ: 6-6-1961ع
تعليم: انٽر
ڪرت: پرائمري استاد
سگهڙائپ جي شروعات: 1980ع
فني استاد: سگهڙ محمد صادق ٿهيم
شايع ٿيل ڪتاب: 1، پيار پڪاري (ناول) 2، پياسي جو پيغام، 3، عمر مارئي (داستان) 4، سورٺ راءِ ڏياچ (داستان) 5، شاهه جو گنج (حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحه جي 8 هزار بيتن جو گڏيل رسالو، ڇپيل/اڻ ڇپيل بيت) (6) ذڪر غوث العالمين (7) ذڪر غوث ملتاني، (8) نوري ڄام تماچي (داستان) (9) مومل راڻو (10) پدمڻي جو پيار هوٽل پري (11) شيطان جي تاريخ (12) سسئي پنهون (13) ليلان چنيسر (14) سڏونت شارنگا (15) ٻارنهن تقريرون (سنڌي)
پتو: ڳوٺ ساڪري، تعلقو چاچرو ضلعو ٿرپارڪر





### سينگار

ساراهه واهه سبحان تنهنجي، جو محب مليو منٺارُ لئي
دل گهرئي تنهن دوست جو، دلبر ڏيو ديدارُ لئي
حسن حبيبي تاج محبوبي، سونهن پريو سينگارُ لئي
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏسي دل گهريو دلدارُ لئي
چنڊ چوڏاري سج سوين، صورت پرين سردارُ لئي
شمس قمر ٻئي شامل ناهن، جلوي ۾ جهلڪارُ لئي
ڪنوٽين ڪيل بند ڪيا، تجلو پسي تنوارُ لئي
وڄڙيون ڪڙڪو ڪو نه ڪن، سهڻو پسي سردارُ لئي
بادل وسڻ بند ڪيا، گوهر ٻڌي گفتارُ لئي
حورون هزارين حيران حسن تي، جوڙ ڏسي جنسارُ لئي
ملائڪ مڙيا محبوب اڳيان، ڏسي صاحب جي سرڪارُ لئي
آسمان کليا عجيب لاءِ، آيو قادر جو قربدارُ لئي
ديدار لاءِ تنهن دوست گهرايو، پاڻ آ پالڻهارُ لئي
عاشق معشوق پاڻ ۾، ڪئي گوهر جي گفتارُ لئي
ڪروڙين ڪرم لکين لائق، عجيب ڏنا اختيارُ لئي
هزارين هر موده، سوين سخائون، بخشيائين بيشمارُ لئي
سيني پرين سرتاج ڪيائين، پياري کي پڳدارُ لئي
لکي ڏنائين لولاڪ سمورو، محبوب ڪيائين مختيارُ لئي
راز روحي قرب قريبي، ونديائون وينجهارُ لئي
پرينءَ پچاريو پرين سان، ڳجهه مڙيوئي غمثارُ لئي
سڪ صاحبي حب حبيبي، همراز هئا هڪوارُ لئي
لوح ڪرسي قلم سڀئي، هٿ حبيبن هيڪارُ لئي
لولاڪَ لما خلقت الافلاڪ، پرينءَ ٻڌي پڪارُ لئي

## سينگار ”چنڊحسندار“

واه سڄڻ تنهنجي ساراهه ڪريان، ماه لقا منٺار واه
چنڊ ڪيتري چمڪ ڏيکاري، حُسن پرين هبڪارواه
قمر ڪروڙين ڪر ڪٽڻ، گوهر پرين گفتار واه
ماه محبوب ماه لقا، سهڻو سندم سينگار واه
ٺِڄراج ڪئين دلبر اڳيان دم نہ دميا دلدار واه
ششدر ويا شوق چڙي، اِئڊ پرين ُلٽار واه
پانو پرين پاور نہ جهلي، پهہ رُخ پرين رُخسار واه
چڪور مست ڪيا چاند تي، دلبر پرين ديدار واه
ٻنرو پرين تجلي ڏسي، تيز تکي تلوار واه
چاهہ منجهان چهرو ڏسي پونو پرين پروار واه
چا لکي مان چا لکان، سندم پرين سينگار واه
ُلؤ پرين رُوءِ ڏسان، ”راهما“ اهو رازدار واه
محبوب ماه لقا منٺار واه، منڙو آهي مون پرين





# سانگهڙ ضلعي جا سگهڙ

# ارباب علي ڪيريو

فقير ارباب علي ”احقر“ ولد محمد صديق ڪيريو ضلع سانگهڙ جي شهر شهدادپور پرسان ڳوٺ ملا حرمت ۾ سنہ 1956ع ڄاري ڄائو پاڻ عالم فاضل ۽ سندس اولاد بہ عالم ۽ نيڪ گهراڻو آهي سنڌ جي ناليواري سگهڙ استاد محمد شريف ڏاهري جي شاگردن ۾ هي اول شاگرد آهن، پاڻ 1992ع کان وٺي سگهڙ پائي سان باقائدي واڳيل سگهڙ پائي جي هر گفتي ۽ صنف جي ڄاڻ رکندڙ هن سگهڙ جو سوين بيتن ۽ ڏور ڳجهارت جي لوڪ ادب شاعري جو اڻ ڇپيل مسودو موجود آهي پي ٽي وي ۽ ريڊيو تي پاڻ مڃائي چڪو آهي. پيرسنيءَ جا پساهہ صوم و صلواة ۽ مسجد توڙي مدرسي ۾ ديني ڄاڻ ڏئي پورا ڪري رهيو آهي، سندس فرزند مولوي رجب علي بهترين عالم آهي.

## سينگار

دنيا جا رهبر خدا جا دلبر، عجيب انور عجيب تون هين
سڀ کان افضل اعليٰ اڪمل نوري نرمل نجيب تون هين

صفي الله ڪو، نجي الله تيو، خليل الله ڪو، ذبيح الله تيو
ڪليم الله ڪو روح الله تيو، مگر نہ ڪوئي حبيب الله تيو
حبيب رب جو حبيب سڀ جو حبيب سهڻا حبيب تون هين

اي عظمت وارا عظيم تون هين، قادر کان پوءِ قديم تون هين
فائق مفڪر فهيم تون هين، عرش معليٰ تي مقيم تون هين
ڪتيءَ لنِي لن تراني ڪتي قوسين کان قريب تون هين





سدا فيض وند جي فياض تو وٽ، وجہ ڪائنات ناهي ناز تو وٽ
ڏسي سراپا نياز تو وٽ اچي جهڪيو اياز تو وٽ
سردار نبي اي عابد زاهد مالڪ ڏي سدا منيب تون هين

حورن کي موهيو شباب تنهنجي نواب جهڪيا باب تنهنجي
ڪل مرض مٽائيا لعاب تنهنجي ڪئين ورايا خطاب تنهنجي
خطيب ٻيا پي خطاب ڪن پيا، خطيبن جو پي خطيب تون هين

ڪئين مريض آيا مرض جا ماريل، بلال جهڙا گهائن گهايل
دل دکي ۽ سور ستايل ڪکر غمن جا تن تي ڇانيل
ويچن ڇڏيو جن کي واري، تن طبيعت طبيب تون هين

ڪئين محبت ۾ مخمور ڪيا تو، درد تنيئن جا دور ڪيا تو
سينان پر مسرور ڪيا تو. خالي گهر پرپور ڪيا تو
ٻيا در ڇڏي جي تو در آيا، حبيب تن جو حسيب تون هين

”ارباب“ آهي غلام تنهنجو هردم چوي پيو ڪلام تنهنجو
ورد جنهن کي سلام تنهنجو، شان اتم آ عام تنهنجو
هر حال ۾ هر جاءِ هر هنڌ راحم دنيا جو اعليٰ اديب تون هين

# سانگهڙ ضلعي جا سگهڙ





## عاجز رحمت الله لاشاري

نالو: مير رحمت الله
تخلص: عاجز (آڪاش)
ولد: فقير شاهنواز لاشاري
پيدائش جي تاريخ: 2 جنوري 1982ع بمطابق 22 ذوالحج 1403 ھ بروز ڇنڇر.
هنڌ: ڳوٺ حاجي مير محمد لاشاري (ڏامراھ واھ لڳ) پوسٽ فريد آباد تعلقہ ميهڙ ضلع دادو (قبائلي تڪرار سبب اتان سال 1986ع دوران لڏپلاڻ ڪئي)
پرائمري جي ابتدا: اپريل 1987ع گورنمينٽ پرائمري اسڪول ڳوٺ ٻنڌي تعلقو ڏوڪري ضلع لاڙڪاڻو (ماسٽر مرحوم غلام قادر ساريو، محمد امين منگي، ٻگي شريف)
قرآن پاڪ ناظره: پرائمري دوران پڙهي پورو ڪيو (استاد مولوي محمد صالح لاڪو)
قرآت ۽ تجويد: مدرسہ محمدي نورالهديٰ، ڳوٺ برادي ساريہ (هي مدرسو ڌاڙيلن جي خوف سبب ٻڙدي محلہ بادھ شهر ۾ منتقل ڪيو ويو)
استاد: حافظ محمد بخشل چنہ
نڪاح: طالب علمي جي زماني ۾ 23 اپريل 1992ع ۾ شادي 2 مئي 1999ع دوران دادو شهر ۾ ٿي. ٻن نياڻين ۽ فرزند محمد حسان (پيدائش 28 سيپٽمبر 2010ع) جو اولاد آهي. (هڪ فرزند محمد صبغت الله دل ۾ سوراخ سبب 6 مهينن جي عمر ۾ وفات ڪري ويو.)
انگري ۾ داخلا: سيپٽمبر 1994ع هاءِ اسڪول موئن جو دڙو تعلقو ڏوڪري ضلعو لاڙڪاڻو.
تعليم: مئٽرڪ تائين/ ايم. اي اسلامڪ
ديني تعليم جي ڄاڻ: مدرسہ جامعہ غفاريہ الله آباد شريف ڪنڊيارو ضلعو نوشهروفيروز سنڌ. (مولوي/ عالم/ اديب)

شاعري جي شروعات: طالب علمي جي زماني کان سنہ 1990ع

سگھڙائپ ۾ پهريون قدم: سنہ 1997ع ۾ سدا حيات سگھڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسي رحہ سان ملڻ کان پوءِ

سگھڙائپ جو پهريون پروگرام: حضرت قلندر لعل شهباز جي ميلي ۾ 1997ع. دروان سنڌ سگھڙ ڪانفرنس ۾ شرڪت.

## صحافت جي ابتدا:

1998ع اخبار روزانہ الڪ حيدرآباد (200 سئو کان وڌيڪ ڪالم ۽ مضمون لکيل) هن وقت سلسليوار "سگھڙ سماچار" جو باني چيف ايڊيٽر ۽ پروگرام ڊائريڪٽر، مهراڻ ٽي وي، باني جنرل سيڪريٽري، نيشنل پريس ڪلب ڄامشورو مولود پڙهڻ جي شروعات ننڍپڻ کان سمجهہ ۽ شعور ايندي.

## امامت ۽ خطابت:

1997ع مدينہ مسجد نيو ليبر ڪالوني ڪوٽڙي کان پوءِ 19 جولاءِ 1998ع ڳوٺ ڪرن خان شورو حيدرآباد ۽ جنوري 2002ع کان نوراني مسجد ايم سي پي واپڊا ڪالوني ڄامشورو ۾ ۽ 23 آگسٽ 2008ع کان هن وقت تائين ڳوٺ ڪرن خان شورو ۾ امامت ۽ خطابت جاري.

## پي ٽي وي تي پروگرام:

ڪچهري پروگرام 15 جنوري 2004ع

سنڌي نامون

لوڪ ادبي محفل جون 2004ع

(سنڌ ٽي وي تي پهريون پروگرام اپريل 2005ع تي رڪارڊ ٿيو.)

مهراڻ ٽي وي تي شروعات کان ئي ثقافتي ۽ ديني پروگرامن جو ميزبان ۽ ڊائريڪٽر 500 کان وڌيڪ پروگرام نشر ٿيل.





## ريڊيو تي پروگرام:

ريڊيون حيدرآباد تي سيد صالح محمد شاهہ سان گڏ پهريون پروگرام (سون ورني ڌرتي) 3 نومبر 2004ع.

## لوڪ ادب شاعري جا شايع ٿيل ڪتاب:

(1) رحمت جا خزانا پاڱو اول نومبر 1999ع

(2) رحمت جا خزانا ٻيو نومبر 2000ع

(3) رحمت جا خزانا ٽيون اپريل 2001ع

(4) رحمت جا خزانا چوٿون، آڪٽوبر 2002ع

(5) رحمت جا خزانا پنجون فيبروري 2003ع

(6) ڇهون "رمزون رحمت الله جون" سيپٽمبر 2003ع

(7) رحمت جا خزانا ستون پاڱون مارچ 2004ع

(8) "رنگ رحمت الله جا" (لوڪ ادب جي انسائيڪلوپيڊيا) 2005ع

(9) "مولود ۽ مداحون" 2007ع ۾ شايع ٿيا.

## ترتيب ڏنل ڪتاب:

(1) ديس وسي ديدار اسان جو

(2) فيصلا انصاف جا،

(3) دلبر جو ديدار

(4) آهون احمد حسن جون

(5) السفر (اردو ۾)

(6) سلات جي سگھڙن جي ڊائريڪٽري

(7) منا ٻول محبوب جا

(8) پنهنجو رنگ پنهنجي شاعري

(9) محبت جا موتي
(10) محبت جي منزل
(11) مٽيءَ جي خوشبوءِ
(12) سهٽل جا سينگار.

لکيل ڪالم ۽ مضمون 200 سئو کان وڌيڪ سوال، بختور، الک، ڪاوش، عبرت، لاشار، سنڌ لائن، سوڀ. جيجل، ڪار، هلال پاڪستان، عوامي آواز، مهراڻ سميت ڪيترين ئي اخبارن ۽ رسالن ۾ شايع ٿيل.

ذاتي اخبار سگهڙ سماچار نومبر 2005ع کان شايع ڪئي.

## مولودن جون شايع ٿيل آڊيو ۽ وڊيو سي ڊي:

(1) مولود ۽ مداحون A.A پاران نومبر 2000ع،
(2) منظر پيارو مدينو آ جنوري 2001ع
(3) ناز پروڊڪشن پاران، ڏسان شهر مدينو آڪٽوبر 2002ع
(4) مديني وارو منظر ڊسمبر 2002ع
(5) هتي رهڻ نٿي دل چاهي اپريل 2003ع
(6) مديني جا گهوٽ سيپٽمبر 2003ع
(7) منقبت سچڻ سائين آڪٽوبر 2003ع
(8) وڊيو سي ڊي جون 2004ع
(9) منقبت غوث اعظم نومبر 2004ع ۾ رليز ڪيون ويون

جڏهن تہ مهراڻ سينٽر سکر سميت عظيمي پروڊڪشن ڄامشورو 2 واليم وڊيو سي ڊي ۾ رليز ڪيا.

## مليل ايوارڊ ۽ مڃتا سرٽيفڪيٽ،

(1) تقريري مقابلي ۾ پوزيشن کٽڻ تي مرشدن ڪريمن حضرت





سچڻ سائين مدظلہ العالي، جن هٿان پهريون انعام ايوارڊ 21 مارچ 1996ع ۾ مليو،
(2) دولهہ دريا خان ايوارڊ مارچ 1998ع ۾ مليو،
(3) معلم ۽ مدرس جو ايوارڊ 2 سيپٽمبر 1999ع ۾ مليو،
(4) لاشاري تنظيم ايوارڊ 19 آڪٽوبر 1999ع ۾ مليو.
(5) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هٿان استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سرٽيفڪيٽ 28 فيبروري 2000ع ۾ مليو.
(6) حضرت جلال شاهہ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ تاجل بيوس هٿان 18 ڊسمبر 2002ع
(7) رمزون رحمت الله جون ايوارڊ، وزير ثقافت شبير احمد قائمي جي هٿان 13 آڪٽوبر 2003ع ۾ مليو،
(8) دولهہ دريا خان ايوارڊ، مڪلي ٺٽو ۾ 13 اپريل 2003ع ۾ مليو.
(9) آواز ۽ انداز ايوارڊ 18 جون 2003ع تي مليو.
(10) بهترين ليکڪ ۽ مرتب جو "لاشار ايوارڊ" 19 آڪٽوبر 2005ع شاهنواز ڀٽو لئبريري لاڙڪاڻي ۾ مليو.
(11) سلات پاران "سچاڻ سگهڙ ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 30 آڪٽوبر 2004ع تي منياٽي ۾ مليو.
(12) سلات پاران "لوڪ ادب ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 19 ڊسمبر 2004ع اڏيرو لعل ۾ مليو.
(13) سلات پاران "استاد محمد ملوڪ عباسي ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 27 ڊسمبر 2004ع ڄامشورو ۾ مليو.
(14) سلات پاران "عزت فقير ايوارڊ سرٽيفڪيٽ" 29 جنوري 2005ع ڳوٺ بنوسن ۾.
(15) حضرت قلندر شهباز جي ميلي ۾ سال 2003ع ۾ صوبائي ايوارڊ شهباز ايوارڊ پڻ حاصل ٿيو.
(16) ميلاد النبي ايوارڊ پهرين مئي 2005ع (مرڪزي اهلسنت جماعت پاران)

(17) عشق رسول ايوارڊ 28 مئي 2005ع تي ڄامشورو ۾ مليو.

**نوٽ:** رهيل ايوارڊن ۾ اڪادمي ادبيات، بزم روح رهاڻ سميت لاتعداد ايوارڊ توڙي سرٽيفڪيٽ شامل آهن.





## ڏهس (سج جا نالا) سرائڪي

ڪيا سينگار سجڻ دا آکان، جلوه مئين جنسار نبيﷺ دا،
شمس اٿان ڪيا شعاع ڪريسي، چئو ڪا هي چمڪار نبيﷺ دا،
روش دي روشني ڪم ٿي پي، جي ٿيوي اظهار نبيﷺ دا،
سج سائين دي سڏ تي آيا، جڏ هويا اسرار نبيﷺ دا،
ورن فتاوي چين پيا اپڻا، ڪيتس جڏ ديدار نبيﷺ دا،
خم هويا خورشيد جڏاهين، نور ڏٺس نروار نبيﷺ دا،
مهتاب اڳون آفتاب ڪيا هي، هي حليہ حشمتدار نبيﷺ دا،
آڏت ٿيا ڪمزور اٿاهين، ڏٺس جو ڏهڪار نبيﷺ دا،
هي ڏينهن دا روشن ٿيا عارق پر ڏونهين تي اختيار نبيﷺ دا،
سورج ڪيها ماڻ ڪري، خود جنهن ڪون گهرجي پيار نبيﷺ دا
بانا بڻ ديوانا ڳيا، پيا پيار گهري هر وار نبيﷺ دا
ايجهي ڪيا مئين مثال ٻڌاوان، ڪيها شعر ڪران شمار نبيﷺ دا
اي "عاجز رحمت الله" آکي هي عاشق خلقٹهار نبيﷺ دا.

**ڏهہ نالا سج جا:**

شمس، روشن، سج، ورن، خورشيد، آفتاب، آڏت، عارق، سورج، بانا.

### سينگار صفاتي

حبيب تنهنجي حسن جي هر هنڌ آهي هاڪ
دلبر تولئہ هر دل ۾ چاهت جا هن چاڪ
سهڻا تولئہ سڪن ٿا هي ٿر اسان جا ٿاڪ
عجيب آءُ اڱڻ تي دير نہ ڪر دمناڪ
پير گهمائي پاڪ اجار اڱڻ "عاجز" چوي

## سينگار

صورت منهنجي سجڻ جي، آ سهڻي زور سِپن،
ڪاراڻ پسي ڪيسن جي، ڪيئي رجنيون ريسان ڪن
هلال منهنجي حبيب اڳيان، ڪريو اچي قدمن
شمس بہ ويو شرمائجي، جڏ مرڪ ڪئي محبن
گام پسي منهنجي گوهر جي، ڪيئي چيهل پيا چرڪن
سينگ تہ منهنجي سائينءَ جا، پيا مستن ڪي موهن
مزگان منهنجي محبوب جون، چوان لالي چا لبن
دشن منهنجي دلبر جا، وڌ موتين ڪان مهڪن
رحنسار پسي راڻل جا، هت حيرت ڪئي حورن
نعلين سان نرمل عرش هليو، ٻئي گلال پيا تہ گهمن
ثُمَّ دنيٰ فتدليٰ جو، هئو سير ڪيو سجڻن
فڪان ڪاب ڪوسين واري، ملاقات ڪئي مِنڙن
آئون شان تنهن جو شعرن، ۾ لکان چا "لاشاري" چئي.

## سينگار صفاتي

حبيب تنهنجو حسن جڳ ۾ جلويدار
تنهنجي آهي تجلي چمن ۾ چوڏار
لالي تنهنجي لبن جي، ڪيو گلن ۾ گلزار
ڏسان نہ ٿو ڏيهہ ۾ مٽ تنهنجو مننار
"لاشاري" آ لوڪ ۾ اوهان جي آڌار
دلي تون دلدار، راڻا "رحمت اللهؒ" جو





## بيت (پکين جا نالا)

آقا جڏهين عرب اندر پيا آمد ڪٽي اچن،
جن ملائڪ ماڻهن سان گڏ پچار ڪئي پکين
ڪبريون ڪانگا ڪاٺ ڪٽيئڙا لاتيون پيا لنون
ٻُجهون ٻيرا چڏي آڪيرا تات تنوارون ڪن
مئينا منو مور پکيئڙا ٻيچ پيا ٻائن
ڪانئر ڪوئل ڪونج ڪبوتر آڙيون پيون اڏن
هيڙها هنجهہ پکين سان گڏجي جهرڪ پيا جهومن
ڪڪڙ ڪازبہ ڪعبي آڏو نيرڳ پيا تہ نمن
چانهہ چڪور ۽ چاهہ ڏيکاري ڊيلون پيون ڊڪن
خوشيون پسي خوب انهن ڪان ڪاج نہ پيا ڪاڇن
لوڪ اندر "لاشاري" چئي تي ثنا پڙهي سپن
باز توڙي بدڪن، جهڪي سرجهڪائيا

## سينگار صفاتي

حبيب تنهنجي حسن جا وڻن ۾ پيي واڪا
حورون پريون حيرت پيون واهہ جو پرين پاڪ آ
سپ ڪنهن چيو سبحان الله تي محبن لئہ مشتاقا
تائب تارا قمر ڪتيون شمس بہ شرم ناڪ آ
چنڊ بہ تنهنجي چاهہ اندر ۾ فارون ٿيو هو فاڪا
صورت سوين يوسف جهڙيون مٽ نہ ڪيان مان ڪا
نوريون پوريون ناز نڪوريون ڪوڙ ٻڌاسين خاڪا
گل ڦل گئونتا مور مشوريون هلي گهٽي هاڪ آ
لعلڻ هن "لاشاري" ڪي تنهنجي لونءُ اندر ۾ لاڪا
عربي منهنجا آقا، تون رهبر "رحمت اللهؒ" جو.

## صفاتي سينگار

سهڻو منهنجو زور سين ڪان، سيني جو سردار چوان،
جهڙي صورت، تهڙي سيرت، جوڙي جوڙ جبار چوان،
ٻڄي آيو بيشڪ آهي، عالم لئہ آڌار چوان
دنيا جن ڪي ڏڪا ڏئي، هي تن جو مددگار چوان.
امڙ، ابي ڪان زياده چاهي، چو نہ يتيمن يار چوان
بشري صورت پردي ۾ آ، نور سڄو نروار چوان
آدم ڪان اڳ جنهن جا جلوه، چمن اندر چوڌار چوان
پاڪ پسيني جي خوشبوءِ وڌ. هڙني ڪان هبڪار چوان
آب لعاب سان کوهہ ڪتو ڪيو، منو آ مهدار چوان
قدم ڪريمن جا تي رکيو، سا جاءِ سعادت دار چوان
عاشق خود الله جنهين جو، پاڻ آ پالڻ هار چوان
ان ڪان وڌ ٻيو، ”عاجز“ ڪهڙو، شعر ڪري شمار چوان

## سينگار صفاتي

حبيب ڪيا هزارين حسن تنهنجي حيران
پڪي پاهڻ لکين لعلڻ جن توڙي انسان
نرمل تنهنجي نعلين متان ڪيئي ٿيا مستان
هر ڪو تنهنجي حب رکي زمين توڙي آسمان
هي ”لاشاري“ چا لکي تنهنجو شانائتو آ شان
”عاجز“ تنهنجي الفت جو چا ڪري بات بيان
مدني تنهنجي مان ۾ آ نازل ٿيو قرآن
آندو اوهان تي عاشقن اڻ ڏٺي ايمان
قرب تنهنجي ۾ ڪيئي ڪسي ٿيا قربان
جن گهوري توتان جان، سي موجون ماڻيندا محشر ۾





## سينگار صفاتي

حبيب تنهنجي حسن جو ڪيڏو نہ آهي ڪمال
مڙني ڪي موهي وڌو آ جانب تنهنجي جمال
تنهنجي ڪهڙي تشبيح ڏيان جا ملڻ آهي محال
رب توکي راڻا ڪيو آ لوڪن جو لڄپال
سونهن نہ ملندي تو سوا تون لعلن جو آن لعل
الله تنهنجو عاشق آ ذاتي ذوالجلال
”لاشاري“ جو ٻہ لوڪ ۾ سڄڻ اٿئي سوال
دلبر گهراءِ در تي هيٺا ٿيا هت حال
اڪڙين ۾ عربي آهي جر اوهان لئہ جال
پلا ڪر ڪي پال تہ مري ”عاجز“ مديني ۾

## سينگار صفاتي

شان تہ شهنشاهہ جو جڳ اندر آ جام
توريت، انجيل، زبور ۾ الله ٻڌايو عام
تہ اولاد ابراهيم جيءَ ڪي عطا ڪندس انعام
پوءِ جنهن مان پيدا ڪندس احمد عربي جام
اڻ ڪٿ ان جا عاشق ٿيندا مانجهي مرد مدام
وڻ پکي سڀ جانور پڻ جهڪي ڪندس سلام
هٽندو ڪو نہ حسن جي ٻيو اڳيان هن جي حام
نرمل سندو نام، ٿيو ”لاشاري“ تڏ لوڪ ۾

## گوريءَ جا سجاوٽي سينگار

جڏ سهڻي سڀ سينگار ڪري، تان مستن ڪي ماري
واڪا ٽين وهوا جا، جي پاڻ صنم سينگاري،
بئينسر بولو، نٿ، واليون ۽ جهومڪ جهولاري
ڪڙيون، ڪنمالا، ٻانهوٽتا پائي ني بول نهاري،
هري، ٽِڪ، چوٽي قل، ۽ سڳيون سنواري
پايل پائي پير ۾ پئي بهادر بيهاري
منڊيون چلا، بازوبند، ڪن چمڪ چوڏاري،
پئي جنهن جي ناز انداز تي نہ ڪنهن ڪي ڪيڪاري
اجان ٻہ اٿس ڪيئي زيور، ڪهڙا ڪيان شماري
پر جي پسي منهنجي پرينءَ ڪي، هيءَ وينگس هڪ واري،
تہ هار سينگار هڙئي ڇڏي، وڃي وساري
انهيءَ مهل ”عاجز“ چئي، پئي پنهل پناري،
پوءِ هارون سڀ هاري، لڄپال اڳيان ”لاشاري“ چئي





## گوريءَ جو وصفي سينگار (سرائڪي)

حُسن عجائب رنگ نرالا، گوري دا سينگار عجب،
چمڪار عجب، رفتار عجب، هر گفتي دي گفتار عجب
اڳان زُليهر وانگي لايا، ڏيهہ اندر ڏهڪار عجب
مُک تي واهہ پئي مانگهہ نهي، جڻ تيز تليهر تار عجب
جلوه جوت جبين دا وهوا، لايا جنهن جنسار عجب
سينگ صنم دي واهہ جو وٽدي، جوڙي جوڙ جبار عجب
نين ڏونهين بيچين ڪرن، هي چمان ڊِي چمڪار عجب
مُزگان دي نال مار چڙيندي، نينهن واليان نون نار عجب
انف دي نال ڪڪيهل ڪردا، ريسان هي هروار عجب
لب لال گلاب ذهب زُڪان، هي شهد ڪنون وڌ لار عجب
دلدار دي دُر دشن چمڪن، جڻ هو دي چوڪيدار عجب
رُخنسار تي غبغب بڻ بيني، ڪرماه نون شرمسار عجب
زُنخ دا ظاهر جلوا ٿيا پئي مستان دي وچ مار عجب
هي حسين هڪي طائوس مثل، ڪري آهو نل تڪرار عجب
انار مثل ڏون شير دورنگي، ڪردي مرد شڪار عجب
دوزان ڪرن حيران انهان وچ، الهہ رکيا اسرار عجب
سٽ چڙيندي ڪٽ ڪرنگ نون، حليہ حشمتدار عجب
ڪونئر انگشتان ٻارنهن ئي ٻهڪن مُنديان مٽيا دار عجب
چرنان چور ڪيتي هن ڪيئي، عاشق بي اختيار عجب
هر انگ دي سهڻي رنگ ڏنم، هن ظاهر زينتدار عجب
اي ”عاجز رحمت الله“ ڪري ڪيا شعر اندر شمار عجب
هن گوري دي سينگار ڪيهي هي ماهہ لقا منار عجب
رهي نام نشان نہ گوري دا، جي محب ڪري مسڪار عجب

## ڪافيءَ ۾ سينگار

ڪنهن جي حسن تي شيدا پنج اٺ ڏهه
تنهنجي موهي چڏيا گفتار لکين
ڪنهن جي سينڌ سني ڪنهن جاڳل چپ نڪ
تنهنجي چهري ۾ انوار لکين

تنهنجي مرڪڻ جو ڪو مٽ ڪونهي
تنهنجي مُرڪ تي ملڪ بہ شيدا هن
مٺا تنهنجي مقابل ڪو ڪونهي
هت حورون مجي ويون هار لکين

گهٽ يوسفي حسن بہ ڪونہ هيو
پر تنهنجي صورت ٻي شيءِ آ
هُتي صرف زليخان ديو اني
تنهنجي تاب موهيا سردار لکين

پلي مشڪ عنبر، دنيا جا عطر
گل ڪُل ڪائنات جا، آڻي ڪو
تنهنجي پاڪ پسيني جي خوشبوءِ
هت لائي چڏيا هبڪار لکين

ڪنهن جو هلڻ سنو ڪنهن جو ملڻ سنو
ڪنهن جا نيڻ تہ ڪو آواز مٺو
آ هر ڪنهن وٽ ڪا هڪ خوبي
تو ۾ خوبين جا انبار لکين

ڪمزور قلم ڪي چا طاقت
هي لفظ لکي ”لاشاري“ چا
رب پاڪ ڪلام پنهنجي ۾ وندبا
محبوب تنهنجا ويچار لکين





## ڪافيءَ ۾ صفاتي سينگار

جيئن سهڻا نبي تنهنجو نانءُ مٺو،
تيئن تنهنجي نعت پياري آ
جيئن شان پريا تنهنجو شان اتم،
تيئن تنهنجي ذات پياري آ

پائي طٰحہٰ وارو تاج پرين،
تو ماڻيو آ معراج پرين
ڏنو مالڪ جنهن ۾ ماڻ توکي،
سا سڀ کان رات پياري آ

تنهنجي وُضحيٰ واري پيشاني،
جنهن تي ساري دنيا آ ديواني
آ حڪم خدا خود جنهن جو ڏنو،
سائين سا صلوات پياري آ

وليل جا زلف سجايا ٿئي،
مزمل جي چادر تو پاتي
لامڪان تي مالڪ سان جا ڪئي،
هُئي سا ملاقات پياري آ

تنهنجي شهر جا مالڪ قسم ڪڻي
ڪونہ پگهر سان پڄندا مشڪ مٽين
رَبَ تنهنجي صدقي جڳ جوڙي،
خلقي ڪائنات پياري آ

چا ”عاجز رحمت الله“ لکي
تنهنجي صدقي ملي آ ذات مونکي
جا وڻن تي ويهي پکي لنون
سا ذڪر جي لات پياري آ

# سائين بخش لاکو

فقير سائين بخش ولد گل محمد لاکو جي پيدائش سنہ 1947ع دوران ڳوٺ بنو تعلقہ مانجهند ضلع ڄامشورو ۾ ٿي پاڻ پرائمري جا پنج درجا پاس ڪري استاد سگهڙ عزت فقير لاکو ۽ مهان سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسي جي شاگردي هيٺ سنہ 1967ع ۾ سگهڙ ٿيو، سگهڙ پائي ۾ ڏور ڳجهارت، هنر، پهاڪو، پرولي، گفتو، آجيان جي بيتن سميت سيني صنفن جي ڄاڻ رکي ٿو.

## ڏهس سينگار

دلبر تنهنجا دست دلاور رمزن منجهہ رڱين
مکنا مرنگهہ مطيع ٿيا آڏو محب مبين
مرڪڻ ساڻ مشاهدو ويتر ٿين نگين،
ڪونڌر ڪنا قرب ۾ مهري محب مهين
سڄڻ تنهنجي "سائين بخش" چئي سهٽي سيند سنگين
اڇي گهر امين ڪيو لطف "لالو" چئي.

## سينگار

هيڏو حسن حبيب جو هر جاءِ دل هسي،
سڄڻ جي "سائين بخش" چوي ڪٽن مکنا مومسي،
ڪنجل قدم قريب جي چٽنچل چاڪ چسي،
هنج هاٿي هلت ڪان پيا فيل فسي،
پسي پير پرينءَ جا ڪئي گينر گام گسي،
ڏاهو ڏور ڏسي پئي لک ڪيريائين "لاکو" چئي.





# حاجي رحيم بخش قريشي

حاجي رحيم بخش ولد عبدالله قريشي جي پيدائش سنہ 1948ع دوران سندس اباڻي ڳوٺ سيوهڻ کان اپرندي پاسي سنڌو درياهہ جي پير ۾ آباد ڪيٽي قادر بخش شاهہ ضلع نواب شاهہ بينظير آباد ۾ ٿي. سندس والد مسڪيني حال ۾ بہ ڪيس ڳوٺ پير خدا ڏنو شاهہ پرائمري اسڪول ۾ پرائمري تائين پڙهايو ۽ ڪافي عرصي کان پوءِ 1975ع ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ڄامشورو ۾ سرڪاري ملازمت ملڻ سبب اتان هجرت ڪري هميشہ لاءِ اتي ئي رهائش اختيار ڪئي. پاڻ سنہ 1966ع کان وني ادب ۾ پير پاتائين. استاد محمد خان قريشي ۽ سنڌ جي سدا حيات سگهڙ استاد فقير محمد ملوڪ عباسي جي صحبت ڪيس سگهڙ بڻايو.

سندس کي ("رمزون رحمت الله جون" ايوارڊ) استاد محمد ملوڪ عباسي ميڊل، لوڪ ادب ايوارڊ ۽ سرٽيفڪيٽ ماڻي چڪو آهي. پي ٽي وي ۽ ريڊيو تي ڪوڙ سارا پروگرام ڪيا اٿائين، سگهڙائپ جي سيني صنفن جو ماهر آهي.

## سينگار

ڏسي قيس قريب جا، ويا ڪنبي ڪاريهر،
تلنگ تليهر تاب چڙي ويا، ڪين ڪيائون ڪر،
پونگ پچنگ پرڪي بينا، آڏو ڏئي اوڏر،
اڳ اليهر سپ سسيهر، پيا ڪن پچر،
تہ واسينگن ڪان وارن جا، وڌ واهہ واهہ آهن ور،
اهڙا انگ عجيب ڪي، ڏنا ڏاهي ڪي ڏاتر،
آ ڪٽني منجهہ ڪسر، منهنجو راڻو "رحيم بخش" چوي.

## الھڏنو بروھي

الھڏنو تخلص ادنيٰ ولد عبدالرحمان بروھي ڳوٺ پورل ضلعي نوابشاھ ۾ 1976ع ڌاري ڄائو استاد شاعر شوڪت علي ۽ سگھڙ محمد منل جھتيال جي شاگردي ھيٺ 1995ع کان شاعري جي ميدان ۾ آيو پرائمري تعليم نہ ھجڻ باوجود قلبي شاعر آھي پاڻ ڪافيون، ڪلام ۽ بيت لکيا اٿائين. اڄ ڪلھ ڳوٺ پر باجدي جامشورو ۾ رھي ٿو لوھارڪي ڪرت سان ڳذل آھي.

### صفاتي سينگار

چنڊ چوڏھينءَ رات جا، تون ھام نہ ايڏي ھڻ
قمر وجين ڪومائجي، جڏ سامھون اچئي سڄڻ
تون سونھين رڳو ستارن سان، توکي ڏٽيءَ ڏنو آ ڏڻ
پرينءَ جي پيشانيءَ جھڙو، تو ۾ ليپي نٿو لڄڻ
خورشيد ويندين خم ٿي، ڏسي محبوب جو مُرڪڻ
بدر رھين بيحال سدا، ڏسي گھوٽ سندو گھمڻ
ھلال اچين حيرت ۾، جي ٽيئي پرينءَ جو پھچڻ
تہ عشق لڳئي آقا جو، تون نينھئون لڳين نچڻ
محبوبن تي مستان ٿي، تون مورھون لڳين مرڻ
پوءِ ”بروھي“ چئي بچڻ، تنھنجو اصل نہ ٿيندو ”الھڏنو“ چئي.





### صفاتي سينگار

ساجن تنھنجي سُونھن ڏسي، مستان ھزارين ٿي پيا ھِن
مُحبت تنھنجي ڪيئي موھيا، حيران ھزارين ٿي پيا ھِن

تون سُھڻن جو سردار آھين، تون محب مِنو منار آھين
ڇا شان لکان، تنھنجو مان لکان، داستان ھزارين ٿي پيا ھِن

تنھنجي زُلفن جي ڪھڙي ڳالھ ڪيان، مان ڇا تہ چئي ڇا بيان ڪيان
ھتي ليھر، نِليھر، سڀ اچي، دربان ھزارين ٿي پيا ھِن

تنھنجي پيرن جي پيزار ڇان، ھڪ وار نہ پر سئو وار ڇان
تو مھر نظر آ مون تي ڪئي، احسان ھزارين ٿي پيا ھِن

مان تنھنجو منا نوڪر آھيان، تون منھنجو دلي دلبر آھين
ھڪ خادم مان نہ آھيان پيارا، سلطان ھزارين ٿي پيا ھِن

ھر جاءِ آھي سُرھاڻ تنھنجي، ٻي ڳالھ ناھي واڪاڻ تنھنجي
ھِت جِن، ملا ئڪ، حورون اچي، قربان ھزارين ٿي پيا ھِن

الله ڪيو ھِن ”الھڏني“ تي، قُرب ڪيائين ڪوجھي ڪِني تي
”بروھيءَ“ جا سڀ بار لھي ويا، مون جھڙا ڪيئي مھمان ھزارين ٿي پيا ھِن.

## صفاتي سينگار

تون ڪامل، تون اڪمل، تون نوري نور نشان
حبيب تنهنجي حُسن مثان، هر ڪو آ حيران
ڙلف تنهنجا زريدار ۽ مست ڪن مزگان
چاهت تنهنجي چهري سان آ، پاڻ رکي رحمان
لالاڻ تنهنجي لبن جي، ڪيئي مُحب ڪيا مستان
تجلو ٻسي تاب ُتهنجي جو، قمر ٻه ٿيو ُقربان
شمس ٻه شعاع چڙي ڏنو، تنهنجي مُحب ڏسي مُسڪان
گوهر تنهنجي گام ٻسي، حيران رهيا حيوان
مدني تنهنجي مان ۾، چا "بروهي" ڪندو بيان
هي "الهڏنو" احسان، ڳڻي ڳڻيندو ڪيترا.





# محمد جمن پٽي

| | |
|---|---|
| نالو | محمد جمن پٽي |
| پيءُ جو نالو | شاهي خان پٽي |
| فن جي شروعات | 2000ع |
| فن ۾ استاد | فقير ديدار علي سيال |
| پيدائش جي تاريخ | 1968/01/01 |
| ائڊريس | ڳوٺ پير باجدي لڳ سنڌ يونيورسٽي سوسائٽي فيز-II ڄامشورو |
| ايوارڊ: | علڻ فقير ايوارڊ، سگا ايوارڊ ۽ ڪيترائي سرٽيفڪيٽ پي ٽي وي، ڪي ٽي اين، مهراڻ ٽي وي، آواز ٽي وي، ريڊيو پاڪستان لعل قلندر، پٽائي گهوٽ سگهڙ سيمينار ۾ شموليت |

### سينگار

صدق سونهن تنهنجي سهڻا سونهن وارا
تجل تجليون تائب ڪتيون ُقطب تارا
ڏسي چنڊ سورج شمع شرم سارا
بلب لائيٽ بجليون لِڪي ڪن گذارا
جهڪي جهاتيون پائين يڪي عشق وارا
ملي ديد دلبر لهن من مونجهارا
لکن ۾ آ لڄپال لڄادار پڌرو
سهارو سيني جو سدائين سڳورو
جڏهين زيب زينت زلف تو سنواري
ته ليلة القدر ٻه سجڻ ڏي نهاري
پرون پؤنر جاڙا ڪڪر جيئن ڪناري
اند لٺ رنگن ڪي ٻه رڱيو رنگ ڏياري

## سينگار شعر

تنھنجي سونھن تي ڪن پتنگ ھي پچارون،
ھي نوراني آ چھرو ٻرن لاٿ لارون
ڏسڻ لاءِ حيران پريون ڪن قطارون
ھي بيوس بندن جون توکي ٿئي پڪارون،
گلابي گلن ۾ آ لالاڻ ڪنھن جي،
سيني گلن ۾ آ، ڳاڙھاڻ تنھنجي،
سيني نبين جو سردار تون آن،
جنت جو وارث مختيار تون آن،
محبوب تون آن، منٺار تون آن،
باغن ۾ خوشبو، گلزار تون آن،
مبارڪ چھري تان پردا جي ھٽندا،
سوين چنڊ چمڪن پورا ڪين پوندا.

ڪلن زلف تنھنجا ڪڪر ڪارا ٿيندا،
قمر شمس ڪتيون تارا ڍڪجي ويندا،
وراڪا واسينگن ٿري سپ پوندا،
اليھر تلھير ڪاريھر ٻہ چوندا،
سڄڻ وار پنھنجا قابو ڪري ڇڏ،
پھريدار چھري ڪان پاسي ڪري ڇڏ،
تہ ملي ديد دلبر ديدار ٿئي ڪو،
ڇمان پنيون پيرن پيزار ٿئي ڪو،
ڪلي دل جي مڪڙي اظھار ٿئي ڪو،





جي اکين جا اشارا الار ٿيندا،
سوين چنڊ چمڪن پورا ڪين پوندا.

مٺا مور مرڪين تہ ماٺو ٿو ماري،
لبِ لِوز مکڻ چاٽو ٿو ماري،
تون آن لال ھيرو داٽو ٿو ماري،
منھنجو محب منڙو راٽو ٿو ماري،
تنھنجي سونھن ساڻ آباديون آھن،
مٺا مٺ دنيا جون نہ شھزاديون آھن،
پلي ڪو سنواري پنھنجي سينڌ ساري،
ڪنگا تيل ڦٽيون ڪجل ڪي ٻہ ڏيکاري،
ساوا پيلا سنھڙا ڳاڙھا ويس واري،
جھالا ۽ جھومڪ ڇلا چير ڏاري،
جي ڪٽي نيڻ نازڪ تہ ڪِري قدمِ چوندا،
سوين چنڊ چمڪن پورا ڪين پوندا.

نظر ناز وارا اکيون ماٽڪ موتي،
پنبٽيون پري ڪان ڏسن پيا لاھوتي،
اکين سان ڪھين ٿو ڪنبي پئي ٿي ڪاتي،
ھي عاشق ڏسن ٿا پائي توڏي جھاتي،
سڄي عمر سھٽا درشن تنھنجو ٿئي،
ڪٿي ھي حياتي تہ جمڻ پنھنجو ٿئي،
ڏٺو روبرو جنھن ٻہ توکي جاني،
اصحاب ٿي ويا تنھنجي مھرباني،
مٺا مٺ ناھي تنھنجو ڪوٻہ ثاني،
عرش فلڪ تي تنھنجي خان خاني،

جي ناخن پيرن جا ذرو ظاهر ٿيندا،
سوين چنڊ چمڪن پورا ڪين پوندا

ملڪ جنّ ماڻهو بہ حيران آهن،
دندان چمڪن تہ شمعدان چاهن،
گولا لائيٽ بجليون اڳيان ڪجهہ بہ ناهن،
هي چوڏس چانڊوڪيون چڪور ناهن،
ملي يار منڙا تہ عيدن ۾ عيدون،
ملي وجن توسان ديدن ۾ ديدون،
دنيا جا حسين ڪٿي ٿين سمورا،
ڀلي پائن چاندي سونا لال هيرا،
دعويٰ سان چوان ٿو تنهنجي مٽ ڪير آ،
سُجهي ڪونہ سائين هي پٿر تي لڪير آ،
دشمن بہ دلبر ايئن تولاءِ چوندا،
سوين چنڊ چمڪن پورا ڪين پوندا.

جڏهن وئين تون جاني عرش فلڪ تي،
احسان ٿي ويا سموري خلق تي،
پڪي پٿر ماڻهو جن ملڪ تي،
خوش ٿيون پريون سڀ تنهنجي جهلڪ تي،
ڏني توکي دعوت اهڙي ميزبان آ،
ڪٿو ناهي ان جو صدين ڪان سامان آ،
جڏهن آئين جاني ٿي دنيا چمن آ،
سڪل باغ ساوا مرڪيو ۽ ٻُٽ ٻُٽ آ،
پگهر منجهہ خوشبو پورو گلبدن آ،
توتان گهور سائين هي ”ڀٽي جمن“ آ،





ڀٽي هڪ جمن جا سيئي گهور ٿيندا،
سوين چنڊ چمڪن پورا ڪين پوندا.

## سينگار

صدق سونهن تنهنجي سهڻا سونهن وارا
تجل تجليون تاب ڪتيون قطب تارا
ڏسي چند سورج شمع شرم سارا
جهڪي جهاتيون پائن يڪي عشق وارا
ملي ويو دلبر لهن من مونجهارا

لکن ۾ آ لڄپال لڄادار پڌرو
سهارو سين جو سدائين سڳورو

جڏهن زيب زينت زلف ٿو سنواري
ته ليلة القدر سڄڻ ڏي نهاريا
اناويهين ُٽيهين پرينءَ جي پناري
پرون پؤر جاڙا ڪڪر جيئن ڪناري
اندلٺ رنگن ڪي رنگيو رنگ ڏياري

عجب وار ور ور رکيا رت سياهي
منو حرف سهٽو منو ميم ماهي
بلغ العليٰ بِڪمالهٖ

جڏهن نيٺ نازڪ خماريل ڪٽين ٿو
خدا جي خدائي کي ڏاڍو وٽين ٿو
جبرائيل جلدي عماٽي ڏٽي ٿو
امت جون اميدون سنپاري ڳٽين ٿو
امت جون اميدون سنپاري ڳٽين ٿو
فلڪ تِي ڦهلائي اک جي هٽين ٿو





ته صلواة سورج پڙهي سٽين ٿو

منا مور مرڪين ته طور تي تجلي
اهو طور نور آ اکين عرف ڪجلي

مسيحا به عيسا اهو شان تولاءِ
يوسف ۽ دائود سليمان تولاءِ
جنت جا جلوه پريشان تولاءِ
جڙيو جڳ جائي گلستان تولاءِ
نازل تي آيو هي قرآن تولاءِ
آدم کي سجدو ايمان تولاءِ

خاتم النبي شان تولاءِ جدا هي
ملڪ جنت ماڻهو به توتان فدا هي
ڪشف ُهجا بِجمالهٖ

لبن لال لالي مليو رنگ هنائي
خدا خوب ناهيو خصوص اوهان کي
ڪيو ناز ربّ آ نهاري توهان کي
تهان پوءِ مبارڪ ڏنائين دنيا کي
رحمة تي رحمت ڏنائين اسان کي
ڏنئين ورد پنهنجي اسان جي زبان کي
ته پڙهون پرت واري درود و ثنا کي

هي صورت به پاڻ آ آئينو به پاڻ آ
سمندر به پاڻ آ سفينو به پاڻ آ

ڪٽين عين اکڙيون چوري جيئن چپن کي
تہ لالئي لبن جي حاصل گلن کي
خدا خود خالق سارهائيو حُسن کي
پرين ٻہ پرين لاءِ وچائن وارن کي
چمڻ چاهہ مان ڏي پرين شل پيرن کي
ملڪ تي فلڪ تي ڏسن پيا وڳن کي

تہ درشن دوباره ٿيندو الاهي
وري عرش تي ئي ايندو محب ماهي
حسنة جميع خِصالہٖ

اگر پردو پاسي پرين ٿيندو پرور
مصر جي ماڙين ۾ شمع رهندو گهر گهر
حجابن کي هاڻي هٽائي جي سرور
دنيا پوري روشن دورؤن دلي در
جڙيا جڳ ۾ جائي جانب لاءِ منظر
حيران ٿيا حسن تي اولهہ ڪان اوڀر

تنهنجو شان اعليٰ پرور ڪيو آ
جهانن لاءِ جانب رحمة بڻيو آ
دنيا پوري دلڪش حُسن جو جمال آ
مصور آ مولاؒ مصور ڪمال آ
پڇي هن "جمن" جو سڄڻ کي سوال آ
امت آسري ۾ بخشين بيحال آ
حسينن جا حاڪم تہ تنهنجو مثال آ
جڙيو جڳ تنهنجي ڪري هي بحال آ





قسم تنهنجو تولاءِ ڪنيو خود خدا هي
پڙهي پاڻ پرور درود ثنا هي.
صلو عليه وآلہٖ

# محمد ايوب جوڻيجو

محمد ايوب ولد محمد پچل جوڻيجي جو جنم 18 جنوري 1965ع تي خيرپور ناٿن شاهه تعلقي دادوءَ جي ننڍڙي ڳوٺ بچو واهڻ ۾ ٿيو. ابن ڏاڏن کان پورهيت طبقي سان واسطو رهيو اٿن، پرائمري تعليم پر واري ڳوٺڙي شهمير واهڻ مان پرايائين، جڏهن ته مئٽرڪ 1981ع ۾ ڀورڙي هاءِ اسڪول مان پاس ڪيائين. اٿئر موجوده استاد بخاري ڊگري ڪاليج دادو مان 1984ع ۾، جڏهن ته ايم ايس سي (فزڪس) جي ڊگري سنڌ يونيورسٽيءَ مان 1993ع ۾ ورتائين.

پاڻ سال 2000ع ۾ شاعريءَ جي شروعات ڪيائين سنڌ سگهڙ لوڪ ادب تنظيم ۽ بزم روح رهاڻ ۾ پنهنجين سمورين توانائين سان ڀرو ونندو رهي ٿو ۽ هن وقت سنڌي ادبي سنگت سان به ٻانهن ٻيلي آهي.

محمد ايوب جوڻيجو سعيد پور ٽيٻا ڊگري ڪاليج، استاد بخاري ڊگري ڪاليج ۽ ڊگري ڪاليج ٺٽي ۾ ڪانٽريڪٽ بنياد تي سالن جا سال ليڪچرار رهيو پر ڪنهن به پوتار جو مٿي تي هٿ نه هجڻ سبب مستقل نه ٿي سگهيو، تعليم کاتي مان نيڪاليءَ کان پوءِ سنڌي ادبي بورڊ ۾ هڪ سال لاءِ پروف ريڊري به ڪيائين. موجوده وقت ۾ سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ ۾ پروف ريڊر طور ڪم ڪري رهيو آهي.





## سينگار بيت

سُهڻن کان وڌ سهڻو آ، محب منو مننار
مٺ نه پانيان محبوب جو، ڪو ڪروڙين ڪري سينگار
ماڪيون، مصريون مٺين هجن، تنهن کان وڌ گوهر جي گُفتار
مُک مهتابي، سُونهن سلالي، زُلف زينتدار
خاوند خلقيو حبيب لاءِ، هي سارو سنسار
حورون، پريون، جِنّ، ملائڪ، گهور وڃن صدبار
هِن ڪامل قُربدار، ڪيا احسان ”ايوب“ تي.

## سينگار بيت

سُهڻي صورت، زُلف زينت، ڪامل قُربدار
هيڻن حامي، عِلم الهامي، نبين جو سردار
عِلم اعليٰ، خُلق بالا، نوراني نروار
قُرب ڪمال، جوت جمال، هادي آ حقدار
دين جو دلدار، رحمت ٻڻجي آيو عالم لاءِ ”ايوب“ چئي.

# ڪراچي علائقي جا سگهڙ





## رحمان ڏنو مهيسر

نالو: رحمان ڏنو
پيءُ جو نالو: خاوند ڏنو مهيسر
ڄم جي تاريخ: 2 جنوري 1982ع
تعليم: ايم. اي انگلش، ايل ايل بي، ايل ايل ايم
فن جي شروعات: ننڍپڻ کان
سگهڙائپ: خانداني ورثي ۾ ملي
ايڊريس: جوهر ڪامپليڪس، ڪراچي

### سينگار

منهن ڏسي محبوب جو جيئن مرجان موتي ڪن مستي
لعل ياقوتو جي نہ لوهہ لڳي، ويا ڇڏي واهڻ وستي
حسن ڏسي هيرن پنهنجي هڙ وڃائي هستي
سون اتي سر نوايو سونهن ڏسي پنهنجي سستي
ڊائمنڊ ويو ڊرو تي، سونهن سهائي سختي
ڪوهلٽ ويو ڪومائجي، نہ تاب رهيس ڪو تختي،
اليمينيم اڏو ٿيو نہ بي راهہ مليس ڪا رستي
چمڪو ٿيو چوڌاري، نہ ڪيو ٻو ڪوٺ رهيو خستي
آ ”رحمان“ روز الستي، جنهن جو ذڪر زمين آسمان تي.

### سينگار

خوني خنجر خون ڪرن پر نڪ جي نزاڪت متي
نانگ ڏنگن بي سانگ انهن ڪان زلفن جي زيارت متي
ڳاڙها ڳوڙها ڳل گلابي، لبڙن لطافت متي
”رحمان“ رحمت آ متي، روءِ زمين تي رب جي.

## سينگار

مستان حورون قربان ٿيون، حيران سڄڻ سينگارن سان
ڪي قرب ڪنا محبت مُنا، سؤ ڪجلين جي ڪردارن سان
آواز عجيبن راز وڏا، انداز عجب اسرارن سان
ڪامل قدم ڪڄن ٿا مور مرن ٿا، نور نزاڪت نيارن سان
لال لبن جي لالي ڪمالي، وڏ چنڊ سندي چمڪارن سان
ات اوشاق مڙيا مشتاق مڙئي، شم شم جي چمڪارن سان
واري واري تي وارن سان، هن رمزون ”رحمان ڏنا“ روءِ ۾

## سينگار

جانب اڳيان جواهرن، جرڪڻ ڪان ڪئي جدائي
شمس و قمر شعاع چڙي ويا شرم ۾ شيدائي
هلڻ ڏسي حبيب جو، ڪئي هاٿين حد حدائي
آهو ڏسن عين عجيب جا، ڪن آزي ادائي
دندان پسي دلربا جا، نہ ٿي ديدن دنڌائي
سُر سيئي سانت پيا، جڏ ٻهڳڻ ٻولي ٻڌائي
سانپ ڪان نہ سُرڻ ٿيو وڏ سونهن زلفن جي سڏائي
رهي ڪيئن مير مُدائي، انهيءَ روح ”رحمان ڏنو“ چئي.





# محمد اسماعيل پھوڙ

محمد اسماعيل پھوڙ نالي وارو سگهڙ آهي، ريڊيي ۽ ٽي وي تي فن جو مظاهرو ڪندو رهي ٿو، اصل ٺل ضلعي جيڪب آباد جو ويٺل آهي پر هن وقت ڪراچيءَ ۾ رهي ٿو.

## ڏهس جو بيت اکين تي

سهٽيون اکيون سڄٽين ڪڪوريل ڪاريون
چم چاتيءَ تي آنکهين ُلاريون
آئيز اِسترغين ٻارڻ ويا ٻاريون
چاھ چشمن ُچور ڪيا ُپرڪش پيارُيون
نين وجهي ناڪيليون وجن ڪونڌر قطاريون
عين عقابي اسماعيل چئي وتن ڏاڙي خاطر ذاريون
لحظي منجھ ُلنيون وجن خن عمر ڪاريون
نيڻ نهاريون ويا پاڳل بڻايون ”پھوڙ“ چئي

## سهٽيون اکيون

سهٽيون اکيون سڄٽين، ڪجل جني ڪاتيون
وڏ تاب تلوار ڪان، وتن پنبٽين ۾ پاتيون
نهوڙيون ناز سين، هو لنؤ وجن لاتيون
اڙيون دليون ”اسماعيل“ چوي، رهن انئي پھر آتيون
روئن سڄيون راتيون، هڪ پھر نہ وانديون ”پھوڙ“ چئي.

# جمشيد زهراڻي

نالو: جمشيد
ولد: حاجي شفيع محمد
ذات: زهراڻي
ڄم جي تاريخ: 1988ع
تعليم: مئٽرڪ
سگهڙائپ جي شروعات: 2002ع
ادبي استاد: محمد ڇٽل جت ۽ قومي شاعر نواز زنئور
ڪرت: درزي
ايڊريس: ڳوٺ حاجي خان زهراڻي ڳُگهر ڦاٽڪ تعلقو گهوڙا ٻاري ملير ڪراچي

## سينگار

مُرڪڻ ساڻ محب جي، ٿي ٽُڳيءَ ۾ تجلات
رات، رين رُخ مٿايو، ٿي عجب سنڌي عبرات
منو، مئينا، مات ٿيا، بُلبُل ڇڏي بات
عرشئون، ازلئون آهي ملي، ساجن کي سوغات
شمس قمر بہ شعاع ڇڏيو رُخ پسي رات
رڳ رڳ ۾ راحات، ٿئي جانب ڏني ”جمشيد“ چئي

## ڏهس بيت (نانگن جا نالا)

بني مانگهه بنائي آهي، ڏولڻ عجب ڏار
اليهر جيان ڀُڙي پيا، ڪاڪل ڪارا وار
ڦڻ ڪڻي پيا ڦهلائن سِسيهر سهه مار
ڪوبرا، ڪاريهر، ڦُڻ ڦُليهر، وارن جو آ ڄار
سانپ، سينڪ، سهڻا سرتي، ڇتڙا گيسو چار
سُرخ رنگيرو ساجن منهنجو، محب منو منٺار
اچي قلب منجهه قرار، جانب ڏني ”جمشيد“ چوي





# حاجي علي نواز وڳڻ

سگهڙ حاجي علي نواز وڳڻ (سنہ 1943ع) ۾ ضلع لاڙڪاڻي تعلقي وارهہ جي شهر محبوب خان وڳڻ لڳ عالي ڪٻڙ رئيس ڪريم ڏني وڳڻ جي ڳوٺ ۾ حاجي خان وڳڻ جي گهر ۾ ڄائو. ان وقت حاجي علي نواز سنڌي چار درجا پاس ڪري سگهيا. حاجي علي نواز کي يارهن ڀيرا حج جي سعادت ۽ پنجويهہ ڀيرا عمري جي سعادت نصيب ٿي. سندس مرشد پاڪ سيد محمد جيئل شاهہ آهي. حاجي علي نواز شاعري 74-1973ع ڌاري کان شروع ڪئي، هن وقت هڪ وڏو سگهڙ اهي ۽ هينئر ”وڳڻ جا ويچار“ ڪتاب پڻ شايع ڪرايو اٿس. اڄڪلهہ روزگار سانگي مواچ ڳوٺ ڪراچي ۾ رهائش پذير آهي.

## سينگار

جوڙ ناهي ڪو جانب، جو جنهن سان جيءَ جڙيا،
محبت جي ميدان ۾، ڪيئي ڪونڌ ڪڙيا،
”وڳڻ“ چئي هو وصال جون، چاڙهيون سپ چڙيا،
وحدت منجهه وڙيا، تا عيدون ڪن علي نواز چئي.

## سينگار

برسي رُت ٻسنت جي فريا ڦوهه ڦلار،
مندائتي مينهن سان ٿيا گل مڙيئي گلزار،
رسي راحت روح کي ٿيا چنبيلي چوڏار،
خيري ساڻ خوشين ۾ ٿيا پٽين ٻُر پنهوار،
کيلي کوٽين کرني تکمي تن تبار،
مکڙي ميڙي مينهن مان گل کيا گنجار،
ساوڻ کان اڳ سنجري موتئي مينگهه ملهار،
رابيلي هئا رج ۾ سورج کيا سينگار،
نرگس نازبون نسري پئي طوطن منجهه تنوار،
سنبل ساهه سٿيو لالئو منجهه لِغار،
ٿانگڙ ٿاريون ٿليون بي حد بات بهار،
وگڻ واهه وٽي پبڻ پاٽي تار،
کنول واهه وٽي پبڻ پاٽي تار،
کنول پنهنجي قرب سان آ دل کسي دلدار،
گهرو گل گلاب جو ٿو ناز کري نروار،
ڄگريو جن مزار، ”علي نوياز“ ٿيا سي اوڏڙا.





گل محمد غازي

## ڏهس سينگار

ٻُڳي ۾ تجلو ٿيو ترني کان وڌ تاب
تمي تامت ميس مٿي لاٿو نور نقاب
ليل پهپ ٻُلس چا خاص ٿي ويو خواب
رين رجني روشن ٿي بٽيو بيحد باب
سئي اتي ساٽن جي لڌي لاجواب
واهه واهه حسن حبيب جو کونهي حد حساب
هي معجزو محبوب جو لکيو قرب کتاب
ثنا کرڻ سهٽي جي سدائين آ ثواب
آٽي کوثر آب گوهر ڏيندو ”گل محمد“ چئي.

## ڏهس سينگار

ٻُڳيءَ ۾ تجلو ٿيو محب پيو مرکي
زلفن سندي زيب تي سپ وجن سرکي
ديهه ڏسي دهليا وجن شير چيتا چرکي
کٿ قيصر کان کسر کونهين ببر بيٺو پرکي
لئس مزار کيل کار ڏوکئيٽل پيو کرکي
کيهر کنڌ چڏي هليو چوري ويو چرکي
مور مرنگهه هنج چا هرڻ بيٺا هرکي
مونکي سک سندي سرکي گوهر ڏني ”گل محمد“ چئي.

# صوبي بلوچستان جا سگھڙ





## محمد اسماعيل لاشاري

نالو: محمد اسماعيل لاشاري
پيءُ جو نالو: عطر خان لاشاري
ڄمڻ جي تاريخ: 1960ع
تعليم: پرائمري
سگھڙائپ ۾ استاد: محمد صيفل پٽي
هنڌ: ڳوٺ سردار خان لاشاري پوسٽ حير الدين تعلقو جهٽ پٽ ضلعو جعفر آباد صوبہ بلوچستان

### صفاتي سينگار

ساري دنيا جي سونهن کان آهي سائينءَ جو سينگار اتم
شمس کان بہ تہ اتم اعليٰ نور نبي نروار اتم
قمر پڇي ڪيئن ڪريم سان آ جانب جلويدار اتم
لالي پسي آ لبڙن جي پوءِ گلن ڪيو گلزار اتم
ماگھ پسي محبوبن جي پوءِ نانگ نہ ٿيا نروار اتم
حورن ٿي هٿ هر هر ڇُهيا پب سندا پيزار اتم
صدقي منهنجي سائينءَ جي ٿيا جنت ۾ جنسار اتم
آقا "اسماعيل" چوي ڪيو پرور سان آ پيار اتم
نبوت آخر تي آختم، لجپال مٿان "لاشاري" چئي

### سينگار

سيني کان سرس آهي جاني منهنجو جناب
محبوبن جي مُک مٿان موهيو آ ماهتاب
چهر و ڏسڻ چندہ کان وڌ، سائينءَ جو آ ثواب
حُسن ۾ حسين آهي لالڻ لاجواب
جانب جي تہ جمال جو ناهي حد حساب
"اسماعيل" چوي عذاب، مڙني تان ٽاريندو محشر ۾

# الله ڏنو هانيي

نالو: الله ڏنو
پيءُ جو نالو: ميهارخان
ذات: هانيي
ڄمڻ جي تاريخ:1945ع
تعليم: پرائمري
سگهڙائپ ۾ استاد:گل حسن ”گل“ ملڪ
هنڌ: ڳوٺ مير انور خان ڪندراڻي لڳ صحبتپور ضلعو صحبتپور بلوچستان

## صفاتي سينگار

ساراهيان سچو ڏٽي، ساراهيان رب ستار
پيار مان پرور ڪيو نور نبي نروار
رحمت اللعالمين آيو ڪامل قربدار
سڪ مان صلواتون پڙهو سيد تي سئو وار
اِجهو آيو اُمت جو اڙين سندو آڌار
ڪل نبين جو نبي آ پاڻهه نبي پڳدار
زلف جنهن جا زيب پريا وڌ واسينگن ڪان وار
پرين منهنجي پپ رکيا هلي هر هنڌ تي هبڪار
اچي سونهن پرئي سردار، احسان ڪيا ”الهڏنو“ چئي





## سينگار

ساراهيان سچو ڏٽي ساراهيان رب رحمان
مڪائين مير مرسل ڪي ڪري عاجزن احسان
نرمل تي نازل ڪيو، قادر پنهنجو قرآن
ساراهه سيد جي پاڻ ڪئي، آفاق منجهه فرقان
اڙين ابوجهن جو عربي، آيو تي ضمان
مولا مڪو مير مرسل ڪي جنهن جو شاهي آهي شان
چهرو وڌ چنڊ ڪان آ محب منو مهربان
ڳام سهڻي گنبر ڪان، ڏسي تيا هاتي حيران
اک چيروين عجيب جي، وڌ موتيءَ ڪان دندان
ن و القلم ۾ آ ظاهر منجهه زبان
محب اچي مهربان، احسان ڪيا ”الهڏنو“ چئي

## سينگار

ساراهيان سچو ڏٽي ساراهيان رازق ربُ
مولا موڪليو محبوب ڪي قادر ڪري قُربُ
سدا صلواتون پڙهو سيد تي سڪ منجها ران سي
ابرو تنهن جا اتم اعليٰ لعل گلابي لب
آهن منهنجي عجيب جون اکڙيون يار عجب
سج چنڊ ڪان سهڻو سائين، مير مُرسل محب
پڄندا چا پرينءَ سان ڪنهن گوريءَ جا غب غب
يٰس، طٰهٰ، مزمل مليس لاجواب لقب
قادر سيڪاريو قرآن ۾، هن عجيب جو تہ ادب
هن سائينءَ جي تہ سبب، عالم جڙيو ”الهڏنو“ چئي

## محمد ايوب لاشاري

نالو: محمد ايوب تخلص داسي
پيءُ جو نالو: نواب خان ذات لاشاري
ڄم جي تاريخ: 14/05/1979
تعليم: بي اي
ڪرت: ڊاڪٽر، رهائش: جهٽ پٽ تعلقہ ڊيره الهيار ضلع جعفر آباد بلوچستان
سگهڙ پائي ۾ استاد: گل حسن ”گل“ ملڪ
صنفون جن ۾ طبع آزمائي ڪئي: لوڪ شاعري جون سيئي صنفون،
ايڊريس: جهٽ پٽ تعلقہ ڊيره الهيار ضلع جعفر آباد بلوچستان

### سينگار

ڪامل هن ڪائنات ۾، عجيب اعليٰ انور
انڊ، الماس، آڏت، ڪان، گهڻو سهڻو سرور
سيئي، پڙهو صلوات سيد تي، ٿو پاڻ پڙهي پرور
چمڪ چانڊاڻ چؤ طرف ٿئي، جي مرڪ ڪري منور
ترني تباهہ تجلو ٿئي، جي دشن ڪولي دلبر
چشم ڏسي چريو ٿيو، عجيب اکيان ڏگر
نڪي گام ڪٽندو گنير، آقا ساڻ ”ايوب“ چئي

### سينگار

ڪامل هن ڪائنات ۾، آ سهڻن جو سردارُ
نہ ڪي گل گلاب جا، ڪن حبيب اکيان هبڪارُ
نہ چمڪي چنڊ گهڻو، نہ ڪنوڻ ڪري ڪجڪارُ
اڇي مات موتين ڪي، جي ڏنان ڪولي دلدارُ
جمڻ ساڻ چام جي، هي سينگاريو سنسارُ
ڏُ ڪامل اچي قرار، ڪرايو ابوجهن ڪي ”ايوب“ چئي.





## ساٿي ءِ سونهان جن مان ڄاڻ ورتي وئي

1. شاهہ جو رسالو، حضرت شاهہ عبداللطيف ڀٽائي رحہ
2. سنڌي سينگار شاعري، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
3. سنڌ جو سينگار، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
4. ڪڇهريءَ جا مور، ڊاڪٽر ڪمال ڄامڙو
5. سنڌ جو لوڪ ثقافتي ورثو، ولي محمد طاهرزادو
6. سنڌي ادب جو تاريخي جائزو، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
7. ڳجهارتون، ڪلاڌر متوا (پارت)
8. سنڌي لوڪ ادب جي ارتقائي تاريخ، الله بخش نظاماڻي
9. ٻيلائن جا ٻول، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ
10. سنڌي لوڪ ادب، ڊاڪٽر ٻلديو مٽلاڻي (پارت)
11. شاهہ لطيف جي شاعري ۾ عورت جو روپ، ڊاڪٽر فهميده حسين
12. سپا جو سينگار، سوپراج هاسارام آڏواڻي
13. سنڌي ادب جي سُرهاڻ، پروفيسر زيب ڀٽي
14. سڳنڌ، عبدالحسين شاهہ موسوي/ وڌيل شاهہ موسوي/ محمد ابراهيم/ محمد ٻچل عباسي
15. لوڪ ادب جو تحقيقي جائزو، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
16. ڏهس نامون، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

17. وينجهار، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو
18. سنڌي لوڪ رنگ، ڊاڪٽر چينو لالواڻي
19. سنڌي لوڪ سياحت، ڊاڪٽر نارايڻ ڀارتي
20. لوڪ سنسڪرتي، لکمي کلاڻي
21. ٽماهي مهراڻ، سنڌي ادبي بورڊ
22. سنڌي فوڪ لور، چينو لولواڻي
23. سلاٽ جي سگهڙن جي ڊائريڪٽري، عاجز رحمت الله/ ممتاز امين سنياسي
24. رنگ رحمت الله جا (لوڪ ادب جي انسائيڪلوپيڊيا)، عاجز رحمت الله لاشاري
25. رمزون رحمت الله جون، عاجز رحمت الله لاشاري
26. ماهوار بيداري حيدرآباد، محمد موسيٰ ڀٽو
27. سلسليوار سگهڙ سماچار اخبار، عاجز رحمت الله لاشاري
28. سنڌي لوڪ ورثو، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي (ڀارت)
29. سنڌي شاعري فن ڪان فڪر تائين، عبدالوحيد جتوئي





# سنڌ سلامت ڪتاب گهر

www.sindhsalamat.com